# پرڏيهي ڪهاڻيون



ترجمو ۽ ترتيب

ولي رام ولڀ

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

# پرڏيهي ڪهاڻيون

(آمريڪي-لاطيني- يورپي- آسٽريليائي- آفريقي ملڪن جون چونڊ ڪهاڻيون)

ترجمو ۽ ترتيب:

**ولي رام ولڀ**


**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

2011ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

چاپو پهريون		سال 2011ع		تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٽي سؤ رپيا

(Price: 300-00)

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ISBN 978-969-406-032-3

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, fax:022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www.Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب ميسرز ايليگينٽ پرنٽرس ڪراچيءَ مان الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست

## امريڪا


• انگريزي (امريڪا)

1. بهار آيو . . . پرل.ايس. بڪ 13
2. پوپٽ جهڙو چانديءَ جو پتلو . . . پرل.ايس. بَڪ 18
3. قتل يا خودڪشي ؟ 25
4. سپاهي ۽ گيت . . . .او هينري 39


## لئٽن امريڪا


• اسپيني (ڪيوبا)

5. بيزاري 48


## يورپ


• انگريزي (انگلنڊ)

6. آدرش جو انت . . . جان گالسوَردي 52
7. ڏوراپو . . .گرهام گرين 59
8. مهمان هڪ رات جو . . .مئڪ آرٿر 68
9. ٻهروپ . . .لئري پاويل 76
10. ڪئٽرائين جي گڏي . . .رينا ايلسبرگ 81

• انگريزي (آئرلنڊ)

11. بورڊنگ هائوس . . . جيمس جايس 83
12. مڇي . . . سين او فالين 97

• فرينچ (فرانس)

13. پيءُ . . . گاءِ دي مؤپسان 102
14. پڇتاءُ جا ڳوڙها . . . گاءِ دي مؤپسان 115

| | | |
|---|---|---|
| 15. مهمان | . . . البير ڪاميو | 122 |
| 16. آئينو | . . . ڪاتيول اسپينڊيز | 140 |
| 17. هڪ ڪنواري ڇوڪري | . . . آندر پِيَر ڏَ مانڊِرگ | 146 |
| • اسپيني (اسپين) | | |
| 18. ڪئولري ڪرنل | . . . هئڪٽر مُرئنا | 151 |
| • جرمن (جرمني) | | |
| 19. آواز | . . . وو ُلف گانگ بورشيرت | 159 |
| 20. چهرو | . . . هينرِخ بال | 165 |
| 21. آخري فيصلو | . . . ڪارل چاپيڪ | 169 |
| 22. هڪ ناڪام شو | . . . ڊينيئل خارمس | 176 |
| 23. نيرو نوٽبوڪ نمبر10 | . . . ڊينيئل خارمس | 177 |
| • جرمن (آسٽريا) | | |
| 24. پرفارمنس | . . . هربرٽ ڪوُنر | 178 |
| 25. وڻ | . . . فرانز ڪافڪا | 181 |
| 26. اوچتو سفر | . . . فرانز ڪافڪا | 182 |
| 27. قانون جي آڏو | . . . فرانز ڪافڪا | 184 |
| 28. پڪو ارادو | . . . فرانز ڪافڪا | 187 |
| 29. موڪلاڻي | . . . فرانز ڪافڪا | 189 |
| 30. پرک | . . . فرانز ڪافڪا | 190 |
| 31. پرهہ ڦٽي | . . . فرانز ڪافڪا | 192 |
| 32. هي هڪ ڪهاڻي | . . . فرانز ڪافڪا | 193 |
| 33. عقاب | . . . فرانز ڪافڪا | 194 |
| 34. واٺهڙو | . . . فرانز ڪافڪا | 196 |
| 35. گهٽيءَ ۾ ڪلنڊڙ دري | . . . فرانز ڪافڪا | 197 |
| • روسي (روس) | | |
| 36. بدلو | . . . انتون پي چيخوف | 198 |

37. وانڪا . . . انتون پي چيخوف 206

38. هي جيون هي سفر . . . انتون پي چيخوف 212

39. ڪلرڪ جو موت . . . انتون پي چيخوف 218

40. ڪهاڻي هڪ مير صاحب جي . . . انتون پي چيخوف 222

41. هڪ نوجوان شخص . . . ارڪادي ايوَر چينڪو 228

42. البينا . . . يوردِن يوُڪرِف 232

• چيڪ (چيڪ)

43. آزاديءَ خاطر جوليئس پئچڪ (فوچڪ) 240

44. ڏڪارو منطق . . . گابريل لائوب 248

• سلواڪ (سلواڪ)

45. ميرا هٿ . . . ڊي- خروپاڪ 253

• هنگريائي (هنگري)

46. ٽي پينر . . . جينوُ هئلتئي 255

47. اسپتال . . . جارج بشپيرو 260

48. درخواست . . . مِهيائي ڪورنس 266

• يوگو سلو ويائي (يوگو سلاويا)

49. لونا، هڪ نيڪ پاڪ عورت . . . سييَد فاتي ها گِڇ 272

50. ٿاءِ . . . مِئو دراگ بلاٽو وِچ 278

• بلغازيائي (بلغاريا)

51. ڈاڪٽر جي ڳالهه . . . خرِستو سِمر نِيسڪي 289

• يوناني (يونان)

52. اونداهي ۽ اُجالو . . . لِليڪا ناڪوس 293

53. رت جو وهڪرو . . . مارِ اوس پونتيڪاس 299

• پولش (پولنڊ)

54. ڪافڪا جو دوست . . . آئرڪ باشيوِس سنگر 304

## آسٽريليا


• انگريزي (آسٽريليا)

55. جو اينڪر جي ٽڪري ... ڊورٿي هيوَرٽ 319

## ڏکڻ آفريڪا

• انگريزي (ڏکڻ آفريقا)

56. هوٽل جو ڪمرو ... ليوئس نِڪوسي 325

57. پارڪ ... جيمس مئٿيوز 337

58. مُنگهڻ جيڪڏهن ماڻهو هجن ها ... ڪيس موٽيسيسي 345

• هن مجموعي جا ڪهاڻيڪار 347


• پرل ايس.بڪ • او هينري • أنا ماريا سِمو • جان گالسوَردي • گرهام گرين • جيمس جائس • جيمس مئٿيوز • ڪيسي موٽسيسي • لوئس نِڪوسي • گاءِ ڊي مؤپسان • هينرخ بال • ڪاتيول اسپنديز • وِوُلف گانگ بورشيرٽ • انتون پي چيخوف • گابريل لائوب • ڪارل چاپيڪ • لِليڪا ناڪوس • مار اوس پونتيڪاس • آئزڪ باشيوس سنگر • البير ڪاميو • گرهام گرين • هئڪٽر مُرئنا • فرانز ڪافڪا • آند پيرڊَ مانڊِرگ • هربرٽ ڪونر • چيخوف • آرڪادي ايوَر چينڪو • يورڊِن يوڪوف • جوليئس پئچڪ (فوچڪ) • ڊي- خروپاڪ • جينُو هئلٽئي • جارج بشپيرو • مهيائي ڪورنس • سيد فاتيها گِڇ • مِئودراگ بلاتووِچ • خرِستو سِمرنيسڪي • ڊورٿي هيورٽ • رينا ايلسبرگ • سين او فالين • لئري پاويل • مئڪ آرٿر

# مترجم جا ويچار

مترجم ٻن ٻولين جي وچ ۾ ثقافتي رابطي ۽ ٻن سماجن جي وچ ۾ جذباتي ايڪتا قائم ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. ترجمي بين الاقوامي طور ادب جي ترقيءَ ۾ سدائين پنهنجو ڪردار نڀايو آهي ۽ انيڪ ٻولين ۽ ٻولين جي سماجيات ڪي نئون جنم ڏنو آهي. اعليٰ ترجمو تخليقي تحرير جي سطح تائين پهچي ويندو آهي ۽ اصلوڪي تحرير جي عظمت ڪان پوءِ ٻيو نمبر ترجمي جو ئي هوندو آهي، ڇو جو ترجمو ٻه اهوئي ڪم ڪندو آهي جيڪو تخليقي ادب ڪري ٿو. ترجمي جو ميدان تمام وسيع آهي. علم جون شاخون ۽ تخليقي ادب جو سڀ صنفون سندس ئي حصي ۾ اچن ٿيون، تنهنڪري مترجم کي ڪيترن ئي قسمن جي چئلينجز کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، جنهن جي ڄاڻ عام ماڻهوءَ کي نه آهي. جيئن ته لفظ پنهنجي ٻوليءَ جي ڪلچرل يادگيريءَ کي استعمال ڪري ٿو، اِن ڪري ادب جو ترجمو، ڪلچر جي ترجمي جي برابر هوندو آهي، جيڪو يقينن آسان نه آهي.

ترجمو ڪندڙ ساهتڪار پنهنجي تجربي مان چون ٿا ته ترجمي ڪرڻ جو عمل، ٻيهر تخليق ڪرڻ جي برابر آهي، تنهنڪري مترجم کي ٻي ٻوليءَ جي فطرت، مزاج ۽ ان جي ادبي سياءُ جي واقفيت هئڻ گهرجي. مون دنيا جي مختلف ٻولين جون ڪهاڻيون ۽ ٻيو ادب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جن لاءِ مون کي اهو چوڻ ۾ عار نه آهي ته مون انهن ٻولين مان سڌيءَ طرح ترجمو ڪرڻ بدران، انگريزي، هندي، اردو ۽ گجراتي ۾ ٿيل ترجمن تان ترجما ڪيا آهن. توڙي جو انهن ٻولين جي ڪهاڻين جا ترجما سڌي طرح ڪيا اٿم جن جي مون کي ڄاڻ آهي.

منهنجي ترجمو ڪيل پرڏيهي ڪهاڻين جي سلسلي جو هيءُ ڇهون ڪتاب انهن ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جيڪي مون گذريل چاليهارو ورهين دوران ترجمو ڪيون هيون ۽ سنڌي زبان جي مختلف رسالن ۾ وقت به وقت ڇپيون هيون. اهي ڪهاڻيون مون اول ٻن حصن ۾ ورهائي، **بهار آيو ۽ ٻيون ڪهاڻيون** (امريڪي) ۽ **اونداهه ۽ اجالو ۽ ٻيون ڪهاڻيون** (يورپي) جي عنوانن سان، ڌار ڌار مجموعن جي صورت ۾

ترتيب ڏنيون هيون، پر پوءِ موجوده **پرڏيهي ڪهاڻيون** جي عنوان سان پيش ڪري رهيو آهيان. اميد اٿم تہ مهربان پڙهندڙن کي ڪهاڻين جي چونڊ پسند ايندي.

پرڏيهي ڪهاڻين جي سلسلي جا هن کان اڳ منهنجا 5 مجموعا شايع ٿي چڪا آهن: (1) 22 ٻولين جي 20 ڪهاڻين جو مجموعو **ٽين دنيا جون ڪهاڻيون** 1980، (2) اٽليءَ جي 10 ڪهاڻين جو مجموعو **ٽڪل سريت** 1983، (3) هندي ۽ اردو جي 72 ڪهاڻين جو مجموعو **نيڻ تارا** 2003، (4) ننڍي کنڊ جي 26 ڪهاڻين جو مجموعو **بهشت ۽ دوزخ** 2004، (5) 19 ٻولين جي 43 ڪهاڻين جو مجموعو **مٽڙا ياءُ** 2007 ۾ شايع ٿي چڪا آهن، مٿي ڄاڻايل تفصيل موجب ڏسبو تہ هن وقت تائين ڪل 225 ڪهاڻين جا ترجما ڇهن مجموعن جي صورت ۾ پيش ڪري چڪو آهيان.

هڪ ڊگهي عرصي دوران مختلف رسالن ۾ ڇپيل ڪهاڻين کي ڳولي هٿ ڪري، انهن جي فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ منهنجي سدوري ٻُنهن انيتا ڪمليشور جي محنت کي مڃتا ڏيڻ فرض سمجهان ٿو، جو جيڪڏهن هُوءَ ان ڪم ۾ هٿ نہ ونڊائي ها تہ شايد ڪتاب ڇپائڻ جي اٿ ڪائي ڪم مان لنگهي پار نہ پوان ها. منهنجون سندس لاءِ بيشمار آسيسون!

آئون پنهنجي جيون ساٿياڻي هري وليڀ جو احسان اصل نہ وساريندس، جنهن هر حال ۾ منهنجو خيال رکيو ۽ هِن ڪم جي تڪميل ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي.

آئون سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جناب الهڏتو وگهيو صاحب جو انتهائي ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي نگرانيءَ ۾ بوڪ ڪرافٽنگ جي ماهر سيد سڪندر علي شاهہ جي ماهرانہ نظر هيٺ منهنجو هيءُ ڪتاب **پرڏيهي ڪهاڻيون** ڇپائي پڌرو ڪيو.

24- آگسٽ 2011ع **ولي رام وليڀ**

B-44، شريف اسڪوائر،
حسين آباد، حيدرآباد
Cell: 0300-3027331

# ارپنا

آئون پنهنجو هي پيار پريو پورهيو

پنهنجن شفيق ۽ مهربان اُستادن

- **سائين ٻال ڪرشن جهوٽو**
  (هيڊماستر، گورنمينٽ پرائمري اسڪول، مٺي)
- **سائين پمون مل آنندرام پياسي**
  (هيڊماستر، گورنمينٽ پرائمري اسڪول، مٺي)
- **سائين پونم گِر گوسوامي**
  (گورنمينٽ پرائمري اسڪول، اسلام ڪوٽ)
- **سائين رائچند رانوڙ**
  (هيڊ ماستر، گورنمينٽ پرائمري اسڪول، ڇيلهار)
- **سائين گوردن داس آچاريا**
  (هيڊماستر، گورنمينٽ پرائمري اسڪول، مٺي)
- **مولوي علي محمد جوڻيجو**
  (استاد اردو، فارسي ۽ اسلاميات، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ گورنمينٽ هاءِ اسڪول، مٺي)
- **پنڊت پونم چند (ڇيلهارواسي)**
  (هندي استاد، برهمڻ هندي پاٺشالا، مٺي)
- **پنڊت سارنگ رام**
  (سنسڪرت ٽيچر، ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، مٺي)
- **سائين ضياءالحق چوهدري**
  (ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ گورنمينٽ هاءِ اسڪول، مٺي)
- **نند لال نرساڻي**
  (سائنس ٽيچر، لوڪل بورڊ گورنمينٽ هاءِ اسڪول، مٺي)
- **سائين لڇمڻ داس جي پارواڻي**
  (هيڊ ماستر، ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، مٺي)
- **پروفيسر ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد**
  (اردو ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج، حيدرآباد)
- **پروفيسر شفيع محمد ميمڻ**
  (چيئرمن، ڊپارٽمينٽ آف سوشيالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو)

جي نالي

جن منهنجي ذهن جي آبياري ڪئي ۽ علمي دنيا سان روشناس ڪرايو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادب جي جڳ مشهور ترجمي نگار ولي رام ولڀ جي ادبي شخصيت ۽ فن کان سنڌ جو هر باشعور ماڻهو چڱيءَ ريت واقف آهي. سنڌي ادب لاءِ ڪيل سندن خدمتن جو اندازو هنن جي علمي ادبي پورهئي مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي هِن عظيم سنڌيڪار پرڏيهي ادب جي معياري لکڻين کي انتهائي سهڻي انداز ۾ سنڌيءَ لفظن جو ويس پهرائي سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۾ هيڪاري اضافو ڪيو آهي. مترجم حضرات پنهنجي مشاهدي سبب چون ٿا تہ ترجمي ڪرڻ جو ڪم تخليق ڪرڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي، ان ڏس ۾ مترجم کي ڌاري ٻوليءَ جي فطرت، مزاج ۽ اُن جي ادبي سياءَ جي واقفيت هئڻ گهرجي. ولي رام ولڀ ۾ اهي سڀ خوبيون موجود آهن.

ولي رام ولڀ جي ڪهاڻين جا پنج مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. سندن ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب 'بهشت ۽ دوزخ' پڻ اداري طرفان شايع ٿي مجتا ماڻي چڪو آهي. هاڻي سندن

هيءُ ٻيو ڪتاب ’پرڏيهي ڪهاڻيون‘ شايع ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ مختلف زبانن مان سنڌن ترجمو ڪيل 58 ڪهاڻيون شامل آهن.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيءُ ڪتاب جناب مخدوم جميل الزمان چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جن جي خاص دلچسپي ۽ مفيد مشورن سان اشاعت جون منزلون طئي ڪري اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. اميد آهي ته، اسان جي هن ڪاوش کي ادب جي ساڃاهه وندن وٽ ساراهيو ويندو.

جام شورو، سنڌ
26 ذي القعد 1432ھ
25 آڪٽوبر 2011ع

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# بهار آيو

## پَرل ايس. بَڪ

### انگريزي (امريڪا)

لِيو پنهنجي جهوپڙيءَ کان ٻاهر وينو هو. اهو فيبروريءَ جو پويون هفتو هو. شام ٿي چڪي هئي، پر وايومنڊل ڪجهه گرم هو. هن پنهنجي نبل جسم ۾ بهار جي آمد محسوس ڪئي. ڪيس ڪيئن سُڌ پوي ته وڻ قوت جا ڏينهن اچي ويا آهن؟ ساوڪ ۽ ٽڙڪار جا ڏينهن اچي ويا آهن؟ ڌرتيءَ جي ڪُک مان زندگيءَ جا اهڃاڻ پڌرا ٿيڻ جو سمو اچي ويو آهي؟ گذريل بهارن ۾ اهو سمجهڻ سولو هو. پهريائين جڏهن بهار ايندو هو تڏهن سندس جهوپڙيءَ جي چوڌاري بيد جي وڻن جا گونچ ڦٽڻ لڳندا هئا ۽ هو سمجهي ويندو هو ته بهار اچي ويو آهي. پر هاڻي بيد جا وڻ ته نهيو، ڪو ٻوٽو به نه هو؛ ڪنهن وڻ جو نالو نشان به ڪو نه رهيو هو. گذريل سياري ۾ جڏهن گهر جا ڀاتي بکون ڪاٽي رهيا هئا، تڏهن هڪ هڪ ڪري سڀ وڻ ڪپي وڪڻي ڇڏيا هئائون. بيد جا وڻ نه سهي پر جيڪڏهن زيتون ۽ زردالوءَ جا وڻ به بچن ها ته به هو سمجهي وڃي ها ته بهار اچي ويو آهي. ٻُک جي ماريل ڪُڙمين اُهي به وڪڻي ڪاڏا. زيتون ۽ زردالوءَ جا وڻ سندس پيءُ جي وقت جا هئا، اُهي به جيڪڏهن هجن ها ته ڪيئن نه گل جهلين ها ۽ هر سال ميوو ڏين ها! ٻيو ڪجهه به نه سهي، جيڪڏهن سندس ڪڻڪ جو فصل ٻيڻل هجي ها ته هو ته اُن مان ئي اندازو ڪري وٺي ها ته بهار اچي ويو آهي. سياري ۾، جڏهن ٻج پوکڻ جي ضرورت نه ٿيندي هئي تڏهن ڪڻڪ ۽ جڏهن اونهارو شروع ٿيندو هو تڏهن ٻيو ڪجهه پوکيندو هو، پر هن سال ڌرتي گونگي ٿي ويئي هئي. جڏهن ڪڻڪ پوکڻ جو وقت هو ته ٻوڏ اچي ويئي ۽ جڏهن پوکڻ

جا ڏينهن گذري ويا تڏهن مصيبت ٽري. ٻوڏ کان پوءِ زمين پوک لائق نه رهي هئي جو پاڻيءَ جا زوردار وهڪرا وهڻ ڪري منجهس وڏا ڪڏا پئجي ويا هئا.

جيڪڏهن هميشه وانگر اڄ به وٽس هر ۽ ڍڳو هجن ها ته هو پنهنجي زمين کي ناهي تيار ڪري سڌائيءَ ۾ آڻي ها. هُن سوچيو ته هاڻي هو نه هر هلائي سگهندو، ۽ نه کيڙي ڪري نه سگهندو. پوکڻ لاءِ وٽس نه ٻج جو داڻو هو ۽ نه ئي ڍڳو. اڳي جيڪڏهن کو ڪڙمي چوندو هو ته پنهنجو ڍڳو کُهي ڪائيندس ته هو کيس چوندو هو ته اهڙي وفادار جانور کي کُهي کيئن ڪائيندين! ڏس ته سهي، جنهن ڍڳي هر کيڙيو هجي، فصل ڪٽڻ وقت به ڪم ڏنو هجي ۽ نار ۾ به وهيو هجي، اُن کي کُهڻ کيڏو نه کُتو ڪم آهي! توبهه توبهه! پر هِن ڀيري هُن پاڻ، سندس زال، ٻارن ۽ سندس ماءُ ۽ پيءُ گڏجي ڍڳو کُهي کاڌو.

جيڪڏهن هو ڍڳو نه کائين ها ته ڇا ڪن ها؟ سياري ۾ جڏهن کائڻ لاءِ ڪجهه به کين بچيو هو، وڻ هڪ هڪ ڪري ڪپي وڪڻي چڪا هئا، جڏهن ٻوڏ جي منهن مان بچيل گهر جو سامان سڙو سيڪجهه وڪامي چڪو هو، گهر جون فقط ڇت جون ڪامون ۽ ڪانيون بچيون هجن ۽ حالت اها هجي جو مٽي جي ٽوپي ۽ سٿڻ کان سواءِ ڪجهه به نه بچيو هجي ته ڍڳو کهي نه کائيندا ته ڇا پنهنجا هڏا چٻاڙيندا؟

خود گگدام جانور ٻُک وگهي ڪمزور ٿي هڏائون پڃرو ٿي رهجي ويو هو. سندس چاري لاءِ گاهه ڪٿان اچي؟ هر طرف ٻوڏ اچي ويئي هئي. حالت اها هئي جو گوشت پچائڻ لاءِ ڪانين بدران گاهه آڻڻ لاءِ تمام پري وڃڻو پيو هو. اُنهيءَ ڏينهن جڏهن هن پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڇهرن تي موت جا پاڇا ڏٺا ۽ پنهنجن ٻارن کي روئندو ۽ ننڍڙي ڏيءُ کي پوين پساهن ۾ ڏٺو، تڏهن سندس مغز ٻتال ٿي ويو. اوڏيءَ مهل کيس غلط ۽ صحيح جي وچ ۾ فرق جي خبر نٿي پيئي. هن دل تي پٿر رکي اهو ڪم ڪيو، جنهن جي باري ۾ هو چوندو هو ته هو ائين ڪڏهن نه ڪندو. هُن رنڌڻي مان ڪاتي ڪڍي، ڪوٺي ۾ ٻڌل پنهنجي گگدام جانور جي پرسان اچي کيس کُهي ڇڏيو. هن ڏڪوئيندڙ ڏيک کي ڏسي سندس دل

زار زار رُني هئي. هن محسوس ڪيو ڄڻ هن پنهنجي سڄي ياءُ جي ڳچيءَ تي ڪاتي وهائي هجي. اِها هئي سندس آخري قرباني!

پر اهو به ڪافي نه هو. گهر جي ياتين جي بُک وگهي وري ساڳي حالت تيڻ لڳي. هاڻي هو ڪنهن جي ڪنڌ تي ڪاتي وهائي؟ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ڏکڻ طرف يا دريا جي وهڪري جي رُخ طرف هليا ويا، جتي وڏا شهر هئا ۽ اُتي خيرات پني پيٽ پالڻ شروع ڪيائون. لِيو ڪڏهن به پنيو نه هو. سندس خيال هو ته جيڪي ماڻهو وڏن وڏن شهرن ۾ بکيو پيٽ پالڻ نڪتا آهن، ڪين خيرات به نه ملندي ۽ نيٺ سڀ مري ويندا. ڳوٺ ۾ رهندي ڪيس فقط انهيءَ ڳالهه جي آٿت هئي ته هو پنهنجي ڌرتيءَ تي دم ڏيندو.

سندس پاڙيسري ڪيس صلاح ڏني، ”هتان هليا هلون، تنهنجي ٻڍي پيءُ کي ڪلهي تي آئون کڻي هلندس ۽ پوڙهي ماءُ کي تون.“

سندس پاڙيسريءَ جو پوڙهو پيءُ مري چڪو هو. هُن ڪيس اها صلاح ڏني هئي، پر لِيو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ نيڪ ئي ڪيائين، ڇو جو ٻن ڏينهن ڪان پوءِ سندس ماءُ به مري ويئي. جيڪڏهن هو شهر ڏانهن وڃي ها ته ماءُ جي لاش کي روڊ جي پرسان اُڇلائي اڳتي نڪري وڃي ها، ڇو جو قافلو ڪنهن جو انتظار تورُوئي ڪندو آهي. اهڙي موقعي تي جيڪڏهن قافلو بيهي ها ته وڌيڪ ماڻهو مرڻ جو امڪان ٿئي ها. سندس ماءُ ڳوٺ ۾ ئي گذاري ويئي تڏهن ته هُن ڪيس پنهنجي ذاتي زمين ۾ دفن ڪيو. هو پاڻ به ايترو ته ضعيف ٿي چڪو هو جو پنهنجي ماءُ جي ڪمزور ۽ ننڍڙي جسم لاءِ قبر کوٽڻ ۾ ٽي ڏينهن لڳي ويس. دفن ڪرڻ کان اڳ، مري ويل ماءُ جي ڪپڙن تي زال ۽ مڙس جو چڱو جهيڙو ٿيو. سندس زال ايتري ڪنجوس هئي جو جيڪڏهن سندس وس پڄي ها ته هوءَ پنهنجي سس کي بنان ڪپڙن جي دفن ڪري ڇڏي ها ۽ سندس ڪپڙن مان پنهنجن ٻارن جا ڪپڙا ناهي ڪين پارائي ڇڏي ها پر هن پنهنجي سس جي جسم تي هڪ ڪوٽ ۽ هڪ پاجامو باقي ڇڏيو ۽ ٻيا سڀ ڪپڙا لاهي رکيائين. جڏهن هو تصور ڪندو هو ته سندس ماءُ جو ماهه ٽڏي زمين ۾ ڳري رهيو هوندو تڏهن سندس دل ۾ اُٿل پٿل مچي

ويندي هئي. پر ٻيو ڪهڙو چارو هو؟

ماءُ جي مرڻ کان پوءِ هن ٽي لاش ٻيا به دفن ڪيا. پوڙهو پيءُ، ننڍڙي ڌي ۽ ننڍو پُٽ، جنهن جي جسم تي ڪڏهن گوشت نه چڙهيو هو. هن ٽنهيءَ کي مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو. هونئن ٻوڏ سڀ ڪجهه ٻهاري کڻي ويئي هئي. هاڻي تلاءُ ۾ رڳو جهينگا رهجي ويا هئا ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي جهينگا کائي گذارو ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ جهينگا کائڻ سان کيس پيچش ٿي ويئي هئي ۽ شفا جي اُميد به نه هئي. جڏهن جهينگا کائي ٿڪجي پيا ته هڪ ڏينهن سندس زال سوچيو ته ڪا ڀاڄي ڳولهجي. ڦاروَن جو وڻ لڳل هو، جنهن ۾ نوان پن نڪري رهيا هئا. جوٽس اهو ٻوٽو پٽي ڪڍيو جو گهر ۾ ٻارڻ لاءِ ڪجهه به ڪين هو، جو اهو رڌي، ٽنهنڪري هوءَ اهي ڪچا پن کائي ويئي. پر بي سواد ڪچن جهينگن جي گوشت کائڻ کان پوءِ اهي ڪچا پن به سوادي لڳس . . . ها . . . بهار اچي رهيو آهي.

هو اُداس نظرن سان پنهنجي زمين ڏانهن نهاري رهيو هو. جيڪڏهن وٽس ڍڳو هجي ها، جيڪڏهن هر هجي ها، جيڪو هُن ٻارڻ جي ڪم آڻي ڇڏيو. جڏهن هُن اُنهن ڳالهين تي غور تي ڪيو. جيئن اڳي ڪئين ڀيرا ڪري چڪو هو، تڏهن هُو پاڻ کي هڪ اهڙي کک وانگر بيوس محسوس ڪرڻ لڳو، جيڪو ٻوڏ جي تکي وهڪ ۾ وهندو وڃي رهيو هجي. ڍڳو ڪُسجي چڪو هو، هر، ڪانيون ۽ بانس سڀ جلي چڪا هئا ۽ هاڻي وٽس ڇا رهيو هو؟ هو گهڻو ڪري سوچيندو هو ته هو ٻوڏ جو ٿورائتو آهي، جيڪا سندس گهر کي وهائي کڻي نه ويئي، جيئن ڳوٺ جي سيني ماڻهن جا گهر وهائي کڻي ويئي هئي. پر اوچتو سندس ذهن ۾ آيو ته هو ڪنهن جو به ٿورائتو نه آهي، جو هاڻي هُو ڪنهن ڳالهه تي به خوش نه هو، ته ٻوڏ کيس ۽ سندس ٻارن ٻچن کي وهائي کڻي نه ويئي. پر هن محسوس ڪيو ته اوچتو سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. لڙڪ جيڪي اُن وقت به نه آيا هئا. جڏهن هُو ڪنهن ڳالهه تي خوش نه هو، ته ٻوڏ کيس ۽ سندس ٻارن ٻچن کي وهائي کڻي نه ويئي. پر هن محسوس ڪيو ته اوچتو سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. لڙڪ جيڪي اُن

وقت بہ نہ آيا هئا. جڏهن هُو پنهنجي ماءُ کي مٽين منيءَ هيٺ دفن ڪري رهيو هو. اُن وقت ڪيس انهيءَ ڳالھ جو اطمينان هو تہ هن پنهنجي ماءُ کي گهٽ ۾ گهٽ ڪپڙن کان بلڪل آجو ڪري دفن نہ ڪيو هو. پر اج هو ڪنهن مان بہ مطمئن نہ هو. هو پنهنجي پاڻ کي چوڻ لڳو، "فصل پوکڻ لاءِ مون وٽ ٻج ڪونهي، نہ تہ مان پنهنجين آڱرين سان ئي کيڙي ڪريان ها ۽ ٻج بہ ڦٽي پوي ها. مون کي خبر آهي تہ منهنجي زمين ڪيڏي نہ پلي آهي، زمين جي ڪُک خالي آهي. ها، پر پوءِ بہ بهار آيو آهي. هن بهار جي موسم ۾ اسان بُک تي آهيون." ۽ هن بيوسيءَ وچان بهار ڏانهن ڏٺو، جيڪو وٽس خزان بنجي آيو هو.□□□

# پوپٽ جهڙو چانديءَ جو پُتلو

## پرل.ايس. بَڪ

### انگريزي (امريڪا)

اڄ آئون پنهنجي ماءُ جي باري ۾ ٻڌائيندس تہ چين جي پراڻي تهذيب واري فوج امان کي ڪيئن وڏي عظمت بخشي آهي! جڏهن فوج چين جي ڳوٺن مان جوان ڇوڪرن کي زوري جهلي وٺي ويندي هئي، تڏهن اُهي ٻئي ڪنهن کي نہ، پر امان کي سڏي روئي پوندا هئا. يانگستي نديءَ جي ڪپ تي اسان جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو. اسان جا گهر اهڙا هئا. جن کي ڇڻ جوڙيو نہ پر ڏڳ ڪيو ويو هجي. اسان جو گهر جهڙو بہ هو، ڳوٺ جي سيني گهرن کان بهتر گهر هو، ڇو تہ اسان ماني ميڇيءَ وارا هئاسين. اسان وٽ گهٽ ۾ گهٽ ويهہ ايڪڙ زمين هئي ۽ منهنجي پيءُ جو ڏاڪو رڳو سندس زمين جي ڪري نہ پر سندس هڪ خوبصورت سُريت جي ڪري بہ هو جيڪا منهنجي ماءُ هئي.

منهنجو هڪ ڀاءُ بہ هو، پر هو پنجن ورهين جي ڄمار ۾ ئي مري ويو. آئون ڪانئس پوءِ پيدا ٿيس. مون کي سدائين ائين لڳندو هو تہ منهنجي ماءُ مون کان وڌيڪ منهنجي انهيءَ گذاري ويل ڀاءُ کي پيار ڪندي هئي. شايد انهيءَ ڪري جو اهو پٽ سندس جوانيءَ جو سپنو هو ۽ منهنجي وقت تائين منهنجي ماءُ جي ڄمار ڪافي ٿي چڪي هئي. پر انهيءَ جي اها معنيٰ ناهي تہ هوءَ منهنجو ڪو خيال نہ رکندي هئي. بلڪ هوءَ سدائين منهنجي زميندار پيءُ کان گهُر ڪندي رهندي هئي تہ منهنجو بہ اوترو ئي خيال رکي جيترو هن پنهنجي جائز ٻارن جو رکيو ٿي. انهيءَ لاءِ آئون پنهنجي ماءُ جو تورائتو آهيان.

پوءِ وقت پاسو بدلايو ۽ نئين پيڙهيءَ جي ماڻهن منهنجي پيءُ کي گرفتار ڪري حراست ۾ وٺي ڇڏيو، فقط انهيءَ ڪري جو هو زميندار هو. سڀني هارين زميندارن سان گڏ منهنجي پيءُ تي پڻ الزام هنيا هئا. ڪين اها ڳالهه وسري ويئي هئي ته ڏکي ويل ۾ منهنجو پيءُ سندن کهڙي طرح مدد ڪندو هو. ٻنئي جي موقعي تي هو پنهنجو حصو ڇڏي ڏيندو هو. سندن جهيڙا جهڳڙا نبيريندو هو ۽ پنهنجي هڙان به مدد ڪندو رهندو هو. پر اهو سڀ وساري ڇڏڻ ۾ سندن ايترو قصور نه هو، ڇو ته جيڪڏهن اهي مٿس ڏوهه نه هڻن ها ته نئين پيڙهيءَ جي هٿان سزا ڀوڳين ها.

سڀني زميندارن کي مري وڃڻ گهربو هو جيئن نئين سماج جي پيڙهه پختي پئجي سگهي. اسان جي پنهنجي باغيچي ۾ ئي هڪ ڏکهي وڻ ۾ منهنجي پيءُ کي اُبتو ٽنگي، جيئري ئي سندس چمڙي لاٿي ويئي هئي. ۽ اسان سڀني گهر جي ڀاتين کي زبردستي سندس سامهون بيهاري اهو سڀ ڪجهه ڏيکاريو ويو هو . . .

پوءِ منهنجي پيءُ جي زال ۽ سندس ٻارن کي ڪيڏانهن موڪليائون، اها مون کي خبر نه آهي. مون کي، منهنجي زال ۽ منهنجي ماءُ کي هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو، (جنهن ۾ انهيءَ کان اڳ اسان جو چوڪيدار رهندو هو) مون کي هڪ ڪوآپريٽو دڪان ۾ حساب ڪتاب سنڀالڻ جو ڪم ڏنو ويو، ڇو ته آئون پڙهيل لکيل هئس. انهيءَ وچ ۾ نديءَ جي ڪناري ٿيندڙ ڪوٺائيءَ جي ڪم لاءِ مون کي ڪيترائي ڪلاڪ ويهڻو پوندو هو. ڇيائون ٿي ته اُتي هڪ پُل جوڙڻ جو انتظام ڪيو ويندو. ڪناري جي مٽي اهڙي هئي جو اونهاري ۾ سڪي پٿر جهڙي ٿي ويندي هئي. منهنجي زال کي مون سان گڏ انهيءَ ڪم ۾ جوٽيو ويو هو. اسان جڏهن رات جو گهر موٽندا هئاسين ته هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ به اسان جي جسم مان طاقت نپوڙجي چڪي هوندي هئي.

اسان جي لاءِ وڏو مسئلو ڪاڏي جو هو. منهنجي ٻڍڙي ماءُ سڄو ڏينهن گهر ۾ پيئي هوندي هئي. منهنجي پيءُ جو ڀوائتو موت اکين سان ڏسڻ وقت سندس ذهني توازن خراب ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري

هوءَ ڪم ڪرڻ جي لائق نه رهي هئي. انهيءَ ڪري ڪيس ڪاڏي جو راشن نه ملندو هو. آئون ۽ منهنجي زال پنهنجي راشن مان ڪيس ڪارائيندا هئاسين. انهيءَ ڪري اسين ٿيئي بُکيا رهندا هئاسين. راشن جي راز جي خبر فقط اسان کي هئي، پر امان روز روز حيران ٿيندي هئي ته گهر ۾ ڍؤ سان کائڻ لاءِ چو نه ٿو ملي! شروع ۾ هر روز سندس ڪاڏي ۾ مڇي ۽ گوشت هوندا هئا. پر هاڻي هوءَ سمجهي نه سگهندي هئي ته اسان روز گوشت چو نٿي تيار ڪيو. راشن موجب اسان کي مهيني ۾ هڪ پيرو راشن ملندو هو پر امان پوءِ به حيران ٿيندي هئي ته اسان ديڳڙو پري چو نٿي چاڙهيو.

اسان کي پورهئي جي پوري مزدوري ڪڏهن به نه ملندي هئي. چيو ويندو هو ته انهيءَ ۾ ڪجهه حصو اسان جي نالي جمع ٿي رهيو آهي. پر اهو چو جمع ٿي رهيو آهي، اُن جي اسان کي ڪا خبر نه ٿي پئي. اسان سيني رڳو ايترو ڄاتو ٿي ته اسان کي فرد جي شڪل ۾ نه، پر هڪ وسيع گروهه جي شڪل ۾ زنده رهڻو آهي. آئون ڏاڍو خبردار ٿي رهندو هئس، پر منهنجي ماءُ ڪيترائي ڀيرا خطري ۾ وجهي ڇڏيندي هئي. هڪ ڀيري ته وڏو مسئلو ٿي پيو. ڳالهه اها ٿي ته آئون ۽ منهنجي زال ڪم تي ويا هئاسين. اسان جي غير حاضريءَ ۾ اسان جي گهر ڪنهن کي جاسوسي ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. امان ويچاريءَ کي ڪا سُڌ نه هئي، هڪ عرصي کان پوءِ ڪو گهر ۾ آيو هو، انهيءَ ڪري امان پراڻي عادت موجب سندس آدرڀاءُ ڪيو. هُن لاءِ چانهه ناهيائين ۽ پورا چار آئونس پتي خرچ ڪري ڇڏيائين. منهنجي زال ٿورا چانور سنڀالي رکيا هئا، جيڪي اسان جي سڀي ڏينهن جي خوراڪ هئا. امان انهن چانورن جو پلاءُ ناهي مهمان کي کائڻ لاءِ ڏنو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان تي جمع خوريءَ جو الزام لڳي ويو. . . ڪميون جا ملازم آيا ۽ سڀ برتن پاڻ سان گڏ کڻي ويا ته جيئن اسان گهر ۾ ڪاڏو تيار ڪري کائڻ جي بدران عوامي بورچيخاني ۾ ڪاڏو کائون. منهنجي زال کي عوامي بورچيخاني ۾ ڪاڏو تيار ڪرڻ جي نوڪري ڏني ويئي. آئون صبح جو سوير دڪان تي ويندو هوس؛ منجهند جو ڪنهن عمارت جو بنياد کوٽيندو هئس ۽ شام جو ڪميون جي گڏجاڻي ۾ به

ضرور پهچڻو هوندو هو. انهيءَ ڪان پوءِ عوامي بورچيخاني ۾ ڪاڏو ڪائڻ ويندو هئس. مون کي ۽ منهنجي زال کي ڪاڏي ڪائڻ جو هڪ هڪ ٽڪيٽ ملي ويو هو، پر منهنجي ماءُ جيئن ته ڪو ڪم نه ڪندي هئي. انهيءَ ڪري سندس ڪاڏي جو ٽڪيٽ نه مليو هو. اهو هڪ وڏو مسئلو هو. آئون ڪمانڊر سان مليس، پر هن چيو ته منهنجي ماءُ کي اهڙي حالت ۾ ڪاڏي جو ٽڪيٽ نه ٿي ملي سگهيو. مون کيس چيو ته منهنجي ماءُ جو ذهني توازن نيڪ نه هو. انهيءَ ڪري هوءَ ڪم ڪري نٿي سگهي. پر ڪمانڊر صلاح ڏني ته کيس ٻارن جي نرسريءَ ۾ نگهباني ڪرڻ جي ڪم تي لڳايو وڃي. مون امان کي انهيءَ ڪم تي موڪلي ڇڏيو، جنهن ڪان سواءِ ڪاڏي جو مسئلو ڪنهن طرح به حل نٿي ٿي سگهيو.

ڪاڏي جو ڪارڊ ملي ويو. پر عجيب مصيبتون شروع ٿي ويون. ائين شايد نه ٿئي ها جيڪڏهن اها نرسري اسان جي پراڻي گهر ۾ نه هجي ها. امان جي ذهني حالت نيڪ نه هئي. هوءَ گهر سڃاڻي نٿي سگهي. پوءِ به کيس ويني ويني ائين لڳندو هو ته اهو گهر هن ڪڏهن ڪٿي ڏٺو هو . . .

گهر جي شڪل بدلجي چڪي هئي. باغيچو تباهه ٿي ويو هو. پهرين انهيءَ گهر ۾ پارٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر رکيو ويو هو، پوءِ منجهس ڇپيون ٺاهڻ جو ڪارخانو کوليو ويو، جنهن کي فوجين جي بئرڪ طور به استعمال ڪيو ويو ۽ هاڻي انهيءَ گهر ۾ نرسري کولي ويئي هئي. امان جي دماغي حالت انهيءَ گهر جو نئون روپ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو هو، ڇو ته هوءَ زميندار جي زال هئڻ جي بدران سندس سُريت هئي. انهيءَ ڪري کيس عزت ڀريو مقام نه ڏنو ويو هو ۽ نرسريءَ جا سڀ ٻار زميندار جا ٻار هئا. نرسريءَ جي نگهبانيءَ لاءِ مقرر ڪيل عورت کي هن هڪ ڏينهن چٺو چئي ڏنو ته ساڻس نوڪرن جهڙو سلوڪ نه ڪيو وڃي. هوءَ گهر مالڪياڻي آهي، ۽ ٻاهر باغيچي ۾ اُس ۾ ڪرسي رکي ويهندي، ۽ سندس لاءِ چانهه ٽري ۾ رکي ٻاهر باغيچي ۾ آندي وَڃي. . .

نگهباني ڪندڙ عورت جي سياءُ ۾ نهراءُ نه هو. ڳالهه تمام وڌي وڃي ها. پر مون ڪنهن طرح منٿ ميڙ ڪري کيس ٺڏو ڪيو. ڳالهه اتي

ئي بيهي ويئي. پر تورا ڏينهن ٿيا هئا جو نرسريءَ ۾ پنجن سالن جو هڪ وٽنڊڙ ٻار آندو ويو. امان جيئن ئي ڪيس ڏٺو تہ ڪيس لڳو تہ اهو سندس ٻار آهي، جيڪو پنج ورهيہ اڳ وڻائنس گم ٿي ويو هو... امان جو انهيءَ ٻار سان پيار ٿي ويو. اهو هڪ وڏو ڏوهہ هو ڇو تہ اسان کي سيکاريو ويو هو تہ اسان ٻارن کي پيار نہ ڪريون جو پيار ڪرڻ سان ٻار ڪمزور ٿي ويندا آهن ۽ پيار جي تجربي ۾ اُهي انهيءَ فرد جو تصور ڪندا آهن جيڪو ڪيس پيار ڪندو آهي. منجهن اهڙي عادت وجهڻ گهرجي جو اهي ڪنهن فرد جي باري ۾ نہ سوچين، پنهنجي باري ۾ بہ نہ، بلڪ اجتماعي طرح سوچين... ننڍا ٻار جڏهن امان کي ڏاڍا ياد ڪندا هئا تہ ڪين سنڀالڻ مشڪل ٿي پوندو هو. سندن هڪ ئي علاج هو تہ ڪانئن ڇڪي ڪم ورتو وڃي جهڙوڪ ڀاري ڏيڻ، ڪچرو ڪٽڻ، گاهہ پٽڻ وغيره. پر اهو ٻار جنهن سان منهنجي ماءُ جو پيار ٿي ويو هو، ڏاڍو سنهڙو ۽ ڪمزور هو ۽ هر وقت روئندو رهندو هو. اهڙي ٻار لاءِ ڪم جو بوجهہ اڳي ڪان گهٽو وڌايو ويندو هو. پر ڪيس جڏهن وڏي ڪم تي لڳايو ويندو هو تہ منهنجي ماءُ ڪان اُهو ڏٺو نہ ٿيندو هو ۽ هوءَ هُن جي بدران پاڻ ڪم ڪري وٺندي هئي. انهيءَ ڪري امان کي ڌمڪايو ويو تہ ڪيس نرسريءَ جي ڪم تان هٽائي ڪنهن ٻئي هنڌ موڪليو ويندو. پر امان ٻئي، ڪٿي وڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. هوءَ انهيءَ ٻار کي پنهنجي اکين ڪان پري نٿي ڪري سگهي. گهٽو سمجهائڻ تي بہ هوءَ ڏينهن جي وقت ٻار ڪان پري رهندي هئي. پر رات ٿيندي ئي هوءَ ٻار کي ڇاتي سان لڳائيندي هئي. امان پنهنجي پاڻ کي وري زميندار جي من گهري عورت سمجهڻ لڳي هئي ۽ ٻار کي پنهنجو اصلي پُٽ...

هڪ ڏينهن امان فرش ڌوئي رهي هئي تہ سندس دماغ ۾ هڪ پراڻي ياد تازي ٿي وئي. زمينداريءَ جي ڏينهن ۾ وٽس ڪجهہ هيرا هئا جيڪي هن افراتفريءَ جي ڏينهن ۾ هڪ ڪمريءَ ۾ ڪڏ ڪوٺي پُوري ڇڏيا هئا. هينئر انهيءَ ڪمري جو فرش ڌُئندي هوءَ اها ڪنڊ ڳولڻ لڳي جتي هيرا پوريل هئا. هوءَ ائين هلي رهي هئي ڄڻ ننڊ ۾ هجي. هيرن جو ڇا ٿيو؟ هن ڪٿي اجلي ڇڏيا؟ مون کي ڪا خبر ناهي. پر انهن ۾ چانديءَ جو پُتلو بہ هو، جنهن تي ميناڪاريءَ ڪيل هئي ۽ مٿس ننڍا

ننڍا هيرا جڙيل هئا. اهو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، انهيءَ ڏينهن، جڏهن امان کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ته، اول ته امان انهيءَ پُتلي جي باري ۾ ڪنهن کي ڪجهه نه ٻڌايو. اهو هن پنهنجي اندرئين انگيا ۾ ڪٽيَ لڪائي ڇڏيو هو. ٻئي ڏينهن يا ان جي ٻئي ڏينهن، جڏهن انهيءَ ٻار جي هٿ ۾ ڏڪ لڳو ( ٻار کي گاهه ڪوٽڻ لاءِ هڪ تکي ڪرپي ڏني ويئي هئي ۽ اها ئي ٻار جي هٿ ۾ لڳي هئي) ۽ ڪيس رت پريل حالت ۾ اسپتال کڻي ويا ته امان سندس پويان ڪنهن طرح اسپتال ۾ پهچي ويئي. ٻار ڪنهن وٽ به ماٺ نٿي ٿيو. امان ڪيس ڪنيو ۽ هڪ خاموش ڪنڊ ۾ وٺي وجي. ڪيس سرچائڻ لاءِ انگيا ۾ لڪايل پُتلو ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏنو ته ٻار انهيءَ ڏينهن سرچي ويو. ۽ پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن امان کان پوپٽ گهُري اُن سان راند ڪندو هو.

هڪ ڏينهن ٻار اهو پتلو پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ کي ڏيکاريو ۽ هن نرسريءَ جي نگهباني ڪندڙ کي انهيءَ جي جاڻ ڏيئي ڇڏي. اهڙي جاڻ ڏيندڙ ٻار کي ڪنڊ- چپٽي انعام طور ڏني ويندي هئي...

ڳالهه اڳتي وڌي ويئي. ٻار کي ڏاڍي مار ڏني ويئي ۽ چيو ويو ته ڪنهن به ٻار وٽ اهڙي شيءِ جو هجڻ جيڪا سيني وٽ نه هجي، هڪ ڏوهه آهي.

امان کي پڪڙيو ويو. اهڙي ڏوهه جي سزا موت هئڻ گهرجي ها، پر ڪميوُن متس ترس کائي فقط اها سزا ڏني ته ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ امان کي سرِعام بي عزتو ڪيو وڃي.

گڏجاڻيءَ جي ڏينهن ميڙ ۾ آئون به هئس. بيهڻ لازمي هو. امان کي ميڙ ۾ آندو ويو. سندس هٿ پنيان ٻڌل هئا. سموري ميڙ کي حڪم ٿيو ته هوءَ جنهن وقت اسان جي اڳيان لنگهي ته هر ڪو ڪيس ڏڪ هڻي ۽ نعرو لڳائي ته هو دنيا جي سڀ کان نيچ عورت آهي.

نونشا ۽ چماٺون هڪ ٻئي مٿان ڪيس لڳي رهيا هئا. امان زمين تي ڪري پيئي. انهيءَ مان اها مراد هئي ته هاڻي ڪيس لتن سان مارڻ جو وقت ٿي ويو هو.

منهنجو وارو به آيو. ۽ منهنجي لت کي ڏکڻ جو ڏوهه ڪرڻ جو حق نه هو...

منهنجي زال اهو سيڪجهہ سهڻ کان بچي ويئي هئي. اهو چئي تہ ڪاڏو تيار ڪرڻ لاءِ عوامي لنگر ۾ سندس رهڻ ضروري هو. سيني کي رات جو ڪاڏو ڪارائي هوءَ لڪندي لڪندي نرسري پهتي. تيستائين امان کي اڌ مئل حالت ۾ واپس نرسري پهچايو ويو هو. انهيءَ ڏينهن انهيءَ ٻار کي ماري ماري انهن بيهوش ڪري ڇڏيو هو. امان اتي پهچندي ئي ٻار کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو هو. پوءِ هڪ تڏي تي سمهي هوءَ ٻار سان ڳالهيون ڪندي رهي ۽ ڪنجهندي رهي.

منهنجي زال جي ڪنن ۾ سندس پڳل تتل لفظ پوندا رهيا. هوءَ ٻار کي چئي رهي هئي، ”اڄ آئون پنهنجي پٽ لاءِ بہ بار تي پيس... هن مون کي لت هنئي... تون ننڍو آهين، ڪجهہ نٿو سمجهين... هل تہ هتان ڪيڏانهن هليا هلون...“ ٻار کي جڏهن هوش آيو تي تہ هن چانديءَ جي پتلي جي ٻاري ۾ پچيو تي. امان ڪيس چئي رهي هئي...”هل تہ نديءَ پار هليا هلون. اُتي جهنگل ۾ پاڻ پوپٽ پڪڙيندا سين...“

منهنجي زال ڏٺو تہ امان ٻار کي وٺي ٿڙندي ٿاٻڙندي هلي ويئي. منهنجي زال سندس پويان پويان هلڻ لڳي. ۽ هن ڏٺو، ٻار امان جي ڳچيءَ سان چهٽيل هو.

سامهون ندي آئي. امان هلندي پئي ويئي. پاڻي پهرين سندس مُرين تائين، ۽ پوءِ گوڏن تائين وڌندو سندس ڪلهن تائين اچي ويو. ۽ پوءِ مٿي کان مٿي تي ويو.

منهنجي زال ٻوڙندي ڪيس بچائي سگهي ٿي، پر هن ائين نہ ڪيو. هن مون کان سواءِ ڪنهن کي نہ لڪايو تہ امان جو ڇا ٿيو. اُنهيءَ ڏينهن مون کي خبر پيئي تہ منهنجي زال هُن کان بہ گهٽي رحمدل عورت هئي، جيتري مان هيستائين سمجهندو آيو هئس.□□□

# قتل يا خودڪشي

(؟)

## انگريزي (آمريڪا)

مون کي پوليس ۾ نوڪريءَ ڪئي گهڻو عرصو نہ ٿيو هو تہ مون کي نيويارڪ جي بيٽ منهٽن بدلي ڪري ڇڏيائون. منهٽن کي سمنڊ جو هڪ سنهڙو پٽو نيويارڪ کان جدا ڪري ٿو. تعليم کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هيءَ منهنجي پهرين نوڪري هئي، جنهن مون کي شهر جي رنگينين مان ڪڍي جيل جي ڏڪار جوڳي ۽ عذاب واري ماحول ۾ اُڇلي ڇڏيو.

هيءَ جيل رڳو فوجي قيدين لاءِ مخصوص هو. انهن ڏينهن ۾ اُتي ٻہ سؤ سپاهي ۽ آفيسر سزا ڪاٽي رهيا هئا. ڪانئن وقت بوقت سخت پورهيو ڪرايو ويندو هو. جيل جي اندر يا ٻاهر جڏهن ڪو ڪم نڪرندو هو تہ فوجين جي هڪ گروهہ کي اسٽينگنن جي پهري ۾ ٻاهر وٺي وڃبو هو ۽ سندن محافظ هر پل فرار ٿيڻ جي ڪوشش جي صورت ۾ مٿن گولين جو وسڪارو ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا، ڇو جو ڪنهن قيديءَ جي فرار ٿيڻ جي صورت ۾ سندس محافظ کي قيديءَ جي سزا ڪاٽڻي پوندي هئي.

اتفاق جي ڳالهہ آهي جو مون کي هيستائين ڪنهن قيديءَ جو محافظ مقرر نہ ڪيو ويو هو ۽ نہ ئي مون کي انهيءَ ڪم ۾ ڪا دلچسپي هئي. سچ پڇو تہ آئون اُنهن قيدين کان اهڙو سخت پورهيو ڪرائڻ جي حق ۾ ئي نہ هئس. اهوئي سبب هو جو مون پنهنجي ڪمري مان نڪري ڪڏهن جيل جي اندرين حصن ڏانهن منهن نہ ڪيو هو.

پهريون ڀيرو جڏهن مون قيدين جي ننڍي ٽولي کي ڏٺو تہ اهو آچر جو ڏينهن هو. آئون ڪجهہ ڪلاڪن جي موڪل ماڻي بيٽ تي واپس

اچي رهيو هوس. هو انهيءَ پُل جون پٽر سان چٽيل ڏاڪڻيون صاف ڪرڻ ۾ رُڌل هئا، جيڪا بيٽ ڪي شهر سان ڳنڍي ٿي. مون کين هڪ نظر ڏسنديئي ڪنڌ جهُڪائي ڇڏيو. مون نٿي چاهيو ته اُنهن مجبور ۽ مظلوم انسانن تي رحم ۽ دلسوزيءَ جي نگاهه به وجهان، متان کين منهنجي نگاهن جي تاثر سان پنهنجي بيوسي ۽ عذابناڪ زندگيءَ جو شدت سان احساس ٿئي. پر نه ڄاڻان ڇو منهنجون نگاهون غيرارادي طور تي هڪ قيديءَ جي نگاهن سان اٽڪي پيون. هُو نوجوان هو. سندس وار سونهري ۽ اکيون آسماني رنگ جون هيون ۽ هُو ايڏو سگهارو ۽ سهڻو هو جو سندس چهري تان نگاهون هٽائڻ تي دل نٿي چيو. هُو مون ڏانهن ڏسي چپن ئي چپن ۾ مرڪي رهيو هو، پر سندس چهري تان نگاهون هٽائڻ تي دل نٿي چيو. هُو مون ڏانهن ڏسي چپن ۾ مُرڪي رهيو هو، پر سندس نگاهن ۾ ايڏي گهري چتر هئي جو بي اختيار نگاهون چورائي ورتم. آئون تکيون وکون کڻندو اڳتي وڌي ويس پر سندس اها ئي هڪ نظر منهنجي دل تي ايڏو گهرو اثر ڇڏي ويئي جو آئون ڪيترن ئي ڏينهن تائين اُن جي تصور کان جند نه ڇڏائي سگهيس. آئون هر هر سوچيندو هوس ته نيٺ اهو خوبصورت نوجوان ڪهڙي ڏوهه جي سزا ۾ هن جهنم جو رهواسي ٿيو آهي. هوُ ايتري قدر سرد مهر ڇو هو ۽ سندس اکين ۾ چتر ۽ نوڪ جا ايڏا گهرا تاثر ڇو هئا؟ هن مون ڪي اهڙين نگاهن سان ڇو ڏٺو؟ وغيره وغيره.

اهو سوچيندي سوچيندي ٻيو آچر اچي پهتو، يعني منهنجي مختصر موڪل جو ڏينهن! ها، آئون اهو ٻڌائڻ ته ڀلجي ويس ته گذريل آچر تي آئون هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان سنگت رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس. اها ڇوڪري هڪ ٻاقريءَ جي دڪان تي نوڪري ڪندي هئي. آئون ايندڙ آچر تي ڪانئس ملڻ جو وعدو به وٺي چڪو هوس. آئون سندس تصور ۾ وڃائجي، هفتو کن اهو سوچيندو رهيس ته ايندڙ موڪل جون چند گهڙيون ڪهڙي طرح ساڻس گڏجي گذاريندس.

ڇنڇر جي شام جو دريءَ ڪي ٽيڪ ڏيئي مِينهن جو نظارو ڪري رهيو هوس ۽ سوچي رهيو هوس ته فلاڻي هنڌ اها ڇوڪري منهنجو انتظار ڪري رهي هوندي. انهيءَ تصور سان منهنجي دل ۾ هلڪي

ڏڙڪڻ لڳي. نہ ڄاڻان آئون ڪيستائين اُنهيءَ ڇوڪريءَ جي سحرخيز تصور ۾ گم، اُتي ويٺو رهيس جو منهنجو ڊگهو آفيسر منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو. سندس قدمن جي ڳوري چاپ ٻڌي مان ڇرڪي ويس. هميشہ وانگر سندس وات مان بدبوءِ اچي رهي هئي. هن مون سان مخاطب ٿي پنهنجي مخصوص کُهري لهجي ۾ چيو:

”ڪيپٽن، ڇا پيو سوچين؟“

”سپاٽي جي موڪل جي باري ۾...“ پر هن منهنجي ڳالهہ پوري ٿيڻ نہ ڏني.

”موڪل جي باري ۾ نہ سوچ، سپاٽي توکي موڪل نہ ملندي.“

منهنجي دل ڄڻ ٻڏڻ لڳي هئي. هو مذاق جي لطيف حِس کان بلڪل وانجهيل هو، پوءِ بہ مون بي اختيار پڇيو:

”ڇا اوهان سنجيده آهيو؟“

”تو ڪڏهن مون کي ڪنهن سان مذاق ڪندي ڏٺو آهي؟“

”پوءِ... نيٺ مون کي موڪل ڇو نہ ملندي؟“

هُن پنهنجي سستي سگريٽ جو ڊگهو سُوٽو ڀريو ۽ منهنجي ڇهري تي دونهين جو ڪڪر ڇڏيندي چيائين:

”سپاٽي ڪجهہ قيدين کان بيگار ورتي ويندي ۽ توکي اُنهن جو نگران مقرر ڪيو ويندو.“

”مون کي؟ مون کي انهيءَ ڪم جو ڪو بہ تجربو ناهي!“

”اهو ڪو ڏکيو ڪم ناهي.“ آفيسر بيپرواهيءَ سان وراڻيو. ”مشڪل سان ڪو قيدي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪيئن، ڇا خيال آهي؟ جيڪڏهن ڪو فرار جو ارادو ڪري بہ تہ ڪيس نشانو وني، ٽرگر تي دٻ ڏجانس، هو فرار ٿي نہ سگهندو. ڇا خيال آهي؟“

هن سگريٽ ايش ٽري ۾ مروڙي وڌو ۽ ڪؤڙاڻ سان مُرڪڻ لڳو. آئون ڪيس حيرت سان ڏسندو ئي رهجي ويس. هو ڏاڍي بي پرواهيءَ سان دروازي ڏانهن وڌندي چوڻ لڳو:

”اڙي ايڏو فڪرمند ڇو ٿو ٿين، آئون بہ توسان گڏ هوندس!“

اُها رات منهنجي زندگيءَ جي بدترين رات هئي. صبح جي اچاڻ ڦهلجڻ تائين منهنجي اک لڳي نہ سگهي. صبح جو جلدي جاڳڻو پيو ۽

آئون بہ انهن نگرانن ۾ وچي شامل ٿيس، جن کي ڪجهہ قيدي سپرد ڪيا ويا هئا. جيل جي حاطي جي صفائيءَ کان سواءِ، اُنهي ڏينهن هڪ آفيسر جي رهڻ لاءِ هڪ گهر جي صفائي بہ ڪرائڻي هئي. هر نگران کي بہ قيدي ۽ هڪ اسٽينگن ڏني ويئي هئي. آفيسرهڪ اسٽينگن منهنجي هٿ ۾ ڏيندي ڪُهري آواز ۾ چيو:

”اهو نہ وسارج تہ تون هي گن انهيءَ ڪري هٿ ۾ وٺين ٿو تہ ضرورت پوڻ تي اها استعمال ڪندين.“

مون ۽ منهنجي آفيسر ٽئن قيدين کي ساڻ ڪيو ۽ اُنهيءَ گهر ڏانهن روانا ٿياسين، جيڪو بيٺ جي آخري ڇيڙي تي هو. پنڌرهن منٽن کان پوءِ اسين اُتي پهچي وياسين. اُنهن ٽئن قيدين ۾ سونهري وارن وارو اهو خوبصورت نوجوان بہ شامل هو، جنهن جي اکين مان اجا بہ ٻچڙ جي جهلڪ نمايان طور نظر اچي رهي هئي. آفيسر ڪيس عمارت جي اندرئين حصي جي صفائيءَ جو ڪم حوالي ڪيو ۽ باقي ٻن کي اڱڻ، درين، دروازن ۽ وراندي جي صفائيءَ تي لڳايائين، هوُ پوءِ مون سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

”ڪينٽن، تون هِن نوجوان کي عمارت جي اندر وٺي وڃ، باقي ٻن ماڻهن جي سنڀال آئون پنهنجي ذمي ٿو کڻان. هي ڇورو ڏاڍو گوسڙوُ ۽ مِرون جهڙو آهي. هن جي سرد مُشڪ ۽ پُرسڪون ڇهري کان دوکو نہ کائج. انهيءَ معصوميت سان هن هڪ ڪرنل کي هميشہ لاءِ ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيو هو.“

منهنجي تصور ۾ بہ نہ هو تہ هن سادي سُودي نوجوان ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪيو هوندو. بهرحال آئون پنهنجي قيديءَ جي پويان پويان عمارت اندر داخل ٿيس ۽ مٿس پنهنجي بالادستي جتائڻ لاءِ مون سندس پُٺيءَ تي اسٽينگن جي ناليءَ جو دٻاءُ وجهندي ڪڙڪيدار آواز ۾ حڪم ڏنو:

”برائنگ روم کان ڪم شروع ڪر.“

نوجوان گوڏا ٽيڪي فرش تي ويهي رهيو ۽ هڪ وڏي برش سان فرش صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ آئون گن جي ناليءَ سان سندس نشانو وٺي ڪانئس ڪجهہ وکن جي فاصلي تي بيهي رهيس. ڪجهہ منٽن کان

پوءِ نوجوان پنهنجي مخصوص بي فڪر مشڪ سان ڪنڌ گھمائي مون ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو:

”جوان، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ منهنجو نالو ٽومي آهي، ٽومي رائس!“

مون بي حوصلي تي وراڻيو: ”منهنجو نالو ڪينٿن آهي!“

”ڇا تون پهريون پيرو نگران مقرر ٿيو آهين؟“ هن ڏاڍي ٿڌي پر دوستاڻي لهجي ۾ پڇيو، پر سندس نگاهن جي چٽر چوٽ تي چڙهيل هئي.

مون جواب ڏيڻ ضروري نہ سمجهيو.

”تو منهنجي ڳالهہ جو جواب نہ ڏنو.“ هن نرم لهجي ۾ پڇيو.

”ها، آئون پهريون پيرو مقرر ٿيو آهيان.“ مون سرد مهري سان وراڻيو. ”آئون آفيس ۾ ڪم ڪندو آهيان.“

هو آهستي اُٿي بيٺو ۽ مون ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو: ”آئون پاڻي پيئڻ چاهيان ٿو.“

مون رُڪي ۽ ڪاري لهجي ۾ وراڻيو.

”تہ وڃي بورچيخاني ۾ پاڻي پيءُ. پر ڪن ڪولي بُڌ....“

هن منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيو:

”پريشان ڇو ٿو ٿين، پنهنجي اعصابن کي تڪليف نہ ڏي.“

پوءِ هو منهنجي سامهون اُٿي وڏي وڃي بورچيخاني ۾ داخل ٿيو ۽ اسٽينگن جي نگرانيءَ ۾ پاڻي پي ڊرائنگ روم ۾ واپس آيو ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. ڪجهہ منٽن کان پوءِ هن ڪنڌ ڪنيو ۽ وري پنهنجي اذيت ڏيندڙ نظرن سان منهنجي چهري جو جائزو وٺندي چوڻ لڳو:

”پنهنجو پاڻ کي ايتري قدر تڪليف نہ ڏي. جيڪڏهن تون چاهين تہ مزي سان سگريٽ پي سگهين ٿو.“

منهنجي دل سگريٽ پيئڻ تي ڏاڍي پئي ٿي پر انهيءَ ڊپ کان تہ ڪٿي منهنجو ڏيان هٽي نہ وڃي، مون وراڻيو:

”آئون سگريٽ نہ پيئندو آهيان!“

هو بي اختيار کِلي پيو، ڄڻ کيس خبر هجي تہ مون ڪوڙ ڳالهايو هو.

”ڪيپٽن، تون ڪڏهن جنگ تي ويو آهين؟“

”نہ.“

”پر آئون ڇهن مهينن تائين ويٽنام ۾ وڙهندو رهيو آهيان. دشمن سان هڪ جهڙپ ۾ منهنجي سٿر ۾ بم جو ٽُڪر گهڙي ويو. وڏو زخم ٿيو، ايڏو گهرو جو آئون پنهنجي زندگيءَ کان مايوس ٿي ويس.“

”پر تون خوش قسمتيءَ سان زنده آهين.“ مون بي دليو وراڻيو.

”پر اهڙي زندگيءَ مان ڪهڙو فائدو! اڄ آئون پنهنجي ئي هم وطن جي اسٽينگن جي سامهون فرش صاف ڪرڻ ۾ رُڌل آهيان.“ سندس آواز ۾ حسرت جو عنصر سرس ٿي ويو هو.

ٽومي منهنجي تجسس جي حِس کي ڇيڙي ڇڏيو ۽ منهنجي دل چوڻ لڳي تہ ڪانئس پڇان تہ هن هڪ فوجي ڪرنل کي ڇو قتل ڪيو. مون جلديءَ سان پڇيو:

”تو هُن ڪرنل کي ڇو قتل ڪيو هو؟“

هن هڪ ڇتر يري نگاهہ مون تي وڌي ۽ پُرسڪون لهجي ۾ چوڻ لڳو، ”اها ڏاڍي ڏکي ڪهاڻي آهي ۽....“

مون ڪيس ڳالهہ پوري ڪرڻ نہ ڏني.

”پر اڃا تہ ڏينهن گهڻو پيو آهي.“

”مون هڪ ڳوڙي بيلچي سان ڪيس مٿي ۾ زوارئتو ڌڪ هنيو. سندس کوپري رتورت ٿي ويئي ۽ هُن اُتي ئي دم ڏنو. ٽومي ڏکي ڪهاڻي هڪ ئي ساهي ۾ ٻڌائي ڇڏي آئون ششدر ٿي ويس.

”بس اها ئي آهي تنهنجي ڏکي ڪهاڻي؟“

”نہ، مون سندس مٿي ۾ بيلچو ڇو هنيو، اها ڪهاڻي البت ڏکي آهي!“

”انهيءَ ڏوهہ ۾ توکي ڪيتري عرصي لاءِ جيل جي سزا آئي؟“ مون پڇيو.

”اها ڪا خاص ڳالهہ ناهي.“ هن فرش صاف ڪندي چيو. ”منهنجو وڪيل ڏاڍو قابل ۽ هوشيار آهي، پر ان جو ڪو فائدو ناهي. جڏهن ڪو ماڻهو زندگيءَ ۾ پنهنجي هڪ آرزُو بہ پوري نہ ڪري سگهي تہ هن لاءِ سزا ۾ گهٽ وڌائي ڪا اهميت نٿي رکي.“

”تنهنجي ڪهڙي آرزُو پوري ٿي نہ سگهي ٿومي؟“ مون نرم لهجي ۾ پڇيو.

هن ڪنڌ ڪٽي بہ پيرا مون کي چٽر پريل نگاهن جو نشانو بڻايو ۽ سادگيءَ سان چوڻ لڳو:

”منهنجي رڳو اها آرزو هئي تہ آئون پنهنجي زال کي موت جو مزو چکايان!“

حيرت وچان منهنجو وات کُليو جو کُليو رهجي ويو ۽ آئون ڪجھ بہ چئي نہ سگهيس.

”تون حيران ٿي وئين ڪينئن؟“ هن پڇيو.

”نہ، آئون حيران نہ ٿيس،“ مون چرڪي وراڻيو. ”جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي قتل ڪري پشيمان نہ ٿئي تہ ڪيس ٻئي کي قتل ڪرڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ نٿي ٿي سگهي.“

”آفرين!“ ٿومي داد ڏنو. ”مون توکي ايڏو عقلمند نٿي سمجهيو.“

مون کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ پيشانيءَ تي گهنج وجهي حاڪماڻي لهجي ۾ چيم:

”پنهنجو ڪم ڪر...“

”تنهنجو حڪم اکين تي منهنجا آفيسر!“ ٿومي منهنجي ڳالھ ڪاٽيندي چيو، ”تہ ڇا تون اهو نٿو ڄاڻڻ چاهين تہ مون انهيءَ ڪرنل کي ڇو قتل ڪيو؟“

جيتوڻيڪ منهنجو تجسس اجا جهڪو نہ ٿيو هو، پوءِ بہ مون بي تڪلفيءَ سان وراڻيو:

”نہ، مون کي انهيءَ سان ڪا دلچسپي ناهي.“

هن پنهنجي مُشڪ ۾ بہ چٽر شامل ڪئي ۽ مضبوط لهجي ۾ چوڻ لڳو:

”مون کي خبر آهي تہ تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“ پوءِ منهنجي ردِعمل جي پرواھ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي ڳالھ جاري رکندي چيائين، ”مون کي شادي ڪئي اجا ٿورا مهينا ٿيا هئا تہ مون کي جنگ تي ويٽنام موڪليو ويو. توکي جنگ جو تجربو ناهي ۽ نہ ئي تو اجا شادي بہ ڪئي آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ شخص جي جذبات جواندازو

نٿو لڳائي سگهين، جنهن کي پنهنجي محبوبا سان شادي ڪندي ئي جنگ تي وڃڻو پوي!“

”خبر اٿم، ڏاڍي صبر جي ڳالهه آهي.“ مون وراڻيو.

”بهرحال آئون بنان آنا ڪانيءَ جي جنگ تي هليو ويس ۽ دشمن جو پير ڪوڙي مقابلو ڪيم. دشمنن کي انهيءَ بي درديءَ سان قتل ڪندو رهيس، جنهن بي درديءَ سان تون مون کي فرار جي ڪوشش جي صورت ۾ قتل ڪندين. هر وقت منهنجي زال جي موهيندڙ صورت منهنجي تصور ۾ ڦرندي رهندي هئي ۽ آئون خدا کان هر هر دعا گهرندو هوس ته اها لعنتي جنگ ڪنهن طرح ختم ٿئي ۽ آئون پنهنجي گهر، پنهنجي زال جي پاڪر ۾ وڃي پناهه وٺان. پر اها جنگ ڪٿي ختم ٿيڻ واري هئي! باهه ۽ رت جو طوفان زور سان جاري رهيو. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن آئون هڪ بارودي ڌماڪي جوشڪار ٿي زخمجي پيس. زخم منهنجي ستر جي مٿئين حصي ۾ ٿيو هو. مون کي اسپتال موڪليو ويو، پر مون پنهنجي نئين ڪنوار کي پنهنجي بيماريءَ کان آگاهه نه ڪيو، رڳو انهيءَ خيال کان ته ڪيس ٻڌي ڏک ٿيندو ۽ رات ڏينهن مون لاءِ بيچين ۽ فڪرمند رهندي. جڏهن آئون صحتمند ٿي اسپتال مان خارج ٿيس ته افسوس، آئون هڪ ڪامل مرد نه رهيو هوس. منهنجي جنسي قوت ختم ٿي چڪي هئي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته آئون عورت جي لائق نه ئي رهيو هوس. دنيا ۽ اُن جون رنگينيون منهنجي نظرن ۾ ويران ۽ سنسان هيون ۽ منهنجي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته آئون پنهنجي زال اڳيان انهيءَ ڪوڙي ۽ پوائتي حقيقت جو اعتراف ڪهڙي طرح ڪندس. مون کي پڪ هئي ته هاڻي اسان جي گهرو زندگي دير تائين نه هلي سگهندي. اسان هڪٻئي کي جيءَ جان سان چاهيندا هئاسين ۽ وري مون کي اهو به سمجهه ۾ نٿي آيو ته منهنجي پياري زال منهنجي جدائي ڪيئن برداشت ڪندي.

”نيٺ مون کي جنگ لاءِ نااهل قرار ڏيئي رخصت ڪيو ويو ۽ مون کي امريڪا ئي ۾ نوڪري جاري رکڻ جي اجازت ڏني وئي. مون هڪ مهيني جي موڪل ورتي ۽ گهر ڏانهن روانو ٿيس. جيئن ته زال سان ايڏي عرصي کان پوءِ اها ملاقات جوش ڀري ۽ مسرت واري

نٿي ٿي سگهي، تنهنڪري آئون ڏاڍو ڏُڪارو ۽ مايوس هوس.“ ٿومي اوچتو ماٺ ٿي ويو . ڪاوڙ وچان سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ آواز نڙيءَ ۾ ڦاسي پيس. پوءِ هو پنهنجي جذبات تي قابو پائي چوڻ لڳو: ”جڏهن آئون گهر پهتس تہ هڪ عجيب وحشت خيز ۽ زلزلي انگيز منظر ڏٺم. او منهنجا خدا! منهنجي پياري زال جو موهيندڙ، گلابي، خوبصورت ۽ جوان جسم بلڪل اُگهاڙو هو ۽ هوءَ هڪ قداور مرد جي مضبوط ڀاڪر ۾ بستري تي سمهيل هئي. سندس اکيون لذت وچان بند هيون ۽ گلابي چپن تي نشيلي مشڪ هئي. مرد بہ اگهاڙو هو. منهنجي حواسن تي وڄ ڪري پيئي ۽ آئون نهن کان چوٽيءَ تائين ڏڪڻ لڳس. اُن کان اڳ جو آئون ڪا حرڪت ڪريان، منهنجي نظر انهيءَ مرد جي ڪپڙن تي پيئي، جيڪي پلنگ جي پيراندي‎ءَ کان ٻي ترتيب پيا هئا. اها هڪ فوجي ڪرنل جي وردي هئي. اوچتو مون کي ڇڪ آئي، اهو فوجي ڇرڪي پلنگ تان هيٺ ڪريو ۽ ٻي ڪن ۾ مون تي بکايل بگهڙ وانگر حملو ڪيائين. آئون پاڻ کي سنڀالي نہ سگهيس. ڏکي بيماري ڪاڻ جي ڪري آئون مقابلو ڪرڻ جي قابل نہ رهيو هوس، انهيءَ ڪري جلدي ئي هيٺ ڪري پيس. هن مون کي ڏاڍو ماريو ۽ پوءِ مون کي ڪٽي گهر کان ٻاهر اُڇلايائين. ڪيس خبر نہ هئي تہ آئون انهيءَ عورت جو مڙس هئس، جنهن پنهنجو جسم پنهنجي مرضي ۽ راضپي سان سندس حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ وري هن مون تي اهڙيءَ تہ تيزيءَ سان حملو ڪيو هو جو منهنجي زال حيرت ۽ ڊپ وچان ڄڻ گونگي ٿي ويئي هئي. هن انهيءَ مارڪُٽ جي دوران نہ دانهن ڪئي ۽ نہ ئي پنهنجي اوگهڙ جو احساس ڪري پلنگ تان هيٺ لهي سگهي. آروڪ مارڪُٽ کان ايتري قدر هراسان ٿيو هوس جو آئون بہ ڪيس حقيقت ٻڌائڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيس.

”خير، آئون گهر کان ٻاهر وڃي باغيچي ۾ ويهي رهيس. منهنجي دل چاهيو ٿي تہ آئون پنهنجي بدنصيبيءَ تي دانهون ڪري روئان پر روئڻ ڌوئڻ مان ڇا ورندو! مون کي پنهنجي پياري زال کان بيحد نفرت ٿي ويئي ۽ اڃا بہ سندس خلاف نفرت کان منهنجي ڇاتي ڄڻ ڦاٽي ٿي ۽ مون ۾ ايتري جرئت بہ نہ هئي جو آئون ٻيهر گهر ۾ قدم

رڪان. آئون ڪيس ڇا چوان ها؟ جيتوڻيڪ آئون جنسي قوّت کان محروم ٿي چڪو هوس، پوءِ بہ زال جي انهيءَ ڏني وائنني بي وفائي ۽ اوگهڙ منهنجي دل کي نپوڙي ڇڏيو هو. منهنجو سمورو وجود نفرت ۽ انتقام جي باهہ ۾ سڙڻ لڳو. آهہ! مون کي انهيءَ عورت سان ڪيڏي نہ محبت هئي! مون فيصلو ڪري ورتو تہ ڪيس طلاق ڏيئي ڇڏيندس تہ جيئن هوءَ ڪنهن تندرست ۽ جوان مرد جي ڀاڪر ۾ آسودگيءَ جو ساهہ کڻي سگهي. هاڻي منهنجي لاءِ زندگيءَ ۾ ڪا رنگيني ۽ رونق نہ هئي. انهيءَ صدمي مون کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو مون خودڪشيءَ جو ارادو ڪيو. ها منهنجا دوست، خودڪشيءَ جو مضبوط ارادو!

”پر نہ، پنهنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ کان اڳ منهنجي دل چاهيو ٿي تہ مون کي ايتري قدر روحاني اذيت پهچائيندڙن کان بدلو وٺان؛ زندگيءَ جي نعمت کان انهن کي بہ محروم ڪريان. مون چوڌاري نگاهہ ڊوڙائي تہ باغيچي جي ڪنڊ ۾ مون کي هڪ ڳورو بيلچو نظر آيو. مون جلدي بيلچي تي قبضو ڪيو ۽ انهيءَ ڪرنل جي انتظار ۾ لڪي ويهي رهيس. مون کي گهڻو انتظار ڪرڻو نہ پيو. هو سفاڪ ۽ حوَس پرست فوجي منهنجي گهر کان ٻاهر نڪتو، پر هاڻي هن جي حالت بدلجي چڪي هئي. گناهہ جي احساس کان سندس چهرو ڪومائجي ويو هو ۽ سندس جسماني چرپر مان خوف ۽ هراس جو اظهار ٿي رهيو هو.

”صاف ظاهر هو تہ منهنجي زال ڪيس انهيءَ حقيقت کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هو تہ آئون سندس مڙس هئس. ڪيس ڏسي آئون انتقام جي جذبي کان انڌو ٿي ويس ۽ پنهنجي لڪل هنڌ کان نڪري بيلچي سان سندس مٿي کي نشانو بنايم. هو رتوڇاڻ ٿي ويو ۽ نڙيءَ مان ڪو آواز ڪيڻ کان سواءِ اُتي ئي ڪري پيو. هو ختم ٿي چڪو هو.“ هو مشڪيو ۽ مون ڏانهن غور سان، پر ڇتي پريل نظرن سان ڏسندي چوڻ لڳو: ”جيڪڏهن منهنجي جاءِ تي تون هجين ها تہ تون بہ اهو ئي ڪرين ها. ڪيئن؟“

”مون کي خبر ناهي...“

”نہ، تون ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهين. پر منهنجي دل پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ لاءِ ڏاڍي بيقرار

آهي، ڇو ته جيئن ئي ڪيس خبر پوندي ته مون مان مردانگي ختم ٿي چڪي آهي، ته هوءَ منهنجي بيعزتي ڪندي، مون کي ذليل ڪندي.“

”پر ڇا تو ڪيس اڃا تائين طلاق نه ڏنو آهي؟ مون پاڳلمُرادي انداز ۾ پڇيو.

”نه، آئون ڪيس قتل ڪرڻ چاهيان ٿو.“ هن هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو.

مون کي اهو ٻڌي تاءُ اچي ويو. مون ششدر ٿي پڇيو:

”بند ڪر پنهنجي بڪواس ٿومي. بهتر آهي ته ڌيان سان پنهنجو ڪم ڪر.“

”ڇا تون مون کان نٽو ڊڄين؟“ ٿومي شرارت سان پڇيو.

”نه.“ مون ناراض ٿيڻ کان سواءِ وراڻيو.

”ڇونه؟“ ٿومي تڪرار ڪرڻ لڳو. ”تون مون کان ڊڄين ٿو، انهيءَ ڪري جو جيڪڏهن مون فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته تون مون تي گولي هڻي نه سگهندين.“

”توکي گولي هڻڻ جي جرئت ته اٿم، پر منهنجي دل نٿي چوي ته تون ڪا اهڙي حرڪت ڪرين جو تنهنجي زندگي ضايع ٿئي.“

”پر ماڻهوءَ کي مارڻ لاءِ نفرت جي به ضرورت آهي ۽ جرئت جي به!“ ٿومي ڊيگهه ڪندو رهيو، ”۽ تون انهن ٻنهي نعمتن کان محروم آهين ڪيپٽن!“

”آئون پنهنجو فرض ضرور پورو ڪندس.“ مون ششدر ٿي وراڻيو.

”نه، پنهنجو فرض به پورو نه ڪري سگهندين. ڏس نه، تو اسٽينگن هٿن ۾ جهلي ته رکي آهي پر تنهنجا ٻئي هٿ ڏڪي رهيا آهن.“

”جيڪڏهن تو پنهنجو ڪم جلدي نه ڪيو ته آئون توکي پاڻ وٽ سڏي وٺندس.“ مون ڌمڪي ڏني.

ٿومي مشڪيو ۽ وڏي آواز سان چوڻ لڳو:

”مون نه چيو هو ته تو ۾ مون کي پنهنجي هٿن سان قتل ڪرڻ جو حوصلو ناهي. تون پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ جي همٿ کان وانجهيل آهين. پر مون ڳورو بيلچو پنهنجي سموري طاقت سان

استعمال ڪيو ۽ انهيءَ خيانت ڪندڙ ڪرنل کي دوزخ داخل ڪيو.“

”ٽومي!“ مون گهٽيل آواز ۾ دانهن ڪئي. تنهنجي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته ماٺ ڪري پنهنجو ڪم ڪر.“

پر ٽومي اُتي ديوار کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي رهيو ۽ مون کي چِٽر ڀريل نگاهن سان ڏسندي چوڻ لڳو:

”رڳو ايترو ئي ڪافي ٿيندو ته تون گن جي ٽرگر تي تورو زور ڏي ۽ منهنجي جسم ۾ لاتعداد سوراخ ڪري ڇڏ. پر، مون کي خبر آهي ته تو ۾ ايترو حوصلو ئي ناهي.

هاڻي منهنجي اعصابن تي ڏڪٽي ڇانئجي چڪي هئي. مون غصي وچان رڙ ڪئي:

”ٽومي، پنهنجو ڪم شروع ڪر.“

ٽومي ڪِليو. سندس ڪِل ۾ چِٽر ۽ ٽوڪ جو عنصر اڳي کان سرس هو. هو ڏاڍي مضبوطيءَ سان چوڻ لڳو:

”تون هن گن کي استعمال نٿو ڪري سگهين ڪينٽن، بلڪل ائين جيئن آئون پنهنجي زال کي جنسي طرح استعمال نٿو ڪري سگهان. اهو ئي سبب آهي جو آئون ڪيس قتل ڪرڻ چاهيان ٿو.“

مون غصي وچان ڏڪندي چيو:

”بند ڪر اها بڪواس، نه ته....“ پر ٽومي منهنجي ڳالهه ڪاٽي ڇڏي:

”آئون توکان اها گن ڪسي سڌو پنهنجي زال وٽ پهچندس ۽ باهه ۽ بارود جي وسڪاري سان ڪيس پرڻ ڪري ڇڏيندس. منهنجي رستي ۾ جيڪو به ايندو، اُن کي پُجي ڇڏيندس، ايتري قدر جو توکي به ختم ڪري ڇڏيندس، سيڪجهه ختم ڪري ڇڏيندس.“

هاڻي سندس آواز ۾ انتهائي سختي ۽ غصو ظاهر ٿي رهيو هو ۽ هو مون ڏانهن ٻئي ٻانهون کولي قدم قدم اڳتي وڌي رهيو هو ۽ خوف منهنجي رڳ رڳ ۾ ويهندو پئي ويو. مون کان هڪ قدم جي فاصلي تي بيهي، هو سرد آواز ۾ چوڻ لڳو:

”تون ڊڄين ٿو ڪينٽن، پر آئون ’خوف‘ سان کيڏندو آهيان.

ڳالهہ جي ڪيس خبر هئي.

آئون تڙپندو رهجي ويس. منهنجي ذهن ۾ رڳو هڪ لفظ رهجي ويو:

”خودڪشي!“

پوءِ آئون پنهنجي پاڻ سان مخاطب ٿي بڙبڙائيندو رهيس:

”هن شايد پنهنجي زال سامهون وڃڻ نٿي چاهيو تہ جيئن سندس زال کي خبر نہ پوي تہ هُو . . .“□□□

# سپاهيءَ گيت

## او هينري

### انگريزي (امريڪا)

**<u>ڪردار</u>**

1- راوي پهريون    2- راوي ٻيو    3- سپاهي
4- سُوپي    5- سيلِي مِلر: ڇوڪري
6- ويٽريس    7- شخص    8- جج

<u>راوي پهريون:</u> او هينريءَ جو اصل نالو وليم سِڊني پورٽر هو. سندس جنم 1862ع ۾ اُتر ڪيرولينا جي گرينسبرو شهر ۾ ٿيو، جتي هُن پنهنجي زندگيءَ جا پهريان ويهه ورهيه گذاريا. 1882ع ۾ هو ٽيڪساس هليو ويو، جتي ڏهن ورهين تائين ڪلارڪ، ڊرافٽسمئن ۽ بينڪ ۾ نوڪري ڪيائين ۽ گڏوگڏ ٽيڪساس ۽ مشيگان جي اخبارن ۾ ليک لکڻ لڳو. آسٽن ۾ بينڪ جي ملازمت دوران، مٿس بينڪ جي رقم خُرد بُرد ڪرڻ جو الزام لڳو، پر عدالتي جاچ کان بچي وڃ امريڪا هليو ويو، جتان رُڳو انهيءَ ڪري موٽي آيو، جو سندس زال سخت بيمار ٿي پئي هئي. ڪيس پنج ورهيه جيل جي سزا آئي، پر ٽن مهينن کان پوءِ، سني چال چلت ڪري کيس آزاد ڪيو ويو. اهو جيل ئي هو، جتي هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ۽ جن کيس مشهور ڪيو. اهو پڻ جيل ئي هو، جتي هن او هينريءَ جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو، جيتوڻيڪ ڪنهن کي به اها سڌ ڪينهي ته هن انهيءَ خاص نالي کي ڇو استعمال ڪيو.

<u>راوي پيو:</u> 1902ع ۾ او هينري نيويارڪ هليو ويو ۽ رسالن ۾ ڪهاڻيون لکڻ لڳو. انن ورهين جي دوران هن لڳ ڀڳ ٽي سؤ ڪهاڻيون لکيون ۽ 1910ع ۾ جڏهن گذاري ويو ته اُنهن جو ڳاڻيٽو ڇهه سؤ تي چڪو هو. او- هينري پنهنجي ڪهاڻين جي ڇرڪائيندڙ ڪلائيميڪس ڪري مشهور ۽ اڄ تائين اهڙين ڪهاڻين لکڻ ۾ ڪانئس ڪو به ڪوءِ ڪٽي نه سگهيو آهي.

<u>راوي پهريون:</u> اسان هتي اوهينري جي ڪهاڻي The Cop and the Anthem جو ترجمو 'سپاهي ۽ گيت' پيش ڪريون ٿا. اها ڪهاڻي سندس مشهور مجموعي The Four Million مان ڪنيل آهي.

<u>راوي پيو:</u> هن ڪهاڻيءَ جي مُک ڪردار 'سوپي' جو سڏيو ويندو هو، انهيءَ جي ڪنهن ڪي به سُڌ ناهي پر سوپي کي پنهنجي زندگي جو ڍنگ پيارو لڳندو هو. ڪيس جيڪي وڻندو هو، سو ڪندو هو ۽ ڪيس ڪجهه نه ڪرڻ وڻندو هو. ڪيس بهار، اونهاري ۽ پن‌ڇڻ جون موسمون ته ڏاڍيون وڻندڙ هيون، پر سيارو سهڻ ڪان ٻاهر هو. جڏهن نومبر جو مهينو ايندو هو ته 'سوپي' اُتان هليو ويندو هو. نيويارڪ جا رهواسي گهڻو ڪري ائين ڪندا آهن. اُهي فلوريڊا هليا ويندا آهن، جتي پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ گهڻو ئي خرچ ڪندا آهن. پر سوپي ائين نٿي ڪري سگهيو. ڪيس فلوريڊا جي گرم فضا ۾ رهڻ جو موقعو مليو، جتي ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڪاڏو ميسر ٿيس، جنهن لاءِ ڪيس ٽڪو به خرچ ڪرڻو نه پيو. سندس ذهن ۾ هڪ سادي تجويز اُڀري آئي: هن قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي، جنهن ڪري ڪيس ٽي مهينا جيل ۾ بند ٿيڻو پيو.

<u>راوي پهريون:</u> گذريل پن‌ڇڻ جي مُند ۾، جڏهن پارڪ ۾ رات جي ٿڌ ۾ گذارڻ ڏکيو ٿي پيو ته سوپي محسوس ڪيو ته سياري جي ساليانې ٽرپ لاءِ انتظام ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. ڪيس چڱي طرح سُڌ هئي ته ڪيس ڇا ڪرڻو هو. هو وڏراهه تان هلندو، هڪ وڏي ڊپارٽمينٽل اسٽور جي اڳيان بيهي رهيو. هن پنهنجي کيسي مان هڪ پٿر ڪڍيو ۽ دريءَ جي هڪ شيشي کي نڪاءُ ڪرايائين.

<u>راوي پيو:</u> پوءِ هو ماٺ ڪري دريءَ جي پرسان بيهي انتظار ڪرڻ لڳو ته اوچتو هڪ سپاهي ڪُنڊ ڪان ٻوڙندو آيو.

سپاهي: دريءَ کي پٿر ڪنهن هنيو؟

سوپي: مون.

سپاهي: ڇا؟ تو؟ دريءَ کي پٿر تو هنيو آهي؟

سوپي: چيم نه، ته مون هنيو آهي.

سپاهي: نه نه، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

سوپي: توکي اعتبار نٿو اچي؟ ڏسين نٿو ته مان هتي اڪيلو بيٺو آهيان ۽ ٻيو ڪو هتي آهي به ڪونه.

سپاهي: پري ٿي بيهه! توکي خبر آهي ته آئون ڪير آهيان؟

سوپي: خبر اٿم، سپاهي آهين ۽ اجهو مون کي گرفتار ڪندين، مون ئي ته دري ڀڳي آهي.

سپاهي: ڏس! جيڪڏهن تو ڀڳي هجي ها ته هينئر هتي بيٺل نظر نه اچين ها. هاڻي ٽري وڃ. مون کي اهو بدمعاش ڳولڻ ڏي، جنهن هيءَ دري ڀڳي آهي.

سوپي: پر مان توکي چوان پيو ته دري مون ڀڳي آهي! مون ڀڳي آهي! (پاڻ کي مخاطب ٿيندي) اڙي هي ته هليو ويو. مان سمجهان ٿو، ته مون کي جيڪڏهن گرفتار ٿيڻو آهي ته هاڻي مون کي ٻيو ڪو داءُ لڳائڻو پوندو.

راوي پهريون: سوپي انهيءَ وڏراهه تان موٽڻ لڳو ۽ جلد ئي هڪ ٻئي اسٽور تي آيو. هِن ڀيري، هو ڪا به دري نه ڀڳي. ان جي بدران هو هڪ نوجوان ڇوڪريءَ ڏانهن وڌي ويو جيڪا دڪان ۾ وڪري لاءِ رکيل شين ڏانهن نهاري رهي هئي.

سوپي: (پاڻ کي مخاطب ٿيندي): هي سپاهي به هن پاسي پيو نهاري. ڏاڍو سٺو! (زور سان ڳالهائيندي) سلام نوجوان خاتون! اوهان مون سان ڪافي پيئڻ پسند ڪنديون؟

ڇوڪري: ڇا چيوَ؟ توهان مون کي ڪجهه چيوَ؟

سوپي: جي ها، مان اوهان سان مخاطب آهيان. اچو ته هُن ڪيفي ۾ هلي ڪافي پيئون.

ڇوڪري: ڪافي؟ توهان سان؟

سوپي: جي ها!

چوڪري: ڏاڍو سٺو. مون کي خوشي ٿيندي.
سوپي: بيشڪ.
چوڪري: مون اڄهو ڪافيءَ جو سوچيو پئي. منهنجو نالو سئلي آهي. سئلي ملر. مان پٽسبرگ کان نيويارڪ نوڪريءَ لاءِ آئي آهيان، پر منهنجو هتي ڪو به ڄاڻوسڃاڻو ناهي. توهان پهريان شخص آهيو، جنهن مون سان همدرديءَ جا ٻه ٻول ٻوليا آهن. آئون سچ پچ تہ اوهان جي ٿورائتي آهيان.
راوي ٻيو: ويچارو سوپي! سندس ٻيو منصوبو پڻ ناڪام ويو. هاڻي منجهند ٿي ويئي هئي. هڪ ريسٽارنٽ ويجهو هئس، تنهنڪري ماني کائڻ جو سوچيائين. ويٽريس سوپي جي ڪپڙن جو حال ڏسي ٿورو هٻڪي، پر پوءِ کيس هڪ ڪنڊ واري ٽيبل ڏانهن وٺي ويئي.
ويٽريس: سائين، هيءَ خالي ٽيبل اٿوَ.
سوپي: سٺو هنڌ تہ ناهي، پر ٺيڪ آهي، هلي ويندو.
ويٽريس: هي مينيو اٿوَ. آئون آرڊر وٺڻ لاءِ اڄهو وري حاضر ٿيان ٿي.
سوپي: ٺيڪ آهي. (پاڻ کي مخاطب ٿيندي) ڏسان تہ سهي. ڪا چڱي ماني تہ کائجي. پيسو تہ مون کي ڏيڻو ناهي. هن ۾ ڏاڍا سٺا طعام آهن: ڀُڳل گوشت، پڪل ران، تريل چوزو، ٻاڦ تي پڪل. ڏاڍو سٺو! صوف جو سموسو پڻ آهي. ميوي کائڻ لاءِ ٻہ ٿوري جاءِ رکڻي پوندي. چا ٻہ ٿئي، اڄ تہ کائي ڏيؤ ڪبو.
ويٽريس: سائين، هاڻي پنهنجو آرڊر نوٽ ڪرايو. اوهان ڇا کائڻ ٿا پسند ڪريو؟
سوپي: اول تہ ڀاڄين جو سُوپ آڻ. ڪاڏي ۾ ٽِي اسٽِيڪ سان گڏ فرينچ تريل پٽاٽا هجن.
ويٽريس: اسٽِيڪ ڪهڙا هجن؟
سوپي: درمياني هجن. گهٽو پڪل نہ هجن.
ويٽريس: اوهان ٻي ڪنهن ڀاڄي جي ٻہ چونڊ ڪري سگهو ٿا.
سوپي: سايون ڦريون. نہ، اهي نہ، پر اپريگس (aparagus) آڻج.
ويٽريس: سلاد پسند ڪندؤ؟
سوپي: ها، ڪاهُو ۽ روسي ڊريسنگ سان ٽماٽي جي سلاد.

ويٽريس: يلا ڪافي مانيءَ سان گڏ پسند ڪندؤ؟
سوپي: نہ، اُها پوءِ. آئون ڪافي ميوي سان گڏ وٺندس.
ويٽريس: معاف ڪجو، پر اها چڱي گهڻي ماني آهي ۽ مان... ٺيڪ آهي، اها...
سوپي: ها، پوءِ؟
ويٽريس: منهنجو مطلب آهي... توهان وٽ ايتري ماني لاءِ پيسا آهن؟
سوپي: معاف ڪجو! اهڙا سوال پڇڻ، هن ريسٽارنٽ جو رواج آهي ڇا؟
ويٽريس: مون کي افسوس آهي، سائين!
سوپي: آئون ان باري ۾ مئنيجر سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو. زندگيءَ ۾ منهنجي اهڙي بي عزتي نہ ٿي آهي!
ويٽريس: مون کي معاف ڪريو، سائين. آئون اجهو اوهان لاءِ سُوپ آڻيان ٿي.
راوي پهريون: سوپي منجهند جو پيٽ ڀري ماني کاڌي. اهڙي لذيذ ماني، هن مهينن کان پوءِ کاڌي هئي. ماني کائڻ کان پوءِ، هن هڪ قيمتي سگار آڻڻ جو آرڊر ڏنو، جيڪو هو ٺيڪ ڏيئي مزي سان ڇڪڻ لڳو.
ويٽريس: سڀ ٺيڪ هو نہ، سائين؟
سوپي: کاڌو تمام لذيذ هو. البت اسٽِيڪ ٿورو وڏيڪ نرم هجي ها تہ بهتر هو، پر ٻي طرح مون کي ڪا شڪايت ناهي.
ويٽريس:مون کي ان ڳالهہ جي خوشي آهي جو اوهان کي ماني پسند آئي. اجهو هيءُ بل آهي سائين.
سوپي: اوهہ ها، منهنجو بل. ڪيترو آهي؟
ويٽريس: ڇهہ ڊالر ۽ پنجيتاليهہ سينٽ.
سوپي: آئون ڏسان. ها هر شيءِ ٺيڪ ترتيب سان آهي. هاڻي، مهرباني ڪري پنهنجي مئنيجر کي تہ سڏي وٺ.
ويٽريس: اوهہ، سائين! اوهان جيڪڏهن پنهنجي آرڊر کان اڳ واري منهنجي ڇيل ڳالهہ جي باري ۾ ڪيس شڪايت ڪندؤ تہ هو پڪ سان مون کي ڇينيندو.

سوپي: انهيءَ ڳالهه جو توسان واسطو ناهي. مهرباني ڪري ڪيس سڏينس.

ويٽريس: حاضر سائين.

سوپي: (پاڻ کي): اهو طريقو پڪ سان ڪامياب ٿيندو. جڏهن آئون ڪيس ٻڌائيندس ته آئون بل جا پيسا ادا نه ٿو ڪري سگهان ته هو سپاهي کي سڏيندو ۽ مون کي گرفتار ڪرائيندو.

مئنيجر: مون کي ويٽريس ٻڌايو ته توهان مون سان ملڻ ٿا چاهيو. آئون اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري ٿو سگهان؟

سوپي: انهيءَ سوال جو جواب اوهان کي ڏيڻو آهي. مون اڄهو هاڻي ماني کاڌي آهي، جنهن جو بل ڇهه ڊالر ۽ پنجيتاليهه سينٽ آهي. ماني ڏاڍي لذيذ هئي. اهڙي ماني مون کي ڪيترن مهينن کان پوءِ نصيب ٿي هئي.

مئنيجر: مهرباني. مون کي انهيءَ ڳالهه جي خوشي آهي ته ماني اوهان کي پسند آئي.

سوپي: هاڻي مانيءَ جو بل. مون بل چڪاسيو آهي. بلڪل صحيح قيمت لڳائي ويئي آهي. پر هاڻي آئون اهو ٻڌايان ته مون وٽ ڇهه ڊالر ۽ پنجيتاليهه سينٽ ته نهيو، پنجيتاليهه سينٽ به ناهن. انهيءَ ڪري مهرباني ڪري سپاهي سڏائي، مون کي گرفتار ڪرايو.

مئنيجر: ته اها ڳالهه آهي. اوهان مون سان گڏجي هلندؤ؟

سوپي: بيشڪ. مون کي اوهان جي اها ڳالهه پسند آئي ته اوهان پنهنجي گراهڪن کي ريسٽارنٽ جي وچ ۾ گرفتار ڪرائڻ پسند نٿا ڪريو. اهو واقعي ڪاروبار لاءِ هاجيڪار آهي.

مئنيجر: اوهان ٺيڪ ٿا چئو. چڱو، هاڻي پاڻ هتي اڪيلا آهيون.

سوپي: پر، مون کي سمجهه ۾ نه آيو. هيءَ ته بورچيخانو آهي!

مئنيجر: تنهنجي نظر تيز آهي. توکي هتي جوٺن برتنن جو ڍڳ پڻ ڏسڻ ۾ ايندو هوندو. هاڻي، منهنجي صلاح آهي ته پنهنجو ڪوٽ لاهه ۽ ٻانهون مٿي ڪنج، جيئن اهي خراب نه ٿين.

سوپي: پر مون ته اوهان کي چيو ته سپاهي کي سڏي، مون کي گرفتار ڪرايو.

مئنيجر: آئون اها صورتحال پنهنجي طريقي سان طئہ ڪندس. هاڻي ڪم ڪي لڳي وڃ ۽ اوستائين لڳو رهہ جيستائين سڀ برتن صاف ٿي وڃن!

راوي پهريون: ٽن ڪلاڪن ڪان پوءِ، ڏيگ سارا برتن صاف ڪري هو ٿڪجي پيو. جڏهن وري گهٽيءَ ۾ آيو تہ رات پئجي ويئي هئي. اوندهہ ڦهلجي ويئي هئي.

سوپي: بهرحال، گهٽ ۾ گهٽ ماني تہ پيٽ ڀري کاڌم. پر هاڻي ڇا ڪريان؟ مان تہ جيل وڃڻ ٿو چاهيان. هن ڪان اڳ اهڙي تڪليف پيش نہ آئي اٿم.

راوي پهريون: سوپي هوريان هوريان گهٽيءَ ۾ هلندو ويو. جيئن هو سگريٽ جي ماڊٽيءَ پرسان لنگهيو تہ ڏٺائين تہ هڪ شخص سگريٽ پئي ورتا. هن پيسا ڪيسي مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجي ڇٽي هيٺ رکي تہ سوپي اڳيان وڌي ويو ۽ سندس ڇٽي کڻي ورتائين.

شخص: اها ڇٽي منهنجي آهي.

سوپي: اوهہ، اها اوهان جي آهي؟ پوءِ اوهان سپاهيءَ کي ڇو نٿا سڏيو؟ هو اڳيان موڙ تي بيٺو آهي. سڏي ونوس نہ. آئون تہ رڳو ڪيس اهو چوندس تہ اها ڇٽي منهنجي آهي.

شخص: نيڪ آهي، پر حقيقت ۾ آئون غلطيءَ تي ٿي سگهان ٿو. ممڪن آهي تہ اها ڇٽي اوهان جي هجي. مون اها غلطيءَ سان صبح جو ريسٽارنٽ مان کنئي هئي. جيڪڏهن توهان کي پڪ آهي تہ اها توهان جي آهي تہ بيشڪ توهان کڻو.

سوپي: ها، منهنجي پڻ اها ئي مرضي آهي.

شخص: پر سپاهي کي نہ سڏجو. حقيقت ۾ مون کي خبر نہ هئي تہ اها ڇٽي منهنجي ناهي. سچ پچ اها ڇٽي بلڪل منهنجي ڇٽي جهڙي ٿي لڳي.

راوي پيو: سوپي نراس ٿي ويو. هوُ سينٽرل پارڪ ۾ گهڻو وقت سمهي نہ سگهيو. راتيون تمام سرد هيون. هن فيصلو ڪيو تہ هن سال ڪوشش ڪرڻ جي باوجود سندس جيل وڃڻ ممڪن نہ هو. هوُ گهٽيءَ ۾ رُلندي رُلندي، هڪ چرچ جي اڳيان وڃي نڪتو. اندران سازن جو

آواز پئي آيو. ڳائيندڙن جي هڪ ٽولي راڳ آلاپي رهي هئي.

سوپي: ڪيڏو نه وڻندڙ راڳ آهي! مون کان سڀ مسئلا ئي وسري ويا آهن. اهو گيت ڪهڙو آهي؟ آئون جڏهن ننڍو هوس ته اهو گيت اسان گهڻو ڪري ڳائيندا هئاسين. اهو گيت مون کي پنهنجو ننڍپڻ ٿو ياد ڏياري. اُن زماني ۾ منهنجي زندگي ڪيڏي نه مختلف هئي. آئون ڪهڙي نه غلط رستي تي نڪري ويس! مون پنهنجو پاڻ کي ڪيڏو نه هيٺ ڪيرائي ڇڏيو! هڪ ڀيري مون ڪجهه ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو هو، پر هاڻي منهنجو حال اهو آهي جو جيل ۾ وڃڻ منهنجي زندگيءَ جو مقصد ٿي پيو آهي. مون کي پاڻ بدلائڻو پوندو. آئون اڃا ٻڍو نه ٿيو آهيان. اڃا به وقت آهي. پنهنجي زندگي نئين سر شروع ڪري سگهجي ٿي. اڄهو گنريل هفتي، مون کي ٽرڪ ڊرائيور جي نوڪري ملي ٿي. مون کي پڪ آهي ته جيڪڏهن آئون چاهيان ته اُها نوڪري اڄ به مِلي سگهي ٿِي. مون ۾ اوچتو ڪيڏي نه تبديلي اچي ويئي آهي! اهو رڳو انهي راڳيندڙن جي ٽوليءَ جي گيت ڪري ٿيو آهي.

سپاهي: اڙي تون؟

سوپي: مان؟

سپاهي: ها، تون! تون هتي چرچ جي ٻاهران ڇا پيو ڪرين؟

سوپي: ڪجهه به نه. مان ته راڳيندڙن جو گيت پيو ٻڌان.

سپاهي: گيت پيو ٻڌين؟ مون سڀ ڪجهه ٻڌي ورتو آهي!

سوپي: چرچ پرسان لنگهيس ته مون اهو گيت ٻڌو، جيڪو آئون جڏهن ننڍو هوس، تڏهن ڳائيندا هئاسين. آئون ٻڌڻ بيهي رهيس. بس اها ڳالهه آهي.

سپاهي: بيشڪ. چڱو، هاڻي بهتر آهي ته مون سان گڏجي هل. اها ڪهاڻي هلي جج کي ٻڌائج. ڪيس تنهنجي ڪهاڻي دلچسپ لڳندي.

سوپي: راڳ ٻڌڻ ڏوهه ته ناهي؟

سپاهي: نه، بلڪل نه. پر رُڳو راڳ هجي ته. هن پاڙي ۾ تمام سنگين ڏوهه ٿيا آهن. مون کي ٻڌاءِ، هن کان اڳ هتي توکي ڏٺو اٿم؟ وڏراهه واري عمارت جي ڀڳل دريءَ جي پرسان بيٺل شخص تون هئين يا نه؟ اها دري به تو ڀڳي آهي. مون سان گڏجي عدالت ۾ هلي پيش ٿيءُ.

<u>سوپي</u>: پر سائين!
<u>سپاهي</u>: اها صفائي جج جي اڳيان پيش ڪج. هاڻي سٽو تي هل.

•

<u>راوي پهريون</u>: سوپي وائڙو ٿي ويو. هو سپاهي سان گڏجي روانو ٿيو. سپاهي ڪيس رات واري عدالت ۾ پيش ڪيو.
<u>جج</u>: ٺيڪ آهي، ٻيو مقدمو! جوابدار کي حاضر ڪيو وڃي!
<u>سپاهي</u>: حضور، مون هن شخص کي ڪلاڪ کن اڳ، سينٽ اينڊريو جي چرچ ٻاهران بيٺل ڏٺو. هي چوي ٿو تہ هن راڳيندڙن جي ٽوليءَ جو راڳ پئي ٻڌو. پر حقيقت ۾ ٻيو مسئلو آهي. هي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن کي مون وڏراهہ واري عمارت جي پڳل دريءَ سامهون بيٺل ڏٺو.
<u>جج</u>: جوابدار کي پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهہ چوڻو آهي؟
<u>سوپي</u>: حضور، سپاهي جيڪي چوي ٿو، اهو سچ آهي. پر...
<u>جج</u>: جيڪڏهن سپاهيءَ جو چوڻ سچ آهي ۽ تو اها دري ڀڳي آهي، تہ پوءِ وڌيڪ چوڻ لاءِ ڪا گنجائش ناهي. توکي ٽي مهينا جيل جي سزا ڏني وڃي ٿي.□□□

# بيزاري

## اَنا ماريا سِمو

### اسپيني (ڪيوبا)

ريڊيو وڄي رهيو هو، وڄندو ئي پئي ويو... ”تنهنجون ڳالهيون، ڪُوڙيون ڳالهيون... ڪُوڙيون موهيندڙ ڳالهيون...“

ريڊيءَ جو آواز ڪنهن لوهي دٻي جي آواز جهڙو لڳي رهيو هو. ڪاش، ’هو‘ اهو سمجهي سگهي! ڪيس سُڌ ناهي تہ هوءَ ريڊيءَ کي ڇا ڪري، اهو هميشہ دڪاندار وٽ ئي مرمت لاءِ پيو هوندو.

”تنهنجون ڳالهيون، ڪُوڙيون ڳالهيون... ڪُوڙيون موهيندڙ ڳالهيون....“

امان! هي ڳائڻو ڪڏهن تڪجي نٿو ڇا؟ ڇوڪري ڪلڻ لڳي. مان بہ ڪيڏي بيوقوف آهيان، هي تہ ريڪارڊ آهي.

ماريا روزا ڪرسيءَ تان هيٺ لٿي. اناؤنسر هاڻي واپارين جا اشتهار پڙهي رهيو هو. هي اشتهار ڪڏهن بہ نٿا بدلجن، هن سوچيو. هوءَ ياد ڪري سگهي ٿي، اهي هوءَ تڏهن کان ٻڌندي پيئي اچي، جڏهن کان ڪيس سانير آهي. ڪرسيءَ تي سندس جُتيءَ جي مِٽي لڳي ويئي هئي. ماريا روزا غير شعوري طور تي اهو ئي صاف ڪيو. ميز بہ تہ صاف ڪرڻي آهي. هن ميز تان جوٺيون پليٽون ڪڻڻ شروع ڪري ڏنيون، ۽ اُهي رڌڻي جي سِنڪ ۾ هڪ ٻئي مٿان رکي ڍڳ ڪري ڇڏيون. مان انهن کي اڄ نہ ڌوئنديس.

اها حيرت جي ڳالهہ هئي تہ ’هُن‘ جوآواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. امان پوڙهي سدائين مون کي دڙڪا ڏيندي رهندي آهي: ’اي ڇوڪري، تون ٿڌي هوا ۾ ٻاهر نڪرندي نہ ڪر، توکي ٿڌ لڳي ويندي.“ منهنجي باري

۾ هوءَ فڪرمند رهندي آهي. نه، منهنجي باري ۾ رڳو فڪر ئي نه پر مون ڪي ستائڻ آهي، مون تي چوويهه ڪلاڪ سخت نگراني رکڻ چاهي تي، امان جي اها آنا آهي. هُن سِنڪ ۾ پليٽن جو ڍڳ لڳائي ختم ڪري ورتو.

ريڊيو پاڻمرادو بند ٿي ويو. اهو وري هلائڻ لاءِ اُن کي ٺپڪڻو پوندو. هوءَ ڊائننگ روم ۾ ويئي ۽ ريڊيئي جي آواز کي گهٽو وڌائي ڇڏيائين. جڏهن ريڊيئي جو آواز گهٽو وڌيو ته انائونسر جو آواز ٻڌي ڪيس ايميليو ياد اچي ويو. هوءَ ايميليو جي خيال ۾ ٻُڏي ويئي. هن پنهنجو پاڻ کي هڪ ويساهه ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي: تي سگهيو تي، اسان شادي به ڪري وٺون ها. وڏي ڇمار وارا ماڻهو ٻاهر هليا ويا هئا، ايميليو به هاڻي ٻاهر رهندو . . . هاڻي جهڙو هو، چڱو هو. هوءَ اڪيلي رهندي.

اندر ۾ هوءَ ڏاڍي ٿڪجي پيئي هئي. هوءَ سوچيندي هئي، جيڪڏهن ٿڪاوٽ ٿيندي ته منهنجي روشني جهڪي پئجي ويندي، ڪنهن ٻڍي عورت وانگر، ڪنهن شڪست کاڌل ٻڍي عورت وانگر!

سمورو گهر اورانگهي هوءَ بينڪ ۾ ويئي. دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين.... ريڊيئي جو آواز ڏاڍو تيز آهي، فريگرام ڪٽنب جا ماڻهو ڇا چوندا؟.... هن پنهنجو پاڻ کي اهو سوچيندي پاتو. ڪيس ياد آيو، 'هوءَ' هميشه اهو ئي چوندي هئي: فريگرام ڪٽنب جا ماڻهو ڇا چوندا؟ مارٽنيج ڪٽنب جا ماڻهو ڇا چوندا؟ سينٽوس ڪٽنب وارا ڇا چوندا؟... فريگرام ڪٽنب وارا جيڪي چاهين چوندا رهن. نيٺ ڪير ٿيندا آهن، اهي فريگرام ڪٽنب جا ماڻهو ڪجهه چوڻ وارا؟

ڪيس وري ٿڪاوٽ محسوس ٿي.

هُن دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. فريگرام ڪٽنب وارا پورچ ۾ ويٺا هئا. اهي هر روز رات جو اِتي ئي ويهندا هئا. انائونسر به ساڳيو ڪم ڪري رهيو آهي. ۽ هوءَ پاڻ به.

هوءَ دريءَ کان پاسيرو ٿي، پٺ تي ٽنگيل آئيني ۾ پنهنجي پاڻ کي ڏسڻ لڳي. آئيني ۾ چير پئجي ويو هو. اُنهيءَ جي هنڌ تي نئون آئينو ڪيس آڻڻو ئي پوندو. ڪيس سُڌ هئي ته هوءَ نئون آئينو نٿي آڻي

سگهي. انهيءَ ڳالهه جي ياد ۽ جاڻ تمام پراڻي هئي، ۽ سيني ڳالهين وانگر. هُن آئيني ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺو، جيڪو بلڪل سامهون ٽنگيل هو. اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ هلو، ڇڏيوس، ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ سڀ ڏينهن هڪجهڙا آهن. هوءَ ڪلڻ لڳي.... اڄ، ڪالهه گذري ويا، سڀاڻي ٿيندو... اُهو ته اهڙو نه هوندو!

مان هاڻي ڇا ڪريان؟ ڪيس سُڌ هئي ته اهو سوال اڄايو آهي هوءَ ماريا روزا برمُديج، اهو ئي ڪجهه ڪندي جيڪو هن هميشه ڪيو آهي. اُتي سڀ اهو ئي ڪندا هئا. هوءَ مقامي سنيما _ گهر نه ويندي... اصل ۾، هوءَ ميڪسيڪن فلم ۾ اڳيئي ٻه ڀيرا ڏسي چڪي آهي. هن سوچيو، هلو فريگاس ڪٽنب سان پورچ ۾ ويهان، ڳالهيون ڪريان، ڳالهيون مان ڪري سگهان ٿي.

ڪيس سُڌ هئي ته هوءَ ڳالهيون ڪري سگهندي، يا انهيءَ ۾ به شڪ هو. هوءَ فريگاس ڪٽنب سان پلي اڄايو سڄايو ڳالهائي سگهي ٿي؛ فريگاس، سينٽوس ۽ پيريز ڪٽنبن سان پلي ڪل پوڳ ڪري سگهي ٿي، پر ڳالهيون نٿي ڪري سگهي، ڇو جو اهي ڪٽنب ڳالهيون رڳو پنهنجي ئي باري ۾ ڪري سگهيا ٿي، پنهنجي اڻ وٽندڙ مٺيهاڻي زندگيءَ جي باري ۾ ۽ اُها به ڏاڍي اطمينان ۽ فخر سان.

اوچتو ڪيس ريڊيو ياد آيو. اُهو اڃا به وڄي رهيو آهي. ڪافي بجلي ضايع ٿي رهي آهي. هُن اُن کي بند ڪرڻ گهُريو ٿي، پر هُن ائين نه ڪيو.

ڪيس دل ۾ آيو: ڪيئن ٿيندو، جيڪڏهن هوءَ ايميليو سان شادي ڪري ڇڏي؟ . . . هر شيءِ ساڳي رهندي، جهڙي هاڻي آهي. انهيءَ ڪان به خراب. هوءَ هڪ ٿلهي عورت بنجي ويندي، وفادار ۽ ٻار پاليندڙ.

اڃا وڏيڪ ٿڪُ محسوس ڪندي هن گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو. اٺ وڄي چڪا هئا. اڌ ڪلاڪ ۾ فريگاس ڪٽنب جا سڀ ڀاتي، ۽ ٻين ڪٽنبن جا ٻه، سمهڻ لاءِ هليا ويندا. ڇو نه مان به ڪنهن پاڙيسري سان گڏجي دڪانن جي درين مان ڏسان. نه، دڪانن جون دريون سدائين ساڳيون ئي هونديون آهن. ڪپڙن جا ڍڳ. هڪ ڪپڙي جي مٿان ٻيو ڪپڙو. ڍڳ ئي ڍڳ. ڪپڙن جا. بلڪل هڪ جهڙا ماڻهو. سدائين، ساڳيا جا ساڳيا.

دڪانن جون دريون، سنيما، انائونسر، شهر، ماڻهو، هوءَ پاڻ بہ . . .

ريڊيو تي هاڻي بہ ڪن ڪائيندڙ سنگيت پئي وڳو.

ساڍا اٺ. فريگاس ڪٽنب جا ڀاتي گهر اندر وڃي رهيا آهن. دروازا بند ٿي رهيا آهن. هوءَ دري بند ڪرڻ لڳي. ٿي سگهي ٿو تہ سڀ ڪجهہ بدلجي وڃي. هاڻي بدلجڻو ئي پوندو. هن دروازو کولي ڇڏيو. بينڪ جون سڀ بتيون ٻاري ڇڏيائين. بجلي ضايع ٿي رهي آهي. هوءَ سمهڻ وارن ڪمرن ۾ ويئي ۽ بتيون ٻاري ڇڏيائين. ڇا ٿيو جيڪڏهن بجلي ضايع ٿي. سندس ماءُ چوندي هئي: بجلي مهانگي آهي. هوءَ ڊائننگ روم ۾ ويئي. مون کي ريڊيو بند ڪرڻ گهرجي، ڪافي دير ٿي ويئي آهي. ڪيس خبر هئي تہ هوءَ ريڊيو بند نہ ڪندي. هن ريڊئي جو آواز اڳي ڪان وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو . . . اسٽيشن بدلايائين. ڪيس وري اُهو ئي اڳيون آواز ٻڌڻ ۾ آيو . . . تنهنجون ڳالهيون، ڪوڙيون ڳالهيون . . . ڪوڙيون موهيندڙ ڳالهيون . . . هميشہ ساڳيون. هوءَ کلڻ لڳي. "تنهنجون ڳالهيون، ڪوڙيون ڳالهيون . . . ڪوڙيون موهيندڙ ڳالهيون . . ." ساڳيون! ساڳيون! ساڳيون!

هوءَ شڪست کائي چڪي هئي!

ساڳيون، هن چپن ئي چپن ۾ چيو.

هوءَ ڪرسيءَ تي اُٿي بيٺي. ساڳيو، هميشہ ساڳيو. هن ڪرسيءَ تان هيٺ ٽپ ڏنو. بس رسيءَ جو ڦاهو ڳچيءَ ۾ قابو ٿي ويو ۽ هوءَ ٽنگجي ويئي.

"تنهنجون ڳالهيون، ساڳيون ڳالهيون..... ڪوڙيون موهيندڙ ڳالهيون....." گهر جون سموريون بتيون ٻري رهيون هيون.□□□

# آدرش جو انت

## جان گالسوَردي

### انگريزي (انگلنڊ)

آئون ڪيس ننڍپڻ کان سڃاڻيندو هوس. هُو منهنجي پيءُ جا بوٽ ناهيندو هو ۽ ٻن ننڍين دڪانن کي گڏي هڪ ڪري، پنهنجي ڀاءُ سان گڏ ويسٽ اينڊ جي اُنهيءَ گوڙ ٻڪيڙي واري رستي تي رهندو هو، جيڪو هاڻي ويران ۽ سڃو ٿيو پيو هو. دڪان بلڪل سادو هو ۽ اِها انهيءَ جي خصوصيت هئي. مٿس اهڙو ڪو نالو نشان نہ هو، جنهن مان اها خبر پوي تہ شاهي گهراڻي جا بوٽ اُتي ٺهندا آهن. سائين بورڊ تي فقط جرمن نالو "گيسلر بردرس" ئي لکيل هو. دريءَ ۾ بوٽن جا جوڙا رکيل هوندا هئا. مان انهن بوٽن ۾ ڪڏهن بہ ڪا ڦيرگهير نہ ڏسي گهڻو ڪري سوچ ۾ پئجي ويندو هوس تہ دريءَ ۾ سڄايل بوٽ هن خريد ڪري رکيا هئا! پر اهڙي ڳالهہ سوچي بہ نٿي سگهي ويئي. هو پنهنجي دڪان ۾ چمڙي جو هڪ بہ اهڙو ٽڪر نہ رکندو هو، جنهن تي سندس محنت نہ ڪيل هجي. اُهي بوٽ ڪيترن ئي نمونن جا هئا جيڪي ڏاڍا سهڻا هئا.

آئون بوٽ ٺهرائڻ لاءِ چوڏهن ورهين کان ئي وٽس اچڻ وڃڻ لڳو هوس. سندس ۽ ڀاڻس جي فن جو مون تي ڪافي اثر پيل هو ڇو تہ هن جي ناهيل بوٽن جهڙا ٺهرائڻ اڄ بہ ناممڪن نظر ٿو اچي. گهڻا ڏينهن ٿيا، ڪيس پنهنجو پير ڏيکاريندي جيڪا ڳالهہ چئي هئم سا اڃا تائين ياد اٿم: "مسٽر گيسلر، ڇا توهان جو هي ڪم ڏکيو ناهي؟" ۽ هن کلندي وراڻيو هو: "هيءَ تہ هڪ فن آهي."

سندس قد ننڍو پر جسم ٿاٺيل هو جيڪو نوس چمڙي جو نهيل لڳندو هو. سندس وڏو پاءُ رُڪو ماٺهو هو ۽ پنهنجي پاءُ کان تمام گهٽو ڏگهو هو. پوءِ بہ انهن ٻنهيءَ ۾ چڱي مشابهت هئي.

جيئن جيئن مان وڏو ٿيندو ويس، تيئن منهنجو خرچ وڌندو ويو ۽ ڪيترن ئي دڪانن تي منهنجو اُڌار کاتو هلڻ لڳو. پر گيسلر برادرس وارن وٽ مان ائين ڪرڻ جي همت نہ ڪري سگهيس. ٻن جوڙن جي تہ خير، پر ان کان مٿي اوڌر نہ ڪندو هوس. سندس بوٽن جي مضبوطي ڪجهہ اهڙي هوندي هئي جڻ هن پنهنجي روح کي سلائي سان گڏ داخل ڪري ڇڏيو هجي.

ٻين دڪانن وانگي، هن کان جلديءَ ۾ بوٽ خريد ڪري جند ڇڏائڻ جي ڪوشش مون ڪڏهن نہ ڪئي. آئون ونس اهڙي موڊ ۾ ويندو هوس جڻ ديول ويندو هجان. اُتي وڃي آئون ڪرسيءَ تي ويهي رهندو هوس ۽ سندس انتظار ڪندو هوس ڇو تہ اتي گهٽو ڪري ڪو بہ گراهڪ نہ هوندو هو. پوءِ سُتتئي چمڙي جي مهڪ سان ڀريل انهيءَ اونداهي دڪان جي مٿئين حصي مان ڪاٺ جي ڏاڪڻ تي سندس يا سندس ڀاءُ جي آواز ۽ پيرن جي سليپرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي ۽ هُو ٻنان ڪوٽ پاتي، جهُڪي اچي بيهي رهندو هو، جڻ بوٽن جا سپنا ڏسندي ڪيس اوچتو جاڳايو ويو هجي.

۽ ان مهل آئون چوندو هوس: ”مسٽر گيسلر، طبيعت تہ نيڪ آهي نہ؟ منهنجي لاءِ سانبر جي کل جو هڪ جوڙو ناهي ڏيندؤ؟“

ورندي ڏيڻ کان سواءِ هُو مون کي وري آرام ڪرڻ لاءِ ڇڏي ويندو ۽ آئون ڪرسي تي ويهي سندس ناهيل بوٽن جي مهڪ سِنگهندو هوس. پوءِ هو جلدي پنهنجي ڪمزور ۽ سنهڙن هٿن ۾ پوري سونهري رنگ جو چمڙو کڻي ايندو ۽ ان تي نگاهہ ڄمائيندي چوندو: ”ڏس، ڪيڏو نہ خوبصورت آهي!“

جڏهن آئون بہ انهيءَ جي واکاڻ ڪري پوري ڪندو هئس تہ هو پڇندو: ”بوٽ ڪڏهن کپن؟“

”جڏهن ڏيئي سگهو.“

”پندرنهن ڏينهن ۾؟“

هاڪار ڪري آئون اتي بيهندس. هُو هٿ ۾ جهليل چمڙي تي نگاهه ڄمائي سلام جو جواب ڏيندو.

پر جيڪڏهن ڪنهن نئين فيشن جو بوٽ نهرائڻو هوندو هو ۽ اهو هُن ان وقت تائين ناهيو نہ هوندو تہ سندس طريقو بدلجي ويندو هو. منهنجي پير جو بوٽ لهرائي، هُو پنهنجي هٿ ۾ ڪٺي ويندو ۽ گهري نگاهہ سان جاچيندو، پوءِ هڪ ڪاغذ تي منهنجو پير رکائي پنهنجي ڏڪندڙ آڱرين سان خاڪو لاهيندو ۽ منهنجي پسنديءَ جي باري ۾ پڇندو.

آئون اُن ڏينهن واري ڳالهہ اصل وساري نٿو سگهان جڏهن مون کيس چيو هو: "مسٽر گيسلر، اوهان جو ناهيل اڳيون جوڙو چيچاٽ تو ڪري."

ڪا مهل تہ هُو مون ڏانهن هڪ ٽڪ نهاريندو رهيو هو، ڄڻ انهيءَ اوسيئڙي ۾ هجي تہ آئون پنهنجي ڳالهہ واپس وٺندس يا پنهنجي ڳالهہ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندس.

"منجهس چيچاٽ ٿيڻ تہ نہ گهرجي."

"پر اهو سچ آهي."

"توهان آلو تہ نہ ڪيو اتو؟"

"شايد نہ."

هن پنهنجون نگاهون هيٺ ڪري ڇڏيون ڄڻ انهن بوٽن جي باري ۾ ڪا پراڻي ياد ڀُوليندو هجي

"مون کي افسوس آهي جو مون اجايو انهيءَ بوٽ جو ذڪر ڪيو."

"خير، بوٽ واپس ڏيو، آئون وري ڏسندس." پوءِ هن چيو هو: "ڪِن بوٽن کي ناهيندي اُنهن ۾ اوڻائي رهجي ويندي آهي. جيڪڏهن اها دور نٿو ڪري سگهان، تہ اُنهن جي ڪا قيمت ئي نٿي رهي."

هڪ ڀيري (فقط هڪ ڀيري) تڪڙ ۾ مون ڪنهن ٻئي ڪارخاني جا جوڙيل بوٽ ڳڍا هئا ۽ اهي پائي وٽس ويو هوس. سندس نگاهہ منهنجي پيرن ۾ پيل انهيءَ هلڪي چمڙي تي ڄمي وئي هئي. "اهي بوٽ منهنجا ناهيل تہ ناهن؟" سندس آواز ۾ ڪا خاص ڳالهہ نہ هئي پر

هڪ گنڀيرتا ۽ هڪ وزن ضرور هو. پوءِ هن جهُڪي پنهنجي اڱر سان منهنجي کاٻي پير جي انهيءَ جاءِ تي دٻايو هو جتي ذري بہ خوبصورتي نہ هئي.

”هي چمڙو دٻجي ٿو نہ؟ هنن ڪارخانن کي پنهنجي نالي ۽ ڪم جي ٿوري بہ ڳڻتي ناهي.“ هو ڪافي دير تائين پڙ پڙ ڪندو رهيو. مون کيس ڪاروبار جي باري ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تڪليفن بابت پڙڪ ٻاهر ڪڍندي هِن ڪان اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو.

”اهي وڏا وڏا ڪارخانا بازار ۾ نامڪنيا ٿيندا پيا وڃن ۽ سو بہ محنت جي ڪري نہ. اسان ڪان، جيڪي ساک تي ساهہ ٽا چڏيون، اهي ماني کسيندا ٽا وڃن ۽ اڄ انهيءَ ڪري اسان وٽ ڪم ناهي. توهان پاڻ ڏسو پيا تہ ڏينهون ڏينهن اسان جو ڪاروبار پوئتي پوندو پيو وڃي.“

مون تڪڙ ۾ خريد ڪيل انهن بوٽن جي باري ۾ صفائي پيش ڪرڻ گهري هئي پر سندس آواز ۽ سندس لهجي ۾ ڪو ڦيرو نہ آيو هو. مون کيس انهيءَ وقت ڪيترن جوڙن جو آرڊر ڏنو هو.

پر جنهن ڳالهہ جو بہ امڪان هو، اها ٿي ٿي. ڪارخاني مان اهو خريد ڪيل بوٽ ڏاڍو مضبوط نڪتو ۽ اٽڪل ٻن سالن تائين سندس دڪان ڏانهن وڃڻو ئي نہ پيو. هڪ ڏينهن جڏهن آئون اُتي ويس تہ هِن ڀيري سندس دڪان ڪجهہ وڌيڪ اونداهو ۽ ننيو لڳو ۽ پوءِ هميشہ وانگي هن ڀيري ڪجهہ وڌيڪ دير ائين سندس مٿان ڪان هيٺ لهڻ جي نڪ نڪ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ جڏهن هُو منهنجي ويجهو آيو تہ پنهنجي پراڻي ۽ ڪمزور عينڪ مان جهاتي پائيندي چيائين: ”اوهان اُهي ئي آهيو نہ؟ اُهي ئي؟“

”ها مسٽر گيسلر! پر ڇا ڪريان، توهان جا بوٽ ايترا تہ پائدار آهن جو ڏسو نہ، هينئر بہ ڪيڏي بهتر حالت ۾ آهن.“ ۽ مون پنهنجو پير سندس اڳيان وڌايو.

”ها“ هن وراڻيو. ”شايد ماڻهن کي سنا بوٽ نہ گهرجن.“ سندس آواز جي ڪوڙاڻ ۽ تکاڻ کان بچڻ لاءِ مون جلدي چيو: ”اوهان پنهنجي دڪان جي اها حالت ڇو ڪئي آهي؟“

”ٻئي دڪان ڏاڍا مهانگا ٿا پون.“ هن نرم لهجي ۾ چيو، ”اوهان

ڪي بوٽن جي ضرورت آهي؟“
جيتوڻيڪ مون کي ٻن جوڙن جي ضرورت هئي پر مون کيس ٽن جو آرڊر ڏيئي ڇڏيو.

هن جي خلاف ته نه، پر سندس پيشي جي خلاف سموري دنيا ۾ هڪ سازش هلي رهي هئي ۽ هُو انهيءَ جو هڪ حصو مون کي به سمجهڻ لڳو هو. انهيءَ ڪري مون کي هو ڪونه وڻندو هو. پر مون کي چڱي طرح ياد آهي ته تورن مهينن کان پوءِ جڏهن آئون سندس دڪان وٽان لنگهيو هوس ته محسوس ٿيو هو ته آئون هن پوڙهي کي ڪڏهن به ڇڏي نٿو سگهان. سندس دڪان سامهون ئي هو. دڪان تي چڙهي ڪانئس پڇيم: ”مسٽر گيسلر، ڪهڙو حال آهي؟“
”مان ته نيڪ آهيان،“ هن ڌيمي آواز ۾ وراڻيو، ”پر وڏو ڀاءُ گذاري ويو.“
مون ڏک ونديدي چيو، ”مون کي ڏاڍو افسوس آهي.“
”ها، هو ڏاڍو چڱو هو، بوٽ به ڏاڍا سنا ناهيندو هو پر. . . موڪلائي ويو.“ پوءِ هن ڪنڌ جهٽڪي چيو: ”چڱو، توهان کي بوٽ کپندو ڇا؟ مون وٽ سنو چمڙو آيو آهي.“
مون کيس ڪجهه جوڙن جو آرڊر ڏنو. پوءِ هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ اهي بوٽ مون کي مليا جيڪي اڳين ڪيترن ئي جوڙن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ مضبوط هئا.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ آئون پرڏيهه جي سفر تي هليو ويس. سال کن کان پوءِ جڏهن موٽيس ۽ سندس دڪان تي ويس ته هن سچ پچ مون کي ڪونه سڃاتو. مون چيو: ”مسٽر گيسلر، اوهان جا بوٽ ڏاڍا سنا آهن. سفر ۾ مان سدائين اهي ئي استعمال ڪندو رهيس پر پراڻا نه ٿيا.“
هو سانبر جي انهن بوٽن کي هڪ ٽڪ ڏسندو رهيو. پوءِ هن پنهنجو هٿ منهنجي پير ي رکندي چيو: ”ڇا هي هتي چُڀن ٿا؟ مون کي ياد آهي ته هنن جي ناهڻ ۾ مون چڱي محنت ڪئي هئي.“
مون کيس يقين ڏياريو ته بوٽ بلڪل نيڪ آهن.

”توهان کي ڪجهه جوڙا گهربا؟“ هن پڇيو، ”مان جلدي ئي ڏيندس. اڄ ڪلهه ڪاروبار ۾ جهڪائي آهي.“

”ها، مون کي ضرورت آهي.“

”ڏسان متان توهان جو پير وڌو نه تي ويو هجي.“ منهنجي پيرن جي ماپ وٺندي ۽ انهن تي پنهنجون آڱريون ڦريندي هن اوچتو ڪنڌ کڻي مون کان پڇيو: ”پنهنجي ڀاءُ جي موت بابت اوهان کي نه ٻڌايم ڇا؟“

هو ايترو ڪمزور ٿي ويو هو جو ڏانهس ڏسڻ نٿي ٿيو.

هڪ ڏينهن شام جو انهن بوٽن جو پارسل آيو. کولي انهن چئني جوڙن کي هڪ ئي قطار ۾ رکي ڇڏيم. اهي ڪاريگري ۽ فن جو نمونو هئا. هڪ بوٽ ۾ بل به رکيل هو. هميشه وانگي هن پيري به اها ئي قيمت هئي. هن کان اڳ هن ڪڏهن به مون کي پندرهن ڏينهن کان اڳ بل نه ڏنو هو. مون ڪيس چيڪ ٽپال رستي موڪلي ڏنو.

هڪ هفتي کان پوءِ انهيءَ روڊ تان پئي ويس ته خيال آيم ته ڪيس چئي ڇڏيان ته بوٽ ڏاڍا خوبصورت ۽ پائڻ ۾ ٺيڪ هئا. پر جڏهن آئون دڪان تي آيس ته ڏٺم ته سندس نالي جو بورڊ لڳل نه هو. جلدي اندر گهڙيس. ٻئي ننڍا دڪان هاڻي هڪ دڪان ۾ بدلجي ويا هئا ۽ هڪ انگريز نوجوان اتي موجود هو. پڇيم: ”مسٽر گيسلر آهي؟“

هُن مون کي ٻڌائي ڏنو ۽ پوءِ چيائين ”نه، پر اسان توهان جي خدمت لاءِ حاضر آهيون. هي دڪان اسان ورتو آهي. اوهان اسان جو نالو دروازي تي ڏٺو هوندو.“

مون ڪنڌ ڌوڻي چيو: ”پر مسٽر گيسلر؟“

”هو ته گذاري ويو.“

گذاري ويو؟ پر گذريل اربع جو ته هن هي بوٽ مون ڏانهن موڪليا هئا.“

پر اها ڏکوئيندڙ حقيقت آهي ته هُن پوڙهي فنڪار بُکون ڪاٽي پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيو.“

”ڊاڪٽر ٻڌايو ته اهو سڀ ڪجهه بکون ڪڍڻ جي ڪري ٿيو هو. اوهان کي شايد سُڌ ناهي ته هن جي ڪم ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هو. هُو اڪيلو ئي دڪان هلائيندو هو. ڪنهن کي بوٽ جي تري کي به هٿ

لڳائڻ نہ ڏيندو ھو. آرڊر جو وقت لنگھي ويندو ھو ۽ ماڻھو تيستائين انتظار نٿي ڪري سگھيا. اھڙي طرح ھڪ ھڪ ڪري سندس گراھڪ ڪانئس پري ٿيندا ويا. پر انھيءَ ۾ ڪو شڪ ناھي تہ ھن جھڙو ٻيو ڪاريگر سموري لنڊن ۾ نہ ھو. ٿورو اڄ جي بازار جو لاھ چاڙھ ڏسو، پر ھن ڪڏھن بہ نڳي نہ ڪئي. ھن جو چھرو سدائين اعليٰ قسم جو ھوندو ھو. ھو پنھنجي ھٿن سان بوٽ ٺاھيندو ھو ... پر نتيجو توھان جي اڳيان آھي، سندس انھيءَ آدرش جو انت انھيءَ ڪان سواءِ ڇا ٿي ٿي سگھيو؟"

آئون ماٺ ٿي ويس. مون ڪان ڪو اکر نہ اُڪليو.

"ٿي سگھي ٿو، آئون ڳالھ وڏائي چوندو ھجان، پر مون ڪيس رات ڏينھن بوٽن ۽ فقط بوٽن ۾ ئي رڌل ڏٺو. ماني ڪائڻ جو وقت بہ ھُو ڪڏي نہ سگھندو ھو. پيسو بہ وٽس بچندو نہ ھو. سڀ ڪجھ چمڙي جي قيمت ۽ دڪان جي مسواڙ ۾ خرچ ٿي ويندو ھوس. ھيڏي ڊگھي عرصي تائين ھو جيئرو رھيو، اھا ئي تعجب جي ڳالھ آھي. سچ پچ ھو ھڪ عجيب ماڻھو ھو، پر بوٽ ڏاڍا عمدا ٺاھيندو ھو."

"ھا،" مون ساڏارڻ آواز ۾ چيو، " پر ھو بوٽ ڏاڍا عمدا ٺاھيندو ھو.

۽ آئون تيزيءَ سان ٻاھر نڪري آيس ۽ انھيءَ انگريز نوجوان اڳيان اھو ظاھر ٿيڻ نہ ڏنم تہ منھنجين اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا ھئا.□□□

# ڏوراپو

## گرهام گرين

### انگريزي (انگلنڊ)

هو ٻيئي باغيچي ۾ بينچ تي ڪُجهه دير کان چُپ چاپ ويٺا هئا. اهو شروعاتي اونهاري جو ڏاڍو چٽو ڏينهن هو. آسمان ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ اڇا بادل پکڙيل هئا، پر ممڪن هو ته بادل وکري وڃن ۽ آسمان نيرو صاف ڏسڻ ۾ اچي.

ٻيئي چڙهيل عمر جا هئا، پر ٻنهيءَ مان ڪنهن کي به وڃايل جوانيءَ جو ڀرم ناهي رکڻ جو چاهه نه هو. هونئن مرد پنهنجي ريشمي مڇن جي ڪري گهڻو وڏيڪ ناهوڪو ڏسڻ ۾ تي آيو، جيترو هن پنهنجو پاڻ کي سمجهيو تي ۽ عورت به آرسيءَ واري پنهنجي عڪس کان گهڻو وڏيڪ مَن موهيندڙ ڏسڻ ۾ تي آئي.

گنڀيرتا ٻنهيءَ ۾ هئي ۽ اهائي ٻنهيءَ ۾ هڪجهڙائي هئي. ٻنهيءَ جي وچ ۾ پنجن منٽن جي وڇوٽي هئي، جنهن مان لڳو تي جڻ هو عرصي کان پرٽيل هجن ۽ ڏکهي وقت جي سات سبب سندن صورتون به پاڻ ۾ ملڻ لڳيون هيون. ٻنهيءَ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي واچ ڏٺي تي، جو ته ٻنهيءَ وٽ اها نويڪلائي توري ئي وقت لاءِ هئي...

مرد ڏکهو ۽ بدن ۾ سنهو هو. نقش نازڪ، چهرو سادو پر منجهس سونهن هئي، سهجتا هئي. پرسان چٽي پيئي هيس...

عورت پهرين نظر ۾ هڪ ٿڌي ۽ تراشيل ٺنگن واري تصوير جهڙي ڏسڻ ۾ تي آئي. چهري مان لڳو تي جڻ اهو گرميءَ جو

ڏينهن هن لاءِ هڪ اداس ڏينهن هجي؛ پر پوءِ به هوءَ واچ جو چيو مڃي اٿڻ لاءِ تيار هجي ...

هو شايد هڪٻئي سان ڳالهائين ئي نه ها، جيڪڏهن پرسان به شرارتي ڇوڪرا نه لنگهن ها. انهن مان هڪ جڻي جي ڪلهي ۾ ريڊيو لٽڪيل هو ۽ ٻئي، پنهنجي ڏيان ۾ گم ڪبوترن کي پئي ماريو، اڏاريو ۽ ستايو. هڪ ڪبوتر کي ڪتي وڏيڪ ڏڪ لڳي ويو هو ۽ اُهي ڇوڪرا اُنهيءَ ڪبوتر کي ڦتڪندو ڇڏي اڳيان نڪري ويا هئا.

مرد اٿيو، پنهنجي ڇٽيءَ کي ڇهبڪ جيان جهليائين،

”بدمعاش!“ سندس واتان نڪتو.

”ويچارو ڪبوتر!...“ عورت ڏڪندڙ ڇپن سان چيو.

ڪبوتر جي هڪ ٽنگ مُڙي ويئي هئي ۽ هڪ پاسي جو کنڀ هيٺ لڙڪي پيو هو. هن زمين تي ڪئين ڀيرا ليٽڙيون پاتيون پر اڏامي نه سگهيو.

”توهان هڪ ڪن لاءِ ٻئي ڪنهن پاسي نهاريو.“ مرد چيو ۽ ڇٽي هڪ پاسي ٽِڪائي ڪبوتر کي ڪٽي ۽ جلدي سندس ڳچي مهٽڻ لڳو. ”اهو هڪ ڍنگ آهي جو پکي پاليندڙن کي ڄاڻڻ ضروري آهي.“ وري هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڊسٽبن ڳوليو ۽ هوريان ڪبوتر کي منجهس وجهي ڇڏيائين.

”هاڻي ٻيو ڪجهه نٿي ٿي سگهيو،“ مرد مُڙي پڇتاءَ وچان چيو.

”آئون اهو نٿي ڪري سگهيس...“

”ڪنهن کي مارڻ، اسان جي يُگ جو هڪ سوکو ڪم آهي...“ مرد جي ڳالهه ۾ ڪؤڙاڻ هئي.

هاڻي جڏهن هو واپس بينچ تي اچي وينو، ته اُنهن جي وچ ۾ ساڳي وِٿي نه هئي. هاڻي هو موسم بابت ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ڪري سگهيا پئي ـ جيئن گذريل ڪُمنداٽتو سيءُ هو... انهيءَ کان اڳئين هفتي...

عورت جو انگريزي لهجو ڪيس وٽيو ۽ هن فرينچ گهٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪانئس معافي گهري. عورت ٻڌايس ته هن انگريزي

ڪٿي ۽ ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهي هئي.
”اهو سمنڊ - ڪناري جو شهر...“
”سمنڊ هميشه مون کي سليٽي لڳندو آهي...“
پوءِ ٻئي ڪافي دير پنهنجي هيڪل هيڪل ماٺ ۾ وينا رهيا. پوءِ مري ويل جي باري ۾ سوچيندي عورت ڪانئس پڇيو، ”هو ڪڏهن فوج ۾ به هو؟“
”نه، جڏهن لڙائي لڳي ته آئون چاليهن ورهين جو هئس.“ مرد ٻڌايس، ”هڪ پيري سرجري مِشن تي هندوستان ويو هئس: مون کي هندوستان ڏاڍو وڻيو هو.“ ۽ مرد جي اکين ۾ ياد جي چمڪ اچي ويئي. هو عورت کي لکنؤ ۽ آگري جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. پراڻي دهليءَ جون به. ۽ چوڻ لڳو، ”مون کي رڳو نئين دهلي چڱي نه لڳي، چو ته اها ڪنهن انگريز ٺاهي هئي، انهيءَ مان مون کي واشنگٽن جو خيال ايندو رهيو...“
”اوهان کي واشنگٽن پسند ناهي؟“
”سچ چوان ... مون کي پنهنجي ملڪ ۾ مزو نه ايندو آهي. مون کي پراڻيون شيون وڻنديون آهن، انهيءَ ڪري مون کي هندوستان وڻيو هو، مون کي بلڪل پنهنجو لڳو هو... ائين جيئن هاڻي فرانس لڳي ٿو... منهنجو ڏاڏو برٽش ڪائونسل هونائيس ۾...“
”تڏهن اهو بلڪل نئون شهر هو...“
”ها، پر هاڻي اهو پڪي عمر جو ٿي ويو آهي. اسان امريڪي جيڪي ڪجهه جوڙيون ٿا، اهو خوبصورتيءَ سان گڏ پوڙهو نٿو ٿئي...“
”اوهان شادي ڪئي آهي يا نه؟“
مرد ٿورو هٻڪيو، پوءِ چيائين، ”ها“ ۽ هُن چٽي سياويڪ ڍنگ سان جهلي ورتي، جڻ انهيءَ وقت کيس ڪنهن سهاري جي ضرورت هجي.
”مون کي اها ڳالهه پڇڻ نه گهرجي ها...“
”چو نه ... ۽ توهان؟“ مرد، عورت کي ڪجهه راحت ڏيڻ جي خيال کان پڇيو، جيتوڻيڪ سندس هٿ ۾ شاديءَ جي مُنڊي چٽي

ڏسڻ ۾ پئي آئي.

"ها."

"هاڻي مرد کي لڳو تہ پنهنجو نالو کيس نہ ٻڌائڻ اڻانگائي ٿيندي، انهيءَ ڪري چيائين "منهنجو نالو گِريوَز آهي، هينري سي-گريوَز."

"منهنجو ميري ڪليئر."

"اڄ جي ٻپهري ڏاڍي وٽندڙ آهي."

"پر سج لهندي توري ٿڌ ٿي ويئي آهي."

مرد جي چتي ڏاڍي وٽندڙ هئي. اُن جي سونهري ڪناريءَ کي عورت ساراهيو ۽ کيس وري ڪبوتر جي ياد آئي. چوڻ لڳي، "اهو توهان جو ڏاڍو کهل پريو ورتاءُ هو، پر ڏکيو هو. آئون نتي ڪري سگهيس، مان بزدل آهيان..."

"اسان سڀ ڪتي نہ ڪتي ضرور بزدل آهيون..."

"پر اوهان ناهيو."

"مان بہ..." مرد جي من ۾ ڪجهہ چوڻ لاءِ اُپريو: پر عورت چڻ سندس ڪوٽ جي ڪالر ڪان جهلي کيس روڪي ڇڏيو هجي. هن سچ پچ سندس ڪوٽ جو ڪالر جهليو هو ۽ چئي رهي هئي، "ڪٽان آلو رنگ لڳي ويو آهي، اوهان جي ڪوٽ تي."

"اڄ منهنجي گهر جي ڏاڪڻ تي رنگ ٿي رهيو هو..."

"هتي اوهان جو گهر بہ آهي؟"

"گهر نہ، چوٿين ماڙ تي هڪ ننڍڙو اپارٽمنٽ . . ."

"لفٽ هوندي؟"

"نہ، اها هڪ پراڻي عمارت آهي."

عورت چڻ مرد جي اٽجاتل زندگيءَ جي هڪ چير مان ليئو پائي ورتو هو. جواب ۾ ڪجهہ پنهنجي باري ۾ بہ کيس چوڻو هو _ گهڻو نہ، ٿورو ئي سهي، انهيءَ ڪري چيائين، "منهنجو اپارٽمنٽ ناخوش هئڻ جي حد تائين نئون آهي. دروازو بجليءَ تي کلي ٿو، بنا هٿ لڳائڻ جي، هوائي اڏي جي دروازي وانگر..."

پوءِ ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ٿينديون رهيون... هوءَ پنير ڪٽان خريد ڪندي آهي... هو شيون ڪٽان خريد ڪندو آهي...

”تڏ وڏندي ٿي وڃي... هاڻي هلون.“ عورت چيو.

”اوهان هتي هن پارڪ ۾ اڪثر ايندا آهيو؟“

”پهريون ڀيرو آئي آهيان.“

”ڪيڏو عجيب اتفاق آهي، مان به هتي پهريون ڀيرو آيو آهيان، جڏهن ته مان هتان ويجهو رهان ٿو.“

”ءُ مان هتان ڪان گهڻو پري.“

”قدرت جا راز ڪيئن نه لڪيل رهندا آهن. بيئي بينچ تان اُٿيا. مرد هٻڪي چيو، ”اوهان ڪي وقت نه هوندو نه ته رات جي ماني جيڪر بئي گڏجي کائون.“

عورت ڪي هڪ ڪن لاءِ انگريزي ڳالهائڻ وسري ويئي، فرانسيسي ۾ چيائين ”اوهان جي زال . . .“

”هوءَ ماني بئي ڪنهن هنڌ کائيندي؛ پر اوهان جو مڙس؟“

”هو يارهين وڳي کان اڳ گهر نه ايندو.“

ڪجهه منٽن جي فاصلي تي هڪ هوٽل هئي. عورت ڪي ڪا خاص بُک نه هئي؛ پر کاڌن جي ڊگهي فهرست پڙهندي، وقت گذاريندي هوءَ ڪيس اجا وڌيڪ ويجهو ٿيندي ويئي. کاڌو اڳيان آيو ته پنهي جي واتان نڪتو، ”مون ائين نه سوچيو هو...“

”ڪڏهن ڪيئن ڪجهه ٿي ويندو آهي . . .“ مرد چيو.

”پنهنجي ڏاڏي جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟“

”مون ڪيس گهڻو نه ڏٺو هو...“

”اوهان جو پيءُ امريڪا ڇو ويو هو؟“

”شايد ائڊونچر جي لاءِ... شايد اهائي خواهش مون کي واپس يورپ وڃي نه آئي؛ پر منهنجي پيءُ جي زماني ۾ امريڪا رڳو ڪوڪاڪولا نه هئي . . .“

”اوهان هتي يورپ ۾ شادي ڪئي هوندي؟“

”نه، آئون پنهنجي زال کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو آهيان، ويچاري . . .“

”ويچاري؟“

”ڪانئس ڪوڪاڪولا نٿي وسري.“

”پر اها تہ هتي بہ ملي ٿي.“ عورت ڄاڻي ٻُجهي اڻ نهڪندڙ وراڻي ڏني.

وائين- وينر آيو. مرد پڇيس، ”ڪهڙو وائين؟“

”مون کي گهڻي خبر ناهي، ڪوبہ . . .“

”منهنجو خيال هو، سيبئي فرينچ. . .“

”اها چوندءِ منهنجو مڙس ڪندو آهي. . .“

اوچتو ڄڻ ٻنهي جي صوفي تي ڪو اچي وينو هو _ مڙس! سانت گهري ٿي ويئي. اها سانت نہ ٽُٽي ها، ۽ ڄڻ بہ پاڇا اتي ڄمي ويا هئا- جيڪڏهن عورت ڳالهائڻ جو ست نہ ساري ها، ”اوهان جا ٻار آهن؟“

”نہ، اوهان جا؟“

”نہ.“

”اوهان کي انهيءَ ڪري ڪا ڪمي محسوس ٿيندي آهي؟“

عورت وراڻيو، ”منهنجو خيال آهي، ڪانہ ڪا ڪمي هر ڪنهن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي رهجي ويندي آهي.“

”خير اڄ آئون خوش آهيان، جو انهيءَ پارڪ ۾ ويس.“

”آئون بہ خوش آهيان.“

انهيءَ کان پوءِ جي سانت هڪ سُهائي سانت هئي. ٻئي پاڇا اتان اتي هليا ويا هئا ۽ ڪين اڪيلو ڇڏي ويا هئا. هڪ پيرو ميوي جي پليٽ ۾ سندن آڱريون ڇهي وييون، سندن سمورا سوال ڄڻ ختم ٿي ويا. انهن هڪٻئي کي ايترو سمجهي ورتو، جيترو انهن ٻئي ڪنهن کي نٿي سمجهيو. اهو خوشگوار شاديءَ وانگر هو، سڄاڻپ ۽ سمجهڻ جي منزل کان پرانهون، ريس جي منزل پويان رهجي وئي هئي. ۽ هاڻي ڄڻ وقت ۽ موت، ٻئي دشمن رهجي ويا هئا.

ڪافي آئي- وڌندڙ عمر جي اهڃاڻ وانگي. ۽ انهيءَ کان پوءِ براندي‌ءَ جو ڍُڪ ضروري هو- اداسيءَ کي نڙيءَ کان لاهڻ جي لاءِ. اهو سيڪجهہ ائين هو، ڄڻ انهن عمر جو فاصلو گذاري ڇڏيو هجي، پر اڏامندڙ پکين جيان.... ٿورن ئي ڪلاڪن ۾.

مرد بل ادا ڪيو ۽ هو ٻاهر آيا. اهو وقت موت جي پيڙا مثل هو ۽ ان کي سهڻ لاءِ هو ٻيئي نازڪ ۽ هيٺا هئا. مرد چيو، ”آئون اوهان کي اوهان جي گهر اُماڻي ٿو اچان.“

”نه، ايترو پري ڪيئن هلندؤ!“

”ڪنهن هوٽل جي ڪليل ڇت تي هڪ ٻيو ڊرنڪ ڪريون.“

”هاڻي ڊرنڪ انهيءَ ڪان وڌيڪ اسان کي ڇا ڏيندو؟“ عورت چيو، ”هيءَ شام پنهنجي پاڻ ۾ مڪمل آهي. تون سچ هڪ ڪومل آتما آهين...“ اهو جملو سندس واتان فرانسيسيءَ ۾ نڪتو هو، جنهن ۾ هن ’تون‘ لفظ کي ڏاڍي پاٻوهه ۽ پنهنجائپ جي ’تون‘ جئن استعمال ڪيو هو؛ پر پنهنجو پاڻ کي دلاسي ڏيڻ لاءِ هن سوچيو، ته مرد کي چڱيءَ طرح فرانسيسي نٿي اچي، انهيءَ ڪري ڏيان نه ڏنو هوندائين.

انهن هڪٻئي جو پتو نه پڇيو ۽ نه ٽيليفون نمبر. ٻيئي سمجهي ويا هئا ته سندن زندگيءَ ۾ اهو پل ڏاڍي دير سان آيو هو- ٻنهي پڇاڙيءَ ۾. مرد ٽئڪسيءَ کي آواز ڏنو، منجهس عورت کي وهاريائين ۽ پاڻ هوريان هوريان پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. جوانيءَ جي وقت جيڪا ڪجهه بزدلي هوندي آهي، اها وڏي عمر ۾ سياڻپ بنجي ويندي آهي؛ پر انهيءَ سياڻپ هٿان به انسان افسوس جو ڪردار بڻجي سگهي ٿو...

•

ميري ڪليئر جڏهن پنهنجي گهر آٽوميٽڪ دروازو اورانگهي اندر ويئي، ته کيس هميشه وانگر هوائي اڏي جي ڳالهه ياد آئي. ڇهين ماڙ تي سندس اپارٽمنٽ هو. دروازي جي مٿان رَت جي رنگ جهڙي ۽ پيلي رنگ جي هڪ ائبسٽريڪٽ پينٽنگ هئي، جيڪا کيس اجنبي جئن لڳي. هوءَ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. پت جي پرئين پر ڪان هوءَ پنهنجي مڙس کي ٻُڌي سگهي ٿي- سوچي رهي هئي، اڄ وٽس چوڪري هئي- ٽوني يا ٻي ڪا؟ هن ٻئي دروازي تي ائبسٽريڪٽ پينٽنگ ناهي هئي. ۽ ٽوني، جيڪا ٻيلي ڊانسر هئي، چيو تي ته ڊرائنگ روم ۾ رکيل مورتيءَ جي هوءَ ماڊل بڻي هئي.

هوءَ سمهڻ لاءِ ڪپڙا لاهڻ لڳي. پر واري ڪمري جا آواز هڪ چار اُٽيندا رهيا؛ پر اج واري بينچ جو ڏيک سندس اکين آڏو اچي ويو. هوءَ دبيل دبيل پير کڻندي رکندي رهي. سندس اچڻ جي آهٽ سندس مڙس جي ڪنن تي پوي ها ته سندس مڙس جي واسنا تيز ٿي وڃي ها. يت جي اُورئين پَر سندس وجود، سدائين هُن جي واسنا جي لاءِ ضروري هوندو هو. آواز آيو: "پيارا! پيارا!" آواز وڪريل هو. اهو نالو هن لاءِ نئون هو. هن ميز ڏانهن هٿ وڌايو، ڪنن مان لاٽل واليون ميز تي رکيائون- ۽ ڪيس ميوي جي پليٽ ۾ ڪنهن جون ڇهيل آڱريون ياد اچي ويون. پر واري ڪمري مان هلڪن ٺهڪن جو آواز اچي رهيو هو- ميري ميڻ جون گوريون پنهنجي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون ۽ اکيون ٻوٽي سوچڻ لڳي- زندگي ڪجهه ٻي طرح هجي ها، جيڪڏهن ڪٽي پنترهن ورهيه اڳ هوءَ اج واري بينچ تي ويهي ها ۽ ڦٽيل ڪبوتر جي پيڙا ڪان ڇڏائيندڙ مرد کي ڏسي رهي هجي ها!

•

ٻن وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي گِريوَز جي زال چئي رهي هئي، "تون ڪنهن عورت سان گهمندو رهيو آهين؟" هڪ وهاڻي ۾ ٻرندڙ سگريٽ جي ڪري ڪئين ٺُنگ ٿي ويا هئا.

"نه، اهو تنهنجو اجايو خيال آهي."

"تو ڇيو هو ته تون ڏهين وڳي موٽي ايندين؟"

"فقط ويهه منٽ متي ٿيا آهن."

"تون ڪنهن بار ۾..."

"آئون پارڪ ۾ ويٺو رهيس ۽ پوءِ وڃي ماني کاڌم... توکي ننڊ جي دوا ڏيان؟"

"تنهنجو مطلب آهي ته مان سمهي پوان، مري وڃان ۽ تون مون وٽ نه اچين؟"

مرد ڏيان سان پاڻيءَ ۾ دوا جا ٻه ڦُڙا وڌا. هاڻي هو ڪجهه به چوي ها، سندس زال تائين نه پهچي ها. وارن ۾ گُهنديون وجهڻ لاءِ سندس زال ڳاڙهي رنگ جون ڪلپون لڳائي رکيون هيون. هوءَ دوا پيئڻ لاءِ جهڪي ته مرد کي متس ترس اچي ويو ته هوءَ ڪيئن

نہ امريڪا کان پري اچي، امريڪا لاءِ اداس هئي. ڪيس ڪڏهن ويساهہ ئي نہ آيو تہ هتي بہ ڪوڪاڪولا ساڳي ئي هئي. اج چڱو ٿيو جو هن بنا ڪجهہ چوڻ جي دوا پي ورتي ۽ اها رات تمام خراب راتين جهڙي نہ هئي. هو پنهنجي پلنگ جي اِيس تي ويهي سوچڻ لڳو: هن ڪهڙي انداز سان هوٽل کان ٻاهر ڪيس 'تون' چيو هو.

"ڇا پيو سوچين؟" جوڻس اوچتو سوال ڪيس.

"سوچي رهيو هئس، زندگي ڪجهہ ٻي طرح بہ ٿي سگهي ها..."

اِهو انهيءَ مرد جو سڀ کان وڏو ڏوراپو هو، جيڪو هن زندگيءَ جي خلاف پهريون ڀيرو ڏنو هو. □□□

وڏيڪ ئي ننر هو، هُو ڪلڻ لڳو. ”اهڙيون ڳالهيون مون اڳيئي ٻڌيون آهن. مون کي اندر اچڻ ڏي. آئون ڪجهه به چوري نه ڪندس ۽ نه ئي ڪنهن کي قتل ڪندس. آئون فقط رات گذارڻ ٿو چاهيان.“

سپاهي پوڙهي کي ڌڪو ڏيئي باغ ۾ گهڙي ويو. اونداهي ايڏي گهري هئي جو گهر جي دروازي جي ٻدران روشن دريءَ پرسان وڃي پهتو. پوڙهو به سندس پنيان اچي پهتو.

”مون ڪوڙ نه چيو هو. ڏس هُو منهنجي ڌيءَ جو مڙس مئو پيو آهي.“

ڪمري ۾ هڪ بسترو هو جنهن تي هڪ لاش پيو هو. سندس متو دريءَ ڏانهن هو. هو سپاهي وانگي جوان هو. سيرانديءَ کان هڪ نوجوان عورت بلڪ ڇوڪري ويٺي هئي. پرسان هڪ ميز تي چار ميڻ بتيون ٻريون پئي. سپاهي لاش کان وڌيڪ ڇوڪريءَ کي غور سان ڏسڻ لڳو. ڇوڪري خوبصورت هئي، البت رنگ ٿورو وڌيڪ گهرو هو. هوءَ سندس محبوبا کان وڌيڪ حسين نه هئي. بهرحال انهن سڀني ڳالهين سان سندس ڪهڙو مطلب؟ ڪيس ته فقط هڪ رات گذارڻي هئي.

”توهان جي گهر ۾ ضرور ڪو هنڌ، فراسي، ٽڏي وغيره ڪجهه نه ڪجهه ته ضرور هوندو، جنهن تي آئون رات گذاري سگهان؟“

”جو نه!“ پوڙهي وراڻيو. ”متئين ڪمري ۾ هنڌ آهي جنهن تي منهنجو ناني شاديءَ کان اڳ سمهندو هو. پر سائين، آئون اوهان جي ڀلي خاطر چوان ٿو ته هن گهر ۾ موت جو واسو آهي. توهان پنهنجي اکين سان ڏسو پيا. اهو وچڙندڙ آهي، جو ته جيئن آئون توهان کي عرض ٿو ڪيان ته توهان هڪدم هتان هليا وڃو. آئون هڪ پوڙهو ماڻهو آهيان. مون تي اڳ ۾ ئي غم جو ڪافي بوجو آهي.“

سپاهي چيو، ”پريا مڙس! متي سمهي رهندس توهان کي ڪا تڪليف نه ڏيندي.“

هو دروازي ڏانهن وڌي ويو. دروازو ڪافي وزني هو، جنهن کي زور ڏيئي کولڻو پيس. دروازو انهيءَ ڪمري ۾ کليو جنهن ۾ هوءَ هئي ۽ جتي چار ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون.

”گستاخي معاف سائڻ، آئون رڳو رات گذارڻ چاهيان ٿو. توهان اهو ڪمرو ڏيکاريو جنهن ۾ توهان جو مڙس سمهندو هو؟“ سپاهي چيو.

”بسترو تيار آهي. آئون ميڻ بتي آڻيان ٿي. موسم ڪافي سرد آهي. توهان باهه سيڪيندؤ؟ جڏهن هو مٿي سمهندو هو ته هميشه هن موسم ۾ اتي باهه ٻاري رکندو هو. هاڻي ته هو منهنجو مڙس آهي. گذريل اونهاري ۾ اسان جي شادي ٿي هئي.“

سپاهي پنهنجي ٽوپي لاٿي ۽ بستري جي ويجهو ويو. هن سوچيو ته اهو چڱو نه ٿيندو جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڪري سندس غم ۾ شريڪ نه ٿيو.

”توهان جي مڙس کي ڪهڙي بيماري هئي؟“ هن پڇيو.

ڇوڪريءَ ڦيريون پيرو پنهنجو مٿو مٿي ڪنيو ۽ سندس اکين ۾ نهاري چوڻ لڳي: ”منهنجو مڙس جنگ جو شڪار ٿيو آهي. ٽيون ڏينهن واري جهڙپ ۾ ڪنهن سنگين سان سندس ڪنڌ ڪپي ڇڏيو.“

”اوهان جو پيءُ ...“ هن ڪجهه چوڻ گهريو پر ڇوڪريءَ ڳالهه ڪاٽي ڇڏي.

”مون کي خبر آهي، هو چوي ٿو ته گهر ۾ موت جو واسو آهي. اصل ۾ منهنجي پيءُ کي ڊپ آهي ته توهان مان ڪنهن کي ڏسيندي ته پنهنجي مڙس جو قاتل سمجهي خراب نموني پيش ايندس. پر آئون ايتري بيوقوف ناهيان. منهنجي مڙس کي ڪنهن قتل ڪيو؟ تو يا ٻئي ڪنهن؟ هن جي قاتل ته جنگ آهي.“

”سچ آهي.“ سپاهي چيو. ”ڪنهن تي ڇوهه چنبڙ اجايو آهي. ڏوهاري اسان نه پر جنگ آهي.“

هو ڪجهه وڌيڪ ويجهو اچي لاش کي ڏسڻ لڳو. ڇوڪريءَ جُهڪي چادر هٽائي ۽ سنگين جو زخم ڏيکاريائينس. سپاهي ڪنڌ لوڏيو.

”اهڙي طرح ڏسي ڪيترو نه خوف ٿو محسوس ٿئي! جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ وقت ڪجهه به محسوس نٿو ٿئي. پر بعد ۾ ۽ اهو به وري

تنهنجو چهرو انهيءَ ڳالهه جي شاهدي پيو ڏي. چڱو تون ڪائي پي وٺ، ايتري ۾ مان تنهنجو ڪمرو نيڪ ڪري اچان ٿي.“

سپاهي ٿوري ماني کاڌي ۽ شراب پيتائين. ”مون کي گهٽو ڪائڻ نه گهرجي. هي چڱا ماڻهو ٿا ڏسجن. جيڪڏهن مون وڌيڪ کاڌو پيتو ته اها هنن سان زيادتي ٿيندي.“ سپاهي سوچيو.

ڪجهه دير کان پوءِ هوءَ واپس آئي. ”اڙي تو ته ڪجهه به نه کاڌو. جهڙو به اسان پيش ڪري سگهون ٿا انهيءَ کان انڪار ته نه ڪر. شايد تنهنجي خيال ۾ شراب زهريلو آهي، هيڏانهن ڏس.“ ڇوڪريءَ هڪ گلاس ۾ شراب اوتيو ۽ اڌ پي ويئي. پوءِ سپاهي به پيتو ۽ کلڻ لڳو. هن چيو، ”تون ڏاڍي سني آهين ۽ مون کي ڊپ ناهي، پر تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟“

ڇوڪريءَ پنهنجا ڪلها لوڏي چيو، ”بابو پراڻن خيالن جو ماڻهو آهي. هو دشمن سان ماني نٿو کائي سگهي پر هن وقت اسان ايترا بااصول به ته نٿا رهي سگهون. جڏهن پنهنجا ئي ماڻهو هليا وڃن ته سنن خرابن سان، جيڪي ملن، دوستي رکڻي پوندي آهي. بهرحال مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. مون آخري دفعو ان وقت ماني کاڌي هئي، جڏهن منهنجو مڙس زنده هو. چار ڏينهن اڳ مون ساڻس گڏجي ماني کاڌي هئي.“

ڇوڪري هڪ ڪرسي کڻي ويٺي. سپاهي گوشت جي هڪ ٻوٽي کپي ڏني. ٻنهي هڪ ٻئي جي صحت جو جام پيتو. اُهي هيڏانهن هوڏانهن جون به ڳالهيون ڪندا رهيا _ موسم، خراب رستا، تباهه فصل، پر جنگ جي باري ۾ ڳالهه ٽاري ويا. سپاهي پنهنجي گهر جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون _ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ننڍپڻ. هن پنهنجي محبوبا جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ چاهيون ٿي پر ڪيس جرئت نه ٿي.

هوءَ ڏيان سان ٻڌندي رهي. جڏهن هو کِليو ٿي ته هوءَ به کِلي ٿي. اوچتو ڇوڪريءَ پڇيو: ”تنهنجي محبوبا! هن جي باري ۾ ڪجهه به نه ٻڌائيندين ڇا؟“

هُو شرم وچان ڳاڙهو ٿي ويو. ”ٻڌائڻ لاءِ ڇا رکيو آهي؟ فقط مستقبل جا ڌنڌلا سپنا.“

هوءَ ساڻس متفق ٿي ويئي ۽ چيائين: ”شايد هاڻي تون ڪيس ڪڏهن به ڏسي نه سگهندين.“

اهو ٻڌي هو اداس ٿي ويو، ۽ سوچڻ لڳو: ’مان ڪيترو نه اڪيلو آهيان! ڪاش هيءَ ڇوڪري مون کي پنهنجو هٿ جهلڻ ڏي!‘ پر ڪانئس ڳالهائڻ نه اُڪليو.

ڇوڪري ڪيس چوڻ لڳي ته هو شدت سان هيڪلائي محسوس ڪري رهي آهي!

”تورو سوچيو! منهنجي شادي فقط چار مهينا اڳ ٿي ۽ هاڻي مان بيوهه آهيان. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيڏو خال آهي! ائين ٿو لڳي ڄڻ دنيا خاتمي جي ويجهو اچي پهتي آهي. هاڻي مون وٽ ڪجهه به سوچڻ لاءِ ناهي جنهن جي آرزو ڪري سگهان. هاڻي مون کي ڪنهن شيءِ جو ڊپ ناهي. ڪيڏو ڀيانڪ ٿو لڳي، جڏهن ڪو به نه هجي جنهن کي پيار ڪري سگهجي!“

”تون ڪيس ڏاڍو پيار ڪندي هئينءَ؟“ هن پڇيو.

پر هوءَ ڪنهن سوچ ۾ وڃائجي ويئي. هن ڪو به جواب نه ڏنو. سندس جهڪيل ڳچيءَ جو خم سپاهي کي ڏاڍو پيارو لڳو. هو سوچڻ لڳو، ’ويچاري ايڏي خوبصورت آهي پر اڪيلي، مون وانگر اڪيلي آهي. هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ آئون نٿو چاهيان ته هن ڇوڪريءَ ۾ وڃائجي وڃان. مان نٿو چاهيان . . . شايد آئون ڪجهه وڌيڪ پي ويو آهيان. سندس مڙس جو لاش پيو آهي. هن ڪڏهن به ڪيس پيار نه ڪيو هوندو. نه ته هوءَ هتي اهڙي طرح مون وٽ ڇو ويهي ها. بهتر آهي هاڻي آئون سمهي پوان.“

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ هن اوچتو پڇيو.

ڇوڪريءَ پنهنجو ڪنڌ مٿي کڻي ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳي ۽ چيائين: ”منهنجو نالو جوڊٿ آهي.“

”جوڊٿ“ هن ورجايو. ”لڳي ٿو ڄڻ بائيبل مان ورتل هجي.“ سندس اکين ۾ ننڊ ڀرجي ويئي هئي. پوءِ به هو مشڪيو. ”پر نالو سٺو آهي“.

ڇوڪريءَ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيائين ”تنهنجي ڳچي ڪيتري پياري آهي.“

پنهنجي ساراهه تي هو تورو شرمائجي ويو. غير ارادي طور تي هن پنهنجي يونيفارم جا ڪجهه بٽڻ کولي ڇڏيا ته ڪيس هڪدم

احساس ٿيو. هن جلدي بٽڻ بند ڪري ڇڏيا پر ڇوڪريءَ کي هن جا بٽڻ بند ڪرڻ پسند نه آيا. ڇوڪري سندس بٽڻ ٻيهر کولي ڇڏيا. سندس هٿن جيئن سپاهي جي ٻچيءَ کي ڇهيو تيئن سپاهي سندس هٿ جهلي کيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. هن ٿوري آناڪاني ڪئي، سندن پير رائفل سان وجي لڳا. رائفل زمين تي ڪري پيئي ۽ سنگين جو ميز سان ٽڪرائجڻ ڪري زوردار آواز آيو ۽ ٻئي جدا ٿي ويا.

هو ڪلڻ لڳو. اسان اهڙيءَ طرح ميز جي اڳيان وينا آهيون، جيئن زال مڙس پنهنجي گهر ۾ ويهندا آهن. پر ميز جي هينيان رائفل آهي. هوءَ اٿي بورچيخاني ۾ هلي ويئي. ”مون کيس ناراض ڪري وڌو“ هن پنهنجو پاڻ کي چيو. تون ڪيڏو بيوقوف آهين. تو سمجهيو ته هوءَ هڪدم تنهنجي ٻانهن ۾ هلي ايندي. بيوقوف! هوءَ هڪ سٺي ڇوڪري آهي. تو ساڻس ڪجهه ڪرڻ به نٿي چاهيو پوءِ به تو گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. هاڻي بهتر اهو ئي آهي ته ڪانئس موڪلائڻ ڪان سواءِ سمهي رهڻ گهرجي. هو توڏانهن ڏسڻ به نٿي چاهي.

هو اٿي بينو ۽ رائفل ڪنيائين ته ايتري ۾ هوءَ واپس آئي، سندس هٿ ۾ ڪجهه ميوو ۽ شيريءَ جي بوتل هئي. ٻنهي ڄڻن ميوو کاڌو ۽ شراب پيتائون، هو ڪوشش ڪري ضابطي ۾ رهيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو- سندس اها ئي ڪوشش هئي ته سندس اکيون ۽ خيال ڇوڪريءَ کان پري رهن، پڇاڙيءَ ۾ هن ڇوڪريءَ جي صحت جو جام پيتو.

”تون به سمهڻ تي وڃين ٿي؟“ هن پڇيو.

”نه، آئون پنهنجي مڙس وٽ ٿي وڃان.“ هن وراڻيو.

اهو ٻڌي کيس پنهنجي بيعزتي محسوس ٿي. سندس دل ۾ اها خواهش پيدا ٿي ته کيس سختيءَ سان ڇينيي ته جيڪڏهن کيس پنهنجي مڙس سان ايڏي محبت هئي ته هوءَ اهڙي طرح ساڻس گڏ ڇو وينې رهي. پر هن پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکيو ۽ پنهنجو گلاس مٿي کڻي فقط ايترو چيائين. ”مون کي توتي رحم ٿو اچي - منهنجي حسين دشمن پر...“

هن موڪلائي رائفل ڪنئي. پوڙهي هن جي لاءِ ڏاڪڻ ۾ روشني ڪئي. هو ڪمري ۾ گهڙيو، دروازو بند ڪري ڪڙو ڏنائين، ۽ پوءِ ڪپڙا لاهڻ لڳو. ڪمرو ڪافي ننيو ۽ هيٺ هو. هنڌ ڪمري جي وچ ۾ وڇايل هو. هنڌ پرسان لاڳيتو هڪ ميز هئي جنهن تي چار ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون. ڪيڏي نه فضول خرچي آهي. هن ٻه وسائي ڇڏيون ۽ پوءِ بوٽ لاهي اڇلايائين. اوچتو جورابن سميت هوءَ خاموشيءَ سان دروازي پرسان وجي ٻڌڻ لڳو. ڏاڪڻ تي آهٽ تي. هن دروازو کوليو ۽ هوريان اونداهيءَ ۾ چيائين، ”جوڊٿ، جو... ڊٿ!“ خاموشي ڇانيل هئي. هن آهستگيءَ سان دروازو بند ڪري ڇڏيو، پر ڪڙو نه ڏنائين، ميڻ بتيون وسائي بستري تي ليٽي پيو ۽ پنهنجو پاڻ کي چيائين، ”هاڻي آئون فقط پنهنجي گهر وارن جي باري ۾ سوچڻ ٿو چاهيان.“

ڪجهه ڪنن ڪانپوءِ هو گهري ننڊ ۾ سمهي پيو.

ڪيس جاڳ ٿي ته ڪمري ۾ روشني هئي. هن ڏٺو ته چارئي ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون ۽ جوڊٿ مٿس جهڪيل هئي. سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. اوهه! هي ته زخمي ڪري رهي آهي، هن پنهنجون ٻانهون ڦهلائي ڇڏيون، سندس ڏڪندڙ هٿ هن جي مٿي کي لڳا، ”جوڊٿ! جوڊٿ!!“

”تنهنجي لاءِ منهنجو نالو جوڊٿ آهي. جيڪو هيٺ مئو پيو آهي، هن لاءِ منهنجو نالو ٻيو هو.“ هن پنهنجو ڪنڌ ڏانهس ڪيو ته ڪيس محسوس ٿيو ته هوءَ سندس ڪنڌ ڪپي رهي هئي.

”جوڊٿ!“ هن درد ڀريل لهجي ۾ رڙ ڪئي. هن فقط ايترو چيو، ”مون کي توتي افسوس آهي، منهنجي خوبصورت دشمن!“

سپاهيءَ جي نڙيءَ مان خرخراهٽ جو آواز نڪتو ۽ هن ڪيس اڪيلو ڇڏي ڏنو.

سمورو گهر اونداهو هو سواءِ انهيءَ ڪمري جي، جنهن ۾ چار ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون. سمورو ڳوٺ اونداهي ۽ خاموشيءَ ۾ ٻڏل هو ۽ اتان جا ماڻهو اجنبي دشمنن جي وچ ۾ گهري ننڊ ۾ ستل هئا. □□□

# ڀھروپ

## لئري پاويل

### انگريزي (انگلنڊ)

ملاقات واري ڏينهن مون کي بيزاري ٿيندي آهي. آئون نٿو چاهيان ته ملبرڊ مون سان ملڻ لاءِ جيل ۾ اچي. جڏهن کان منهنجي سزا شروع ٿي آهي، تڏهن کان هن ڪڏهن پيرو نه ڇڏيو آهي.

هر ڀيري ملبرڊ مشڪندي ساڳيو جملو ورجائيندي آهي: ”هتي توسان ڪيئن ٿا ورتاءُ ڪن، ڊيئر؟“ آئون ڪهڙو جواب ڏيانس. ڪيس ڀاڳمرادو سمجھڻ کپي ته هِتي مون سان بڪنگھم پئليس ۾ ترسيل معزز مهمان جهڙو سلوڪ ته نه ڪيو ويندو!

هُن جي ڪري ئي آئون جيل جي هوا پيو کاوان. پر پوءِ به انهيءَ ۾ منهنجي پنهنجي بيوقوفيءَ جو به ٿورو حصو آهي. پر بنيادي ڏوھ هُن جو آهي.

جڏهن هوءَ جيل ۾ ملڻ ايندي آهي تڏهن سُٺي اداڪاري ڪندي آهي. حقيقت ۾ سچي زندگي، ملبرڊ اداڪاري ڪندي رهي آهي. جڏهن پهريون گھمرو آئون ڪيس مليو هوس ته انهن ڏينهن ۾ هوءَ اخبارن ۾ سنسني خيز خبرن جو مرڪز بنيل هئي ۽ ڪجھ هفتن کان پوءِ هن هڪ اهڙي دولتمند ڇوڪريءَ جو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو هو، جنهن پنهنجي خاندان کان بغاوت ڪري هڪ ڪيسا خالي جُوڪي فوٽ بال جي رانديگر سان شادي ڪئي هئي.

اُهو فوٽبال جو رانديگر آئون آهيان ۽ هاڻي ملبرڊ هڪ اهڙي زال جو ڪردار ادا پيئي ڪري جيڪا همٿ سان پنهنجي قيدي مڙس جي وڇوڙي جو ڏک پيئي پوڳي.

منهنجي گهڻن دوستن ۽ خود ملبرڊ جي مائٽن جو خيال هو تہ مون ساڻس سندس ملڪيت جي لالچ ۾ اچي شادي ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ غلط آهي ۽ ساڻس ڏهہ مهينا گڏ گذارڻ کان پوءِ ئي مان انهيءَ نتيجي تي پهتو هوس تہ هُن جي ملڪيت ئي اسان ٻنهي جي گڏجي گذارڻ جو ڪارڻ هئي. دراصل هوءَ انهيءَ پڪوان جهڙي هئي جيڪو ڏسڻ ۾ وڻندڙ پر چکڻ ۾ تمام بي سوادي هوندو آهي. سندس ڪي اهڙيون ڏکيون ۽ اڻوڻندڙ قسم جون عادتون هيون، جيڪي مون کي شاديءَ کان اڳ نظر نہ اچي آيون هيون.

اسان جي شادي جي ٻئي سال، هُن جي ماسات ڪيٽ اسان وٽ مهمان ٿي آئي ۽ ڇهہ هفتا ڪن ترسي. اسان ٻئي هڪ ٻئي سان ڪافي هري مري ويا هئاسين پر ملبرڊ ڪنهن شڪ و شبهي جو اظهار نہ ڪيو ڇو تہ ڪيس يقين هو تہ جيئن تہ آئون ناهوڪو جوان ۽ دولتمند زال جو مڙس هئس، انهيءَ ڪري آئون ڪڏهن اهڙي ڪا بيوقوفيءَ جي حرڪت نہ ڪندس جيڪا اسان جي گهروُ زندگيءَ تي اثرانداز ٿي سگهي.

پر آئون بيوقوفيءَ جي حرڪت ڪري وينس.

ڪيٽ پنهنجي گهر موٽي ويئي ۽ اسين زال مڙس پنهنجي روزمرهہ جي معمول ۾ مصروف ٿي وياسين. معمول مطابق هوءَ هر هفتي ملبرڊ جي مائٽن ۽ سندن بي شمار دوستن سان ڊنر ۾ شامل هئي.

هڪ ڀيريءَ جو، جڏهن آئون ڪلب مان ٻاهر پئي آيس تہ هڪ شخص منهنجو رستو روڪي بيهي رهيو. سندس چهرو تمام بيڇڙو ۽ لباس بيحد شوخ هو:

”آئون اوهان سان ڪجهہ ڳالهائڻ تو چاهيان، مسٽر هيلٽن.“ هن پڻ پڻ ڪندي چيو ۽ هڪ ڪارڊ، جنهن تي نشان پئجي ويا هئا، منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. ڪارڊ تي لکيل هو: ايس-جي-پيٽرس. فوٽو گرافر.

مون کي ڪنهن فوٽوگرافر جي خدمت جي ڪا ضرورت نہ هئي، انهيءَ ڪري مان ڪيس نظرانداز ڪري گهر ڏانهن نڪري آيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ، هن مون کي گهر تي فون ڪيو: ”اوهان شايد مون سان ڳالهائڻ پنهنجي شان کان گهٽ سمجهيو هو، پر مون وٽ هڪ اهڙي

تصوير آهي، جيڪا يقين سان توهان لاءِ دلچسپيءَ جو باعث آهي. آئون ٽيليفون تي تفصيل نٿو ٻڌايان پر توهان چاهيو ته ڪلاڪ ڪان پوءِ ’هوڪس بار‘ ۾ مون سان ملي سگهو ٿا.“

مون هڪ مقامي اخبار جي آفيس ۾ پنهنجي هڪ صحافي دوست کي ٽيليفون ڪيو: ”جو، ڇا تون پيٽرس نالي ڪنهن فوٽو گرافر کي سڃاڻين ٿو؟“

”ها، هو ٿرڊ ڪلاس نائيٽ ڪلبن ۾ ڪم ڪندو آهي. پوليس جو خيال اهي ته هو بليڪ ميلر آهي.“ هن وراڻيو.

مون کي ياد آيو ته هڪ رات رقص ڪندي جذبات ۾ اچي مون ڪيٽ کي چمي ورتو هو ۽ اهو ياد ايندي ئي آئون هڪدم سمجهي ويو هئس ته مان مصيبت ۾ ڦاسي ويو آهيان.

آئون ’هوڪس بار‘ ۾ داخل ٿيس. پيٽرس هڪ ڪنڊ مان اُٿي مون ڏانهن وڌيو. ”مون کي خوشي ٿي جو اوهان هتي اچڻ جو فيصلو ڪيو.“ هن کيڪارڻ لاءِ هٿ وڌائيندي چيو: ”اچو هيڏانهن ويهون.“

”ذرا هي تصوير ڏسو.“ منهنجي ويهنديئي پيٽرس پنهنجي کيسي مان هڪ تصوير ڪڍي مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

تصوير تي نظر پوندي ئي مون سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ سمجهي ويس، فوٽو نائيٽ ڪلب ۾ ورتل هو ۽ ڪيٽ مون کي چمندي نظر آئي.

”ڇئو، انهيءَ جي ڪيتري قيمت ڪپيئي؟ مون مجبوريءَ مان پڇيو.

”هڪ هزار پائونڊ.“ هن آهستي وراڻيو.

”هڪ هزار پائونڊ؟“ مون حيرت مان پڇيو. ”اهو برابر آهي پيٽرس ته آئون تصوير خريدڻ چاهيان ٿو پر جيڪڏهن تون مون کي اصلي ’موناليزا‘ به آڻي ڏين، پوءِ به آئون هڪ هزار پائونڊ نٿو ڏيئي سگهان. درحقيقت مون وٽ انهيءَ جي اڌ رقم به ناهي.“

”توهان جي مرضي. پر اهو نه وسارجو ته اها تصوير توهان جي زال کي به وڪڻي سگهان ٿو. عجب آهي جو توهان وٽ هڪ هزار پائونڊ ناهن! هيڏي قيمتي ڪار اٿو، اعليٰ سوسائٽي ۾ اٿو وهو ٿا. روني نارٽن جهڙا ڪروڙپتي توهان جا دوست آهن.“

”روني نارٽن، مون کان وڌيڪ منھنجي زال جو دوست آهي ۽ دولت مون وٽ نہ پر منھنجي زال ملڊرڊ وٽ آهي.“

”پر توهان پڪ سان اهو نہ چاهيندؤ تہ توهان جي زال تصوير ڏسي. توهان لاءِ صفائي پيش ڪرڻ محال ٿيندي. خير، مان پنج سؤ پائونڊن ۾ سَودو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان پر انهيءَ کان هڪ پيني بہ گهٽ نہ وٺندس، سڀاڻي شام تائين رقم ملڻ گهرجي.“

منھنجي ذاتي اڪائونٽ ۾ فقط ٽي سئو پائونڊ هئا. ملڊرڊ جي دوستن مان فقط روني نارٽن ئي اهڙو شخص هو جنھن کان قرض وٺي سگهيس ٿي. مون روني کان بہ سئو پائونڊ قرض ورتو ۽ پنج سؤ پائونڊن جي رقم پيٽرس کي ڏيئي تصوير ورتم. مون لفافو کولي ڏٺو تہ منجهس اُها تصوير ۽ ان جي نيگيٽو پيل هئي. پر مون کي لفافو ڏيندي پيٽرس جي نٺڙين اکين ۾ جنھن قسم جي چمڪ پيدا ٿي هئي، اها ڏسي مون کي شڪ پيدا ٿيو تہ هن ضرور ڪا چالبازي ڪئي آهي.

ٻئي ڏينھن جڏهن ملڊرڊ خريداري ڪري بازار مان موٽي آئي تہ سندس هينڊ بئگ فرش تي ڪري کلي پيئي ۽ سمورو سامان فرش تي پکڙجي ويو. لپسٽڪ، ڪڱڻي، ڪنجيون ۽ هڪ گندو ڪارڊ جنھن تي ايس- جي- پيٽرس. ”فوٽو گرافر“ لکيل هو.

”هي ڪارڊ توکي ڪٿان مليو؟“ مون ملڊرڊ کان پڇيو.

”هڪ اجنبي بازار ۾ ڏنو هو. هو فوٽوگرافر آهي پر ايڏو شڪل جو بڇڙو آهي ۽ ايڏا شوخ ڪپڙا ٿو پائي جو آئون تہ ڪانئس تصوير ڪڍائڻ جو ڪڏهن سوچي بہ نٿي سگهان.“ ملڊرڊ وراڻيو.

’تڏهن بدمعاش پيٽرس، منھنجي ۽ ڪيٽ جي تصوير جي هڪ ٻي ڪاپي بہ پاڻ وٽ رکي آهي.‘ مون سوچيو، ’مون کان رقم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو منھنجي زال کان بہ رقم حاصل ڪرڻ ٿو چاهي.‘

آئون پستول کڻي پيٽرس جي فليٽ تي پهتس. هن جڏهن منھنجي هٿ ۾ پستول ڏٺو تہ سندس چهري تي ڊپ جي هلڪي لهر نظر آئي.

”توکي خبر آهي تہ آئون ڇو آيو آهيان؟“ مون کانئس پڇيو.

”سمجهان ٿو توهان پنھنجي رقم واپس وٺڻ چاهيو ٿا؟“ هن وراڻيو.

”نہ، مون کي اها ئي تصوير گهرجي.“

”تڏهن تنهنجي زال توکي ٻڌائي ڇڏيو؟ مون کي اهڙي اميد بلڪل نہ هئي. عجب آهي......“

هن ميز جي خاني مان هڪ لفافو ڪڍي مون ڏانهن اُڇليو.

جيئن ئي لفافو ڪڻڻ لاءِ جهڪيس تيئن هن ٽپو ڏيئي مون کي قابو ڪيو ۽ پنهجا هٿ منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌائين. منهنجو ساهہ گهٽجڻ لڳو.

آئون سڄي جسم جو زور لڳائي هُن جي قبضي مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ پستول جي ٽرگر تي زور لڳي ويو. جڏهن آئون اُٿيس تہ مون ڏٺو تہ گولي پيٽرس جي دل چيري پار هلي ويئي آهي ۽ هو مري چڪو آهي. ’يلا ڪير اعتبار ڪندو تہ پيٽرس جو موت اتفاقي يا حادثاتي آهي.‘مون سوچيو.

پستول جو آواز ٻڌي پاڙي وارا اچي ويا ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ پوليس بہ اچي ويئي. منهنجي بچاءَ لاءِ ملبرڊ ملڪ جي بهترين وڪيلن جون خدمتون حاصل ڪيون پر مون کي سزا اچي ويئي.

اڄ بہ ملاقاتين جو ڏينهن آهي. آئون ظاهري طور تي اشتياق ڀريل نظرن سان ملبرڊ جي اچڻ جو منتظر آهيان. مان بہ اهائي ڪيڏ پيو ڪيڏان جيڪا ملبرڊ پيئي ڪيڏي.□□□

# ڪيٽرائين جي گُڏي

## رينا ايلسبرگ

### انگريزي (انگليند)

پهريون ڀيرو جڏهن مون کي ڇهن ورهين جي خوبصورت ڇوڪريءَ کي تپاسي دوا ڏيڻ لاءِ سڏايو ويو، ته ماڻس مون کي هڪ پاسي وٺي ويئي ۽ چيائين، "ڪيٽرائين ڏاڍي شرميلي آهي. هوءَ نٿي چاهي ته ڪو به اهڙو شخص ڪيس ڇهي به، جنهن سان سندس واقفيت نه هجي." هن پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، "۽ اوهان ڏسو ٿا ته منهنجي ڌيءَ نابين آهي ۽ پنهنجي هڪجيڏن ٻارن کان ڪجهه وڌيڪ ضدي لڳي ٿي."

ڪيٽرائين ننڍڙي فرشتي جهڙي لڳي رهي هئي. ننڍڙو مُنهن، پتڪڙا هٿ پير، گهنڊيدار سونهري وار _ سڀيئي سنا پئي لڳا. سندس خوبصورت نيريون اکيون بلڪل بيڪار هيون، ڇو جو منجهن جوت نه هئي.

مون کي اهو بلڪل ياد ناهي ته سندس اعتماد جيتڻ لاءِ مون کي ڪهڙي شيءِ کان مدد ملي هئي. ۽ نه ئي مون کي اهو ياد آهي ته مون ساڻس ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون. پر جڏهن مون سندس ننڍيءَ کي تپاسيو هو، تيستائين اسان سنا دوست بنجي ويا هئاسين. سندس سياءُ به هاڻي لڄارو نه رهيو هو.

آئون اڪثر ويهي ڪيٽرائين کي آکاڻيون ٻڌائيندو هوس. ڪيس پنهنجي اکين سان دنيا ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، پر هوءَ مون کي پنهنجي دنيا ۾ ڇڪي ويندي هئي، جتي اونده هئي ۽ اونداهيءَ

ڪان سواءِ ڪجهه به نه هو. آئون به هاڻي ائين محسوس ڪرڻ لڳس جيئن ڪو به ڊاڪٽر بيماري ڏسي محسوس ڪندو آهي.

آئون ڪيس ايترو پاڻئڻ لڳس جو جڏهن من گهرندو هو ته ڏسڻ هليو ويندو هوس.

هڪ ڏينهن مون گُڏي خريد ڪري ڪيٽرائين کي ڏني. گُڏيءَ کي هن ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. ٿوري دير تائين گُڏيءَ جي وارن تي هٿ گهمائيندي رهي، پوءِ چيائين، ”هِن جا وار منهنجي وانگر گهنڊيدار آهن نه؟ نڪ ۽ منهن به اسان جهڙا آهن.“

ڪيٽرائين جون آڱريون گُڏيءَ جي اکين تي پهچي ويون، بند اکين تي هوءَ هڪ ڪن لاءِ ٿورو هٻڪي. لڳم، هوءَ ڪنهن اهڙي سوال جي باري ۾ سوچي رهي آهي، جو پڇي نٿي سگهي. هن گُڏيءَ تي وري آڱريون گهمايون، ۽ اوچتو چيائين، پر ”خدايا، هن کي منهنجي وانگي انڌي نه ڪج.“

انهيءَ ڪن مون کي خوشي انهيءَ ڳالهه جي هئي جو ڪيٽرائين مون کي ڏسي نٿي سگهي ڇو جو منهنجي اکين ۾ لڙڪ هئا، اهڙا لڙڪ، جيڪي ڪنهن ڊاڪٽر جي بيوسيءَ جو عڪس هئا.□□□

# بورڊنگ هائوس

## جيمس جايس

### انگريزي (آئرلنڊ)

مسز مُوني دراصل هڪ ڪاسائيءَ جي ڌيءَ هئي. هوءَ هڪ اهڙي اڏول ۽ اٽل ارادن واري عورت هئي، جنهن کي رازداريءَ جو هُنر چڱيءَ طرح ايندو هو. هن پنهنجي پيءُ جي نائب سان شادي ڪئي هئي، جيڪو ملازمن جي نگراني ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل هو. شاديءَ کان پوءِ، هن اسپرنگ گارڊنز جي پرسان گوشت جو هڪ دڪان کوليو هو، پر سُهري جي مرڻ کان هڪدم پوءِ مُوني غلط رستي تي پئجي ويو. منجهس تمام خراب عادتون پئجي ويون ۽ هو پنهنجي تباهيءَ جي انتها تي پهچي قرضي ٿي پيو. ڪيس صحيح رستي تي آڻڻ جون سموريون ڪوششون بيڪار ويون، ڇو ته هو پنهنجن وعدن تي ڪڏهن پورو نه لٿو. ڪڏهن هو توبهه به ڪندو هو ته ڏسندي ڏسندي ڪجهه ڏينهن ۾ توبهه کي ڇڏي وري ساڳئي رستي تي پئجي ويندو هو. سندس اها حالت ڪجهه ڏينهن تائين رهي پر پوءِ هن گراهڪن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي زال سان وڙهڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ساڻس بدسلوڪيءَ سان پيش اچڻ لڳو. انهن ڳالهين کان سواءِ هن خراب گوشت جو ڪاروبار به شروع ڪري ڏنو. هڪ ڏينهن هن شراب جي نشي ۾ جوڙس تي انهيءَ وڏي ڪاتيءَ سان حملو ڪيو جيڪا گوشت ڪپڻ جي ڪم ايندي هئي. ويچاري جوڙس کي اُن رات پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ وٽ پناهه وٺڻي پئي.

انهيءَ واقعي کان پوءِ مسز مُوني پنهنجي مڙس کان علحدگي اختيار ڪئي. هوءَ پادريءَ وٽ ويئي ۽ پنهنجي مڙس کان طلاق

ورتائين. ٻار سندس سنڀال هيٺ آيا. مڙس ناهُ جي ڪوشش ڪئي، پر جوڙس نہ تہ ڪيس پيسا ڏنا ۽ نہ ئي رهڻ جي جاءِ. ٻيو تہ نهيو، هوءَ سندس ڪاڏي پيتي جي ذميواري قبول ڪرڻ تي بہ راضي نہ ٿي. مجبوراً مايوس ٿي مُوني ضلعي جي وڏي عملدار وٽ نوڪري ڪرڻ لڳو. هو هڪ ننڍي قد جو شرابي هو، جيڪو بڇڙي حال ۾ رهندو هو. گهڻي شراب پيئڻ جي ڪري سندس صحت خراب، چيلھ چٻي ۽ چهرو سفيد ٿي ويو هو. ميڄون ۽ پرؤن وقت کان اڳ اڇيون ٿي ويون هيون. اکيون ننڍيون ننڍيون هئس، جنهن ۾ هميشہ گلابي ڏورا ڏسبا هئا. صبح کان شام تائين هُو ڪنهن نہ ڪنهن مزوريءَ جي ڳولها ۾ رهندو هو.

ڪاروبار مان جيڪي ٻچيل سچيل ملي سگهيو، مسز مُوني ان مان پنهنجو حصو ورتو ۽ پوءِ انهيءَ موڙيءَ مان هارڊوڪ اسٽريٽ ۾ هڪ بورڊنگ هائوس کوليائين. سندس بورڊنگ هائوس ۾ گهڻو ڪري انهيءَ شهر ۾ ايندڙ مسافر اچي رهندا هئا، گهڻو ڪري لورپول ۽ آئل آف مين کان ايندڙ سياح ايندا هئا. انهن کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن مقامي ميوزڪ هالز جا موسيقار بہ ايندا هئا. ڪي ماڻهو اهڙا بہ هئا، جن اتي مستقل رهائش اختيار ڪري رکي هئي، جن ۾ گهڻائي شهر ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪن جي هئي. مسز مُوني ڏڳهن هٿن پيرن واري ٿلهي متاري رعبدار عورت هئي. هوءَ ڏاڍي مهارت، ذهانت ۽ ثابت قدميءَ سان اهو بورڊنگ هائوس هلائڻ لڳي. ڪيس چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ شيون اوڌر تي ڪڏهن ڏيڻ گهرجن، ڪنهن سان سختيءَ سان پيش اچڻ گهرجي ۽ اهو بہ تہ ڪڏهن ڪهڙي ڳالھ نظرانداز ڪرڻ گهرجي. بورڊنگ هائوس ۾ مستقل طور تي رهندڙ نوجوان ڪيس 'ميڊم' جي نالي سان سڏيندا هئا.

اهي نوجوان مسز مُوني کي رهائش ۽ ڪاڌي پيتي جا پندرهن شلنگ هفتيوار ادا ڪندا هئا. جيڪڏهن رات جي ڪاڌي سان گڏ ڪين شراب جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي تہ ڪين انهيءَ جي قيمت جدا ادا ڪرڻي پوندي هئي. جيئن تہ گهڻي حد تائين اُهي سڀ هڪ ئي پيشي سان وابستہ هئا، انهن جو ذوق بہ ساڳيو هوندو هو، ۽ پسند

ناپسند به هڪڙي هئي، تنهنڪري منجهن حُب به ڏاڍي هوندي هئن. اُهي جڏهن به پاڻ ۾ ملندا هئا ته ڏاڍي بي تڪلفيءَ سان مقامي سياست سان گڏوگڏ پنهنجن عملدارن جي منظورِنظر نوجوانن ۽نوَن آيلن وغيره جي حالتن ۽ اُنهن جي مستقبل جي باري ۾ ڳالهيون ڪندا هئا. ميڊم جو پٽ جئڪ مُوني، فليٽ اسٽريٽ جي هڪ ڪميشن ايجنٽ وٽ ڪلارڪ هو. سندس باري ۾ اهو مشهور هو ته ڏاڍو جانٺو ۽ سگهارو آهي. عادتون هن جون پڻ ڪجهه چڱيون نه هيون. گهڻو ڪري رات جو دير سان گهر موٽندو هو. جڏهن به هو پاڻ سان گڏ رهندڙ دوستن سان ملندو هو ته وٽس ٻڌائڻ لاءِ هميشه ڪافي داستانن جو ذخيرو هوندو هو. ريس ۾ جيتيندڙ ڪنهن نه ڪنهن گهوڙي يا ڪنهن وڏي موسيقار جي باري ۾ هو گهڻو ڪري ڪجهه نه ڪجهه ضرور گوهرافشاني ڪندو هو. ٿيئٽر وارن سان به هن پنهنجا لاڳاپا وڌائي رکيا هئا. هو مزاحيه گيت چڱيءَ طرح لطف وٺي ڳائيندو هو. گهڻو ڪري آرتوار جي رات جو مسز مُوني جي ڊرائنگ روم ۾ هم پيالہ ۽ هم خيال ماڻهن جي محفل ڄمندي هئي. انهن صحبتن ۾، ميوزڪ هالز جا موسيقار گهڻو ڪري ونڊر جو سامان پيدا ڪندا هئا. شيرڊن ساز تي سنگت ڪندا هئا. اهي ڳائيندڙن جي سنگت ڪرڻ کان سواءِ والٽز ۽ پولڪاس وغيره قسم جي ناچن جون ڌنون به وڄائيندا هئا. ميڊم جي جوان ڌيءَ پوليءَ به گهڻو ڪري انهن جلسن ۾ شرڪت ڪندي هئي ۽ گهڻو ڪري عام پسند ۽ مقبول گيتن سان حاضرين جي دل وندرائيندي هئي.

پولي اٺويهن ورهين جي سنهڙي ڇوڪري هئي. سندس وار نرم مخملي هئا ۽ ننڍڙو سهڻو وات هئس ۽ سندس اکيون پوريون ساواڻ مائل هيون. هوءَ جڏهن به ڪنهن سان ڳالهائيندي هئي ته گهڻو ڪري پنهنجون نگاهون مٿئين طرف رکندي هئي. پنهنجي انهيءَ عجيب عادت جي ڪري هوءَ هڪ ننڍڙي ڇيڙاڪ گمراهہ مڊونا لڳندي هئي. مسز مُوني پنهنجي ڌيءَ کي هڪ آفيس ۾ ٽائيپسٽ جي نوڪري ڏياري هئي، پر ان کان پوءِ اهو ڏيو جو ضلعي جي اعليٰ عملدار جي آفيس ۾ هڪ بدنام شخص هر ٻئي ٽئين ڏينهن اتي اچڻ لڳو ۽ سندس ڌيءَ سان هڪ- اڌ ڳالهه ڪرڻ جي اجازت گهرڻ لڳو. انهيءَ ڪارڻ

ڪري پوليءَ کي چڱي مصيبت کي منهن ڏيڻو پيو، تنهنڪري انهن هنگامن کان بيزار ٿي ميڊم پنهنجي ڌيءَ کي نوڪريءَ تان استعيفا ڏياري ڇڏي ۽ هوءَ گهر جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي ماءُ جو هٿ ونڊائڻ لڳي. پولي چڱي زنده دل ۽ تيز طبع ڇوڪري هئي. گهر جو انتظام سندس حوالي ڪرڻ جو گهڻو ڪري هڪ مقصد اهو به هو ته اهڙيءَ ريت ڪنهن مناسب نوجوان سان ملاقات ٿي وڃي ۽ هوءَ ڪيس پنهنجي لاءِ پسند ڪري سگهي. اهو 'گهرُو انتظام' اتي رهندڙ نوجوانن کي به وڻيو. هڪ نوجوان عورت کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪري، اهو ڄاڻي ته هڪ ڇوڪري سندن وچ ۾ رهي ٿي، کين چڱو ذهني سڪون ملندو هو. ظاهر آهي ته پولي انهيءَ جو ڏاڍو فائدو وٺندي هئي، ناز انداز ڏيکاري خود ئي ڏاڍي محظوظ ٿيندي هئي. پر مسز مُوني کي انساني ڪردار جي ڏاڍي پرک هوندي هئي. کيس انهيءَ جو چڱي طرح اندازو هو ته انهن سيني نوجوانن کي رڳو خوش وقتيءَ سان دلچسپي هئي. اهي رڳو چڱو وقت گذاري رهيا هئا. منجهائن اهڙو ڪو به نه هو جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ پوليءَ سان دلچسپي هئي. ڏينهن ائين گذرندا رهيا، حالتون ائين ئي بدستور رهيون. هڪ وقت اهڙو به آيو جڏهن هُنن مايوس ٿي پوليءَ کي ٻيهر ڪنهن آفيس ۾ ٽائپسٽ جي نوڪري ڏيارڻ جي باري ۾ گنڀيرتا سان سوچڻ شروع ڪري ڏنو، پر انهيءَ زماني ۾ کيس هڪدم انهيءَ ڳالهه جو احساس ٿيو ته پولي ۽ هڪ ٻئي نوجوان جي وچ ۾ ڪجهه سلسلو هلي رهيو آهي، جيڪو اُميد پريو نظر اچي ٿو. هن خاموشيءَ سان ٻنهي تي چوڪسي رکڻ شروع ڪري ڏني ۽ زبان سان ڪجهه نه چيائين.

پوليءَ کي انهيءَ جو احساس هو ته سندس چوڪسي ٿي رهي آهي. ماءُ جي انهيءَ خاموشيءَ جو راز ڪجهه ڪجهه ته کيس سمجهه ۾ اچي رهيو هو، پر پوءِ به کيس پوريءَ طرح سُڌ پئجي نه سگهي ته سندس ماءُ سيڪجهه سمجهندي به ايتريقدر ثابت قدميءَ سان ماٺ ڇو اختيار ڪئي آهي. ماءُ ڌيءَ جا تعلقات هونءَ ته ٺيڪ هئا، پر اهي ڪڏهن به بي تڪلفيءَ جي حد تائين نه پهتا هئا. انهن جي وچ ۾ ڪڏهن به مڪمل طور تي هيڪڙائي پيدا نه ٿي هئي. ٻنهي ڪُلي طرح هڪ ٻئي

ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي هئي. ڏسندي ئي ڏسندي انهيءَ محبت اها صورت اختيار ڪئي جو گهر جي سيني ياتين ۾ چؤبول شروع ٿي ويو. انهيءَ جي باوجود مسز مُوني ڪنهن قسم جي مداخلت نہ ڪئي. انهيءَ تي پوليءَ جي روش ۾ هڪ عجيب ڦيرو پيدا ٿيو. هوءَ هر وقت گهٻرايل رهڻ لڳي ۽ اهو نوجوان بہ هر وقت پريشان نظر اچڻ لڳو. ائين لڳندو هو ڄڻ اندر ئي اندر ڪيس ڪا پريشاني کائيندي رهندي هجي ۽ پوءِ نيٺ اهو ڏينهن بہ اچي پهتو، جڏهن مسز مُوني گهٽو ڪري اهو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ تہ هاڻي صحيح وقت اچي پهتو آهي، هن لڪي ڇُپي اُسرندڙ محبت جي خلاف پنهنجو پهريون قدم کنيو. هن ڏاڍي غور ۽ فڪر کان پوءِ، فيصلہ ڪُن انداز ۾، ڏاڍي ذهانت ۽ ڏاڍي هوشياريءَ سان انهيءَ مسئلي جي اخلاقي پهلو کان ابتدا ڪئي.

اونهاري جا شروعاتي ڏينهن هئا. موسم ۾ گرميءَ جا آثار تہ ضرور هئا، پر تازي فرحت بخش هوا جا جهوٽا بہ هلندا رهيا. هڪ آرتوار جي صبح جو مسز مُوني حالتن کي منهن ڏيڻ جي پهرين ڪوشش ڪئي. بورڊنگ هائوس جون سموريون دريون کليل هيون، جن جا جهالردار نفيس پردا هوا ۾ لهرائي رهيا هئا. هوا جي ڪري انهن پردن غبار جي شڪل اختيار ڪئي هئي ۽ هاڻي اهي دريءَ جي هيٺ مٿي ڪسڪڻ وارن آئينہ دار طاقن کان پري، ٻاهر گهٽيءَ ۾ اُڏري رهيا هئا. عبادت ڪندڙ ماڻهو ديول سان ٻَڌيل لان تان گذرندي تيزيءَ سان اندر وڃي رهيا هئا. سندن تقدس جو احساس انهن جي سنجيدگي ۽ خاموشيءَ کان سواءِ مقدس انجيل جي انهن نسخن سان تي سگهيو ٿي، جيڪي سندن هٿن ۾ هئا. هر ڪنهن کي هلڪا دستانا پاتل هئا ۽ اِنجيل ڇاتيءَ سان لڳل هو.

بورڊنگ هائوس ۾ صبح جي نيرن ختم ٿي چڪي هئي ۽ ڊائننگ هال ۾ ميز تي اجا پڻ جوٺيون پليٽون پيون هيون، جن تي ڊبل روٽيءَ جي ٻچيل سچيل ٽڪرن کان سواءِ بيدن جي زرديءَ جا سُڪل نشان بہ ڦهليل هئا. هڪ طرف آرام ڪرسيءَ تي مسز موني وڃايل وڃايل ويني نوڪرياڻي ميريءَ جو جائزو وٺي رهي هئي،

جيڪا نيرن جي شين ڪٽڻ جي ڪم ۾ لڳل هئي. هوءَ روز وانگيان پنهنجي مالڪياڻيءَ جي حڪم پٽاندر روٽيءَ جا ٽُڪر ڏاڍي جلدائيءَ سان چوندي هڪ صاف پليٽ ۾ گڏ ڪري رهي هئي. هر منگل جو بنان پڇئي ڊبل روٽي جو پُڊنگ تيار ٿيندو هو، جنهن ۾ روٽيءَ جا بچيل سچيل اهي ئي ٽڪرا وڌا ويندا هئا. جڏهن ميز جي پوري طرح صفائي ٿي ويئي ۽ ميري روٽيءَ جا سڀ ٽڪر گڏ ڪري ورتا ۽ ڪنڊ ۽ مکڻ ڏاڍي حفاظت سان اسٽور ۾ بند ڪيائين ته مسز مُوني ويني ويني گذريل رات جي واقعن تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. ڪالهه رات هوءَ پوليءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪري چڪي هئي. سندس شڪ برابر نڪتو هو. هن ڏاڍي چٽائيءَ سان سوال ڪيا هئا، ۽ پولي ڏاڍي چٽائيءَ سان جواب ڏنا هئا. اهو مسئلو ايترو اٽانگو ۽ ناموزون هو جو ٻنهي گهٽي حد تائين مونجهارو محسوس ڪيو هو. ماءُ ڪي مونجهارو اهو هو ته اڄ هوءَ پنهنجي ڌيءَ کان ڏاڍا اڻ وڻندڙ سوال پڇڻ تي مجبور ٿي ويئي هئي. پوليءَ جي مونجهاري جو ڪارڻ اهو هو ته ڪُلي طرح اهڙي قسم جي ڳالهين کان ڪيس هميشه بيزاري ٿيندي هئي، ۽ هاڻي ته اهي ڳالهيون ماءُ سان ٿي رهيون هيون. ڪيس اهو ڏک هو ته سندس ماءُ گهٽو ڪري اهو سوچي رهي هئي ته هن پنهنجي معصوميت سان پنهنجي ماءُ جي فراخدلي ۽ رواداريءَ مان غلط فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جيئن ته گهٽي گفتگو اشارن ۽ ڪناين ۾ ٿي رهي هئي، انهيءَ ڪري ٻه پوليءَ جو ذهن چڱو پريشان هو.

غيرارادي طور تي مسز مُوني انهيءَ ننڍڙي نفيس ديواري گهڙيال ڏانهن ڏٺو جيڪو مينٽل پيس تي رکيل هو. جيئن ته سينٽ جارج جي ديول جا گهنڊ هاڻي وڄڻ بند ٿي ويا هئا، تنهنڪري ڪيس احساس ٿيو ته يارنهن وڄي چڪا هئا- گهڙيال ۾ يارنهن لڳي سترنهن منٽ ٿيا هئا. اڃا منجهند جي گاڏيءَ ۾ چڱو وقت پيو هو، هن سوچيو: 'آئون انهيءَ وچ ۾ ڏاڍي سولائيءَ سان مسٽر ڊوران سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهان ٿي، ۽ مالبورو اسٽريٽ کان ٻارهين وڳي واري گاڏيءَ ۾ وڃي سگهان ٿي.'

هاڻي ڪيس پڪ ٿي ويئي هئي ته هوءَ انهيءَ ڪم ۾ ضرور ڪامياب ٿي ويندي. نيٺ سڀ اخلاقي قدر به ته سندس فائدي ۾ هئا. هوءَ ويچاري ته هڪ مظلوم ماءُ هئي. اهڙي عورت جنهن سان ڏاڍي زيادتي ٿي هئي. هن انهيءَ نياڳي نوجوان کي اهو سوچي ته هو نيڪ سيرت ۽ شريف آهي، پنهنجي اجهي هيٺ رهڻ جي اجازت ڏني هئي، ۽ هاڻي انهيءَ احسان فراموش سندس ميزبانيءَ جو ناجائز فائدو ورتو هو. هُو هونئن به بي سمجهه ٻار نه هو. چوٽيهه پنجٽيهه جي لڳ ڀڳ ڄمار هئس. هاڻي هُو اهو بهانو به نه ٿي ڪري سگهيو ته هُوءَ جوانيءَ جي نشي ۽ ناتجربيڪاريءَ جو شڪار ٿيو هو. هُو نه لاعلمي جو سهارو به نٿي وٺي سگهيو، ڇو ته هُن دنيا ڏٺي هئي ۽ دنيا جي هيٺ-مٿاهين کان چڱيءَ طرح واقف هو. اهو ته صاف ظاهر هو ته هن پوليءَ جي جواني ۽ ناتجربيڪاريءَ مان فائدو ورتو هو. هاڻي سوال اهو ته هُو ڪيتري حد تائين ڪهڙي قسم جو ڏنڊ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي سگهيو ٿي؟ هاڻي ته تلافي بيحد ضروري هئي. خيالن جو وهڪرو ائين وهي هليو.

اهڙي قسم جي واقعن ۾ سزا ضروري ٿئي ٿي، مسز موني سوچيو. مرد کي ڇا آهي، هن لاءِ ته اهڙيون ڳالهيون ڪا اهميت ئي نٿيون رکن. هُو ته ٿوري دير جي عيش کان پوءِ پنهنجو دڳ وٺي وڃي سگهي ٿو، ڇڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪين. مصيبت ته ويچاري عورت لاءِ آهي، جنهن کي سمورا نتيجا ڀوڳڻا پوندا آهن. دنيا ۾ اهڙيون مائرون به هونديون، جيڪي اهڙن واقعن کان پوءِ ٿورو گهڻو روڪ پئسو وصول ڪري صبر ڪري ويهي رهن ٿيون. خود مسز موني کي اهڙن ڪيترن ئي واقعن جي سُڌ هئي. پر هاڻي هوءَ هرگز اهو نه ڪندي، هن ڏاڍي اعتماد سان فيصلو ڪيو. هن لاءِ پيڙا جو رڳو هڪ ئي وسيلو هو، جنهن سان سندس ڌيءَ جي بي حُرمتيءَ جو ازالو ٿي سگهيو ٿي-اهو هو هڪدم شادي!

هن هڪ ڀيرو وري انهيءَ مسئلي جي باري ۾ سيني پاسن تي غور ڪيو ۽ پوءِ ميريءَ کي مسٽر ڊوران ڏانهن موڪلي هيٺ ئي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. هاڻي ڪيس پڪ ٿي ويئي هئي ته هن معاملي ۾ فتح سندس ئي ٿيندي.

ٻوران چڱو سنجيدو ۽ گهٽ ڳالهائو نوجوان هو. ٻين وانگر هو نہ اوباش مزاج هو ۽ نہ چرب زبان. جيڪڏهن هن جي بدران مسٽر شيريڊن يا مسٽر ميڊ يا باتٿم ليونز هجن ها تہ ڪيس چڱي ڏکيائي کي منهن ڏيڻو پوي ها، مسز موني سوچيو. پر ٻوران جي طبيعت ئي اهڙي هئي جو ڪيس پڪ هئي تہ هُو ڪنهن قسم جي بدنامي برداشت نہ ڪري سگهندو. اها ڳالهہ ئي ڪجهہ اهڙي هئي جوگڏ رهندڙن وچ ۾ چوٻول شروع ٿي چڪو هو. گهڻو ڪري هر ڪنهن کي ٿوري يا گهڻي خبر هئي ۽ جن کي وڌيڪ تفصيلن جي خبر نہ هئي، انهن پنهنجي طرفان لوڻ مرچ لڳائي، لڪي افواهہ ڦهلائڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. ٻوران گذريل تيرهن سالن کان هڪ عيسائي ڪمپني ۾ نوڪري ڪري رهيو هو، جيڪا شراب جو ڪاروبار ڪندي هئي. اُتي جون حالتون ڪجهہ اهڙيون هيون جو انهيءَ بدناميءَ جي ڪري ڪيس نوڪري ڇڏڻي پيئي. اجا بہ ڪجهہ ويو ڪين هو، جيڪڏهن هُو سنئين راهہ تي اچي انهن جي مرضي پٽاندر هلڻ جو وعدو ڪري تہ سيڪجهہ نيڪ ٿي سگهي ٿو، مسز موني سوچيو. ڪيس انهيءَ جو احساس هو تہ چوڪرو چڱو ڪفايت شعار آهي. وٽس ٿوري گهڻي مُوڙي بہ ضرور هوندي.

هاڻي لڳ ڀڳ ساڍا يارهن لڳا هئا. انتظار کان ڪڪ ٿي، هوءَ اُٿي بيٺي ۽ سامهون آئيني ۾ پنهنجو اولڙو ڏٺائين. پنهنجي چمڪندڙ ڇهري جو فيصلہ ڪُن رنگ ڏسي ڪيس چڱي آٿت ملي ۽ هن سوچيو، 'اهڙيون عورتون بہ تہ دنيا ۾ آهن، جيڪي ڪنهن طرح بہ پنهنجي ڌيئرن جون شاديون نٽيون ڪري سگهن.' هن دل ئي دل ۾ خدا جو شڪر ادا ڪيو تہ هوءَ انهن مان نہ هئي.

هاڻي ڪجهہ حال هوڏانهن جو بہ ٻڌو. ٻوران جو اڄ صبح کان حال خراب هو. آرتوار جي اها صبح هن لاءِ چڱي پريشان ڪندڙ هئي. صبح جو هُن ڏاڙهي لاهڻ جي بہ پيرا ڪوشش ڪئي هئي. پر سندس هٿ ۾ معمول جي خلاف ڪجهہ اهڙي ڏڪڻي هئي جو مجبور ٿي ڪيس اهو ڪم روڪڻو پيو هو. ٽن ڏينهن جي سرخي مائل ڏاڙهي ڪجهہ اهڙي بيڊنگي نموني وڌي هئي جو هاڻي سندس ڪاڏيءَ کي پنهنجي دامن ۾ وٺي چڪي هئي. هر ٻئي ٽئين منٽ کان پوءِ سندس اکين ۾ ڏنڊ چائجي ٿي وئي ۽

عينڪ جي شيشن تي انهيءَ ڏند جي ڪري ڪيس بلڪل ڪجهه نظر نٿي آيو. هن ماٿ ميٺ ۾ عينڪ لاٿي ٿي، ڪيسي مان رومال ڪڍيو ٿي ۽ ڦرين پنهنجون لڙڪاٽيون اکيون ۽ پوءِ پنهنجي عينڪ صاف ڪيائين ٿي. رات جو جيڪي ڪجهه متس گذريو هو ۽ جهڙيءَ طرح ديول ۾ ڪيس پنهنجو ڏوهه باسڻو پيو هو، اهو سڀڪجهه چڱو شرمناڪ ۽ ڏکوئيندڙ هو. پادري ڏاڍي صفائيءَ سان سندس واتان انهيءَ شرمناڪ حماقت جي باري ۾ سمورا تفصيل ڇَورايا هئا ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٻوران پاڻ کي ايتري قدر ذليل محسوس ڪيو هو جو جڏهن ڪيس گناهن جي تلافيءَ جي واحد واٽ سُجهي ته هن هڪدم ٽورا مجي اها قبول ڪئي هئي. جيڪي ڪجهه ٿيڻو هو اهو ٿي چڪو هو، هاڻي هُو ڪري ئي ڇا ٿي سگهيو. پڇڻ ڪان ته اهو ئي بهتر هو ته هُو ماٿ ۾ شادي ڪري ڇڏي. پختائي ڪان ڪم وٺڻ، سندس وس ۾ نه هو. ڪيس پڪ هئي ته افواهه ضرور پکڙبا ۽ اهڙيءَ ريت سندس آفيس جي عملدارن کي ضرور خبر پئجي ويندي. هي نياڻو ٻبلن اهڙين ڳالهين لاءِ ڪيڏو ننيو شهر آهي، هن سوچيو. هر ڪنهن کي هڪبئي جي باري ۾ سڀڪجهه سُڌ پئجيو وڃي ۽ پوءِ اهڙيون ڳالهيون ته باهه وانگر پکڙجن ٿيون ۽ لڪائڻ سان به نٿيون لڪن. تصور جي ڏارائن ۾ وهندي وهندي ڪيس جيئن ئي پنهنجي پوڙهي عملدار جو خيال آيو ته دل زور سان ڌڙڪڻ لڳس. پوڙهو ليونارڊ پنهنجي پوڙهي آواز ۾ سڏيندو: 'ذرو مسٽر ٻوران کي ته هيڏانهن موڪل!' انهيءَ تصور سان ئي هو ڏڪي ويو. اُف اوهه... مان ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسي ويس، ٻوران ششدر ٿي سوچيو. هيڏي ڏکي نوڪري ۽ انهيءَ جي سموري ڪارگذاري، هونئن ئي اجايو ضايع ٿي ويئي. سندس سموري ايمانداري ۽ محنت جو خاتمو ڪيائين. ڪجهه اهڙيءَ طرح ٿيڻو هو؟- جوانيءَ ۾ هن چگي من ماني ڏيکاري هئي. ڪيس ته ڪڏهن خدا جي وجود ئي کان انڪار هو ۽ هميشه پنهنجي آزاد خياليءَ تي ناز هو، پر هاڻي ته اهي ڳالهيون پراڻيون ٿي چڪيون هيون. هونئن ته هُو اُجا تائين رينالڊز جي ترقي پسند اخبار خريد ڪندو هو، پر انهيءَ جي باوجود هن پنهنجا مذهبي فرض ڪڏهن نه وساريا هئا. هو سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ نون ڏهن مهينن تائين انتهائي معقول ۽ نيڪ زندگي گذاريندو هو. هاڻي ته هن ڪفايت شعاري به شروع ڪري ڇڏي هئي. ايترا

پيسا گڏ ڪري ورتا هئائين جو هاڻي هُو باقي زندگي آرام سان گذارڻ جا خواب ڏسڻ لڳو هو. هاڻي بہ هُو باقي زندگي سڪون سان گذاري سگهيو ٿي، پر ڏکيائي اها هئي جو ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي سندس زال کي خراب نگاهہ سان ڏسن ها ۽ کيس آسانيءَ سان قبول نہ ڪن ها. سڀ کان وڏي رنڊڪ تہ سندس بدنام پيءُ جي شخصيت هئي، جنهن کي سڀني ڄاتو ٿي. سندس ماءُ جي انهيءَ بورڊنگ هائوس جي باري ۾ بہ هاڻي چوٻول ٿيڻ لڳو هو. اوچتو هڪدم ٻوران کي لڳو، ڄڻ سندس سڀ دوست انهيءَ چوند تي کلندا هجن. بدقسمتيءَ سان اها ڇوڪري بہ گهڻو ڪري عاميانہ ڳالهيون ڪرڻ لڳي هئي. ڳالهہ ٻولهہ ۾ گهڻو ڪري غلط ٻولي ڳالهائيندي هئي، پر انهيءَ سان ڇا ٿو ٿئي؟ ”جيڪڏهن آئون سچ پچ ساڻس محبت ڪريان ٿو تہ سيڪجهہ نيڪ ٿي ويندو.“ هن سوچيو.

جيئن جيئن خيال پٽڪڻ لڳا ۽ اهي تصور جي تاڃي پيٽي ۾ ڦاسندا ويا، تيئن سندس سمجهہ ۾ اهو نہ آيو تہ انهيءَ ڇوڪري ساڻس جيڪي ڪجهہ ڪيو هو، انهيءَ جي جواب ۾ ساڻس محبت ڪري يا نفرت؟ اهو بلڪل صحيح هو تہ قصور هن جو پنهنجو بہ هو. هن بہ تہ انهيءَ گناهہ ۾ شرڪت ڪئي هئي. پر هاڻي انهيءَ جو ڪهڙو علاج، جو سندس جبلت هميشہ کيس آزاد رهڻ جي تلقين ڪئي هئي ۽ شاديءَ کان بچڻ تي آماده ڪيوهو. سندس ذهن چيو هو: شاديءَ جي جنجال ۾ هرگز نہ ڦاسج نہ تہ زندگيءَ جو سمورو لطف هليو ويندو.

هو ڪجهہ اهڙن ئي اجاين خيالن ۾ وڃايل هو تہ پولي هوريان در کڙڪايو. هُو هيستائين بيوس بنيو رڳو قميص ۽ پتلون ۾ پلنگ جي هڪ پاسي تي وينو هو. هن پوليءَ کي اندر سڏيو. اندر ايندي ئي هن سڏڪا ڀريندي کيس ٻڌايو تہ ڪالهہ رات هن پنهنجي ماءُ کي سيڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي سندس ماءُ ساڻس انهيءَ سلسلي ۾ گفتگو ڪرڻ واري آهي. پولي روئندي سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهون ورائي ڇڏيون ۽ ويڙهجي گهٽيل آواز ۾ چيائين، ”اوهہ ..... بوب ........ تون ئي ٻڌاءِ، مان نيٺ ڇا ڪريان ها؟ ..... هاڻي ٻڌاءِ ..... مان ڇا ڪريان؟ اُف خدايا ...... دل چوي ٿي، پنهنجو گلو گهُٽي ڇڏيان.“

ٻوران هوريان هوريان ڪيس دلاسو ڏنو، سندس لڙڪ اُگهيا ۽ ڪيس پڪ ڏياريائين تہ سيڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. پولي سندس ڇاتيءَ سان لڳي سڏڪا ڀري رهي هئي ۽ سندس ڇاتيءَ جو لاهہ چاڙهہ صاف ظاهر ڪري رهيو هو تہ هوءَ ڏاڍي پريشان هئي.

هاڻي ٻوران گنڊريل ڳالهين تي غور ڪيو تہ اوچتو ڪيس احساس ٿيو تہ انهي سلسلي ۾ سمورو قصور سندس نہ هو. ڪيس سڀ ڳالهيون ياد اچي ويون. جواني تہ ديواني مشهور آهي ۽ وري هن نياڳي ڇوڪري بہ تہ پنهنجي ناز و ادا سان ڪيس چڱو چريو ڪيو هو. ڪپڙا هميشہ اهڙا پائيندي هئي جو ايمان لُڏي ويندو هو. خواهہ مخواهہ ڪيس ٻانهن ۾ جڪڙڻ تي دل ٿيندي هئي. ڪيس اها رات بہ ياد آئي جيڪا مڪمل تباهي جي شروعات ثابت ٿي هئي. هُو گهڻو ڪري رات جو دير سان موٽندو هو. انهيءَ رات بہ هُو هڪ بيحد پُرسڪون ماحول ۾ ڪپڙا مٽائي رهيو هو تہ اوچتو پولي ٻجندي ٻجندي دروازو کڙڪايو. سندس ميڻ بتي هوا جي جهوٽي سان وسامي ويئي هئي، ۽ هن ٻوران جي ڪمري جي ميڻ بتيءَ سان پنهنجي ميڻ بتي جلائڻ ٿي چاهي، شايد هو شام جو وهنتي هئي.ڪيس ڍري ڳچيءَ وارو جئڪيٽ پاتل هو، پيرن ۾ نفيس چمپل پيل هئا ۽ هن پنهنجي جسم تي ڪا اهڙي خوشبوءِ لڳائي هئي، جنهن سان سمورو ڪمرو مهڪارجي ويو هو. هوءَ جهڪي ميڻ بتي جلائڻ لڳي تہ سندس سڊول صحتمند جسم جون حسين گولايون ٻوران جي ذهن ۾ شيطاني خيال اُڀارڻ لڳيون. ظاهر آهي تہ اهڙي رومانوي ماحول ۾ ڪنهن جو جيءُ جاءِ تي رهي سگهي ٿو؟

انهيءَ ڪان پوءِ جڏهن بہ هُو رات جو دير سان موٽندو هو تہ پولي ئي سندس ڪاڏو گرم ڪندي هئي. رات جي پُراسرار خاموشيءَ ۾ جڏهن سمورو گهر ننڊ جي هنج ۾ سُمهيل هوندو هو تہ ڪيس ايتري قدر پنهنجي ويجهو ڏسي ٻوران ڪي صفا هوش نہ رهندو هو تہ آخر ڇا ڪائي رهيو آهي. پولي سندس خيال بہ تہ ڪيڏو رکندي هئي.! جڏهن بہ رات نرندي هئي يا مينهن ۽ طوفان جو زور هوندو هو تہ هن لاءِ ڪاڏي سان گڏ شراب جو هڪ ننڍو گلاس ضرور هوندو هو. پولي گهڻو ڪري ماٺ ۾ اهو انتظام ڪندي هئي. اڄ ٻوران ڪي اهي ڳالهيون ياد اچڻ

لڳيون. سوچيائين، خراب ڇوڪري ناهي. شايد سالُس باقي زندگي گهاري ڪيس بيحد چئن نصيب ٿئي.

ماني کائڻ کان پوءِ ٻئي ماڻ ميٺ ۾، ڊبيل پيرن سان هڪٻئي جي ويجهو ٿي، هٿن ۾ پنهنجون پنهنجون ميڻ بتيون کڻي، ڏاڪڻ چڙهندا هئا ۽ ٽين منزل تي، دل نہ گهرندي، انتهائي بيدليءَ سان هڪٻئي کان موڪلائيندا هئا. گهڻو ڪري هو پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي، ڪيس چمندو هو. ميڻ بتيءَ جي جهڪي لڏندڙ روشنيءَ ۾ هوءَ ڪيس ڏاڍي پياري لڳندي هئي. سندس اکيون ڪيڏيون سهڻيون هيون! سندس هٿن جي گرمي ۽ سندس حُب ڀريو انداز ڪيس سيڪجهہ اجا تائين ياد هئا.

پر اهو حب ڀريو انداز تہ جڻاءَ ڪندڙ نہ ٿو ٿئي. حسين لمحا گهڻو ڪري جلد گذري ويندا آهن. اُف خدايا . . . هاڻي آئون ڇا ڪريان؟ سندس جبلت هڪ ڀيرو وري سندس مدد لاءِ ڊوڙندي آئي. هن هينئر بہ بچڻ جي تلقين ڪئي. پر نيٺ گناهہ جو ڪفارو ڪهڙي ريت ادا ٿئي ها؟ سندس ذهن راءِ ڏني تہ هن قسم جي گناهہ جي سزا تہ ڪيس ضرور ڀوڳڻي پوندي.

پولي سندس پرسان پلنگ تي نہ ڄاڻان ڪيستائين ويٺي رهي. ٻئي پنهنجي پنهنجي خيالن ۾ وڃايل هئا تہ اوچتو ميري دروازي تي آئي، ۽ هن دوران ڪي ٻڌايو تہ مئدم ڊرائنگ روم ۾ سندس منتظر آهي. دوران بيوسيءَ جي انداز ۾ اُٿي پنهنجو واسڪوٽ ۽ اووَرڪوٽ پاتو. ڪپڙا پائڻ کان پوءِ هن هڪ ڀيرو وري پوليءَ کي دلاسو ڏنو، سندس همت ٻڌائي ۽ پڪ ڏنائين تہ ڊڄڻ جي هاڻي ڪا ڳالهہ ناهي، سيڪجهہ نيڪ ٿي ويندو. هو مسز مونيءَ سان ملڻ لاءِ ڪمري کان ٻاهر آيو تہ ان وقت بہ پولي سندس پلنگ تي ويهي سڏڪا ڀري رهي هئي ۽ گهُٽيل آواز ۾ هوريان چئي رهي هئي: ”خُدايا! هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟... نيٺ ڇا ٿيندو“؟

ڏاڪڻ لهندي هڪ ڀيرو وري ڊوران جي عينڪ جي شيشن تي ايتري نمي ڇانئجي ويئي جو ڪيس ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ ڪين آيو. هن روڪجي عينڪ لاٿي ۽ رومال سان اها صاف ڪيائين. رستي تي هُن

جي دل گهُريو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ريت ڇت ڪِري پوي ۽ هُو ڪنهن آزاد بي فڪر پکي وانگر چپ چاپ اُڏري ڪنهن اهڙي ڏورانهين ڏيهہ ڏانهن هلي وڃي جتي پهچي هو هن مصيبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي، جتي سندس ذهن مان اهي ڏکوئيندڙ ڳالهيون هميشہ لاءِ غائب ٿي وڃن. انهن فراري خيالن جي باوجود سندس اندر ۾ ڪا اهڙي قُوت هئي جو ڪيس مجبوراً هيٺ ڊِڪي رهي هئي. رستي تي ميڊم ۽ سندس پنهنجي آفيس جي وڏن عملدارن جا سنگدل چهرا ڪيس گهوريندا رهيا ۽ هُو بي چئن ٿي ويو. سپ کان هيٺين منزل جي ڏاڪڻ تي جيڪ موني ملي ويس جيڪو موديخاني مان شراب جون ٻہ بوتلون کنيو مٿي وڃي رهيو هو. ٻنهي هڪ ٻئي کي سرد مهريءَ سان سلام ڪيو. ڪن پل لاءِ دوران جيڪ جي کهري لهجي، سفاڪ شڪل ۽ سندس مضبوط سگهارن ٻانهن ڏانهن ڏٺو تہ هو ڏڪي ويو. هيٺ پهچي بہ ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ اهي مضبوط ٻانهون ڪيس ڳِيا ڳِيا ڪري ڇڏينديون. ڏاڪڻ لهي بي اختيار مُڙي هن مٿي ڏٺو، جيڪ هاڻي بہ پنهنجي ڪمري جي پرسان بيهي ڪيس گهوري رهيو هو.

نہ ڄاڻان ڇو جيڪ ۽ مونيءَ کي ڏسي، دوران کي اها رات ياد اچي ويئي، جڏهن ميوزڪ هال جي هڪ موسيقار، جيڪو لنڊن جو رهندڙ هو، پوليءَ جي باري ۾ ٿورو بي تڪلفيءَ سان پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو هو، جنهن جو جيڪو نتيجو ٿيو هو، اهو اڄ دوران جي اکين اڳيان ڦري ويو. سمورو پروگرام رڳو جيڪ جي تشدد جي ڪري درهم برهم ٿي ويو هو. ڪيس روڪڻ ۽ خاموش ڪرڻ جي گهڻو ڪري سيني ڪوشش ڪئي هئي، پر هُو پلا ڇو ٿو قابو ۾ اچي! انهيءَ ويچاري موسيقار جو خراب حال هو. هن ڪيس هر هر پڪ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ هن جو مطلب خدانخواستہ پوليءَ جي بيعزتي ڪرڻ نہ هو. هُو پنهنجي زرد زرد چهري سان مرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ ڏاڍي معذرتاڻي انداز ۾ صفائي پيش ڪري رهيو هو، پر جڏهن تہ رڙيون ڪري آسمان مٿي کڻي ڏنو هو ۽ صاف صاف چئي رهيو هو تہ جيڪڏهن آئنده ڪنهن بہ سندس معصوم پيڻ جي شان ۾ گستاخي يا ڪنهن قسم جي بدتميزي سان گفتگو ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي تہ هُو سندس ڏند يجي ڇڏيندو. آخر ڇا سمجهيو هو ماڻهن، هن جي انتهائي شريف پيڻ ڪي؟

پولي نہ ڄاڻ ڪيستائين پلنگ تي ويهي ماٺ ڪري روئندي رهي. نيٺ هن اتي پنهنجا لڙڪ اگهيا ۽ آئيني جي ويجهو ويئي. هن ٽوال جو ڪنارو پاڻيءَ ۾ پسايو ۽ پوءِ ٽٽي ٽوال سان اکين کي آلاڻ سان تازو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن خود کي آئيني ۾ هر رخ کان ڏٺو ۽ پوءِ ڪنن کان ٿورو مٿي، وارن جي پن ٻيهر لڳائي وار درست ڪيا. پوءِ هوءَ ٻيهر پلنگ تائين ويئي ۽ پيرانديءَ ڪان ويهي رهي. هوءَ چپ چاپ وجايل وجايل انداز ۾ ڇگي دير تائين ٽِڪ ٻڌي وهاڻن کي ڏسندي رهي. اهي ڏسي سندس ذهن ۾ بيشمار دلڪش خيال اُڀري آيا. حسين رومانی يادن جو هڪ سيلاب منڊ جي آيو. لوهي پلنگ جي سرد سيرانديءَ تي پنهنجو ڪنڌ ٽڪائي هوءَ چپ چاپ ليٽي پيئي. هُن اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ بيشمار تصوَرن ۾ وڃائجي ويئي. هاڻي سندس چهري تي ڪٿي بہ ڪنهن قسم جي ايذاءُ جا آثار نہ هئا.

هوءَ ڏاڍي صبر سان، خوش ٿي، بنا ڪنهن گهٻراهٽ جي، ماٺ ميٺ ۾ انتظار ڪرڻ لڳي. هاڻي پريشان ڪندڙ يادن جي جاءِ تي سندس ذهن تي هوريان هوريان حسين توقعون ۽ مستقبل جي باري ۾ خوشگوار اميدون ڇانئجي ويون. سندس اهي حسين اميدون ۽ خوشگوار توقعون مٿس ڪجهہ انهيءَ حد تائين ڇانئجي ويون جو هاڻي ڪيس نہ اهي صاف سٿرا وهاڻا تي نظر آيا ۽ نہ ڪيس ياد رهيو تہ اجهو هاڻي ٿوري دير اڳ تائين هن ٽڪ ٻڌي اهي ڏسي ڇا ڪجهہ سوچيو هو. ڪيس تہ اهو بہ ياد نہ رهيو تہ هاڻي ڪيس ڪهڙي شيءِ جو انتظار هو.

ڇگيءَ دير کان پوءِ ڪيس ڪٿان پري کان پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ هوءَ ڇرڪي وئي. ماڻس ڪيس هيٺ سڏي رهي هئي. هوءَ تيزيءَ سان اُٿي ۽ ٻوڙندي ڏاڪڻ ڏانهن رخ رکيائين.

"پولي!. . . پولي!"

"ها... امان!"

"هيٺ اچ ڌيءَ، مسٽر ٻوران توسان ڪجهہ ڳالهائڻ ٿو چاهي."

اوچتو هاڻي ڪيس ياد اچي ويو تہ آخر ڪيس ڪهڙي ڳالهہ جو انتظار هو.□□□

# مڇي

## سِين او فالين

### انگريزي (آئرلنڊ)

اُنهن جو ڪٽنب جڏهن بہ ’جي‘ نالي ڳوٺ ۾ ايندو هو تہ ننڍڙي جُولِيا سينيءَ ڪان اڳ اُن طرف ڏانهن ڏسندي هئي، جنهن ڪي اونداهو رستو ڇيو ويندو هو. اُها اصل ۾ ٽُلهين ڦهليل ٽارين واري هڪ پراڻي ڦلواڙي هئي، جيڪا جهنگ ۾ بدلجي چڪي هئي. زمين تي ڪِريل ويڪرا پيلا پن ايڏا بہ سُڪل نہ هوندا هئا، جو پيرن هيٺان دٻجي ٽُٽي پون. لڳندو هو، هيٺائين واري زمين سدائين تڏي ۽ پُسيل هوندي هئي.

جُوليا انهيءَ ڦلواڙيءَ جي بلڪل اندر هلي ويندي هئي. ٿورو پرتي تائين تہ ڪيس لڳندو هو تہ سندس پنيان سج آهي، پر وري ڪيس چوڌاري رات گهيريندي لڳندي هئي، ۽ هوءَ تجسس وچان اجا اڳيان، جتي وري روشني هوندي هئي، ڀوڙندي هلي ويندي هئي. اڳتي پريان ۽ اهڙيءَ طرح ڀوڙندي، سهڪندي، ٽاڙيون وڄائيندي ۽ ڪلندي، هوءَ اُس تائين پهچي ويندي هئي ۽ جڏهن اُس جي چمڪ سان پرجي ويندي هئي تہ اڌ رستي تائين وڃي واپس موٽي ايندي هئي.

هِن سال سندس خوشيءَ ۾ سرسي اچي ويئي هئي، ڇو جو هوءَ پنهنجي ننڍي ياءُ کي بہ اُنهيءَ هنڌ تي وٺي آئي هئي. ننڍي ياءُ کي اوڏانهن ويندي ٿورو ڊپ پئي لڳو. هُو ننڍيون ننڍيون ٻرانگهون تيستائين پري سگهندو هوندو، جيستائين جُوليا اونداهيءَ کي چيري پار پوندي هئي. هُو پوءِ بہ سندس پويان ڀوڙندو رهندو هو ۽ زور زور سان ڪيس سڏيندو رهندو هو. پر جڏهن ٻنهي اونداهيءَ کي ڪيترائي ڀيرا چيري نڪتا ۽ گهر موٽيا، تہ جيئن گهر وارن کي ٻڌائي سگهن تہ

ڪيئن ۽ ڪٿي ويا هئا ته ننڍو ياءُ ڳالهه ۾ ڪجهه وڌاءُ ڪري ٻڌائي رهيو هو، انهيءَ ڪري جوليا ڪيس چيڙائي رهي هئي:

”روئٽو ڪنهن جاءِ جو!“

”تون پاڻ اُتي ڏٺي رهي هئينءَ...“

”چڱو، هاڻي آئون ڪڏهن توکي اُتي وٺي نه ويندس.“

”ٽائين ٽائين فش...“

”ٽُر هتان...“

ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿيڻ لڳو ته ڪنهن چيو، ”اُتي توهان هڪ ننڍڙي ڪُئيءَ کي به ڏٺو؟“

جوليا جون اکيون حيرت سان پرجي ويون ۽ اُوساهه جي ڪارڻ سندس ڪنڌ سيٽجي ويو. هوءَ ٻارنهن ورهين جي هئي. انهيءَ ڄمار ۾ هر ڳالهه جي پويان هڪ ڪهاڻي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اُتي ته هوءَ هر سال ويندي هئي، اُتي جي ڪُنڊ ڪڙڇ کان واقف هئي. آڪڙ مان چيائين، ”بڪواس!“

پر، هوءَ پوءِ اُتي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻ جو بهانو ڪري واپس ويئي، ۽ ڪيس پيچري جي پرسان، هڪ پاسي هڪ پٽرائين مٿانهين هنڌ تي هڪ ڪڏ نظر آئي. اها ڪکن، ڪانن ۽ پنن سان ڍڪيل هئي، جنهن ڪري ڪيس زمين جو چپو چپو ڳولڻ کان پوءِ ڏکيائي سان ڏسڻ ۾ آئي هئي. اُنهيءَ ڪڏ ۾ تورو پاڻي بيٺل هو. اوچتو ڪيس پاڻيءَ ۾ هڪ ننڍڙي مڇي ڏسڻ ۾ آئي. هوءَ ڊوڙي گهر آئي ۽ پنهنجي ننڍي ياءُ اسٽيوَن کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويئي. ٻنهيءَ کي ايڏو تجسس هو جو کين اونداهيءَ کان ڊڄڻ به وسري ويو هو. گندي پاڻيءَ جي اها ڪڏ اُنهيءَ مڇيءَ لاءِ جيل مثل هئي. اُن ۾ هوءَ اونڌي ٿي پيئي هئي ۽ سندس چانديءَ جي رنگ جهڙو پيٽ ٽڪڙو ٽڪڙو ساهه ڪٽندي ڏسڻ ۾ پئي آيو.

خبر ناهي، اُها مڇي اُتي ڪيئن اچي ويئي هئي. رنڌڻي ۾ ماني تيار ڪندي، ٻُڍو ماربن به ڪِلندو رهيو ۽ هن ٻارن جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جيستائين جوليا ڪيس اُتي وڃي اکين سان نه ڏيکاريو. هوءَ اُتي اوڪڙون ويهي، مٿي ۾ پاتل ٽوپيءَ کي پويان سرڪائي، پاڻيءَ جي اُنهيءَ ڪڏ ۾ غور سان جهاتي پائي ڏسڻ لڳي.

”سچ پچ، ڳالهه تہ سچي آهي. هيءَ شيطان هتي ڪيئن آئي؟ “چوندي، هوءُ جُهڪي مڇيءَ کي جهلڻ لڳو تہ جوليا کيس روڪي ورتو. اها مڇي جوليا ڏني هئي، تنهنڪري سندس ئي هئي، سندس ئي امانت هئي.

جوليا گهر آئي تہ ماڻس چيس، ”هِن کي ضرور ڪنهن پکيءَ چهنب ۾ جهلي آندو هوندو.“ پڻس جو خيال هو تہ سياري ۾ دريا جي چاڙهہ جو پاڻي هِن طرف آيو هوندو، جنهن ۾ اها مڇي وهندي هتي آئي هوندي. سياري ۾ تہ آرام سان رهي هوندي، پر جيئن ئي اونهارو شروع ٿيو هوندو ۽ پاڻي سڪڻ لڳو هوندو تيئن هيءَ ٿوري پاڻيءَ ۾ ڦاسي پيئي هوندي.

جوليا وري جڏهن اڪيلي اُنهيءَ هنڌ تي ويئي تہ آرام سان ويهي سوچڻ لڳي. سندس ياءُ گهر ۾ ماڻس جي پاسي ۾ ويهي مڇيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ چئي رهيو هو. کيس مڇيءَ ۾ ايتري دلچسپي نہ هئي، جيتري ڪهاڻيءَ ۾. ماڻس ڪهاڻي ٻڌايس: ”هڪ ڏينهن مڇي ماءُ...“

اها ڪهاڻي جڏهن هن جوليا کي ٻڌائي تہ جوليا ”هل هل“ چئي ياڻس کان ٻڌل اُنهيءَ ڪهاڻيءَ کي رد ڪري ڇڏي.

جوليا کي جيڪا ڳالهہ تڪليف ڏيئي رهي هئي. اُها هئي مڇيءَ جو ساڳي طرح اونڌي مُنهن پيل هئڻ، ۽ سنو ٿيڻ لاءِ وٽس جڳهہ نہ هئي. سندس چانديءَ جهڙو پيٽ يا تہ جلدي ڦٽڪي رهيو هو يا وري بلڪل مئل وانگر نظر ٿي آيو. هوءَ حيران هئي تہ اُتي هوءَ ڇا ڪائيندي هوندي؟ هوءَ گهر مان مانيءَ ٽُڪر ڪٽي ويئي، ۽ اُتي وجي هڪ جيت جهلي مڇيءَ جي اڳيان اُڇليائين. مڇيءَ ڪجهہ بہ نہ ڪاڌو. هوءَ ساڳي ريت سهڪندي ساهہ کڻندي رهي. جوليا سوچيو: سياري ۾ جڏهن هوءَ اسڪول ۾ هئي، تہ اها مڇي سمورو وقت هِتي ئي پيئي رهي؟ سڄو سيارو؟ اڪيلي؟

اُهي جُون جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا- سال جا سڀ کان وڏا ڏينهن. سڄ سڄي دنيا کي گرمائي رهيو هو. اِنهيءَ وقت جيتوڻيڪ ڇگي موچاري دير ٿي ويئي هئي، پوءِ بہ سج ڇڻ اڃا بہ گرم هو. جوليا گهر اچي هڪ

سنهڙي چادر تاڻي سمهي پيئي هئي. سيئي هينئين منزل ۾ سمهندا هئا. جوليا کي ٻاهر وڻن جي وچ مان چنڊ چڙهندي نظر آيو. سمهڻ کان اڳ ماڻس اسٽيوَن کي وري مڇيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي رهي هئي، پر جاڳي واڻي اوڏانهن پُٺي ڏيئي پنهنجو ڪتاب پڙهي رهي هئي. اهڙي ريت سندس هڪ ڪن ڪهاڻيءَ ڏانهن به لڳل هو.

”پوءِ ڇا ٿيو جو اُها ننڍڙي مڇي هڪ هنڌ ڄمي گهر ۾ ويهي نه سگهندي هئي. اُها ٻوڙندي ٻوڙندي هِتي اچي نڪتي، ۽ هِتي روز ڏکي ٿيڻ لڳي. پاڻي گهٽجڻ لڳو، سڪڻ لڳو....“

جوليا تاءُ کائي چيو، ”امان، انهيءَ ڪهاڻيءَ کي اجايو هڪ خراب اثر ڇڏيندڙ ڪهاڻي ته نه بناءِ.“

ماڻس چئي رهي هئي، ”آسماني پري امان هُن لاءِ مينهن وسائيندي، ڪڏون پاڻيءَ سان پرجي وينديون، هڪ نئن وهندي ايندي ۽ هوءَ انهيءَ نديءَ ۾ ترندي پريان وهندڙ دريا ۾ وڃي پوندي.“

جوليا چنڊ ڏانهن ڏسندي سوچي رهي هئي: ’پري امان جهڙي ڪا شيءِ نه هوندي آهي. مڇي اُتي ئي ڪڏ ۾ پيئي سهڪندي رهندي، ۽ پوءِ ڪو مڇي جهليندڙ ايندو ۽ کيس جهلي ڪٽي ويندو.‘

هوءَ هنڌ مان اُٿي ويٺي. اسٽيون گهڻي دير اڳ ۾ سمهي پيو هو. هُن سوچيو، اُتي چنڊ جي چانڊوڪي هوندي. هُن دريءَ جي پرسان وڃي ڏٺو. چانڊوڪيءَ ۾ جبل پريان ڏسڻ ۾ پئي آيا، ۽ وڻ ساهه ڪٽندي لڳي رهيا هئا. هوءَ ماٺ ميٺ ۾ اُٿي، پاڻيءَ جي بالٽي پريائين، ۽ دريءَ مان ٽپي ٻاهر آئي. پاڻي ڇُلڪيو ٿي ته سندس مُريا پُسي پيا ٿي. پوءِ اُتي پهچڻ تي، هن غور سان ڏٺو، پر اُها ڪڏ ڳولي نه پئي مليس. ’اوهه خدا!‘ چئي هوءَ ٻوڙندي سهڪندي هيڏانهن هوڏانهن ڳولي رهي هئي ته کيس اُها ڪڏ ملي ويئي. اُتي زمين تي ڳوڏا کوڙي، هن ڪڏ ۾ هٿ وڌو. هُن جو پنهنجو ۽ مڇيءَ جو، ٻنهي جا جسم ڏڪڻ لڳا. ٻئي ڌنيون، پر جُوليا پنهنجو هٿ مضبوط ڪيو ۽ مڇيءَ کي جهلي پاڻيءَ جي بالٽيءَ ۾ وڌائين. پوءِ هوءَ اونداهي جهنگ کي چيريندي اُن ڏِس ۾ ڊوڙڻ لڳي، جيڏانهن جي لاهيءَ ڏانهن درياءَ جو ڪنارو هو. سمورو رستو ائين لڳو ڄڻ مڇي بالٽيءَ جي پاسن سان ٽڪرائجي رهي هجي.

ڪيس ٻپ هو تہ ڪٿي مچي اُچل ڪائي بالٽيءَ ڪان ٻاهر نڪري نہ اچي. نيٺ هوءَ دريا جي ڪناري پهچي ويئي ۽ اُمالڪ بالٽيءَ کي درياءَ ۾ اونڌي ڪيائين. چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ مڇي هڪ ڀيرو چمڪي ۽ پوءِ دريا جي پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويئي. هاڻي رڳو چنڊ جي چانڊوڪي ترندي ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي.

جوليا ڪنهن پکيءَ وانگر اڏامندي پوئتي موٽي، پنهنجي گهر، پنهنجي هنڌ ۾. موج ماڻڻ جي احساس هيٺ، جسم کي پنهنجي پاڻ سان لڳائي سمهي پيئي. سندس موڪلن جا ڏينهن ڪيس هڪ خوبصورت دريا وانگر وهندي محسوس ٿيا.

صبح سوير اُٿي تہ اسٽيوَن سهڪندي چئي رهيو هو، "اُها اُتي تہ ناهي. ڪيڏانهن ويئي؟ ڪيئن ويئي؟"

۽ جوليا مٿي آسمان ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳي، "منهنجو خيال آهي، "هُن جي پري امان آئي هوندي،" ۽ پنهنجا هٿ مليندي کِلڻ لڳي.

□□□

# پيءُ

## گاءِ ڊي مؤپسان

### فرينچ (فرانس)

هُو تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ هو ۽ آفيس ڏانهن روز بس ۾ چڙهي ويندو هو. ساڳئي وقت هوءَ به بيٽينولز ڳوٺ مان پيرس ويندي هئي، جتي هوءَ هڪ دڪان تي نوڪري ڪندي هئي. ٻنهيءَ کي گهٽو ڪري هڪٻئي جي سامهون جڳهه ملي ويندي هئي. اُنهي ڇوڪريءَ ۾ هونئن ته ڪا خاص جاذبيت ته ڪانه هئي، بس، معمولي مهانڊو هئس جيئن عام ڇوڪرين جو ٿيندو آهي، بلڪ سندس چمڪندڙ اکين ۾ فرانڪوئيس کي گهرائي محسوس ٿيندي هئي. هُو هر روز جڏهن مقرر وقت تي بس اسٽينڊ تي ايندو هو ته اُها ڇوڪري به انهيءَ گهٽيءَ مان نڪري ڪانئس ڪجهه وٿيءَ تي بيهي بس جو انتظار ڪرڻ لڳندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي جون نگاهون ٽڪرائيبيون هيون، پر جلد ئي ٻئي ڄڻا منهن ورائي بيپرواهيءَ سان ٻئي طرف ڏسڻ لڳندا هئا. اڪثر ائين ٿيندي بس اچي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن ڇوڪري وقت تي نه پهچندي هئي ته هُو بيچينيءَ وچان پويان گهٽيءَ ۾ نهاريندو هو ۽ ڊرائيور کي ڪجهه منٽ لاءِ ترسڻ جو چوندو هو. جيئن ئي بس هلڻ شروع ڪندي هئي ته ڇوڪري به اچي پهچندي هئي ۽ هلندڙ بس ۾ چڙهي پوندي هئي. پنهنجي سيٽ تي ويهڻ کان پوءِ هوءَ هميشه چئني پاسن واجهائيندي هئي ۽ جيئن ئي انهن جون نظرون چار ٿينديون هيون ته ٻنهيءَ جي جسمن ۾ سنسني پيدا ڪندڙ لهرون ڊوڙي وينديون هيون ۽ ائين ئي ٻيئي نظرون ڦيرائي ٻئي طرف ڏور نهارڻ لڳندا هئا.

هاڻي هو چڱي طرح هڪبئي کي سڃاڻڻ لڳا هئا، پر پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو نه مليو هئن. فرانڪوئيس پهرينءَ نظر سان ئي کيس پسند ڪيو هو ۽ هاڻي روز روز خاموش ملاقاتن دوران هوءَ کيس اڃا به وڌيڪ خوبصورت ۽ معصوم نظر اچڻ لڳي هئي. فرانڪوئيس هاڻي محسوس ڪرڻ لڳو هو ته کيس انهيءَ ڇوڪريءَ سان دل ۾ محبت ٿي ويئي آهي. هن ڇوڪريءَ جي نگاهن ۾ پنهنجي لاءِ محبت جا جذبا پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ کيس ناڪامي نه ٿي. جڏهن هو ڏانهس نهاريندو هو ته ڇوڪريءَ جي چهري تي حيا جي لالاڻ اچي ويندي هئي. سندس ڪن ڏڳندڙ اڱرن وانگر ڳاڙها ٿيڻ لڳندا هئا ۽ هوءَ گهٻرائجي نظرون ڦيرائي ڇڏيندي هئي. هر دفعي هو فيصلو ڪندو هو ته هاڻي ڏانهس نه نهاريندو پر جيئن ئي سامهون ايندي هئي ته بي اختيار سندس نظرون ڇوڪريءَ جي چهري تي ڄمي ويندين هيون. آهستي آهستي اها هٻڪ به ختم ٿي ويئي ۽ هاڻي هو هڪبئي کي ڏسي مشڪڻ به لڳا هئا پر گفتگو جو وجهه نه مليو هئن!

نيٺ اهو حجاب به ويندو رهيو. هڪ ڏينهن ڇوڪري دير سان آئي. بس ۾ ڪا سيٽ خالي نه هئي. هوءَ پريشانيءَ وچان چوڌاري نهارڻ لڳي. فرانڪوئيس کان پنهنجي محبوبا جي بيچيني برداشت ٿي نه سگهي ۽ هو اُٿي کيس پنهنجي سيٽ تي ويهڻ لاءِ چئي پاڻ بس مان لهي ويو. ڇوڪري ٿورو مجيندي سيٽ تي ويهي رهي ۽ بس رواني ٿي ويئي. اُن کان پوءِ به اهڙا اتفاق ٿيندا رهيا. ڇوڪريءَ کي بس ۾ سيٽ نه ملندي هئي ته فرانڪوئيس پنهنجي سيٽ پيش ڪندو هو. هوءَ رسمي طور انڪار ڪندي هئي پر زور ڀرڻ تي ويهي رهندي هئي ۽ هُو هيٺ لهي ٻي بس جي انتظار ۾ بيهي رهندو هو. فرانڪوئيس کي پنهنجي انهيءَ قرباني تي بيحد خوشي محسوس ٿيندي هئي. پر انهيءَ قرباني سبب کيس پنهنجي دل تي جبر ڪرڻو پوندو هو، ڇو ته آفيس ۾ دير سان پهچڻ ڪري بالا آفيسرن جون جهڙڪون به سهڻيون پونديون هيس ۽ پوءِ اڌ ڪلاڪ جو اهو سفر، سندس لاءِ اَٿاهه خوشين کي پنهنجي جهول ۾ سميٽي، هر روز پڌرو ٿيندو هو. جنهن ڏينهن کيس اڪيلو ڪنهن

بس ۾ وڃڻو پوندو هو تڏهن سندس بيچينيءَ جي انتها هوندي هئي ۽ انهيءَ ڏينهن هُو اُداس رهندو هو.

بس ۾ هڪبئي جي سامهون ويهندي، هاڻي هو ڪڏهن ڪڏهن ٻن چئن رسمي جملن جي ڏي وٺ به ڪري وٺندا هئا. آهستي آهستي منجهن بي تڪلفي ۽ بي حجابيءَ سان ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ اوچتو جڏهن اهو وٽندڙ سفر ختم ٿي ويندو هو ته فرانڪوئيس دل ڏاڍي ڪري ڪانئس موڪلائيندو هو. هوءَ سندس دل ۽ دماغ تي ائين ڇانئجي ويندي هئي جو آفيس جي ڪم ۾ به دل نه لڳندي هئس. رات جو سمهندي تصور ۾ گم رهندو هو ۽ طرح طرح جون ڳالهيون سوچيندو رهندو هو. آڌي رات جو اک کُلندي هئي ته ٻيهر ننڊ نه ايندي هئس ۽ صبح جي انتظار ۾ بستري تي پاسا ورائيندي رات گذرندي هئس.

بس اسٽينڊ تي به نهايت بيچينيءَ وچان سندس راهه تڪيندو هو. ڪيتريون ئي بسون ايندڀون هيون ۽ نڪري ونديون هيون، پر جيستائين اُها ڇوڪري نه ايندي هئي، تيستائين هو بس ۾ نه چڙهندو هو. جيئن ئي ڇوڪري پريان ڪان پاڻ پسائيندي هئي ته سندس جسم ۾ خوشيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي ويندي هئي، اُداس چهري تي تازگي اچي ويندي هئي ۽ منهن تي مُشڪ به اُڀري ايندي هئي. ڇوڪري به ڪيس ڏسندي ئي هٿ لوڏيندي مشڪندي ويجهو ايندي هئي ۽ ٻئي ڄڻا بي معنيٰ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا هئا ته ايتري ۾ بس اچي ويندي هئي ۽ ٻئي ڄڻا وڃي سيٽن تي ويهندا هئا. سفر دوران هُو هڪبئي کي ڏسندا رهندا هئا ۽ جڏهن بس منزل مقصود تي پهچندي هئي ته هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي ڪم تي روانا ٿي ويندا هئا.

آچر جو ڏينهن ٻنهي لاءِ عذاب کان گهٽ نه هوندو هو، ڇو ته ٻنهي جي انهيءَ ڏينهن ملاقات ٿي نه سگهندي هئي. هُو پريشانيءَ وچان چوندو هو، ”هي آچر جو ڏينهن به عجيب عذاب آهي. ڪاش انهيءَ ڏينهن تي موڪل نه هجي ته سندس ديدار کان محروم نه هجان ها!“ فرانڪوئيس محسوس ڪيو ته ڇوڪري به منجهس دلچسپي وٺي رهي آهي ۽ بعد جي ملاقاتن ۾ بي تڪلفيءَ مان هن اندازو لڳايو ته هُوءَ به ساڻس محبت

ڪري ٿي. آخر هڪ ڏينهن هن ڇوڪريءَ کي دعوت ڏني ته هوءَ آچر جو بن پهرن جي ماني وٽس کائي. ڇوڪريءَ دعوت قبول ڪئي ۽ طئه ٿيو ته مشينز ليفٽي جي ڪنهن هوٽل ۾ گڏجي ماني کائيندا. انهيءَ ڏينهن فرانڪوئيس جي خوشيءَ جي ڪا حد نه هئي.

آچر ڏينهن مقرر وقت تي جڏهن هو ريلوي اسٽيشن تي پهتو تڏهن کيس خوشيءَ سان گڏ تعجب به ضرور ٿيو جو هوءَ اڳ ۾ ئي سندس انتظار ڪري رهي هئي. فرانڪوئيس جيئن ويجهو پهتو تيئن ئي ڇوڪري کيس مخاطب ٿي، ”گاڏي ڇٽڻ ۾ باقي ويهه منٽ آهن ۽ اهو وقت مناسب سمجهي توسان هڪ ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿي.“ اهو چوڻ سان ڇوڪريءَ جو جسم ڏڪڻ لڳو ۽ ڳلن جو رنگ به پيلو پئجي ويو. هن فرانڪوئيس جي ڪلهي تي هٿ رکي سهارو ورتو ۽ زمين ۾ نظرون کپائي چوڻ لڳي، ”مان توکي ڪنهن دوکي يا فريب ۾ نه ٿي رکڻ چاهيان ۽ تون جيستائين وعدو، بلڪ قسم نه کائيندين ته تون مون سان ڪابه اجوڳي حرڪت نه ڪندين، مان اُن وقت تائين توسان هرگز گڏ نه هلنديس.“

ڇوڪريءَ اهي لفظ اهڙي انداز سان چيا ڄڻ هوءَ انهيءَ لاءِ خاص زور ڏئي رهي هجي. سندس چهرو هڪ دفعو وري پيلو پئجي ويو. فرانڪوئيس سمجهي نه سگهيو ته هوءَ ڇا چئي رهي آهي ۽ کيس انهيءَ جو ڪهڙو جواب ڏيڻ گهرجي. هُو خاموشيءَ سان سوالي انداز ۾ کيس ڏسڻ لڳو. جڏهن سندس واتان ڪا ڳالهه نه نڪتي ته ڇوڪريءَ وري چپ چوريا. سندس لهجو پهرئين کان وڌيڪ سخت ۽ تکو هو ۽ اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئس.

”جيڪڏهن تون منهنجي عزت آبروءَ جي احترام جو وعدو ڪندي خوف ٿو کائين ته مون کي گهر وڃڻ جي اجازت ڏي.“

فرانڪوئيس سمجهي ويو ته هوءَ ڇا ٿي چوڻ چاهي. هُن ڇوڪريءَ جي ٻانهن کي نرمائيءَ سان دٻائي چيو، ”مان وعدو ٿو ڪريان ته تنهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪجهه به نه ڪندس“.

ڇوڪريءَ جو چهرو خوشيءَ وچان ٽڙي پيو، ڄڻ سندس دل تان ڪو بار لهي ويو هجي. سندس ننڍڙن سنهڙن سهڻن چپن تي

هڪ من موهيندڙ مشڪ ڪِڙي. ”ڇا واقعي سچ ٿو چوين؟“
”مان قسم کڻي ٿو چوان!“ فرانڪوئيس ڇوڪريءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي گنڀير لهجي ۾ وراڻيو.
فرانڪوئيس ٽڪيٽ وٺي آيو ۽ ٻئي ڄڻا گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا. گاڏو مسافرن سان ڀريل هو، انهيءَ ڪري سفر جي دوران ڪنهن ٻه ڪجهه نه ڪُڇيو. مشينز ليفتي پهچي اُهي گاڏيءَ مان لهي سين نديءَ جي ڪناري تي هلڻ لڳا. نديءَ جي لهرن ۽ اُن جي ڪناري تي پکڙيل سرسبز ميدانن تي چمڪندڙ اُس ڦهليل هئي ۽ هو هڪٻئي جي ٻانهن ۾ ٻانهون وجهي نديءَ ڪناري هلڻ لڳا.
”تو سوچيو ته ضرور هوندو ته مان ڪيتري نه بيوقوف آهيان.“
”ڇو؟“
”توسان جو اڪيلي هلي آيس“.
”واهه...! اها ته رواجي ڳالهه آهي.“
”نه، اها مون لاءِ رواجي ڳالهه نه آهي. مان نه ٿي چاهيان ته مان ٻه ٻين ڇوڪرين وانگر ڪا غلطي ڪري ويهان. مان پنهنجي ماءُ سان گڏ رهان ٿي. هن جي زندگي مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ گذري آهي، انهيءَ ڪري هوءَ ٻه چيڙاڪ ۽ بدمزاج ٿي پيئي آهي ۽ انهيءَ جو اثر مون تي ٻه ٿيو آهي. مون گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ته سنجيدگيءَ کي ترڪ ڪريان ۽ زندگي جي دلچسپين ۾ حصو وٺان، پر ڪامياب نه ٿيس.“
فرانڪوئيس جواب ۾ جهڪي ڪيس چمڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪري ڇرڪي پري هٽي ويئي ۽ نهايت ناراضگيءَ وچان چيائين، ”هاڻي ٿي ته تو قسم کاڌو آهي ته تون ڪابه اهڙي حرڪت نه ڪندين.“
مشينز ليفتي واپس اچي نديءَ جي ڪناري تي هنن هڪ ننڍي هوٽل ۾ ماني کاڌي. هوٽل جي ننڍڙي عمارت جي چوڌاري ڊگهن وڻن جا جهڳٽا اوچو ڳاٽ کڻي بيٺا هئا ۽ هوا ٻه ڏاڍي خوشگوار هئي. لذيذ کاڌي ۽ اعليٰ شراب ٻنهي تي سرُور جي ڪيفيت آڻي ڇڏي هئي. کاڌي مان فارغ ٿي ٻنهي پوءِ نديءَ جي

سئر جو پروگرام ناهيو ۽ سين نديءَ کي پار ڪندي لاڦريتي جي ڳوٺ ڏانهن هليا. اوچتو فرانڪوئيس ڪانئس پڇيو، ”تنهنجو نالو پڇي سگهان ٿو.“

”لائوزي“.

”لائوزي...“ فرانڪوئيس چپن ۾ ورجايو. سين نديءَ جون زورائتيون لهرون هاڻي جهڪيون ٿي ويون هيون. سج آهستي آهستي اولهه ڏانهن وڌندو ٿي ويو ۽ شفق بہ ڦهلبي پئي ويئي. لهندڙ سج جي سونهري ڪرڻن ۾ ندي ور وڪڙ کائيندي هڪ نانگ وانگر ميلن تائين ڊوڙندي هلي ٿي ويئي ۽ پاڻي ۾ اوچين سفيد عمارتن جو اولڙو نرت ڪري رهيو هو. ڇوڪري رستي تي گلن جي ٻوٽن مان سدا بهار کي چوندي هڪ سهڻو گلدستو ناهي رهي هئي ۽ فرانڪوئيس ڪنهن پراڻي گيت جا ٻول جهونگاري رهيو هو. سندس ساڄي هٿ تي، نديءَ جي لڳولڳ هيناهين تي، پريان گل ڦهليل هئا ۽ ائين ٿي لڳو ڄڻ زمين تي هڪ وڏو غاليچو وڇايل هجي. اهو منظر ايڏو دلڪش هو جو فرانڪوئيس بيخود ٿي بيهي رهيو ۽ بي اختيار لائوزي کي چوڻ لڳو، ”ڏس تہ ڪيڏو نہ پيارو منظر آهي!“

لائوزي بہ انتهائي خوش ٿي انهيءَ منظر کي ساراهيو ۽ ٻئي ڄڻا اوڏانهن هلڻ لڳا. جذبات جو طوفان سندن سينن ۾ ڇوليون هڻي رهيو هو. فضا جي رنگينيءَ ۾ انهن پاڻ کي ملائڻ چاهيو ٿي. هيناهين لتاڙي هو هڪ سوڙهي پيچيري تي هلڻ لڳا، جيڪو ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو. ٻنهي پاسن کان وڻن جون قطارون هيون. اهو هنڌ کين تمام سُڪون وارو ۽ فرحت بخش محسوس ٿيو. ٻڏندڙ سج جي سونهري ڪرڻن ٻنهي جو منهن ٿي چميو ۽ ماڪيءَ جي مکين جي ڀُون ڀُون هڪ دلاويز نغمي ۾ بدلجي وئي هئي. فضا ۾ گلن جي خوشبو کين مست ۽ بيخود ڪري ڇڏيو هو ۽ هو بي اختيار اُتي ويهي رهيا.

ڳوٺ جي ديول ۾ گهنڊ وڄي رهيو هو. بيخوديءَ جي ڪيفيت ۾ هو ٻئي هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ اچي ويا. ڇوڪري جذبات جي غلبي وچان پنهنجو پاڻ کي فرانڪوئيس جي ٻانهن جي

حوالي ڪري ڇڏيو. جڏهن هو جدا ٿيا ته ڇوڪريءَ کي محسوس ٿيو ته هو ٻئي پنهنجو قسم ٽوڙي چڪا هئا ۽ هوءَ پنهنجي قيمتي شيءِ وڃائي چڪي هئي. اهو احساس ٿيندي ئي هن پنهنجو چهرو ٻنهي هٿن سان ڍڪي ڇڏيو ۽ سُڏڪا ڀري رُئڻ لڳي.

فرانڪوئيس دلاسن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪري مسلسل روئندي رهي. سندس چهرو غم جي شدت کان ٽپي ٽامي وانگر ڳاڙهو ٿي ويو ۽ اکيون اُداس ۽ ويران ٿي ويون. هُو آهستي آهستي اُٿيا ۽ جتان آيا هئا، اوڏانهن واپس روانا ٿيا. سمورو وقت هوءَ فرانڪوئيس سان هڪ لفظ به نه ڪُڇي. ريلوي اسٽيشن تي پهچي ڇوڪري پنهنجو ٽڪيٽ خريد ڪري وڃي گاڏي ۾ وڃي ويٺي ۽ بيٽي نولز پهچندي ئي ريل مان لهي فرانڪوئيس ڏانهن نهارڻ ڪانسواءِ رواني ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن جڏهن هُو اومني بس ۾ ساڻس مليو ته لائوزي اڳي کان وڌيڪ ڪمزور ۽ بدليل نظر آئي. فرانڪوئيس ڏانهن نهاريندي ئي هن نفرت وچان منهن ڦيري ڇڏيو ۽ ايترو چيائين، ”مان توسان ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهيان، انهيءَ ڪري بوليورڊ تي لهجان.“ بوليورڊ تي ٻئي ڄڻا لٿا ۽ ڇوڪري نهايت سنجيده لهجي ۾ چيو، ”اڄ کان پوءِ مان توسان تعلقات ختم ٿي ڪريان ۽ ڪنهن به صورت ۾ هاڻي توسان ڪو به لاڳاپو رکڻ نه ٿي چاهيان.“ فرانڪوئيس ڪيس منت ڪئي، پنهنجي محبت جا واسطا وڌا ۽ ايتري قدر چيائين ته هو ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ به تيار آهي، پر ڇوڪريءَ ڪا به ڳالهه نه ٻُڌي. انهيءَ واقعي کان پوءِ سڄي هڪ هفتي تائين فرانڪوئيس لائوزيءَ جي شڪل به نه ڏٺي. هُن بس اسٽينڊ تي به اچڻ ڇڏي ڏنو. فرانڪوئيس کي اها به خبر نه پيئي ته لائوزيءَ جو گهر ڪٿي هو جو ڪيس ڪڏهن اهڙي ضرورت به پيش ڪانه آئي. اهي ڏينهن مٿس عذاب وانگر گذريا. ڪيس چَين نٿي آيو. هُو مايوس ٿي پيو. شايد ممڪن هو ته لائوزي هاڻي ڪيس ڪڏهن نه ملي. نوَن ڏينهن کان پوءِ جڏهن آفيس کان موٽي گهر اچي وينو هو ته ٿوري دير کان پوءِ گهنٽي وڳي. هُن دروازو کوليو. سامهون

لائوزي بيٺي هئي. هو عجب وچان ڪيس تڪڻ لڳو. اچا هن جي حيرت ختم ئي نہ ٿي هئي تہ لائوزي اڳيان وڌي ساڻس ٻڪجي ويئي.

ٽن مهينن تائين ڏينهن رات هوءَ سندس گهر ۾ رهي. هن پوريءَ طرح خود کي فرانڪوئيس جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ ڏينهن جڏهن لائوزي کيس ٻڌايو تہ هو پيءُ ٿيڻ وارو هو تہ هو ڏاڍو پريشان ٿي ويو. هاڻي لائوزيءَ لاءِ سندس دل ۾ ڪابہ ڪشش باقي نہ رهي هئي. ويتر جڏهن خبر پيس تہ لائوزي پيٽ سان آهي تہ سندس اکين مان ننڊ اُڏامي ويئي ۽ لائوزيءَ کان جند ڇڏائڻ جي اٽڪل سوچڻ لڳو. ڪيترا ڀيرا هن اشارتاً چيو تہ هوءَ پنهنجي ياءُ وٽ هلي وڃي. پر هوءَ انهيءَ لاءِ تيار نہ ٿي. نيٺ هڪ ڏينهن هو گهر مان غائب ٿي ويو. لائوزيءَ لاءِ اهو صدمو ايترو گهرو هو جو وٽس فرانڪوئيس کي ڳولڻ جي همت ئي نہ رهي. هوءَ چپ چاپ پنهنجي ماءُ وٽ هلي ويئي ۽ سندس پيرن ۾ ڪِري پنهنجن گناهن جو اقرار ڪيائين ۽ ڪجهہ مهينن کانپوءِ هن پٽ کي جنم ڏنو.

ڪيترائي سال گذري ويا. سج ڪيترائي ڀيرا اُڀريو ۽ لٿو، زمين اُن جي چوڌاري ڪيترائي ڦيرا مڪمل ڪيا. فرانڪوئيس جي جواني ٻڍاپي ۾ تبديل ٿيڻ لڳي. سندس وار اچا ٿيڻ لڳا ۽ ڳلن جا هڏا اُڀري آيا، پر سندس زندگي ۽ فرانس جي حالتن ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو. اُها ئي هڪجهڙائپ ۽ اُهائي هڪ ئي راهہ تي هلندڙ دفتري آفيس، جنهن ۾ نہ اُميدن جا رنگين خوبصورت سپنا هئا ۽ نہ ماضيءَ جون خوشگوار يادون. روزانو هو مقرر وقت تي گهر مان نڪرندو هو ۽ مقرر ٿيل رستي تان گذرندو آفيس پهچندو هو ۽ پراڻي ڪرسيءَ تي ويهي اهوئي روزمرهہ جو ڪم سرانجام ڏيئي گهر واپس ايندو هو. انهيءَ کان سواءِ سندس ٻي ڪابہ مصروفيت نہ هئي ۽ هو هيڏي ساري دنيا ۾ اڪيلو ٿي ويو هو. سندس نہ ڪو يار هو ۽ نہ غمگسار. آچر گذارڻ لاءِ هو باغن ۽ پارڪن ۾ بنان مقصد جي گهمندو رهندو هو ۽ نوجوان جوڙن کي گڏ گهمندو ڏسي حسرت وچان کين گهوريندو رهندو هو.

هڪ سهائي صبح جو پارڪ مونيسر ۾ ويو. اتي ڏاڍي رونق هئي. بيشمار ٻار پنهنجين مائرن ۽ آيائن سان گڏ آيل هئا ۽ راند ۾ رُڌل هئا. هُو گهمندي ٻارن کي ڏسڻ لڳو. اوچتو هڪ ڪُراڙي عورت ٻن ٻارن جي آگر جهلي سندس پرسان لنگهي. فرانڪوئيس جي نظر جڏهن سندس چهري تي پيئي ته ششدر تي ويو. هوءَ لائوزي هئي. ساڻس گڏ ٻه ٻار هئا، جن مان ڇوڪري جي عمر ڏهه سال ۽ ڇوڪريءَ جي عمر ڇئن سالن جي لڳ ڀڳ تي لڳي. انهيءَ اوچتي حادثي کان پوءِ سندس حواس ايترا ته خطا تي ويا جو پري پيل هڪ ڪرسيءَ تي وڃي ڪريو. لائوزي کيس سڃاتو ڪو نه هو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن سندس حواس جائتا ٿيا ته هو هڪ نظر وري کيس ڏسڻ لاءِ وڌيو. هوءَ هڪ جاءِ تي ويٺي هئي ۽ ڇوڪرو سندس پرسان خاموش ويٺو هو ۽ ننڍڙي ڇوڪري واريءَ جي گهرڙي ناهڻ ۾ رُڌل هئي. هو ڪجهه وقتيءَ تي بيهي لائوزي کي غور سان ڏسڻ لڳو. بيشڪ هوءَ لائوزي ئي هئي، پر هاڻي سندس چهري جا خدوخال ۽ جسماني چال ۾ ڪنهن حد تائين سنجيدگي ۽ وقار اُڀري آيو هو ۽ کيس سادا ڪپڙا پاتل هئا.

فرانڪوئيس سندس پرسان وڃڻ جي ڪوشش توڙي همت به نه ڪئي ۽ پري کان کيس تڪيندو رهيو. اوچتو ڇوڪري کيس گهوري ڏسڻ شروع ڪيو. سندس چهرو ڏسندي ئي فرانڪوئيس جذبات جي شدت کان ڏڪڻ لڳو. هن هڪ نظر سان ڇوڪري کي سڃاتو ته اهو سندس پٽ هو. فرانڪوئيس وٽ سندس ٻالڪپڻ جي تصوير هئي، جنهن ۾ هُو هوبهو انهيءَ ٻار جهڙو ڏسڻ ۾ آيو تي. وڻ جي ٿڙ پويان لڪي هو حسرت ڀريل نگاهن سان پنهنجي پٽ کي ڏسندو رهيو. لائوزي جڏهن هلڻ لڳي تڏهن فرانڪوئيس سندس پُٺ ورتي ته جيئن ڏسي ته هوءَ ڪٿي رهي ٿي.

انهيءَ رات فرانڪوئيس سمهي نه سگهيو. سندس پٽ جي شڪل هر هر اکين آڏو ڦرندي رهي. پٽ جي محبت جا جذبا سندس سيني ۾ لهرون هڻي رهيا هئا. ٻئي ڏينهن هُو انهيءَ گهر ڏانهن روانو ٿيو، جتي لائوزي رهندي هئي. پاڙي ۾ رهندڙ ماڻهن کان لائوزيءَ جي باري ۾ پُڇا ڪيائين ته سُڌ پيس ته پاڙي ۾ هڪ

نهايت بااخلاق شخص لائوزي سان لائون لڏيون اتس ۽ نہ رڳو ايترو بلڪ فرانڪوئيس مان پيدا ٿيل ٻار کي قانوني طور پنھنجو پٽ بہ تسليم ڪيو اٿائين.

فرانڪوئيس جو هاڻي روز جو معمول بڻجي ويو هو تہ هو هر آچر تي سواءِ مونيسر پارڪ جي وچڻ جي ٻيو ڪيڏانهن بہ نہ وڃي. لائوزي هميشہ وانگر ٻارن کي تفريح واسطي وٺي ايندي هئي ۽ هُو لڪي لڪي پنھنجي پٽ کي ڏسندو رهندو هو. پيءُ واري شفقت جوش ۾ ايندي هئي ۽ هُو ڏاڍو بيچئن رهندو هو. جذبات جي شدت ۾ ونجي هن ڪيترائي ڀيرا ارادو ڪيو هو تہ وڏي وڃي پنھنجي پُٽ کي هنج ۾ کڻي ڪيس خوب پيار ڪري، پر ائين ڪرڻ جي جرئت هو پاڻ ۾ ساري نہ سگھيو. انهيءَ اُميد تي ڪيترائي مهينا گذري ويا. نيٺ هڪ ڏينهن سندس صبر جو پيالو پرجي ڇلڪي پيو.

هڪ آچر جو لائوزي جيئن ئي ٻارن سان گڏ پارڪ ۾ داخل ٿي تيئن فرانڪوئيس ڏوهارين وانگر ڪنڌ جهڪائي مئل قدم کڻندو سندس سامهون اچي بيٺو. خوف کان سندس پيلو چھرو ۽ هٿ ڏڪي رهيا هئا. لرزندڙ چپن مان نيٺ آهستي آهستي آواز نڪتو، ”لائوزي، مون کي سڃاڻين ٿي؟“

لائوزي حيرت مان ڪيس ڏٺو. ڪجھہ گھڙين تائين هوءَ غور سان سندس شڪل جو جائزو وٺندي رهي ۽ پوءِ سندس وات مان دٻ پريل رڙ نڪتي، چڻ هن ڪا ڀيانڪ شيءِ ڏسي ورتي هجي. لائوزيءَ ٻنهي ٻارن کي سنڀاليو ۽ کين گھليندي پارڪ کان ٻاهر نڪتي. فرانڪوئيس جي چهري تي هڪ رنگ چڙهيو ٿي تہ ٻيو لٿو ٿي. هُو پٿر جي بُت وانگر بيءحس و حرڪت اُتي بيهي ڪيس ويندي ڏسندو رهيو.

اُها رات بہ سندس ڏاڍي ڏکي گذري. بستري تي سمهي، هُو ٻارن وانگر ٻانهن ۾ منهن وجهي رُئندو رهيو. انهيءَ ڳالھہ کي ڪيئي مهينا گذري ويا. اُن کان پوءِ لائوزي ڪڏهن بہ انهيءَ پارڪ ۾ وري ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. فرانڪوئيس پنھنجي پٽ جي محبت ۾ پاڳيءَ بنان مڇي وانگر تڙپندو رهيو. هن آفيس وڃڻ ڇڏي ڏنو.

ڏينهن رات گهر ۾ پيو هوندو هو ۽ هاڻي سندس حالت اها هئي جو پنهنجي پٽ کي رڳو پيار ڪرڻ خاطر هُو وڏي کان وڏو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ تيار هو، توڙي ڪيس ڪنهن کي قتل به ڇو نه ڪرڻو پوي. سِر ترِيءَ تي رکي هُن لائوزيءَ کي خط لکيو ته رڳو هڪ ڀيرو سندس پٽ کي ساڻس ملڻ ڏي، پر اُن جو جواب ڪو نه مليس. هن پوءِ به ڪافي خط لکيا، پر جڏهن ڪنهن جي به ورندي ڪانه ملي تڏهن سمجهي ويو ته اهي ڪوششون بيڪار آهن. مجبور ٿي هن هڪ انتهائي خطرناڪ قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جو نتيجو اهو به ٿي سگهيو ٿي ته پستول جي گولي سندس کوپريءَ مان پار ٿي وڃي. هن لائوزي جي مڙس کي هيٺيون خط لکيو:

محترم!

مون بدنصيب جي نالي کان ته توهان اڳيئي واقف هوندا. مان نهايت ئي مايوسيءَ جي ڪيفيت ۾ اوهان کي هيءُ خط لکڻ جي جرئت ڪريان ٿو ۽ منهنجون سڀ اُميدون توهان سان واڳيل آهن. مهرباني ڪري مون کي صرف پنجن منٽن لاءِ ملڻ جو وقت ڏيندا.

فقط بدنصيب

فرانڪوئيس

ٻئي ڏينهن ورندي اچي ويئي:

اگاري جي شام جو 5 وڳي مان اوهان جو انتظار ڪندس.

فليمل.

ٻئي ڏينهن اگاري جي شام جو هو پنهنجي پٽ سان ملڻ لاءِ لائوزيءَ جي گهر پهتو. عمارت جي ڏاڪڻ چڙهيو ته سندس دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. ڪيترائي ڀيرا ڪيس ساهي پٽڻ لاءِ وچ ۾ بيهڻو به پيو. هن محسوس ڪيو جڻ سندس سيني ۾ طوفان متل هجي ۽ اندر ئي ڪو جگر کي ساڙي رهيو هجي. هو ٽئين ماڙ تائين مشڪل سان پهچي سگهيو. هُن ڌڪندڙ هٿن سان گهنٽي وڄائي. نوڪرياڻيءَ اچي دروازو کوليو.

”مسٽر فليمل هتي ئي رهندو آهي؟“

”جي ها، اچو اچو!“

ڊرائنگ روم ۾ ڪيس ويهڻ جو اشارو ڪري نوڪرياڻي گهر اندر هلي ويئي، پر هو بيٺو ئي رهيو. ايتري ۾ دروازو کُليو ۽ ڪارو ڪوٽ پاتل هڪ ڊگهي قد وارو شخص ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس چهري جا خدوخال نهايت ئي سنجيده هئا. هُن هڪ ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪري فرانڪوئيس کي ويهڻ لاءِ چيو. فرانڪوئيس ويهي رهيو ۽ پيشانيءَ تان پگهر اُگهندي ڏکي چيائين:

”اوهان ...شايد منهنجي نالي کان ته واقف هوندا. مان...“

مسٽر فليمل ڳالهه وچ ۾ ڪاٽيندي چيو، ”مون کي اوهان جي باري ۾ ڪجهه ڳالهين جي خبر آهي، جيڪي لائوزيءَ مون کي ٻڌايون آهن.“

مسٽر فليمل جي لهجي ۾ موجود طنز جي بدران ڪيس نرمي محسوس ٿي، جنهنڪري فرانڪوئيس جي گهبراهٽ ڪجهه قدر دور ٿي ويئي ۽ اٽڪي اٽڪي نهايت عاجزانه انداز ۾ وڏيڪ چيائين: ”سائين، مان نهايت شرمندو آهيان جو بيان نٿو ڪري سگهان. ائين سمجهو ته جيڪا پريشاني ۽ رنج مون کي آهي، اُهو منهنجي لاءِ عذاب بڻجي پيو آهي ۽ انهيءَ کان نجات اوهان ئي ڏياري سگهو ٿا. خدا جي واسطي صرف هڪ ڀيرو مون کي اجازت ڏيو ته مان پنهنجي پٽ کي پيار ڪريان.“

مسٽر فليمل اُٿي گهنٽي وڄائي. اُهائي نوڪرياڻي آئي ۽ فليمل کيس حڪم ڏنو، ”وڃ، لوئيس کي هيڏانهن وٺي اچ.“

نوڪرياڻي هلي ويئي. هو ٻئي هڪٻئي کي ڏسندا رهيا. پاڻ ۾ ڪا به ڳالهه ٻولهه ڪانه ٿي. ڪجهه منٽن کان پوءِ ڏهن سالن جو ٻار ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ ڊوڙي انهيءَ شخص ڏانهن وڌيو، جنهن کي هن پنهنجو پيءُ سمجهيو ٿي، پر جڏهن ڪمري ۾ هڪ اوپري ماڻهوءَ کي ڏٺائين ته هٽڪي بيهي رهيو. مسٽر فليمل اڳتي وڌي ڪيس پيار ڪيو ۽ چيائين:

”چڱو پٽ، هاڻي هن ڏانهن وڃ ۽ ڪيس پيار ڪر.“

ڇوڪرو فرانڪوئيس ڏانهن وڌيو ۽ نهايت معصوماڻي انداز ۾ ڏانهس ڏسڻ لڳو. فرانڪوئيس ڪرسيءَ تان اُٿيو. سندس قدم

پنهنجي پٺ کي ايترو ويجهو ڏسي ڏڪڻ لڳا ۽ متي ۾ پيل فيلٽ هيٽ هيٺ فرش تي ڪري پيو. هو خود خوشيءَ وچان ڪري پوي ها، پر پاڻ بچائي ورتائين.

مسٽر فليمل دريءَ کان ٻاهر نهارڻ ۾ مصروف هو. ڇوڪرو حيرت مان انهيءَ ڏاڙهي شخص کي ڏسي رهيو هو ۽ ڪِريل هيٽ کڻي فرانڪوئيس کي ڏنائين. فرانڪوئيس بيتاب ٿي ساڻس ليپٽجي ويو ۽ بي اختيار کيس چمڻ لڳو. ڪڏهن اکيون چميائين ٿي، ڪڏهن منهن ته ڪڏهن وار. معصوم ٻار انهيءَ بي پناهه پيار کان ڊڄي ويو. هُن فرانڪوئيس جي ياڪر مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪنڌ ڦيرائي فرانڪوئيس جو چهرو هٽائڻ لڳو. تڏهن فرانڪوئيس کيس ڇڏي ڏنو. سندس اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. ڇوڪري کي آهستي الوداع چيائين ۽ پوءِ ڪمري مان ٻاهر ائين ڀڄو ڄڻ ته ڪو چور هجي.□□□

# پچتاءُ جا ڳوڙها

## گاءِ ڊي مؤپسان

### فرينچ (فرانس)

موسيو ساول، جنهن کي سندس پاڙي جا ماڻهو بابا ساول چوندا هئا. هُو اڃا هند مان اُٿيوئي مس هو ته ڪيس رُئڻ اچي ويو. سرءُ جا ڏينهن هئا. وڻن جا پن برسات جي بوندن وانگر ڪڏهن تيز ڪڏهن آهستي زمين تي ڪِري رهيا هئا. رنڌڻي جي پرواري دريءَ جي پرسان وڃي، هُو وري واپس اچي، کٽ تي ويهي رهيو تي. زندگيءَ ۾ سُک جون گهڙيون ٻه اينديون آهن، پر ساول جي زندگيءَ ۾ اڃا تائين اونداهيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڪين هو. سندس ڄمار پورا ٻاهٺ ورهيه اچي تي هئي ۽ هو ڪنوارو ئي رهجي ويو هو. هيڪلائيءَ ۾ مرڻ ٻه ڪيڏو نه ڏکيو آهي- بلڪل هيڪلو، ٻنان ساٿيءَ جي، اڻ ڄاڻ!

هن پنهنجي زندگيءَ تي نظر وڌي. ڪيڏي نه رُکي ۽ ڪوڪلي هئي! هو پنهنجن گذريل ڏينهن کي ياد ڪري رهيو هو... پنهنجي ٻالڪپڻ کي... گهر کي... ڪاليج جي زماني کي... اُن وقت کي، جڏهن هو پيرس ۾ قانون پڙهندو هو... پيءُ جي بيماري ۽ سندس موت کي... اهو سيڪجهه سندس اکين اڳيان گهمي ويو. پوءِ هو پنهنجي ماءُ سان گڏ رهڻ لڳو هو. خاموشيءَ سان وقت گذرندو رهيو. ڪين ڪنهن ٻه شيءِ جي ضرورت ڪانه هئي. نيٺ اهو ڏينهن ٻه آيو، جڏهن سندس ماءُ ٻه مري ويئي. زندگي ٻه ڪيتري نه ڏکن سان ڀريل آهي! هاڻي هُن اڪيلو رهڻ تي گهريو ۽ جلد ئي سندس مرڻ جو ڏينهن اچڻ وارو هو. هاڻي ساول وڌيڪ عرصو دنيا ۾ رهڻ نٿي چاهيو. ڪيڏي نه پوائتي ڳالهه آهي! دنيا

عيش ڪندي، خوش ٿيندي، پر هو زنده نہ رهندو! ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي جو موت اٽل هئڻ جي باوجود، دنيا ڪِلي خوش ٿي عيش پيئي ڪري. جيڪڏهن موت رڳو ممڪن ئي هجي ها، تہ پوءِ دنيا ڪهڙي اُميد رکي سگهي ها. پر نہ، موت تہ لازمي آهي، ائين لازمي آهي- جيئن رات ۽ ڏينهن اٽل آهن.

ڪاش، ساول جي زندگي مڪمل هجي ها! ڪاش هن ڪجهہ ڪيو هجي ها! هن ۾ جرئت هجي ها جو هو اعليٰ خوشي حاصل ڪري سگهي ها، ڪامياب ٿي سگهي ها! ڪيس ڪجهہ سُڪون ملي ها! پر نہ، ڪجهہ بہ نہ، هن ڪجهہ بہ نہ ڪيو، سواءِ صبح جو هنڌ مان اُٿي، ڪائي پي سمهي رهڻ جي. هن پنهنجي زندگيءَ جا ڀاهٺ ورهيہ ائين گذاري ڇڏيا. ٻين مردن وانگر پنهنجي لاءِ هڪ زال بہ حاصل ڪري نہ سگهيو. آخر ڇو؟ آخر هن شادي ڇو نہ ڪئي؟ سندس آمدني بہ چڱي هئي. هو شادي ڪري سگهيو ٿي. ڇا ممڪن آهي تہ ڪيس اهڙو ڪو موقعو نہ مليو هجي؟ شايد! پر موقعو تہ انسان پاڻ پيدا ڪري سگهي ٿو. دراصل ڳالهہ هيئن آهي تہ هو تمام لاپرواهہ قسم جو ماڻهو هو. سندس غير سنجيده طبيعت سندس وڏي ڪمزوري هئي، خامي هئي ۽ گناهہ هئي. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي غير سنجيده طبيعت هئڻ ڪري، پنهنجي زندگي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن. ڪن ماڻهن کي هنڌ مان اُٿڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولائڻ يا ڪنهن مسئلي تي سوچڻ بہ تمام ڏکيو لڳندو هو.

ڪيس ڪنهن پيار بہ تہ نہ ڪيو هو. اڄ ڏينهن تائين ڪابہ عورت محبت جي مڪمل پيشڪش جي طور سندس هنج ۾ نہ ڪِري هئي. هُو انتظار جي مٺي درد، پنهنجن هٿن کي مهٽڻ واري بيوسي ۽ فتحمند جذبات جي سُرور کان بلڪل اڻڄاڻ هو.

دل تي ڪهڙي ڪيفيت ڇانئجي ٿي، جڏهن چپ پهريون پيرو ڪنهن ٻئي جي چپن سان ملي وڃن ٿا، جڏهن ڇئن ٻانهن جي ڀاڪر، عشق ۾ انڌن ٻن جسمن کي هڪ جسم... هڪ نہ ٻڌائڻ جوڳي مسرور جسم ۾ بدلائي ڇڏي ٿي.

ڳائون پائي موسيو ساول بخاري تي پير رکي، باهہ جي سامهون ٿي ويٺو هو. سندس زندگي سچ پچ تباهہ ٿي چڪي هئي.

بهرحال هُن خود هڪ پيرو محبت ڪئي هئي. اها محبت بہ هن پنهنجي عادت مطابق ماٺ ميٺ ۾ غير سنجيدگيءَ سان پنهنجي هڪ پراڻي دوست سانڊرس جي زال سان ڪئي هئي. افسوس! ڪاش، هُو ڪيس انهيءَ وقت سڃاڻي ها، جڏهن هوءَ جوان هئي! پر هوءَ ساڻس ڏاڍي دير سان ملي، انهيءَ وقت جڏهن هوءَ پرڻيل هئي. پڪ سان هوءَ ڪيس پنهنجو جيون ساٿي بنائي چڏي ها. انهيءَ جي باوجود هو پهرئين ڏينهن کان انهيءَ عورت سان محبت ڪرڻ لڳو هو.

اُهو ڏک ۽ اُهي راتيون، جيڪي هن سندس تصور ۾ جاڳي گذاريون هيون، ياد اچي ڪيس ستائي رهيون هيون. صبح جو، جڏهن هو ننڊ مان اُٿيو تہ شام جي پيٽ ۾ وڌيڪ غمگين هو. آخر ڇو؟ مئڊم سانڊرس پنهنجن گهنڊيدار خوبصورت وارن ۽ منهن تي هر وقت مُرڪ جي ڪري ڪيڏي نہ حسين ۽ نازڪ لڳندي هئي. اول تہ ڪيس سانڊرس جهڙي مڙس سان شادي ڪرڻي ئي نہ هئي. هاڻي هوءَ ٻاونجاهہ ورهين جي ٿي چڪي هئي. ڪاش، هوءَ شروع ۾ ئي ساول سان رڳو محبت ئي ڪري ها! ۽ آخر هوءَ ساول سان محبت ڇو نہ ڪري؟ ڪاش، هوءَ رڳو ڄاڻي سگهي ها! ڇا ڪيس ڪاٻہ خبر نہ هئي؟ ڪجهہ بہ نہ سمجهندي هئي؟ ڪجهہ بہ نہ سوچيندي هئي؟ آخر هوءَ ڇا سوچيندي هئي؟

اهڙيون هزارين ڳالهيون ساول پاڻ کان پڇي ورتيون. هو پنهنجي سموري زندگيءَ تي غور ڪري رهيو هو. هزارين ڳالهيون سندس دماغ ۾ اچي رهيون هيون. ڪيس اُهي سڀ گهڙيون ياد اچي رهيون هيون، جيڪي هُن سانڊرس جي گهر ۾ گذاريون هيون. انهيءَ وقت سانڊرس جي زال جوان ۽ خوبصورت هئي. اُهي سڀ ڳالهيون، جيڪي ساڻس ڪيون هئائين، سندس جهيڻو آواز ۽ هلڪي مُرڪ ڪيس ياد اچي رهيون هيون.

ڪيس اُهو پسار، جيڪو هو ٽيئي دريا ڪناري ڪندا هئا ۽ اُهو ڪاڏو، جيڪو هر آچر تي چبر تي ويهي کائيندا هئا، ياد اچي رهيا هئا.

ٽوڪريءَ ۾ ڪاڏي جون شيون ڪٽي هُو صبح جو ئي روانا ٿي چڪا هئا. اها بهار جي وڻندڙ موسم هئي. اهو هڪ اهڙو ڏينهن هو، جنهن دماغ ۾ خمار پيري چڏيو هو. هر شيءِ خوش نظر اچڻ لڳي هئي. پکين جي چهہ چهہ مان مسرت ڇلڪي رهي هئي. هُنن ٽنهي

بيد جي وڻ هينئان ويهي ماني کاڌي هئي. تازن گلن ۽ ساوڪ مان هوا لڳڻ ڪري، فضا ۾ سرهاڻ پرجي ويئي هئي. انهيءَ ڏينهن هر شيءِ ڪيڏي نه خوش هئي! ماني کائڻ کان پوءِ، سانڊرس پير پساري سمهي پيو هو. هن چيو هو ته سندس زندگي نند ڪرڻ ۾ آهي.

مئڊم سانڊرس، ساول جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو هو ۽ هو ٻئي دريا ڪناري پسار ڪرڻ لڳا هئا. هوءَ آهستي آهستي سندس ٻانهن تي جهڪي ويئي هئي ۽ چيو هئائين ته ”مان نشي ۾ آهيان، پيارا! مان بلڪل نشي ۾ آهيان!“

ساول سندس منهن ڏانهن ڏٺو هو ۽ سندس دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي هئي. هو محسوس ڪري رهيو هو، ته سندس رنگ اُڏامي ويو هو. هو وحشت ۾ ونجي ويو هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهوئي سبب هجي، جو هو ايڏي بيباڪيءَ سان سندس منهن ۾ نهاري رهيو هو.

ميڊم سانڊرس جهنگلي ڪنول جي گلن جو هڪ هار ناهيو ۽ ڪانئس پڇيائين، ”ڇا مان هن جهڙي خوبصورت لڳان ٿي؟“

هن ڪوبه جواب نه ڏنو، ڇاڪاڻ جو ڪيس. جواب ڏيڻ لاءِ ڪو لفظ نٿي مليو. اصل ۾ هو ايڏي ڪمزوري محسوس ڪري رهيو هو، جو پنهنجا گوڏا زمين تي ڪوڙڻ چاهيائين ٿي. هوءَ کِلي ويئي. انهيءَ کِلڻ ۾ ڪي قدر بيوسي ۽ ڏُک هو، ڇو جو هن ائين به چيو ته ”بيوقوف ڪنهن جاءِ جو، اُداس آهين ته آخر ڪهڙي ڪارڻ؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪُڇ به ته سهي!“

هو محسوس ڪرڻ لڳو، ڄڻ هو زور سان ڇٽي رهيو هجي. پر اصل ۾ ڪيس چوڻ لاءِ هڪ لفظ به ملي نه سگهيو.

اهي سڀ ڳالهيون هوبهو سندس سامهون اچي رهيون هيون. نيٺ هن ڪيس ائين ڇو چيو هو ”بيوقوف ڪنهن جاءِ جو، اُداس آهين ته آخر ڪهڙي ڪارڻ؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪُڇ به ته سهي!“

”ڪيس ياد آيو ته ڪيئن هوءَ سندس ٻانهن تي جهڪي ويئي هئي ۽ هڪ گهاٽي وڻ جي هينئان گذرندي هن جو ڳل سندس ڪن ڪي ڇهي ويو هو ۽ هن يڪدم پنهنجو مٿو انهيءَ ڪري هڪ پاسي ڪيو ته متان هوءَ ائين نه سمجهي، ته ساڻس بي تڪلف ٿي رهيو آهي.

جڏهن ساول ڪيس چيو ته ”هاڻي اسان کي واپس ورڻ گهرجي“ ته هن ساول کي تکي نگاهه سان ڏسندي، عجيب نگاهن سان چيو هو، ”ها ها، چو نه!“ انهيءَ ڳالهه کي هُو اُن وقت سمجهي نه سگهيو هو، پر هاڻي سندس دماغ ۾ سيڪجهه اچي رهيو هو.

”جيئن تون چاهين پيارا، تون ٿڪجي پيو آهين، ته هلو ته واپس هلون.“ ۽ هُن به جواب ڏنو هو، ”مان ته ڪونه ٿڪو آهيان، پر تي سگهي ٿو ته هاڻي ساندرس جاڳيو هجي.“

هن چيو هو، ”جيڪڏهن توکي منهنجي مڙس جي جاڳڻ جو خوف آهي، ته ٻي ڳالهه آهي. چڱو هلو ته هلون.“

واپسي مهل هوءَ خاموش هئي. هوءَ منهنجي ٻانهن تي جُهڪي نه هئي. الائجي چو؟ انهيءَ وقت ڪيس پنهنجي پاڻ کان پڇڻ جو بلڪل خيال نه آيو هو، ته آخر ائين چو ٿيو. هاڻي ائين ٿي لڳو ڄڻ هو هر ڳالهه سمجهي ويو آهي.

ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟

موسيو ساول جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. هُو اُچل سان ائين اُٿيو ڄڻ سندس ڄمار ٽيهه ورهيه گهٽجي ويئي هجي ۽ مئڊم ساندرس کان ائين چوندي ٻڌي ورتو هجي، ’مان توسان پيار ڪريان ٿي ساول.‘

اهو ممڪن هو؟ ڪيس پنهنجي انهيءَ خيال کان سخت تڪليف پهچي رهي هئي. ڇا اها ڳالهه جيڪا هِن اُن وقت نه سمجهي هئي ۽ نه سوچي هئي، ممڪن هئي؟

جيڪڏهن اهو سچ آهي ته اُن خوشيءَ جي موقعي کي حاصل ڪرڻ کان سواءِ وڃايو هئائين، ته افسوس صد افسوس!

هو پنهنجو پاڻ سان گفتگو ڪرڻ ۾ محو هو: ’مون کي سُڌ لهڻ گهرجي، مان اهڙي شڪي حالت ۾ رهي نٿو سگهان. مان ضرور پڇندس.‘ هن سوچيو، ’هاڻي جڏهن مان ٻاهٺ ورهين جو ٿي چڪو آهيان ۽ هوءَ ٻاونجاهه ورهين جي آهي، ته مان ٻنان ڪنهن هڪ جي ڪانئس پڇي سگهان ٿو.‘

۽ هو سندس گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

ساندرس جو گهر گهٽيءَ ۾ سندس گهر جي لڳ ڀڳ بلڪل سامهون هو. هُن در کڙڪايو ته نوڪرياڻي اچي در کوليو.

”ساول، توهان ۽ هن وقت! خير تہ آهي؟“

”سڀ نيڪ آهي،“ هن وراڻيو. ”وچ، پنهنجي مالڪياڻيءَ کي وچي چؤ تہ مان ساڻس هاڻي ئي ملڻ چاهيان ٿو.“

”اصل ۾ سانئڻ سياري لاءِ ناسپاتين جو مُربو ناهي رهي آهي. ڪيس نيڪ ڪپڙا بہ پاتل نہ آهن، توهان سمجهو ٿا نہ!“

”نيڪ آهي، پر تون وڃي چئينس تہ مان هڪ اهم مسئلي تي ساڻس ڳالهائڻ آيو آهيان.“

نوڪرياڻي هلي ويئي ۽ ساول ڊرائنگ روم ۾ پسار ڪرڻ لڳو. ڏسو تہ سهي، هو ڪانئس رڳو هڪ ننڍڙي ڳالهہ پڇڻ وارو هو، جڻ ڪيس نيڪ ٻوڙ رڌڻ جو طريقو پڇڻو هجي. سندس عمر بہ تہ ٻاهٺ ورهيہ هئي.

دروازو کُليو. مئڊم ساندرس سامهون هئي. هاڻي هوءَ هڪ ٿلهي ۽ ٻي ڊولي عورت هئي. سندس ڳل پريل ۽ لڙڪيل هئا. هوءَ ٿڪ ڏيئي کلڻ جي عادي ٿي چڪي هئي. سندس هٿ ميوي جي رس سان پريل هئا. هُن بيقراريءَ وچان پڇيو، ”ڇا حال آهي دوست؟ طبيعت تہ نيڪ آهي نہ؟“

”مان توکان هڪ ڳالهہ پڇڻ آيو آهيان. مون لاءِ اها ڳالهہ تمام اهم آهي. مون کي نهايت اذيت پهچي رهي آهي. مان چاهيان ٿو تہ تون وعدو ڪرين، تہ جواب بنان هٻڪ جي ڏيندينءَ.“

هوءَ کلڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، ”مان اڳي ئي توسان بي تڪلف آهيان. تون چؤ نہ!“

”چڱو جڏهن ڪان مون توکي ڏٺو آهي، مان تڏهن کان توسان محبت ڪريان ٿو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.“

هوءَ هميشہ وانگر ٽهڪ ڏيئي رهي هئي.

”بيوقوف ڪنهن جاءِ جو. تون اُداس آهين، انهيءَ ڳالهہ جي مون کي شروع کان وٺي خبر آهي.“

ساول ڏڪڻ لڳو ۽ ٻيگل ٽٽل لفظن ۾ چيائين، ”توکي خبر هئي؟ پوءِ....“ هو اٽڪي بيهي رهيو.

هوءَ پڇڻ لڳي، ”پوءِ....پوءِ ڇا؟“

هُن وراڻيو، ”پوءِ تون.....ڇا سوچيندي هئينءَ؟ تون- ڪهڙو جواب ڏئين ها؟“

هوءَ کِلي پيئي. سندس آڱرين مان ٽمندڙ ميوي وارو رس غاليچي تي ڪِري پيو.

”مان..... تو اها ڳالھ مون سان ڇو نہ ڪئي؟ خود پنهنجي واتان چوڻ منهنجو ڪم تہ نہ هو.“

هو هڪ وک وڌائي ڪيس ويجهو آيو، ”بِڌاءِ.....توکي ياد آهي اُهو ڏينهن، جڏهن ماني کائڻ کان پوءِ سانبرس جبر تي سمهي پيو هو..... جڏهن پاڻ بئي سير ڪندا پري دريا جي موڙ تائين هليا ويا هئاسين.“

هُو جواب جي اوسيئڙي ۾ سندس اکين ۾ نهارڻ لڳو.

”ها، چڱي طرح ياد اٿم.“

هو نهن کان چوٽيءَ تائين ڏڪي رهيو هو.

”چڱو.....انهيءَ ڏينهن جيڪڏهن مان ڪجھ ڪري ويهان ها..... تہ تون ڇا ڪرين ها؟“

هوءَ هڪ خوش مزاج عورت وانگر، جنهن کي ڪا ڳڻتي نہ هجي، مشڪڻ لڳي ۽ ٿورو طنزيہ لهجي ۾ بي تڪلف ٿي چيائين، ”پيارا، مان تنهنجي بنجي وڃان ها.“

پوءِ هوءَ جلد ئي مربو ٿاهڻ اندر هلي ويئي. ساول جلدي گهٽيءَ ۾ آيو. سندس چهري جو رنگ اُڏامي ويو هو. هُو ڊگها قدم کڻندو، برسات ۾ پُسندو، ڪابي طرف مُڙي، دريا جي ڪناري تي پهتو. ڪافي دير تائين هو هلندو هليو، جڏهن ڪنهن جذبي ڪيس ائين ڪرڻ تي مجبور ڪري رکيو هجي. سندس ڪپڙا پاڻيءَ ۾ پُسي پيا هئا. منجهانئس پاڻي ٽمي رهيو هو. نيٺ هُو انهيءَ هنڌ تي آيو، جتي گهٽو اڳ انهن ماني کاڌي هئي، جنهن جي مني ياد ڪيس ستائي رهي هئي. هو پن ڇڻ جي ڇٽيل وڻ هيٺ ويهي روئڻ لڳو ۽ گرم لڙڪ سندس اُچي ڏاڙهيءَ مان ڇٽي زمين تي ڪِرڻ لڳا.□□□

# مهمان

## البير ڪاميو

### فرينچ (فرانس)

اسڪول، ماسٽر ’داروءَ‘ ٻن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن وڌندي ايندو ڏسي رهيو هو. منجهانئن هڪ ڄڻو گهوڙي تي هو ۽ ٻيو پنڌ. اهي اجا اُنهيءَ اُيي چاڙهه تائين نہ پهتا هئا، جيڪو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل اسڪول جي عمارت ڏانهن ٿي آيو. اُهي برفباريءَ ۾، پٿرن کي پار ڪندا، ڊگهيءَ ۽ همور چاڙهي چڙهندا وڌندا پئي آيا. گهڙي گهڙيءَ گهڙيءَ پٿرن سان نوڪرون پئي کاڌيون ۽ ڇرڪ پئي پريا. ماسٽر کي ٻيو ڪجهہ صاف ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو البت گهوڙي جي ناسن مان ساهہ کڻڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيس. منجهانئن هڪ ڄڻو، انهيءَ پَٽ جو واقف ٿي لڳو. اُهي، اٽڪندا پيچرو، جيڪو ميريءَ برف سان ڪجهہ ڏينهن اڳ ڍڪجي ويو هو، ونيو وڌندا پئي آيا. ماسٽر اندازو لڳايو تہ ڪين ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وٽس پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کن لڳي ويندو. ٿڌ وڌندي پئي ويئي، انهيءَ ڪري هو واپس اسڪول ۾ سويٽر کڻڻ هليو ويو.

هو خالي ڪلاس روم مان لنگهيو جيڪا بہ تمام ٿڌي هئي. ٽي ڏينهن اڳ، بورڊ تي چئن مختلف رنگن سان فرانس جون چار نديون سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي ڏيکاريل هيون. گذريل اٺن مهينن جي لاڳيتي برسات نہ پوڻ کان پوءِ اوچتو وچ آڪٽوبر ۾ برفباري ٿي رهي هئي، جنهنڪري ويهہ ئي شاگرد، جيڪي گهٽو ڪري پسگردائي جي ڀهراڙيءَ جا رهاڪو هئا، پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا هئا. اهي ڀهراڙيءَ جون وسنديون انهيءَ چڙهائي جي چوڌاري پکڙيل هيون. هاڻي جڏهن موسم سڌرندي تڏهن وجي

ڪٿي اُهي حاضر ٿيندا، تيستائين ڪو ڪم ڪار نہ هو. ماستر هاٽي پنهنجي رهائشي ڪمري کي گرم ڪيو جيڪو ڪلاس روم سان لاڳيتو هو. ڪلاس جي درين جيان سندس ڪمري جون دريون بہ ڏکڻ طرف هيون. اُنهيءَ پاسي جتان جتان چڙهائي هيناهين ڏانهن ڏکڻ طرف مڙي ٿي، اُتان اسڪول ڪجهہ ڪلوميٽر پري هو. صاف موسم ۾ ويران ڪليل هنڌ تي ڪيسري رنگ. جا جابلو رهاڪو ڏسڻ ۾ آيا ٿي.

ڪجهہ گرمائش وٺي ماستر وري انهي دريءَ تي آيو جتان هن بہ ماڻهو پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺا هئا، پر هاٽي ڏسڻ ۾ نٿي آيا. شايد چڙهائي پار ڪري ورتي هوندن. گذريل رات برفباريءَ بند ٿي ويئي هئي، جنهنڪري آسمان ۾ ايتري ڌنڌ نہ هئي. صبح جي مهل روشني ايتري چٽي نہ هئي، پر ڪڪر جيئن وکرندا ٿي ويا تيئن ڏينهن وڌيڪ چٽو ٿيندو ٿي ويو. منجهند جو ٻي وڳي ائين ٿي لڳو ڄڻ سڄ هاٽي اُبريو هجي. پر اهو اجا انهن گذريل ٽن ڏينهن کان بهتر هو. جڏهن سخت برفباريءَ جي ڪري لاڳيتو اونداهي ٿي ويئي هئي ۽ رکي رکي هوا جي تيز لهرن جي ڪري ڪلاس جي در جا ٻئي طاق ڪڙڪڻ لڳا هئا، تڏهن هن ڪافي دير تائين پنهنجي ڪمري ۾ وقت گذاريو هو. ڪنهن مهل ڪُڪڙين ۽ انهن جي چوزن کي چوڳو کارائڻ يا ڪوئلا ڪڍڻ لاءِ ٻاهر نڪتو ٿي نہ تہ بس. انهيءَ خوفناڪ برفباريءَ کان بہ ڏينهن اڳ ياڳ سان پرواري اُترئين ڳوٺ 'تدجد' کان هڪ ٽرڪ رسد ڪٽي پهتي هئي، جيڪا هاٽي وري انيتاليهہ ڪلاڪن کان پوءِ واپس ايندي.

انهيءَ کان سواءِ ڪيس سرڪار طرفان مليل ڪڻڪ جي بہ سنڀال ڪرڻي هئي. جيڪا سندس ننڍڙي ڪمري ۾ رکيل هئي. هيءُ اهو ئي راشن هو، جيڪو هن ڏڪار جي ويل، هو اُتان جي غريب شاگردن کي هر روز ورهائي ڏيندو هو، جنهن مان سندن گهر وارن جو پيٽ قوت ٿيندو هو. حقيقت ۾ اهي سڀ پرماريت جا شڪار هئا، ڇو جو اهي سڀ غريب هئا. هن ڄاتو ٿي تہ هنن ڏکين ڏينهن ۾ راشن کان سواءِ سندن گذرسفر ڪيئن ٿيندو هوندو. ممڪن آهي تہ سندن ماءُ پيءُ يا ڀائرن مان شام ڌاري ڪو اچي

نڪري تہ جيئن هو ڪين راشن ڏيئي سگهي. بس اهڙيءَ ريت اُهي ايندڙ فصل لهڻ تائين تڳي سگهيا ٿي. تازو فرانس کان جهاز ڪٽڪ ڪٽي اچي پهتا هئا ۽ ڏکيا ڏينهن پورا ٿيڻ تي آيا هئا، پر اها ڳالهہ وسرڻ جوڳي آهي تہ غربت، ڦاٿل لينگهن ۾ سچ جي ساريندڙ اُس ۾ رُلي رهي هئي. اوچو سنوتي ميدان ڏينهون ڏينهن ٻرندڙ ڪوئلو ٿيندو ٿي ويو. زمين هوريان هوريان ڪامي سسڻ ۽ سڪڻ لڳي هئي ۽ پير ڏيڻ سان هيٺ آيل پٽر پور پور ٿي ٿي ويو. هزارن جي شمار ۾، وسندين ۾، رڍون ٻڪ ۾ پاهہ ٿي مري ويون هيون ۽ ڪي ماڻهو بہ هن جهان مان هليا ويا هئا، جنهن جي ڪنهن کي خبر بہ نہ پيئي هئي.

انهيءَ غربت جي پيٽ ۾ هو ڏورانهين اسڪول جي عمارت ۾ راهبن وانگر رهيو پيو هو. پنهنجي مختصر ملڪيت ۽ الوٽي زندگيءَ مان ناخوش نہ هو پر پاڻ اچي پوچي ڪيل ديوارن وچ ۾ پيل سندس نندي آرام ڪرسي ۽ رنگ لٿل ڪٻٽ، ڪوهہ ۽ هفتيوار ڪاڌو خوراڪ جي راشن سان رئيسن وانگر محسوس ڪيائين ٿي. اوچتو مينهن پوڻ کان اڳ، هي اوچتو برفباريءَ جو قهر نازل ٿيو. هيءُ علائقو اهڙو تہ ڦهري هو جتي ڪو ماڻهو چيٽو بہ ڪونہ هو جو ڪٽي ڏکئي وقت ۾ سڏ ڏي. پر دارو ڄائو نپنو اتي ئي هو ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ پاڻ کي جلاوطن ٿي سمجهيائين.

هو اسڪول جي اڳيان اڱڻ ۾ آيو. اُهي ٻئي ڄڻا اڌ چاڙهيءَ اُڪري آيا هئا. هن گهوڙيسوار کي هڪدم سڃاتو. هو پوڙهو فوجي 'بالديوُسي' هو، جنهن سان سندس پراڻي واقفيت هئي. پوڙهي فوجيءَ جي هٿ ۾ جهليل رسيءَ سان ٻڌل هڪ عرب ڪنڌ جهڪائي، گهوڙي جي پويان پنڌ آيو پئي. گهوڙيسوار پنهنجو هٿ لوڏيو پر داروءَ ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو. هو عرب جي باري ۾ سوچي رهيو هو، جنهن کي ڦٽل نيري رنگ جو چرغو پيل هو، سيندل ۾ پيل پير، اُن جي اُٽيل جورابن ۾ ڍڪيل هئا ۽ مٿو نندي ڪپڙي جي رومال سان ويڙهيل هو. بس هاٿي اُهي پهچڻ وارا هئا. فوجيءَ پنهنجو گهوڙو هوريان هڪليندو ٿي آيو جيئن پويان عرب کي ڇڪ سان ايذاءُ نہ رسي. اهو ٿولو آهستي آهستي رڙهندي وڌندو پئي آيو.

اُهي جڏهن ويجهو پهتا تڏهن ٻڍي فوجي رڙ ڪري چيو: ”ال-ميُور ڪان هيستائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ لڳي ويو.“ پر دارو ڪا وراڻي نہ ڏني. هو ڪين پاڻ ڏانهن مٿي چڙهندو ڏسي رهيو هو. عرب هڪ پيرو بہ ڪنڌ ڪٿي مٿي نہ نهاريو هو. جڏهن اُهي مٿي اڱڻ ۾ پهتا تڏهن دارو ڪين پليڪار ڪندي چيو: ”اندر اچو ۽ اچي باهہ تي گرم ٿيو.“ بالديوُسي دستور موجب رسيءَ جهلي گهوڙي تان ڏاڍي ڏکيائي سان هيٺ لٿو ۽ ماستر ڏانهن نهاريندي پنهنجين اُيپون ٽيل مڇن وچ ۾ ٿورو مرڪيو. سندس ڇُنجهين ننڍين ڪارين اکين واري گهنجن سان ڀريل ڇهري، سندس نگاهہ کي تيز ۽ گهرو بنائي ڇڏيو هو. ماستر گهوڙي جو لغام جهلي، پوئين طرف وڃي واڙي ۾ ٻڌي وٺن واپس آيو ۽ ٻنهيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي چوڻ لڳو: ”توهان ٻئي هتي آرام ڪريو تيستائين مان ڪلاس واري ڪمري ۾ ٻخارو جلايان ٿو جيئن پوءِ وڌيڪ آساني ٿئي.“ واپس اچي هن ڏٺو تہ بالديوسي کٽ تي ليٽيل هو. هن عرب جي رسيءَ هٿ مان ڇڏي ڏني هئي ۽ هو ٻخاري جي ڀرسان وينو هو پر سندس هٿ اجا ٻڌل هئا، مٿي وارو رومال مٿي جي پٺئين حصي ڏانهن هٽيل هو ۽ هو دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. هن ڀريائين ئي محسوس ڪيو تہ سندس وڏا چپ شيدين جهڙا ٿلها هئا پر نڪ سنئو هو ۽ اکيون ڪاريون هيون جيڪي ٽانڊن وانگي پئي ٻريون. عرب جڏهن منهن ڦيري ڏانهس نهاريو تي تڏهن داروءَ ڏٺو تہ مٿي وارو ڪپڙو پويان کسڪي وڃڻ ڪري سندس نرڙ مان پختگي ٿي بکي. سندس جسم زندگيءَ جي ڏکيائن جا سيءَ سهي بد رنگ ۽ ٻجڙو ٿي ويو هو ۽ سندس سموري ڇهري مان بي چئني ۽ سرڪشيءَ جي ڏنڌ ڀريل باهہ ٿي نڪتي.

”اوهان ٻئي ڪمري ۾ هلي وهو تہ مان توهان جي لاءِ چانهہ ناهي ڪٽي ٿو اچان.“ ماستر چيو.

”مهرباني.“ بالديوُسي چيو، ”هيءَ بہ ڪا زندگي آهي! دل جوي تي تہ رٽائر ٿي وڃي گهر ويهي رهان.“

پوءِ پنهنجي قيدي عرب کي مخاطب ٿيندي چيائين: ”اڙي ٿي هل!“ عرب اُٿيو ۽ پنهنجا ٻڌل هٿ اڳيان ڪري آهستي ڪمري مان ٻاهر نڪتو.

چانهه آڻڻ مهل، دارو پاڻ سان ڪرسي ٻه ڪنيو آيو پر بالديوسي انهيءَ ڪان اڳ پرسان پيل بينچ تي ويهي چڪو هو ۽ عرب، ماسٽر جي دڪيءَ تي ويهي رهيو هو جيڪا بينچ ۽ دريءَ جي وچ ۾ رکيل باهه جي ڪُل پرسان هئي. جڏهن ماسٽر، عرب کي چانهه ڏيڻ آيو ته سندس هٿ ٻڌل ڏسي پڇيائين: ”هن جا هٿ کولجن ڇا؟“

”ضرور. اهو احتياط ته رڳو سفر لاءِ هو.“

بالديوسي جي موڪل ملندي ئي عرب اُٿڻ گهُريو پر ماسٽر هڪدم چانهه جو گلاس هيٺ فرش تي رکيو ۽ پاڻ گوڏن پر ويهي سندس رسي کولي ڇڏيائين. عرب ماٺ ڪري ٻرندڙ اکين سان کيس ڏسندو رهيو. جڏهن سندس هٿ آزاد ٿي ويا ته هو رسيءَ سان جڪڙيل ڪراين جي سڄيل هنڌن کي هڪ ٻئي سان گهڻ لڳو. ماسٽر چانهه جو گلاس سندس هٿ ۾ ڏنو. هن هڪ ڀيرو وري ماسٽر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ننڍا ننڍا ڍڪ ڀري گلاس خالي ڪيائين.

”اهو ته ٻڌايو ته ڪٿي منزل ڪئي اٿوَ؟“ ماسٽر پڇيو.

بالديوسي چانهه جي گلاس مان مُڇون ٻاهر ڪڍي چيو، ”هيستائين بابا.“

”ڇا رات رهڻ جو ويچار اٿوَ؟“

”نه، مان ته ال ميور چانوٽي واپس موٽي ويندس باقي تون هن شخص کي ’تِن جُو‘ ڇڏي اچج، جتي پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ هن جو اوسيئڙو ڪندا هوندا.“ بالديوسي دوستاڻي مُرڪ سان ماسٽر ڏانهن ڏٺو.

”ڪهڙي ماجرا آهي؟ مون سان ٺٺولي ٿا ڪريو ڇا؟“

”نه بابا، اهو حڪم آهي.“

”حڪم؟ مان ڪنهنجو...“ چوندي ماسٽر هٻڪيو. هن ٻڍي سپاهي جي دل ڏکوئڻ نٿي چاهي. وري چيائين: ”پر اهو منهنجو ته ڪم ناهي.“

”ڇا؟ تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي؟ جنگ جي زماني ۾ هر ماڻهوءَ کي هر ڪم ڪرڻو آهي.“

”پر اڃا جنگ لڳي ته ناهي.“

بالديوسي ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”نيڪ آهي، پر اهو حڪم آهي ۽ جنهن جو لاڳاپو توسان آهي. طوفان اچڻ جا آثار آهن. هر جاءِ

جهيڙن ۽ فسادن جو ذڪر عام جام آهي. پاڻ هر طرح سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيون.“

پر ماستر جي اکين ۾ چمڪ نہ جاڳي.

بالديوسي هن جي پنيءَ تي هٿ رکي چيو: ”مان تنهنجو گهڻگهرو آهيان. تون مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. هن سموري صوبي جي نگهبانيءَ لاءِ ال ميوُر چانوٽيءَ ۾ اسان رڳو هڪ درجن ماڻهو آهيون ۽ مون کي جلدي واپس پهچڻو آهي. هن شخص کي تنهنجي حوالي ڪري بنا دير واپس موٽڻ جي تاڪيد ڪئي اٿن. هن عرب جي ڪري سڄي ڳوٺ ۾ تاءُ آهي. اُهي ڪيس واپس وٺڻ لاءِ آتا آهن تنهن ڪري ڪيس اُتي ترسائي نٿو سگهجي. سياڻي شام کان اڳ تون هن کي ’تِن جُو‘ ضرور پهچائج. تو جهڙي جوان لاءِ ويهن ڪلوميٽرن جو سفر ڪا وڏي ڳالهہ بہ ناهي. واپس اچي وري پنهنجن شاگردن سان اسڪول ۾ آرامي ٿج.“

پٺ جي پويان، گهوڙي جي ناسن مان ساهہ ڪڍڻ جو آواز پئي آيو ۽ رکي رکي زمين تي سنبن جا آواز پئي ٿيا. دارو دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. هاڻي موسم صاف ٿيندي ٿي ويئي. جڏهن برف پگهرجي ويندي تہ سڄ وري ڌرتيءَ کي ساڙڻ شروع ڪندو. اجا ڪافي ڏينهن تائين اڻ تبديل ٿيندڙ آڪاس پنهنجي خشڪ روشني، ويران ۽ وڏي ميدان تي ڦهلائيندو رهندو جتي ڪنهن ماڻهو جو پاڇو بہ نہ پيو هو.

”پر...“ هن بالديوُسي ڏانهن مُڙي چيو ”پر نيٺ هن شخص ڪيو ڇا آهي؟ هيءُ فرينچ ڳالهائي سگهي ٿو؟“

”نہ... هڪ لفظ بہ نہ. اسان هڪ مهيني کان هن جي ڳولها ۾ هئاسين پر هن جي ڳوٺاين ڪيس لڪائي ڇڏيو هو. هي پنهنجي سؤٽ جو قاتل آهي.“

”ڇا هي اسان جو دشمن آهي؟“

”مان نٿو سمجهان. پر هنن جو ڪهڙو پروسو؟“

”هن خون ڇو ڪيو؟“

”پانيان تو خانداني جهيڙو هوندو. هڪڙي جو ٻئي ڏانهن اناج جو قرض رهيل هوندو. پر پوري خبر ناهي. بس ايتري خبر

اتم تہ ڪھاڙيءَ سان ماري ڇڏيائين بنھہ رڍ جيان.“ بالديوُسي هڪ جهٽڪي سان ڪنڌ ڪپڻ جو اشارو ڪيو ۽ عرب اهو سڀ ڏيان سان ڏسي رهيو هو. ماسترجي دل ۾ هڪدم عرب لاءِ ڏڪار جاڳي اُٿي. ڪيس انهن سيني ماڻهن لاءِ ڏڪار هئي جيڪي حاسد، جابر ۽ رت جا پياسي هئا.

پر ڪيتليءَ ۾ چانھہ جو پاڻي باهہ جي ڪُل تي ٺهڪي هو. ماستر بالديوسي ڪي وري چانھہ ڏني ۽ عرب ڪي چانھہ ڏيڻ وقت ڪجھہ قدر هبڪ ٿيس پر عرب ساڳيءَ طرح سموري چانھہ پي ويو. هن جي هٿ ڏگهيري چانھہ ونڻ مھل سندس چوغي سان ماستر ڏٺو تہ سندس ڇاتيءَ ڪمزور هئي ۽ پاڻ ڏٻرو هو.

”مهرباني بابا.“ بالديوسي چيو، ”هاڻي مان هلان ٿو.“ هو اُٿيو ۽ ڪيسي مان رسي ڪڍي عرب ڏانهن مُڙيو.

”هي ڇا ٿا ڪريو؟“

جواب ۾ بالديوسي فقط رسي ڏيکاري.

”توهان ڪو فڪر نہ ڪريو. انهيءَ جي ضرورت ناهي.“

ٻڍو فوجي هبڪي چوڻ لڳو: ”تنهنجي مرضي. ڪو هٿيار تہ تو وٽ آهي نہ؟“

”مون وٽ پنهنجي بندوق آهي.“

”ڪٿي آهي؟“

”پيتيءَ ۾ آهي.“

”توکي پنهنجي هنڌ پرسان رکڻ گهرجي.“

”ڇو؟ مون کي ڪنهن ڪان ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

”تون تہ بيوقوف آهين. هر وقت خطري جو انديشو آهي. هنن جهيڙاڪارن ڪان ڪوبہ بڇيل ناهي.“

”مون کي پنهنجي بچاءَ لاءِ وقت ملي سگهي ٿو. حمليآور جيستائين مون وٽ پهچي ئي پهچي، تنهن ڪان اڳ مان پنهنجو بندوبست ڪري سگهان ٿو.“

بالديوَسي ٺهڪ ڏيڻ لاڳو ۽ پوءِ هڪدم سندس ڏند مڇن هيٺان گم ٿي ويا.

”توکي ايتري مهلت ملندي؟ سمجهان ٿو ته تنهنجي دماغ ۾ ڪجھ خرابي آهي. منهنجو پٽ به تو وانگي هوندو هو، تڏهن ته مون کي تون وڻين ٿو.“ اوڏيءَ مهل هن پنهنجي کيسي مان پريل روالور ڪڍيو ۽ ميز تي رکندي چيائين: ”هيءَ تون پاڻ وٽ رک. مون کي هتان کان ال ميور چانوٽيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻن هٿيارن جي ضرورت ناهي.“

روالور ميز تي رکيو هو. جڏهن فوجي ڏانهس مڙيو تڏهن کيس چمڙي ۽ گهوڙي جي گوشت جي بوءِ آئي.

”ڏس بالديوسي،“ دارو اوچتو کيس چيو، ”مون کي توڙي هتان جي ٻين رهواسين کي اها ڳالهه اڻ وڻندڙ لڳندي آهي. مان حملي‌آورن سان وڙهي ته سگهان ٿو پر هن غريب بي هٿيار کي ڪنهن جي حوالي ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. اهو ٻڌي ڇڏ.“

پوڙهو فوجي هن جي سامهون بيٺو هو ۽ کيس گهوري نهارڻ لڳو.

”تون اجايو بيوقوف پيو ٿين. مون کي تنهنجي ڳالهه نٿي وڻي. تون هن کي رسيءَ ۾ ٻڌڻ تي به راضي نٿو ٿين جڏهن هو ورهين کان انهيءَ جو عادي آهي. توکي پاڻ شرم پيو ٿئي- ها شرم؟ پر تون هن کي ائين ڇڙواڳ نٿو ڇڏي سگهين.“

”مان هن کي پنهنجي هٿن سان حوالي نه ڪندس.“

”اهو حڪم آهي ۽ مان وري توکي چوان ٿو ته بابا ڏاهو ٿي.“

”ٺيڪ آهي. مون جيڪي ڪجھ توکي ٻڌايو آهي، تون کين ٻڌائي ڇڏ. مان هن کي حوالي نه ڪندس.“

بالديوسي ظاهري مجائڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوءِ هن عرب ۽ دارو ڏانهن نهاري فيصلو ڪندي چيو، ”مان کين ڪجھ به نه ٻڌائيندس. تون اسان کي جهلڻ ٿو چاهين ته مان منع نه ڪندس. مون کي قيدي تنهنجي حوالي ڪرڻ لاءِ مليو هو. مون حڪم جي تعميل ڪئي آهي. چڱو هاڻي تون هن ڪاغذ تي صحي ڪري ڇڏ.“

”انهيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان انهيءَ کان ڪڏهن انڪار نه ٿيندس.“

”مون کي ويساهه آهي ۽ مون کي سُڌ آهي ته تون سچ ٿي چوندين. تون هتان جو ئي آهين ۽ مڙس ماڻهو آهين پر هي قانوني

معاملو آهي تنهنڪري صحي ڪري ڇڏ.“

داروءَ ميز جو خانو کولي مس ڪُپڙي ۽ قلم ڪڍي پنو صحي ڪري ڏنو. فوجيءَ پنو سنڀالي ويڙهي ڪٽي پنهجي کيسي ۾ وڌو ۽ در ڏانهن وڌيو.

”مان توکي اڳيرو ڪري اچان؟“ دارو چيو.

”نه،“ بالڊيوسي وراڻيو، ”ايڏي مروت جي ضرورت ناهي. هونئن به مون سان چڱي ويڌن ڪئي اٿيئي.“ هن عرب ڏانهن ڏنو جيڪو بنا چرپر جي ساڳي جاءِ تي هو. هو پوءِ در ڏانهن مڙيو. ”چڱو پٽ موڪلاڻي“، هن چيو ۽ پويان در بند تي ويو. بالڊيوسي اوچتو دريءَ مان ٻاهرئين پاسي ڏسڻ ۾ آيو ۽ نظر کان اوجهل تي ويو. ٻاهران پٽ جي پاسي کان گهوڙي جي ناسن هڻڻ جو آواز آيو جنهن تي ڪئين چوزا ڊپ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڊڪڻ لڳا. هڪ ڪن کان پوءِ بالڊيوسي وري گهوڙي کي لغام کان جهلي دريءَ ٻاهران ڏسڻ ۾ آيو ۽ وري ڪنهن مٿانهين جاءِ ڏانهن وڌي چوڌاري ڦرڻ کان سواءِ گهوڙي سميت نظرن کان گم تي ويو. هڪ وڏي ڇپ جي هيٺ ڍرڪڻ جو آواز آيو. دارو، قيديءَ وٽ واپس آيو. هو ڪيس ٽڪٽڪي لڳائي گهوري رهيو هو. ”ترس.“ ماستر عربيءَ ۾ چيس ۽ بيڊ روم ڏانهن ويو. در ڏانهن ويندي ويندي ڪيس ٻيو ويچار آيو۽ ميز ڏانهن وڌي وچي روالور ڪڍي پنهنجي ڪيسي ۾ وڌائين ۽ پويان نهارڻ کان سواءِ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

ڪجهه دير لاءِ هو پنهنجي کٽ تي سمهي پولار ۾ گهوريندو رهيو. آڪاس ڪيس هوريان هوريان ويجهو محسوس پئي ٿيو. هو سانت جي آواز ۾ گم تيل هو. جنگ کان پوءِ هتي اول ڪيس سانت ڏاڍي چيندڙ لڳندي هئي. هن پاڻ ئي ته ڪوشش ڪري هن هنڌ نوڪري ورتي هئي. انهيءَ ٺاڪرو هينئين حصي، مٿئين حصي کي ويران علائقي کان جدا تي ڪيو. سايون ۽ ڪاريون جابلو ديوارون اُتر طرف بيٺل هيون ۽ ڳاڙهيون قطارون ڏکڻ ۾ اُڀيون هيون جن اونهاري جي دائمي سرحد ٺاهي ڇڏي هئي. ڪيس بلڪل ڏور اُتر ۾ نوڪريءَ تي مقرر ڪيو ويو هو. شروع

شروع ۾ انهيءَ پترائين حصي ۾ هيڪلائي ۽ سانت ڪيس ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هر ڪيڙي پوک ٿيندي هئي پر هر ڏيڍ سان اڪثر پتر ئي نڪرندا هئا جيڪي جاين جي اڏاوت لاءِ ڪمائتا هئا. هتي ائين چئجي ته ڪيڏ رڳو انهيءَ ڪري ڪبي هئي جيئن پترن جو فصل حاصل ٿئي. باقي ڪن جاين تي مٽيءَ جا پورا تهه ڍير ٿيل هئا جيڪي رڳو ڳوناٺي باغن لاءِ تيار ڪيا ويا تي. هن علائقي جو ٽيون حصو ته رڳو ٺاڪرو هو. ڳوٺ آباد ٿيندا هئا، وري ختم ٿي ويندا هئا. ماڻهو آيا، محبتون وندياڻون يا هڪٻئي جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪٽي وڙهي ناس ٿي ويا. هن علائقي ۾ ڪنهن به ڏيهي پرڏيهي، مهمان ميزبان ۾ ڪو فرق نه هو. داروءَ ڄاتو ٿي ته هن وقت تائين هتي جو رهاڪو هن علائقي کان ٻاهر سچ پچ رهي نه سگهيو هو.

جڏهن هو اُٿيو ته ڪلاس روم مان ڪوبه آواز نٿي آيو. سمجهيائين ته هاڻي هو پاڻ اڪيلو آهي جو جو انهيءَ وچ ۾ قيدي پڄي ويو هوندو. اهو سوچي ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي. پر سندس ويچار غلط نڪتو جو ته قيدي ڀڳو نه، پر اُٿيئي هو ۽ فرش تي ليٽي پنهنجا ٻچڙا چپ ڪولي ٻرندڙ نظرن سان ڇت کي گهوري رهيو هو.

”اچ.“ داروءَ چيس. عرب اُٿي سندس پويان آيو. ماستر ڪيس ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو جيڪا دريءَ هيٺ ميز پرسان پيئي هئي. عرب داروءَ مان اکيون ڪڍيون ئي نٿي.

”بک لڳي اٿيئي؟“

”ها.“ قيدي وراڻيو.

داروءَ ٻنهيءَ جي وچ ۾ ميز ٺاهي رکي ۽ پوءِ گئس تي ٻرندڙ چلهو ٻاري، اٽو ۽ گيهه ڪڍي فراءِ پئن ۾ ماني ٺاهي وڌائين. جيئن ماني پڪي پئي تيئن هو اُٺي پنير، آنا ۽ کير جو پائوڊر ڪڍي آيو. جڏهن ماني پچي ويئي ته دريءَ وٽ رکيائين ۽ کير جو پائوڊر پاڻيءَ سان ملائي گرم ڪرڻ لاءِ رکيائين ۽ پوءِ آمليٽ به ٺاهي ورتائين. انهيءَ وچ ۾ هن ساڄي ڪيسي تي هٿ هڻي ڏٺو ته روالور منجهس پيو هو. هن هنڌي لاهي هيٺ رکي ۽ ڪلاس روم ۾ وڃي

روالور ڪيسي مان ڪڍي ميز جي خاني ۾ رکيائين. جڏهن واپس ڪمري ۾ آيو ته اونداهي ٿيندي ٿي ويئي. هن بتي ٻاري ۽ ماني آڻي عرب جي اڳيان رکي کائڻ لاءِ چيائين. عرب مانيءَ جو گرهه کڻي جلدي وات تائين آندو، پر جلد ئي سندس هٿ بيهي ويو ۽ پڇيائين: ”۽ توهان؟“

”مان پوءِ کائيندس. پهرين تون کاءُ.“

قيديءَ جا ٿلها چپ ڦڙڪڻ لڳا. پهرين هو ٿورو هٻڪيو پر پوءِ ماني کائڻ ۾ لڳي ويو.

ماني کائي ونڻ کان پوءِ هن ماستر ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيائين: ”توهان جج آهيو؟“

”نه. مون کي فقط سپاهي تائين توکي هتي رکڻو آهي. تيستائين تون منهنجو مهمان آهين.“

”توهان مون سان گڏ ئي کائو ٿا؟“

”مون کي بہ ته بک لڳي آهي.“

عرب چپ ٿي ويو. دارو اُٿي ٻاهر هليو ويو ۽ ٻاهران هڪ کٽ کڻي آيو ۽ ميز ۽ گئس جي چلهي جي وچ ۾ پنهنجي هنڌ جي پوري گوني ڪنڊ تي اڇي رکيائين. ڪنڊ ۾ رکيل هڪ وڏي پيٽيءَ مان بہ ڪمبل ڪڍي قيديءَ جي لاءِ هنڌ ناهيائين. اها پيٽي ڪاغذن جي ڪبٽ طور بہ ڪم ايندي هئي. انهيءَ کان پوءِ واندو ٿي ماستر اچي پنهنجي هنڌ تي ويٺو. هاڻي ڪيس ڪجهه بہ نہ ڪرڻو هو، بس قيديءَ جي نظرداري ڪرڻي هئي. ڏانهس ڏٺائين ۽ سندس چهري کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڏک ۽ ڪاوڙ جي پاڇولن کان سواءِ اُهيئي شيدين جهڙا ٻچڙا ۽ ٿلها چپ، ڪاريون پر چمڪندڙ اکيون ۽ سانتيڪي جانور جهڙا جذبا سندس چهري تي هئا.

”تو خون ڇو ڪيو؟“ پنهنجي ڳوڙي آواز تي خود ماستر کي تعجب پئي ٿيو.

قيدي پنهنجون نظرون پري گهمائيندي چيو، ”هو جو ڀڄو تہ مان بہ سندس پويان وٺي ڀڳس.“ پوءِ سندس نظرون ماستر جي نظرن سان ٽڪريون. ماستر ڏٺو تہ انهن ۾ ڪاوڙ سان ڀريل هڪ بغاوت واري چمڪ هئي.

”هاڻي مون کي اُهي ڇا ڪندا؟“

”ڇو؟ تون ڊڄين ٿو؟“

عرب جون اکيون خوفناڪ ٿي ويون. هن نظرون ڦيرائي ڇڏيون.

”تون پنهنجي ڪئي تي پڇتائين ٿو؟“

قيديءَ ماستر ڏانهن ڪليل وات سان ڏٺو. شايد هو ماستر جو مطلب سمجهي نه سگهيو هو. ماستر جي چهري تي اداسي پکڙجي ويئي. هن ٻئي هنڌ ڏانهن اشارو ڪري کيس چيو: ”هوڏانهن وڃي سمهه. اُهو تنهنجو هنڌ آهي.“

عرب اصل نه چريو ۽ پڇڻ لڳو: ”مون کي ٻڌايو نه؟“

اسڪول ماستر ڏانهس ڏٺو.

”ڇا اهو فوجي سپاهي وري ايندو؟“

”مون کي خبر ناهي.“

”توهان اسان سان گڏ هلندؤ؟“

”مون کي خبر ناهي- الائجي ڇو؟

قيدي اُٿيو ۽ ڪمبل پاڻ مٿان وڌائين. سندس پير دريءَ ڏانهن هئا. بجليءَ جي بلب جي روشني سڌو سندس اکين ۾ ٿي پيئي، انهيءَ ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيون هئائين.

ماستر اچي سندس بستري پرسان بيٺو ۽ پڇڻ لڳو: ”ڇو؟“

عرب تيز روشنيءَ ۾ اکيون کوليون ۽ ڏانهس نهاري چيائين: ”توهان ئي اسان سان گڏ هلجو.“ ۽ پوءِ وري هن اکيون بند ڪري ڇڏيون.

آڌي رات تائين داروءَ کي ننڊ نه آئي. هو سڀ ڪپڙا لاهي بستري تي سمهي پيو. گهڻو ڪري هو اُگهاڙو ئي سمهندو هو. پر اڄ جيئن ئي کيس اوچتو پنهنجي اگهاڙي هئڻ جو خيال ٿيو تيئن ڪجهه هٻڪي ويو ۽ اهو نيڪ نه سمجهي کيس وري خيال آيو ته کيس ڪپڙا ڍڪڻ گهرجن پر پوءِ ڪلها چنڊي سوچيائين ته آخر پاڻ ٻار به ناهي. جيڪڏهن ڪير مخالفت به ڪندو ته کيس پيچي ٽڪر ڪري وجهندو. پنهنجي هنڌ تان هو قيدي کي ڏسي رهيو هو جيڪو سڌو پٺيءَ ڀر اکيون ٻوٽيو تکي روشنيءَ ۾ ستو پيو هو.

دارو بتي وسائي ته اوچتو چڻ اونداهي هلي آئي هئي. هوريان هوريان رات ۾ زندگي موٽي آئي ۽ هاڻي آڪاس، جنهن ۾ تارا ڏسڻ ۾ نٿي آيا، چمڪڻ لڳو هو. اسڪول ماستر اُٿي بيٺو. عرب بنا چُرپر جي ستو پيو هو پر سندس اکيون چڻ ڪليل هجن. اسڪول جي چوڌاري هوا هوريان هوريان لڳي رهي هئي چڻ ته سڀ بادل هوا سان گڏ هٽي ويندا ۽ سج وري ٻاهر نڪري ايندو.

جيئن رات گذرندي ويئي تيئن هوا جو زور وڌندو ٿي ويو. ڪُڪڙيون پنهنجا پر ڦڙ ڦڙائي وري ماٺ ٿي ٿي ويون، عرب داروءَ ڏانهن پٺي ڏيئي پاسو ورائي ستو هو. دارو سمجهيو ته هو ڪجهه اُداس لهجي ۾ ٻڪي رهيو هو ۽ پوءِ ڪيس سندس ساهه کڻڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جو ڳوڙرو ۽ لڳاتار هو. ڪيس اهو آواز ايترو ته ويجهو ٿي لڳو جو ڪيس ننڊ به نٿي آئي. هو انهيءَ ڪمري ۾ گذريل هڪ سال کان اڪيلو رهندو پئي آيو پر اڄ هڪ اجنبيءَ جي موجودگي ڪيس بيچين ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ هوندي به انهيءَ اتفاق ۾ هڪ قسم جي ڀائپي جو جذبو به هو، جنهن کي هو موجوده هاڻوڪي حالت ۾ وسارڻ جي خواهش رکندي به وساري نٿي سگهيو. ٻه شخص، پوءِ اُهي سپاهي ۽ قيدي ئي ڇو نه هجن، جڏهن هڪ ئي ڪمري ۾ رهڻ لاءِ مجبور ٿيندا آهن، تڏهن هڪ عجيب هڪجهڙائپ جو جذبو قائم ٿي ويندو آهي، چڻ هر شام پنهنجا مختلف قسم جا ڪپڙا ۽ وردي لاهي ڪوٺي ۾ ٽنگيندي ئي گذري، سُپنن ۽ مجبورين جي انهيءَ سر زمين ۾ انهن جي يڪسان انساني شخصيتن ۾ ڪو فرق نٿو رهي... پر ماستر وڌيڪ سوچڻ نٿي چاهيو ۽ سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڪجهه دير کان پوءِ قيدي ٻڙ ٻڙ ڪئي. اجا ماستر جي به اک نه لڳي هئي. جڏهن قيديءَ ٻيهر چرپر ڪئي ته هو هوشيار ٿي ويو. قيدي ٻانهن جي سهاري هوريان اُٿيو، جيئن ننڊ ۾ هلندڙ بيمار ڪندا آهن ۽ هنڌ تي سڌو ٿي ويٺو- بي حس بنا چرپر ۽ بي آواز- داروءَ ڏانهن منهن ڦيرائي نهارڻ کان سواءِ، چڻ ڏيان سان ڪجهه ٻڌندو هجي. پر ماستر ڪا چرپر نه ڪئي. ڪيس اوڏيءَ مهل روالور استعمال ڪرڻ جو خيال آيو جيڪو اجا ميز جي خاني ۾ رکيو هو پر

تنهن هوندي بہ هو قيديءَ جي چرپر جو جائزو وٺندو رهيو. قيدي ساڳي طرح ٻئي پير هنڌ تان هيٺ ڪيا، پوءِ ٿورو ترسي هوريان هوريان ٻيهي رهيو. ماستر ڪيس سڌ ڪرڻ گهريو ٿي تہ قيدي اُٿي هلڻ لڳو. هو تمام ساڌارڻ نموني پر غير معمولي ڊرائي سان ڪمري جي ڇيڙي تي، دروازي ڏانهن وڃي رهيو هو جيڪو ٻاهر کليو ٿي. هن دروازي جي زنجير هوريان لاٿي ۽ بنا آواز ڪرڻ جي، دروازو بند ڪرڻ بدران ٻيڪڙي ٻاهر نڪري ويو. ماستر ڪا چرپر نہ ڪئي. هو اهو سوچي رهيو هو تہ قيدي ڀڄڻ چاهي ٿو تہ جلدي ڀڄي وڃي تہ ڏاڍو چڱو. پر پوءِ بہ هو ڌيان سان آهٽ ٻڌندو رهيو. ڪُڪڙيون ٽنيون نہ هيون. سمجهجي ٿو تہ مٿانهين تان هيٺاهين تائين لهي ويو هوندو. تڏهن هن پاڻي اوتڻ جو هلڪو آواز ٻڌو. انهيءَ مان هو ڪجهہ بہ نہ سمجهي سگهيو پر اوچتو ڌنائين تہ اهو عرب دروازي جي چائنٺ تي ساڳي طرح ڊرائي سان اچي ويو هو ۽ دروازو بند ڪري، زنجير چاڙهي وري اچي پنهنجي بستري تي سمهي پيو هو. هاڻي ماستر قيديءَ جي سمهڻ جو اوسيئڙو نہ ڪيو ۽ پاسو ورائي پٺ ڏيئي سمهي پيو. ننڊ ۾ بہ هن کي اسڪول جي ارد گرد پيرن جي آهٽ محسوس ٿي هئي پر هو زوري پاڻ تي ننڊ غالب ڪري سمهي پيو هو ۽ ننڊ ڪٽي ويئي هئس.

جڏهن ماستر جي اک کلي تڏهن آڪاس صاف ٿي چڪو هو. ڪليل دريءَ مان تازي ۽ ٿڌي هوا پئي آئي. عرب قيدي اجا گوڏا موڙي ڪمبل ۾ ويڙهيو سيڙهيو ستو هو. سندس منهن کُليو پيو هو ۽ ڏاڍي آرام سان ڌسڻ ۾ ٿي آيو. پر جڏهن داروءَ ڪيس ڌونڌاڙي اٿاريو تہ ڊپ وچان ماستر ڏانهن وحشي اکين سان نهارڻ لڳو جڻ تہ ڪيس اڳ ڏٺو بہ نہ هئائين. سندس نگاهن ۾ ايترو ڊپ سمايل هو جو ماستر پويان هٽي چيو: ”ڊڄ نہ، مان آهيان! ڪجهہ کائي وٺ.“ عرب ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي. سندس چهري تي مانار موٽي آئي هئي پر سندس چهري تي ڪنهن بہ اظهار جو رنگ نٿي جهلڪيو.

ڪافي تيار ٿي چڪي هئي. ٻئي ڄڻا فولڊنگ کٽ تي ويهي چانهہ سان ماني ڇٻاڙي کائڻ لڳا. پوءِ ماستر عرب کي ٻاهر

وٺي ويو ۽ هٿ ڌُئڻ جو هنڌ ڏيکاريائين ۽ واپس ڪمري ۾ اچي ڪمبل ۽ هنڌ ويڙهي پنهنجو هنڌ ٺاهي ڪمري کي صاف ڪيائين. پوءِ ڪلاس روم مان لنگهي ٻاهرئين اڱڻ ۾ آيو. نيري آڪاس ۾ سج اڃ ۾ ئي مٿي چڙهندو تي ويو، جنهن جي چٽي روشنيءَ ۾ اهو ويران علائقو وهنجڻي ويو هو. پهاڙي چوٽيءَ تي برف ڳرڻ شروع ٿي ويئي هئي ۽ پٿر وري پڌرا ٿيندا ٿي ويا. ماستر اهو ويران علائقو مٿان ويهي ڏسي رهيو هو. ڪيس بالديوُسي ٻڍي فوجي جو خيال آيو جنهن سان هو سٺي طرح پيش نہ آيو هو جڻ تہ ساڻس ڪو تعلق رکڻ نٿي چاهيائين. سندس ڪنن ۾ اڃا انهيءَ فوجيءَ جو الوداعي جملو وڄي رهيو هو. هو پاڻ کي خالي ذهن سان عجيب پريشاني ۾ مبتلا سمجهڻ لڳو جنهن جي ڪيس سڌ نٿي پيئي. اوڏيءَ مهل اسڪول جي ٻئي پر ڪان قيديءَ جي ڪنگهڪار جو آواز ٻڌي ڪاوڙ ۾ اچي هڪ پٿر ڪٽي زور سان اڇلايائين جيڪو هوا ۾ ترندو زوزاٽ ڪندو وڃي برف ۾ پيو. 'عرب ڏوهي آهي، قاتل آهي،' انهيءَ ويچار ڪيس ڏونڏاڙي ڇڏيو هو پر ڪيس هڪ طرفو قانون جي حوالي ڪرڻ بہ عزت جي خلاف ۽ انصاف جي خون برابر آهي. جيئن وڌيڪ ٿي سوچيائين تيئن تذليل جو احساس گهرو ٿيندو ٿي ويس. هو پنهنجي ماڻهن لاءِ ڪاوڙ وچان سوچڻ لڳو، جن ڪيس پريشانيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. نيٺ ڪاوڙ قيدي تي ٿي آيس، جيڪو ههڙو پيانڪ ڏوهہ ڪرڻ جي جرئت ڪري وينو هو ۽ ڀڄي بہ نہ سگهيو. ماستر اُٿيو ۽ اڱڻ ۾ چوڌاري پسار ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ بنا چرپر جي ترسي وري واپس اسڪول ۾ گهڙي ويو.

قيدي سيمينٽائي فرش تي جُهڪي ٻن آڱرين سان پنهنجا ڏند صاف ڪري رهيو هو. ماستر ڏانهس ڏسي ڪيس سڏيو ۽ پاڻ ڪانئس اڳ ڪمري اندر هليو ويو ۽ سويٽر مٿان شڪاري جئڪيٽ پائي، بوٽ پاتائين ۽ پوءِ عرب جي سينڊل پائڻ ۽ مٿي تي رومال ٻڌڻ تائين بيٺو رهيو. ماستر ڪيس دروازي ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”تو وڃ.“ پر قيدي ماٺ ڪيو بيٺو رهيو. تنهن تي ماستر وري چيس، ”مان بہ هلان ٿو.“ عرب ٻاهر نڪتو ۽ ماستر ڪلاس روم ۾

واپس وڃي هڪ ڪاغذ ۾ ڪجهه بسڪوٽ ڪارڪون ۽ منائي بند ڪيون. ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ڪلاس روم ۾ ميز اڳيان لنگهندي هڪ ڪن لاءِ هٻڪ محسوس ٿي پر پوءِ دل ڪوڙي ڪري ڇانئٽ ٽپي دروازي کي ڪلف ڏيئي اوپر طرف روانو ٿيو. سندس پويان قيدي هو. اسڪول کان ٿورو مفاصلو طئہ ڪرڻ کان پوءِ محسوس ڪيائين تہ سندس پويان ڪو آواز ٿيو. هن اسڪول جي چوڌاري نظر ڦيرائي ٿوهه ورتي پر ڪيس ڪجهه بہ ڏسڻ ۾ ڪين آيو. عرب بنا ڪجهه سمجهڻ جي ڏانهس ڏٺو. ماستر ڪيس وري هلڻ لاءِ چيو. ڪلاڪ ڪن هلڻ کان پوءِ اهي هڪ اُيي چوٽي تي اچي پهتا. برف تيزيءَ سان ڳرندي تي ويئي ۽ سج اهو پاڻي گرميءَ سان سڪائيندو ميدان صاف ڪندو تي ويو. هلڻ مهل سندن پيرن جا آواز آيا پئي. اُهي جيئن اڳتي وڌندا تي ويا تيئن ڪين پکي ٻوليون ٻوليندي ڏسڻ ۾ پئي آيا جيڪي سندن ويجهو اچڻ تي اُڏري ٿي ويا. دارو صبح جي روشنيءَ ۾ ڊگهو ساهه کنيو. انهيءَ ڄاتل سڃاتل علائقي ۾ هو هڪ وڏو خال هو، جيڪو نيري آڪاس هيٺ سمورو پيلو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڪين هلندي ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت ٿي ويو هو. هاڻي اهي ڏکڻ پاسي وڌي رهيا هئا. اهي هڪ اتاهين چوٽيءَ جي سڌي سنوت واري هنڌ تي اچي پهتا هئا، جتان هڪ ڊگهي هيٺاهين شروع ٿي ٿي. اوپر طرف هيٺ ميدان ۾ پري وٽڪار جي وچ ۾ آباديءَ جا آثار نظر آيا تي ۽ ڏکڻ پاسي ٽڪرين جي قطار انهيءَ علائقي کي بي ترتيب شڪل ڏيو بيني هئي.

داروءَ ٻنهي پاسن جو جائزو ورتو. اُفق ۾ رڳو آڪاس نظر تي آيو. ڪو ماڻهو ڇيٽو ڪونہ هو. هن عرب ڏانهن مڙي ڏٺو جيڪو ويران نگاهن سان ڪيس ڏسي رهيو هو. ماستر هٿ ۾ جهليل بنڊل کي اڳيان وڌائيندي چيس: ”هان وٺ. هن ۾ ڪجهه بسڪوٽ، ڪارڪون ۽ منائي آهي. تو لاءِ اُهي ٻن ڏينهن لاءِ ڪافي ٿيندا ۽ هي هڪ هزار فرانڪ اٿيئي.“ عرب بنڊل ۽ پيسا ورتا ۽ پنهنجا هٿ جهلي ائين بيهي رهيو ڄڻ ڪيس ڪا خبر نہ هئي تہ ڪيس اهي سڀ ڪجهه ڇو ڏنا ويا هئا ۽ ڪيس ڇا ڪرڻو هو. ماستر اوپر واري رستي ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”ڏس هي رستو ’تِن

جُو‘ ڏانهن وجي ٿو. ٻن ڪلاڪن جو سفر آهي. ’تِن جُو‘ ۾ انتظاميہ ۽ پوليس آهي جيڪي تنهنجو اوسيئڙو ڪندا هوندا.“ عرب اپرندي ڏانهن ويران نظرن سان نهاريو. سندس هٿن ۾ بنڊل ۽ پيسا ساڳي طرح جهليل هئا. پر ماستر ڪيس نونٽ هنئي ۽ رُڪائي سان ڏکڻ ڏانهن مڙڻ لاءِ مجبور ڪيائين. فوٽ جي اُتاهين تي، جتي اُهي بيٺا هئا، اُتان هڪ پيچرو ڏاڪڻين چوٽين کان اڳتي وجي گم ٿي ٿي ويو. ”هي پيچرو توکي انهن چوٽين جي پرئين پر پهچائيندو. هتان کان هڪ ڏينهن جي سفر کان پوءِ هڪ چراگاهہ ايندو، جتي قبائلي خانہ بدوشن جي وسندي آهي، اهي تنهنجو آدرياءُ ڪندا ۽ پنهنجي رسم پٽاندر شايد اجهو بہ ڏين.“ هاڻي عرب، ماستر ڏانهن ڏٺو. سندس نگاهن ۾ بي چئنيءَ جو اظهار هو. ماستر اهو ڏسي ڪيس چيو، ”توکي ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي. هاڻي مان توکي ڇڏي واپس وڃان ٿو.“ ائين چئي هو پٺ ڏيئي واپس وريو. بہ ڊگها قدم کڻي هبڪي وري بہ ٻنان چرپر جي عرب ڏانهن ڏنائين ۽ وري هلڻ لڳو. سندس پير سخت ۽ سرد زمين تي کٽ کٽ وڄندا رهيا. ڪجهہ دير تائين تہ هن پٺ ورائي بہ نہ ڏٺو پر وري جڏهن پويان مڙي هڪ دفعو ڏنائين تہ عرب اجا تائين ساڳي طرح بيحس ۽ ٻنان چرپر جي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٻانهون لڙڪايو بيٺو هو. سندس نظرون اسڪول ڏانهن ويندڙ ماستر ۾ ڄميل هيون. خبر ناهي تہ ماستر لاءِ انهن نظرن ۾ ڇا هو. ماستر کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ اٽڪي ويئي هجي. شايد انهي ڪري هو ڳالهائي نٿي سگهيو. پوءِ ڄڻ هن پنهنجي ارادي تي زور ڏنو. هن پري کان ئي هٿ جي اشاري سان قيديءَ کي هليو وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ تڪا قدم کڻندو هليو ويو. ڪجهہ پري وڃڻ کان پوءِ هن پويان مڙي ڏٺو تہ ٽڪريءَ تي عرب موجود نہ هو.

ماستر هبڪيو. سج مٿي چڙهي آيو هو، جنهن جي گرمي کيس محسوس پئي ٿي. هو پهرين بي ڌيانيءَ سان، پر پوءِ فيصلي ڪُن انداز ۾ اُنهيءَ پيرين واپس وريو. جڏهن هو ننڍي ٽڪريءَ تي پهتو تہ سندس چهرو پگهرجي ويو هو. جڏهن مٿي پهتو تہ ساهہ روڪي ڏکڻ طرف ڏنائين. ڏکڻ ۾ بيٺل بي ترتيب چوٽين مٿان

نيرو آڪاس چانيل هو پر اُپرندي پاسي واري پٽ مان اجا دونهون پئي اُپريو. انهيءَ ڏنڌ ۾ ماستر ڏڙڪندڙ دل سان ڏٺو ته اُهو عرب هوريان 'تِن جُو' قيد خاني وارو رستو وٺندو ڪنڌ جهڪائي وڃي رهيو هو.

ڪجهہ دير کان پوءِ ماستر ڪلاس روم جي دريءَ ۾ بيهي چوٽيءَ تي وسندڙ صاف شفاف روشنيءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو . پر سندس ڏيان اُتي ڪونہ هو. سندس پٺيان ڪلاس روم جي بورڊ تي لٽڪيل نقشي تي نهيل فرانس جون نديون بدستور اڳي وانگر وهي هيون. شايد انهن جي هينان ڪنهن چاڪ سان لکي ڇڏيو هو: "تو اسان جي پاءُ کي مؤت جي منهن ۾ ڏنو آهي، جنهن جي توکي قيمت چڪائڻي پوندي."

ماستر ميدان ڏانهن ڏٺو، پوءِ پويان ڏٺائين ۽ نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ زمين جي حصي ڏانهن نگاهون ڊوڙايائين. هيءَ اُها زمين هئي جنهن کي هو پنهنجي ساهہ کان بہ وڌ پياري سمجهندو هو. هن پڪڙيل ۽ بي انت علائقي ۾ اڄ هو اڪيلو هو- بلڪل اڪيلو.□□□

# آئينو

## ڪاتيول اسپنڊيز

### فرينچ (فرانس)

أنهيءَ سڄي ملڪ ۾ هڪ به آئينو نہ هو، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو چهرو يا عڪس ڏسي سگهي. هر قسم ۽ نموني جا اُهي آئينا جيڪي گهرن جي ڀتين تي ٽنگيا ويندا آهن: وڏا ۽ شاندار آئينا، جن جو شمار دستي آئينن ۾ ٿيندو آهي: ۽ هر قسم جا آئينا جيڪي هار سينگار ۽ ناهہ نوهہ لاءِ استعمال ٿيندا آهن: راڻيءَ جي حڪم سان ٽوڙي ڇڏيا ويا هئا. جيڪڏهن ڪنهن وٽان ڪنهن آئيني جو ٽڪرو بہ مليو ٿي ۽ اهو گهر پوءِ ڪنهن معزز ۽ پهچ واري ماڻهو جو ڇو نہ هجي، ان گهر ۾ سيني ڀاتين کي راڻيءَ جي حڪم سان اذيتناڪ سزائون ڏيئي قتل ڪيو ويندو هو. سڄي ملڪ ۾ آئينو رکڻ، ڏسڻ ۽ ناهڻ تي بندش پيل هئي. انهيءَ جو سبب ڪو اهڙو بہ ناهي جو اهو ٻڌائي نہ سگهجي. انهيءَ ملڪ جي راڻي ايڏي تہ بدصورت، بي ڊولي، ٻيڇڙي ۽ ڏکار جوڳي هئي جو انتهائي ٻيڇڙا ۽ بدصورت مِرون بہ سندس ڀيٽ ۾ خوش‌شڪل ۽ ناهوڪا سمجهيا ويندا هئا، راڻيءَ کي پنهنجي مثالي بدصورتيءَ جو پورو احساس هو. هن اهو پختو ارادو ڪري ورتو هو تہ هوءَ ڪڏهن بہ پنهنجي شڪل يا اُن جو عڪس نہ ڏسندي. انهيءَ ڪري احتياطي تدبيرن جي طور هن ملڪ ۾ آئيني جي وجود ۽ مالڪي تي بندش وجهي ڇڏي هئي. ۽ آئينو رکڻ انهيءَ ملڪ جو سڀ کان وڏو ڏوهہ هو، جنهن جي سزا ڇيڇلائيندڙ موت هئي. انهيءَ حڪم جي لاڳو ٿيڻ سان گڏ جتي راڻي پنهنجو عڪس ۽ چهرو نٿي ڏسي سگهي، اُتي ڪيس اها آٿت، ڪِريل ۽ نيچ خوشي بہ حاصل ٿي ويئي هئي تہ سموري ملڪ ۾ ڪو بيو ماڻهو بہ پنهنجو پاڻ کي نہ

ڏسي سگهندو ۽ نه وري ڪو پنهنجو پاڻ کي حسين، خوبصورت ۽ سهڻو به چئي سگهندو.

جيڪڏهن ڪنهن جون اکيون ڊنڊ ڪان وڏيڪ گهريون آهن ۽ انهن اکين کي آئيني ۾ نتو ڏسي سگهي ته پوءِ انهن خوبصورت اکين جو ڪهڙو فائدو؟ جيڪڏهن ڪنهن جا ڳل گلاب جي گلن وانگر مهڪن ٿا ۽ چپ مُڪڙين وانگر نرم ۽ خوبصورت آهن ته انهن جو به ڪهڙو فائدو جن کي انسان پاڻ پنهنجي اکين سان ئي نه ڏسي سگهي.

انهيءَ ملڪ ۾ انسان دريائن، ندين، واهن ۽ تلائن جي صاف شفاف پاڻيءَ ۾ به پنهنجو چهرو نٿي ڏسي سگهيو، ڇو جو راڻيءَ ڏاڍي هوشياريءَ ۽ عياريءَ سان انهن سڀني دريائن، ندين، واهن ۽ تلائن جي ڪنارن تي پٿر جون ڇپون اهڙي طرح رکرائي ڇڏيون هيون جو ڪوبه ماڻهو پاڻيءَ جي پرسان وڃي، جهُڪي پنهنجو عڪس ڏسي ئي نٿي سگهيو. پاڻي پيئڻ لاءِ کوهه ايڏا اونها کوٽيا ويا هئا جو پاڻي واهن جي تري ۾ تمام اونهو هوندو هو، ۽ کوهن جي ڪپن تي بيهي ڪوبه پنهنجو عڪس نٿي ڏسي سگهيو. پاڻي ڇڪڻ جو بوڪو ۽ بالٽيون به حڪومت جي پاران ميسر ڪيون وينديون هيون ۽ برتنن جا ترا اهڙا هوندا هئا جو انهن ۾ پيل پاڻيءَ ۾ ڪوبه ماڻهو پنهنجو عڪس ۽ پنهنجو چهرو نٿي ڏسي سگهيو. چالاڪ ۽ ذهين راڻي هر ڪم ڏاڍي هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان ڪيو هو.

سڄي ملڪ ۾ ڪنهن ماڻهو، ڪنهن نؤورني، ڪنهن ٻار کي پنهنجي خوبصورتيءَ جو احساس نه رهيو هو ، ڇو جو جڏهن اکيون پنهنجو چهرو پاڻ ئي نه ڏسي سگهن ته خوبصورتيءَ جو شعور ڀلا ڪيئن تي پيدا ٿي سگهيو؟

پر نه، انهيءَ شهر، انهيءَ ملڪ ۾ هڪ ڇوڪري اهڙي به هئي، جنهن کي سُڌ هئي ته هوءَ خوبصورت آهي. سندس نالو جيسنيت هو. هن جو هڪ چاهيندڙ نوجوان پڻ هو، جيڪو سندس لاءِ آئينو بڻجي ويو هو. سندس محبوب جي زبان ڪيس هر پل اهو ٻڌائيندي رهندي هئي ته سندس چپ ڪهڙا آهن، سندس چهرو

ڪيئن آهي ۽ هوءَ ڪيتري خوبصورت آهي. هوءَ پنهنجي خوبصورتيءَ جي ساراهه ٻڌي شرمائجي ويندي هئي. سندس دل ۾ اها خواهش ڪَرُ ڪڻڻ لڳي ته ڪاش هوءَ ڪڏهن پنهنجي چهري کي آئيني ۾ ڏسي سگهي! پر آئيني جو وجود ته انهيءَ ملڪ ۾ ختم ڪري ڇڏيو ويو هو. سندس محبوب ڪيس شاديءَ لاءِ چوندو هو ته هوءَ انڪار ڪري ڇڏيندي هئي. شاديءَ کان اڳ هن پنهنجي چهري کي ڏسڻ چاهيو ٿي.

هوشيار، باخبر ۽ عيار راڻيءَ کي ٻه اها سڌ پئجي چڪي هئي ته هڪ ڇوڪري پنهنجو پاڻ کي بيحد خوبصورت سمجهي ٿي. راڻيءَ کي اها ڳالهه پلا ڪيئن پسند اچي سگهي ٿي؟ هن انهيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ کي ماٺ ميٺ ۾ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

جيسنيت ۽ سندس محبوب جي شادي طئہ ٿي ويئي. شاديءَ ۾ ٿورا ڏينهن باقي هئا. جيسنيت باغ ۾ سئر ڪري رهي هئي ته هن ڏٺو ته هڪ ميري ۽ گدلي پوڙهي فقيرياڻي ڏانهس اچي رهي هئي. جڏهن هوءَ جيسنيت جي ويجهو پهتي ته اوچتو هن ڏيڄاريندڙ انداز ۾ اهڙي رڙ ڪئي جڻ هوءَ ڪنهن کان ڏڄي ويئي هجي. هن رڙ ڪري چيو: ”اوهه... هي ڇا، هي ڇا پئي ڏسان!“

”ڇا ٿيو پوڙهي... تو مون ۾ اهڙي ڪهڙي شيءِ ڏٺي اٿيئي جو رڙ ڪيئہ؟“ جيسنيت پڇيو.

”تون دنيا جي سڀ کان بدصورت مخلوق آهين.“ پوڙهي فقيرياڻي اکيون ڇنڀيندي چيو.

”تون ڪُوڙي آهين، مان اهڙي ناهيان.“ جيسنيت پوڙهي فقيراڻيءَ کي ڌڪار مان مُرڪندي ڏسي چيو.

”آهه منهنجي بدنصيب ڌي، تون اهڙي ئي آهين، جهڙي مان توکي ٻڌايان ٿي. مان تمام پوڙهي آهيان ۽ قبر ڪنڌيءَ تي آهيان. مان پلا ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس! مان سچ ٿي چوانءِ، پنهنجي سموري ڄمار ۾ مون توکان وڌيڪ بدصورت ۽ بڇڙي شڪل ڪنهن جي ناهي ڏٺي.“

جيسنيت جو رنگ اُڏامي ويو.

”ڇا مان سچ پچ بدصورت آهيان...“

”ها، ۽ بدنصيب به! توکي ڪنهن چيو ته تون خوبصورت آهين؟ سچ ته اهو آهي ته لفظ تنهنجي بدصورتيءَ کي بيان ڪري ئي نٿا سگهن.“

اهو چئي، اُها پوڙهي فقيراڻي اوچتو اُتان غائب ٿي ويئي. پڪ سان اها ڪا ڏائڻ هئي ۽ انهيءَ بدفطرت عيار راڻيءَ جي هڪ ذهين ڪارندي هئي. جيسنيٿ جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هوءَ صوف جي هڪ وڻ هينان اونڌي منهن پئجي دير تائين لڙڪ لاڙيندي رهي.

هاڻي جيسنيٿ جي ذهن مان ڪنهن طرح سان اهو خيال نٿي نڪري سگهيو. ”مان بدصورت آهيان... منهنجي شڪل بُڇڙي آهي،“ هوءَ پاڻ ئي هر هر اهو جملو بڙبڙائيندي رهي. سندس محبوب قسم ڪائي، آزيون نيزاريون ڪري ڪيس پڪ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته هوءَ خوبصورت آهي، بلڪ سموري ملڪ ۾ سندس جهڙي خوبصورت ڪا ڇوڪري ناهي. پر جيسنيٿ کي هاڻي پنهنجي عاشق تي به ويساهه نه رهيو هو. هن شاديءَ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو.

”مان ايڏي بدصورت آهيان! مان توسان شادي نه ڪنديس. تون مون سان محبت ڪرين ٿو، انهيءَ ڪري مون سان ڪوڙ ڳالهائيندو رهيو آهين ته مان خوبصورت آهيان. پر مون کي حقيقت جي خبر پئجي چڪي آهي. هاڻ مان توسان شادي نه ڪنديس.“

هاڻي ڇا ٿي ٿي سگهيو! انهيءَ پوڙهي فقيرياڻيءَ جي ڳالهه کي هڪ طرح سان ڪوڙو ثابت ڪري سگهڻ ڪاڻ هوءَ پاڻ ڪنهن طرح آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسي، پر آئينو ته سڄي ملڪ ۾ موجود نه هو ۽ ڪوبه ماڻهو وڏي رقم جي عيوض به آئينو ناهڻ لاءِ تيار نه هو.

جيسنيٿ جو عاشق به همت هارڻ وارن مان نه هو.

”آخر ڳالهه ڇا آهي؟ اهي ماڻهو ڪير آهن ۽ هتي ڇو آيا آهن؟“ بدنيت راڻي پڇيو.

”مهاراڻي... دنيا جو انتهائي ڏکي محبت ڪندڙ جوڙو اوهان جي اڳيان حاضر آهي.“

”تہ پوءِ... مان ڇا ڪريان...؟ اوهان جي محبت سان منهنجو ڪهڙو تعلق؟ مون کي ڇو ٿا پريشان ڪريو؟“

”مهاراڻي... هڪ پيرو... فقط هڪ پيرو... آئينو ڏسڻ جي اجازت...“

راڻي غصي ۾ اچي تخت تان اٿي بيهي رهي. هن رڙ ڪري خونخوار آواز ۾ چيو: ”توکي همٿ ڪيئن ٿي جو منهنجي اڳيان آئيني جو نالو وٺي سگهين؟“ هوءَ ڪنهن جهنگلي خونخوار جانور وانگر ڏند ڪرٽي رهي هئي.

بيدپي ۽ بهادر عاشق راڻيءَ جي غصي کي نظرانداز ڪندي چيو: ”مهاراڻي...اسان کي معاف ڪر. مان تو اڳيان رحم جي بيک ٿو پنان، چند لمحن لاءِ اسان جو فرياد ٻڌ. هيءَ ڇوڪري جيڪا تنهنجي اڳيان بيٺي آهي، انهيءَ کي وهم ٿي پيو آهي تہ هوءَ بدصورت آهي ۽ تون...“

”ها، هيءَ بدصورت تہ آهي.“ راڻي سندس ڳالهہ ڪاٽيندي چيو. هوءَ ٽوڪ سان خوفناڪ ٺهڪ ڏيندي چوڻ لڳي.

”هوءَ بلڪل صحيح سمجهي ٿي. منهنجو خيال آهي تہ مون اڄ تائين ههڙي بڇڙي ۽ بدصورت شڪل ڪڏهن ناهي ڏٺي.“

جيسنيٽ غم وچان بيحال ٿي ويئي. هاڻي تہ ڪنهن شڪ جي گنجائش باقي نہ رهي هئي. فقيرياڻيءَ کان وٺي راڻيءَ تائين سندس بدصورتيءَ جي شاهدي ملي چڪي هئي. هوءَ غم جي گهٽي بار کان پنهنجو پاڻ کي سنڀالي نہ سگهي ۽ تخت جي پرسان ڪِري پيئي.

جيسنيٽ جي عاشق جڏهن راڻيءَ جي زبان مان اهو ڪوڙ ٻڌو تہ هو جوش ۾ اچي ويو. هن رڙ ڪري چيو: ”راڻي تون ڪوڙ ٿي بڪين يا لڳي ٿو تہ چري ٿي پيئي آهين، جو ههڙي حسين ڇوڪريءَ کي بدصورت ٿي چوين.“

راڻيءَ جي محفاظن بنان دير جي جيسنيٽ جي عاشق کي جهلي ورتو. راڻي اشارو ڪيو. جلاد اڳيان وڌيو، جيڪو هر وقت راڻيءَ جي تخت جي پويان بيٺل هوندو هو تہ جڏهن بہ راڻيءَ کي ضرورت پوي تہ هو اتي موجود هجي.

”حڪم جي تعميل ٿئي.“ راڻي جلاد کي حڪم ڏنو.
جلاد اڳيان وڌي پنهنجي ڳؤري تلوار اُپي ڪئي ته جيئن راڻيءَ جي بيعزتي ڪندڙ جو ڪنڌ اُڏائي ڇڏي. جيئن ئي هن تلوار اُپي ڪئي ته ٻن مختلف قسمن جون دانهون ٻُڌڻ ۾ آيون. پهرين دانهن جيسنيٽ جي هئي، جنهن کي اُن وقت اها خبر بلڪل نه هئي ته هوءَ ڪٿي آهي. هن پنهنجون اکيون کولي مٿي ڪنيون ته چمڪدار، شفاف ۽ بيداغ لوهي تلوار ۾ هُن پنهنجو عڪس ڏسي ورتو ۽ خوشيءَ وچان دانهن ڪيائين جو حقيقت کُلي پيئي هئي ته هوءَ خوبصورت آهي، دلڪش آهي ۽ ديده زيب ۽ پرُڪشش آهي.
ٻيءَ دانهن راڻيءَ جي هئي. اها درد ۽ ڪرب سان ڀريل دانهن هئي، جنهن ۾ موت جي گهرائي موجود هئي، ڇو جو دنيا جي بدصورت، بدترين، بڇڙي شڪل واري راڻي به غير متوقع طور تلوار جي آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي ورتو هو ۽ پنهنجو ئي عڪس ڏسي شرم، ندامت ۽ غصي کان سندس موت ٿي چڪو هو.□□□

# هڪ ڪنواري ڇوڪري

## آندر پيَردَ ماندِرگ

### فرينچ (فرانس)

”نوان هيرا اچي ويا آهن. تجوڙيءَ جي چابي وٺ. توکي اهي سياڻي سوير پرکڻا آهن.“ سارا جي پيءُ چيو. هو هيرا تراشڻ جو ڪم ڪندو هو. صدين کان سندس خاندان جو اهو ڪم هو. هيٺ دڪان هو، مٿين منزل تي اُهي پاڻ رهندا هئا. سندس اولاد اهائي هڪ ڌي هئي، جنهن کي اڳتي هلي ڪاروبار سنڀالڻو هو.

سارا وڏي اتساهه سان وراڻيو، ”ڪيترن ڏينهن کان اسان انهن هيرن جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. مان خاص طور تي انهيءَ نيري پٿر کي ڏسڻ تي چاهيان، جنهن جي باري ۾ انهيءَ جي واپاري لکيو هو.“

”منهنجو خيال آهي ته اهو پٿر ڏاڍو قيمتي آهي، جنهن جهڙو مون اڳا تائين نه ڏٺو آهي. هيرن ۾ باهه- پاڻي جي پرک اول تنهنجي هٿان ئي ٿيڻ گهرجي.“ پڻس اعتماد سان چيو.

سارا فخر وچان پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو. سندس نازڪ منهن تي ڪاريون اکيون اڃا وڌيڪ چمڪي اٿيون. سندس ڳچي سچ پچ صراحي جهڙي هئي. سارا جي قميص تي ترنڊڙ مڇين جي پرنٽ هئي. ڪسڪنڊڙ نرم مڇين وانگر سندس من ۾ نئين ڪي ڏسڻ جي هڪ خواهش پيدا ٿي. سندس من جو پاڻي سمورو ڪنوارو هو، نرالو هو.

”نانگ جي اکين جي گهور کان انڌي تيل ڪوئن وانگر پٿر جي چمڪ جو اثر سيني عورتن تي ٿئي ٿو، پر پٿرن سان تنهنجو سنبنڌ سياويڪ ۽ سهج آهي. شايد انهيءَ ڪري جو تنهنجي

فطرت بہ نانگ جهڙي آهي. تون پٽرن کي رڳو ڏسين نٿي، پر ساڻن ڳالهيون بہ ڪري سگهين ٿي. سندن اندر ۾ گهڙي سندن هرهڪ خوبي توڙي خاميءَ کي ڏسي سگهين ٿي. تون هيرن جون اهي خاميون بہ ڪڍي ڏيکارين ٿي، جيڪي وڏا وڏا جوهري بہ نٿا ڪڍي سگهن. پر توکي خبر آهي تہ هيرن جواهرن سان اهو سنبنڌ رکڻ لاءِ توکي سدائين نيڪ پاڪ رهڻو پوندو، اهو سيڪجهہ مستقل مزاجيءَ سان قائم رهي سگهي ٿو. توکي ڪڏهن بہ شادي نہ ڪرڻ گهرجي." پٽس سارا کي خبردار ڪندي چيو.

"مان بہ بلڪل ائين ٿي سوچيندي آهيان." سارا جي لهجي ۾ گهرو اعتماد هو. اهو اعتماد هن ڏاڍي مشڪل سان حاصل ڪيو هو. جنهن ڏينهن ڪيس ڪنهن هيري کي پرکڻو هوندو هو، تڏهن اهو ڏينهن سدائين هن جي لاءِ هڪ عبادت جو ڏينهن هوندو هو. انهيءَ ڪان پهرين رات جو هوءَ بلڪل ڪجهہ بہ نہ کائيندي هئي. من کي هڪ هنڌ رکي، هوءَ ايندڙ صبح سان جوڙي چڏيندي هئي. دنياوي خيالن جي هڪ توريل تڪيل دائري مان نڪري، سندس وجود پنهنجي اندر ۾ هڪ اڏامر محسوس ڪرڻ لڳندو هو. انهيءَ رات سپنن کان خالي گهري ننڊ سندس هڪ هڪ عضوي کي هلڪو ڪري چڏيندي هئي. سيڪجهہ ڪيس ڏاڍو وڻندڙ لڳندو هو. سندس من سجاڳ ۽ هڪ ٽِڪ تي ويندو هو. سج جي پهرئين ڪرڻي سان گڏ هوءَ اٿندي هئي ۽ گرم پاڻيءَ سان هڪ پيرو پنهنجي جسم جو هڪ هڪ عضوو صاف ڪندي هئي. انهيءَ ڏينهن هوءَ پنهنجي وجود جي نرمل سڳند ۾ ويڙهيل رهندي هئي.

اڄ بہ هن اڳي وانگر سوير ئي وهنجي سهنجي پشم جو سفيد چولو پاتو ۽ پسيل وارن کي چنبي، انهيءَ ڪمري تائين پهتي جنهن ۾ هيرن جي تجوڙي رکيل هئي. وار جلدي سڪندا تي ويا- پنهنجي هيرن کي وقف ڪيل زندگيءَ تي ناز هو. هن ڪيس ادب سان دروازي جي ٻاهران پنهنجا سليپر لاٿا ۽ پوءِ پاتل پشم جو چولو بہ لاهي اگهاڙي جسم سان ڪمري ۾ گهڙي.

ڪمري ۾ اجا تائين صبح جو اجالو ڪونہ پهتو هو. هن درين جا پردا سرڪايا ۽ سج جي ڪرڻن کي ڪمري ۾ اچڻ جو رستو ڏنو.

ٽجوڙيءَ جو تالو جن انگن ملائڻ سان کُليو تي، اهي سندس پنهنجي نالي جي اکرن کي ابتو ڪرڻ سان هئا. الماريءَ ۾ ڪيترا ئي خانا هئا. سڀ کان هيٺئين خاني ۾ هيرا هئا- چمڙي جي ننڍين ننڍين ٿيلهين ۽ دبين ۾ هيرا رکيل هئا. نئين دبي کي سارا احترام سان کنيو ۽ پوءِ ڪمري ۾ پيل آبنوس جي ميز تي رکي ڇڏيائين.

ميز جي هڪڙي حصي تي سچ جو هڪ ڪرٽو پهچي رهيو هو، باقي حصي تي اجا تائين ڇانءَ هئي. دبيءَ جي مهر ٽوڙي هن اندرئين ڦيٽ کي آهستي آهستي کوليو. سنهڙن ڪاغذن ۾ ويڙهيل ويهارو کن ٽُڪر ميز تي پکڙجي ويا. ميز جو ڪاٺ ايترو چمڪدار هو جو ميز تي جهڪيل سارا جي جسم جو پاڇو انهيءَ تي اهڙي طرح لڏيو لميو تي جڻ هوءَ نرمل پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ وهنجي رهي هجي. نيري ڪاغذ ۾ ويڙهيل هيري کي هن هلڪو ڇهيو ۽ ڪاغذ مان ڪڍي پنهنجي آڱرين ۾ جهليائين. اهو هيرو سندس اميد کان ٻه سرس نڪتو. انهيءَ کان بهتر هيرو هن پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ تجليدار ۽ اندران برف جهڙو اڇو ۽ شانت اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. پاڪائي هڪ حد کان اڳتي وڌي وڃي ته پوائتي ٿي ويندي آهي. دُرلڀ آتما ۽ گهڻ طاقتور جسم وارن لاءِ ايتري نرملتا کي اختيار ڪرڻ چڱو نه ٿيندو آهي. ماڻهو شايد انهيءَ سبب ڪري هيرن کي چڱائي ۽ برائي سان منسوب ڪندا آهن...

سارا لينس کنيو ۽ هيري واري ترِيءَ کي هيٺ جهڪائي لينس سان اهو ڏسڻ لڳي... آبنوس جي ٽڏاڻ سندس ٽوننين مان لنگهي سندس ڇاتيءَ تان گذرندي سندس دل جي ڌڙڪن ۾ وڃڻ لڳي... ڪيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو جڻ هوءَ برفاني ٽڪرين ۾ ڪٿي بيٺي آهي... لينس ۾ نظر ايندڙ هيري جو عڪس تمام وڏو ٿي ويو هو، ايڏو وڏو جڻ اهو برف جي ڪا ڇپ هجي... ۽ پوءِ ڪيس لڳو جڻ ڪنهن برفاني ڇپ تان سندس پير ترڪي ويو هجي. هوءَ هيٺ... هيٺ ڪٿي ڪرندي پيئي وڃي... هيري جي چمڪ هڪ نوراني چمڪ جيان سندس اکين ۾ پئجي ويئي هجي ۽ سندس شعور گم ٿي ويو هجي.

هن جڏهن پنهنجيون اکيون سنڀالي کوليون ته ڪيس محسوس ٿيو ته هوءَ ڪجهه آرپار ڏسڻ ۾ ايندڙ ديوارن وچ ۾

گهيريل آهي- هوءَ هيري جي اندر گهڙي جڻ ان جي اندر ۾ باندڻ بنجي ويئي هجي. هڪ عجيب تذ سندس اندر ۾ لهي ويئي... هوا ايتري هلڪي هئي جو ڪيس ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي... هن اکيون پٽي پوري ۽ نظر هڪ هنڌ جمائي ڏٺو ته شايد ڪيس ڪٿي ڪنهن هنڌ، هيري ۾ ڪا خامي ملي وڃي، پر هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين هڪ اڻٽٽ نرملتا هئي، اهڙي جو پير ترڪي ٿي پيا... ڌيان ڪسڪي ٿي ويو...

هيري اندر پيل سارا ٻاهر ڏانهن ڏٺو. هوءَ ٻاهريون ڪمرو سڃاڻي سگهي ٿي. هيءُ اهوئي ڪمرو هو جنهن ۾ تجوڙي رکيل هئي، دريون لڳل هيون ۽ هڪ دريءَ مان ايندڙ سج جو ڪرڻو هيري جي مٿئين حصي تي پئجي اکين کي انڌو ڪندڙ هڪ چمڪ پيدا ڪري رهيو هو. هن ڏٺو ته هوءَ سموري جسم جي طاقت لڳائي به هيري کان ٻاهر نڪري ڪمري ۾ نٿي اچي سگهي...

هيري جي وچ ۾ پيل سارا جو سمورو جسم ٻرڻ لڳو... انهيءَ ويل سج هيري جي وچ سان ٽڪرائجي ٻاهه جيان ٻري رهيو هو. تذ جو نيرو رنگ ٻاهه جي لال رنگ سان وڙهي رهيو هو... ۽ پوءِ ڪيس لڳو ته هوءَ هيري جي اندر اڪيلي نه هئي. هڪ سگهارو مرد به هيري جي اندر بيٺل هو، ۽ سندس جسم تي به سارا جيان ڪو ڪپڙو نه هو. سندس انگ انگ چڪيل هو. سارا گهٻرائجي اکيون ٻئي طرف ڦيرائي ڇڏيون. سندس رڳن ۾ رت ڏاڍو گرم ٿي ڦرڻ لڳو... ۽ پوءِ سارا گهٻرائجي ڏٺو ته اهو مرد هوريان هوريان ڏانهس وڌي رهيو آهي... ۽ پوءِ سندس بلڪل پرسان اچي ڪيس چوڌاري ٻانهون ورائي ڇڏيائين... سارا جو نازڪ بدن سندس ٻانهن مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ سمورو زور لڳائڻ لڳو... ۽ پوءِ انهيءَ مرد سارا کي ٻاکر ۾ ڀري هيري جي ديوار پرسان ليٽائي ڇڏيو... هاڻي سندس ساهن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو... هلڪو پر تمام گهرو هو.

هن ڇيو ته سارا انهيءَ ڪري هيري جي اندر آئي آهي جو انهيءَ شخص سان سندس ميلاپ ٿي سگهي. هوءَ پيغمبرن جي ذات مان هئي ۽ سج جي ڪرڻي مان نڪتل انهيءَ نوراني شخص جي ميلاپ سان هوءَ عام انسان ذات ۾ هڪ عظيم انسان کي جنم ڏيندي.

سارا انهيءَ شخص جي پاڪر مان نڪرڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو. سندس دماغ فخر وچان اوچو ٿي ويو، ۽ ڪيس لڳو ته دنيا جو هڪ عظيم ڪم ڪيس سونپيو پيو وڃي. مرد جو سمورو جسم سارا جي جسم تي جهڪي ويو.... هڪ هستي سارا جي اندر ۾ داخل ٿي رهي هئي.

مرد جو جسم جيئن ئي سارا جي جسم کان جدا ٿيو ته ٿڌ گم ٿي ويو، برف پگهرڻ لڳي، ۽ هيري جي اندر پيل سارا، هيري کي ٻاهران ڏٺو ته سچ جو ڪرڙو هاٿي هيري تي نٽي پيو.

جڏهن هوش آيس ته سارا ڏٺو ته هوءَ هيري کان ٻاهر، ميز جي پرسان فرش تي پيئي هئي ۽ سندس انگ انگ چڻ چوُر ٿي چڪو هو.

انهيءَ ڏينهن سارا هيري کي وري نظر پري نه ڏٺو، اڳي جيان ڪاغذ ۾ ويڙهي، دٻيءَ ۾ بند ڪري تجوڙيءَ ۾ رکي ڇڏيائين ۽ پوءِ گرم ڪپڙا پائي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي پيئي.

شام جي ويل جڏهن سارا جي پيءُ هيرو ڏٺو ته ڪيس لڳو ته واپاري ساٿس دوکو ڪيو آهي. هيرو داغيل هو. هيري جي وچ ۾ لال رنگ جو هڪ ننڍو سوراخ هو. هن جڏهن سارا کان اُن باري ۾ پڇيو ته سارا ڪجهه به نه ڪڇي. سندس زندگيءَ ۾ اهو پهريون ڏينهن هو جو هوءَ چپ هئي. پٽس کي جوهريءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آئي، انهيءَ ڪري ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن چيو ته هو اهو هيرو واپس موڪلي ڇڏيندو. انهيءَ ڏينهن سارا چپ رهي نه سگهي. هُن پيو ڪجهه نه چيو، رڳو ايترو چيائين ته هوءَ هيرو واپس نه ڪندي. پٽس هيرو منديءَ ۾ جڙائي سارا کي ڏيئي ڇڏيو. پٽس خوش نه هو پر سارا خوش هئي. هن مندي آڱر ۾ پائي ڇڏي. ۽ ڪيس لڳو چڻ سچ جي ڪرڻي جي روپ ۾ ميلاپ سان جيڪو ٻج سندس گرڀ ۾ پئجي ويو هو، اهو وڌي رهيو هو.□□□

# ڪٺولري ڪرنل

## هئڪٽر مُرئنا

### اسپيني (اسپين)

چڙهندڙ جوانيءَ جي ڏينهن کان ئي منهنجو سياءُ چپ رهڻ جو رهندو هو ۽ عمر سان گڏ اُهو وڌي ويو هو. ڏينهون ڏينهن اڪيلائپ ڏانهن آيو آهيان. سوچيان ٿو، هر ماڻهوءَ کي پنهنجي خوشي، پنهنجي اُداسي وانگر، پاڻ تائين رکڻ گهرجي نہ تہ هو هر شيءِ کي ناٽڪي بنائي ڇڏي ٿو، ۽ پنهنجو پاڻ کي هڪ ڪئريڪيچر. هونئن تي سگهي ٿو ڪن ماڻهن کي ڪئريڪيچر بنائڻ پسند هجي... پر جيتري قدر منهنجو سوال آهي، مون کي اِن اڪيلائپ جي ڄاڻ آهي- ان وقت بہ جڏهن مون چيلهہ تي ٻِڪر پاتي هئي ۽ فوجي زندگي شروع ڪئي هئي. مون کي سڌ هئي تہ ٻئرڪن ۾ رَهندڙ ماڻهن کان وڌيڪ اڪيلو دنيا ۾ ٻيو ڪو ماڻهو نٿو هجي. اسان هڪ طرح جا درويش هوندا آهيون، سموري دنيا کان ڪٽيل. اسين هميشہ گڏجي هلندا آهيون، پر اسان جو اهو ساٿ هڪ درويش جي ساٿ کان بہ وڌيڪ اسان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪندو آهي.

مان ڪنهن سماج سڌار گروهہ ۾ نہ آهيان، جتي پيڇاڙيءَ ۾ سيڪجهہ هڪ شڪي حالت واري جوش ۾ ختم ٿي ويندو آهي. اهو چوڻ مان منهنجي مختصر مراد اها بہ آهي تہ هن ڪهاڻيءَ سان ڳنڍيل واقعن جي شاهديءَ جي روپ ۾، جنهن جو بہ ذڪر آهي، اُن کي آسپاس جي ماڻهن مان ۽ ماحول ۾ رهندڙ ماڻهو نہ سمجهيو وڃي.

جنهن شام جو مان ذڪر ڪندس، اُن لاءِ اهو ٻُڌائڻ بہ ضروري آهي تہ اُن کان مان ڪنهن بہ طرح غير حاضر نٿو رهي سگهان. اهو

هڪ پراڻي ساٿيءَ جي گهربار جو سوال هو. هو به مون وانگر رٽائر ٿي چڪو هو، هڪ صديءَ جي لڳ ڀڳ چوٿين حصي کان اڳ، ۽ مان سندس موت تي ڪجهه گهڙين لاءِ سندس گهر ويو هوس. رات جو ماني کائڻ کان پوءِ، مان سندس گهر ڏانهن هلڻ لڳس. اُهي بهار جا ڏينهن هئا. وڻ ۽ ٻوٽا پنن سان جهنجهيل هئا ۽ هوا سڳنڌ سان ڀريل هئي. هو منهنجي گهر کان پريرو رهندو هو، پر وڏن گهرن جي اُن وسنديءَ ۾ مون ان گهر کي پري کان ئي سڃاڻي ورتو. اُن گهر اندر گهڻن ماڻهن کي ويندو ڏسي، مون کي ڪجهه خراب محسوس ٿيو. لڳم، منهنجي اچڻ وقت ئي ٻين گهڻن ماڻهن پاڻ اچڻ لاءِ چونڊي ورتو هو. ٻاهريون بينڪ وارو ڪمرو ماڻهن سان ڀريل هو. گهر ڀاتين سان تعزيتي سلام دعا ڪرڻ کان پوءِ مون ڏٺو ته آسپاس گهڻيئي پراڻا واقف به هئا. هڪڙي سان ڳالهايم ٿي ته ٻيو سامهون اچي ٿي ويو. جدا جدا ريجمينٽن جا ماڻهو هئا. هڪ جرنل به هو، پر سندس وڏي عهدي جي ڪري، مان سندس نالو کڻڻ نه چاهيندس. گهر وارا ڪجهه برنڪس کڻي آيا. مون ورهيه ٿيا شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو هو. اِن ڪري رڳو ڪافيءَ جو ڪوپ گهري ورتم. باقي لڳ ڀڳ سڀ ڏاڍي جوش سان شراب پيئڻ لڳا. مان اهو سندن ڏوهه نه ٿو سمجهان جو مون انهن سان گڏ ڏورانهين ڪيمپن ۾ ڏيهه نيڪاليءَ جهڙي اڪيلائپ ڀوڳي ڏٺي آهي. اُتي شام جي پريڊ کان پوءِ شراب، جوا ۽ شاديءَ جي ڳالهه، ساهه ٻوساٽپ گهٽ کان بچاءُ جو هڪڙو ئي وسيلو رهجي وڃي ٿو. اهو به سندن آلسي ۽ ڳنوار زالن جي ساٿ وانگر ضروري هوندو آهي.

اسان مان جيڪي عرصي کان هڪ ٻئي سان مليا هئا، گڏريل ورهين ۾ پيش آيل واقعن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪيترا ته پراڻين ٻئرڪن جون ڳالهيون ورجائڻ لڳا. اهي ڳالهيون شهري ماڻهن کي ڏاڍيون بيوقوفاڻيون لڳي سگهن ٿيون، پر انهن جي سادگي ۽ پنهنجائپ کي سمجهڻ انهن لاءِ ڏکيو آهي. سپاهي قسم جا ماڻهو اهي ورجائي هڪ تسلي حاصل ڪندا آهن.

ڪجهه دير کان پوءِ سيني تي هڪ قسم جي اُداسي ڇانئجي ويئي- ڌنڌ وانگر. هڪ ٻئي کان عهدي جي ترقيءَ جي

باري ۾ پڇڻ کان پوءِ، سيٺي پنهنجي هٿن ۾ شراب جا گلاس جهلي، پولار ۾ گهوري رهيا هئا. جڻ سمورا هڪ ٻئي ڏينهن چاوا هجن، ۽ سيٺي کي هڪ جهڙو مقدر مليو هجي، ۽ سندن مقدر- ڪجھ تورن ماڻهن جي سنئي مقدر جي پيٽ ۾- انهن سيٺيءَ کي بيوقوف ناهيو هجي. مان اهو سيڪجھ سمجهي سگهيس ٿي، ڇڻ اهو سڀ ڪجھ ڪنهن وڏي آواز ۾ چيو هجي، چو تہ مان انهن مان ٺي هئس ۽ سوچي رهيو هوس تہ جيڪڏهن 1930ع جي واقعن مون کي رٽائر ٿيڻ تي مجبور نہ ڪيو هجي ها تہ مون کي بہ اڄ کو عهدو مليل هجي ها.

ان وقت مون 'ڪيس' ڏٺو. سندس عمر لڳ ڀڳ پنجاھ ورهيہ ٿيندي، پر هو بلڪل جوان عمر شخص وانگر سڌي جسم جو هو. وار اڇا هئس، ڳچي وچولي، ٻانهون ننڍيون پر هر حرڪت ۾ هڪ طرح جي سهجتا هئي. سندس سگهاري جسم جو راز سندس خوش مزاجيءَ ۾ ئي لڳو. هو اهڙن ماڻهن مان لڳو ٿي، جن کي ڪٿي شروع ۾ ئي ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي راز جي خبر پئجي ويئي هجي، ۽ پوءِ اهي ڪيس روز وهنوار ۾ آڻيندا هجن. خاص ڪري عورتن کي متاثر ڪرڻ جو راز. ۽ ان جي عيوض سندس انداز ۾ بہ هڪ زناني خصلت اچي ويئي هجي. خير، هن ۾ ڪجھ اهڙي ڳالھ هئي جيڪا پوري طرح منهنجي پڪڙ ۾ نٿي آئي.

مان رڳو ڪيس ڏسندو رهيس. مون وانگر ٻيا بہ ڪيس ڏسي رهيا هئا- خاص ڪري تڏهن، جڏهن ڪمري جي هڪ ڪنڊ واري طرف کان اسان جي ننڍين وڏين ڳالهين جي سنهڙي تھ کي چيري، هڪ وڏي زوردار ٽهڪ جو ڦوهارو ڦاٽي نڪتو. اُن ڪنڊ ۾، جيڪي ماڻهو گڏ ٿيل هئا، اُهي ٽهڪ بہ ڏيئي رهيا هئا، ۽ پنهنجي ترنگ کي گهٽڻ جي ڪوشش بہ ڪري رهيا هئا. هو انهن جي وچ ۾ هو، ۽ سندس چهري تي اُمنگ هو. جيڪي پري بيٺا هئا، انهن ۾ تجسس پيدا ٿيو، ۽ پوءِ انهن کي پري بيٺلن جيڪي ڪجھ ٻڌايو، اُن تي اُهي بہ هوريان هوريان کلڻ لڳا.

اسان پري هئاسين، اسان تائين ڪجھ بہ نٿي پهتو. اسان رڳو هڪ ٻئي کان اهو ئي پڇي رهيا هئاسين تہ 'هو' ڪير آهي؟

مون کي ياد آيو ته هينئر ڪجهه دير اڳ، هو جڏهن منهنجي پرسان بيٺو هو ته هن مون کان سهج سڀاءَ سان حال چال پڇيو هو، ڄڻ هو مون کان واقف هجي. مون ورندي ڏني هئي، پر ائين جيئن ڪنهن غير واقف شخص کي ڏبي آهي. مون وانگر ٻين به هن جي باري ۾ ڪجهه ياد ڪرڻ چاهيو پر ڪنهن کي ڪجهه ياد نه پئي آيو. رڳو اسان جي هڪ همعصر ڪرنل کي بس ايترو ياد آيو ته هن ڪيس گهڻو وقت اڳ هڪ ريجمينٽ ۾ ڏٺو هو. هڪ ٻئي ڪنهن شخص کي به اهو ياد آيو ته، اُن وقت هن ڪيس هڪ ٻئي ريجمينٽ ۾ ڏٺو هو. ظاهر هو ته اسان کي هن جي باري ۾ ڪا سُڌ نه هئي.

ايتري دير ۾ اسان جي انهيءَ دوست پنهنجي ارد گرد جو گهيرو اڳي کان به وڌو ڻاهي ورتو هو. مان به ڪجهه وڌيڪ ويجهو ٿيندو ويس. آس پاس ماڻهو به هن وانگر کيڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. اهو گيم، وات بند ڪري، لفظ ڳالهائڻ جو گيم هو. هو ڏاڍي ڪاميابي سان ائين ڪري رهيو هو ۽ ماڻهو هن وانگر ڪامياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ۽ پوءِ ڪجهه دير ۾ ئي سمورو ڪمرو عجيب و غريب 'هون هون' 'سي سي' جي آوازن سان پرجي ويو. جنرل کي شايد خصوصي ڪاميابي حاصل ٿي ويئي هئي، ائين ٿي لڳو، شايد اِن ڪري جو هڪ ليفٽيننٽ ڪرنل جي جوان زال کي متاثر ڪرڻ لاءِ هن خصوصي ڪوشش ڪئي هئي ۽ گيم جلديءَ ئي سکي ورتو هو. (جنرل جڏهن ڪان ڪمري ۾ آيو هو تڏهن ڪان ليفٽيننٽ ڪرنل جي جوان زال تي مست ٿيل هو.)

'هو' پنهنجي گيم جو ماهر پنهنجو سبق ورجائي رهيو هو. هن جي بلڪل پرسان بيٺل ماڻهو ڪجهه اهڙي ريت ڪلي رهيا هئا جو مون کي پڪ ٿي ويئي ته اهو جملو جو دٻيل زبان سان چيو پئي ويو، ڪو گندو فحش جملو هو.

انهيءَ گيم جو اثر اڃا ختم نه ٿيو هو جو هن هڪ نئون گيم ڇيڙي ڏنو ۽ عجيب ڳالهه اها هئي جو مان نراس ٿي پري هٽڻ بدران سندس هن ٻئي گيم کي به ڏسڻ لڳس. اهو گيم ڪنن کي

لوڊڻ جو هو. هو ٻڌائي رهيو هو تہ هن انهيءَ گيم کي ڪيڊڻ جو ڍنگ اسڪول جي ڏهاڙن ۾ سکيو هو. تڏهن ڪيس سزا ملندي هئي، ڪتاب پڙهڻ جي بہ اجازت نہ هوندي هئي ۽ ڪيس ڪمري ۾ بند ڪيو ويندو هو. ان وقت هو پنهنجا ڪن لوڏي ڏيکاري رهيو هو. شروع ۾ ٻئي ڪن گڏ، پوءِ واري واري سان هڪ هڪ ڪن تي لوڏيائين. هن پيري جنرل جي ڪوشش ناڪام ويئي. هن گهٽو ئي پنهنجي وات تي زور لڳائي پنهنجي وات کي چبو ڪيو، پر هو پنهنجا ڪن لوڏي نہ سگهيو. آس پاس بيٺل ماڻهو کلي رهيا هئا. ليفٽيننٽ جي زال بہ کلڻ لڳي ۽ جنرل سيٽيل هو. پر ٻيا ماڻهو هن جي جادوءَ سان ٻڌل هئا، رڳو عورتون ئي نہ، سندن مڙس بہ، جن جي مسخرن جهڙن چهرن تي مُرڪ هئي ۽ اُهي تسلي سان هن جي هر گستاخي سهي رهيا هئا.

مان مايوس ٿي ويو هوس ۽ مون پنهنجو ڌيان هن تان بلڪل هٽائي ڇڏيو. ان ڪري مون کي ڪجهہ دير تائين اها سڌ نہ پئجي سگهي تہ هن پنهنجو نئون گيم ڪڏهن شروع ڪري ڏنو. سڌ اُن وقت پيم جڏهن اهو گيم ڏاڍي زور شور سان هلي رهيو هو. لڳم تہ گهوڙيسوار دستي جي هڪ آفيسر سان ڳالهيون ڪندي ڪندي هن ڪيس ٻڌايو هوندو تہ چاهي گهوڙيسوار جي باري ۾ انهن کي گهٽي ڪجهہ خبر هجي پر ٽريننگ جي وقت گهوڙي تان ڪرڻ جو ڍنگ سکندي ايڏو ڊڄي وجن ٿا جو اڳتي گهٽو ڪجهہ سکي نٿا سگهن، ۽ ڪيس هڪ ڪنڊ ۾ وٺي وڃي هو ٻڌائيندو هوندو تہ گهوڙيسوار جي اِڙي سان گهوڙو پنهنجو قدم ڪيئن مٽائيندو آهي. ۽ پوءِ بحث جي گرميءَ ۾، مون کي سُڌ ناهي تہ ڪهڙي طرح، هن انهيءَ شخص کي اونڌو ٿي، ٻئي هٿ جون ترِيون ڌرتيءَ تي رکي، گهوڙي وانگر هلڻ لاءِ راضي ڪري ورتو هوندو. جنهن مهل منهنجو ڌيان ويو، ان مهل هڪ آفيسر گهوڙو ٿيو بيٺو هو، هڪ ٻيو آفيسر ان جو سوار ۽ هُو پرسان بيهي هدايتون ڏيئي رهيو هو. (ان وقت ٻئي آفيسر ڪيس ڪئولري ڪرنل ڪوني رهيا هئا.) هو سوار کي اڳيان جهڪائي، ان شخص جي چيلهہ ۾ اِڙي اٽڪائڻ جو ڍنگ ٻڌائي رهيو هو جيڪو گهوڙو ٿيو بيٺو هو. ۽ آخر ۾ هُن اُن

گهوڙو ٽيل شخص ڪي سوار سميت گهوڙي جي چال هلڻ لاءِ ڇيو. مان ميجان ٿو ته اتي مون ڪي به ڪِل اچي ويئي هئي.

ان گهڙيءَ گهر جي وڏي ڇوڪري دروازي اندر داخل ٿي. هوءَ ڏڳهي، سنهڙي ۽ ويهارو ورهين ڪان مٿي ڄمار جي نوجوان هئي. ڪيس ڏسي، سڀ ڇُپ، پيلا پئجي ويا ۽ سيني جي منهن تان مُرڪ غائب ٿي ويئي، رڳو اهو شخص جيڪو گهوڙو ٿيو هو، اونڌي منهن هئڻ ڪري ڪيس ڏسي نٿي سگهيو ۽ ساڳي طرح زمين تي گهوڙي جي چال هلي رهيو هو. ڇوڪريءَ جو رنگ پيلو پئجي ويو هو ۽ اکيون سڄيل هيون. هوءَ ڏاڍي ٽڪجي ڪمري جي انهيءَ منظر کي ڏسڻ لڳي. ڪمري جو در ٻاهر گهٽيءَ ۾ کليو ٿي جتي ان ڇوڪريءَ جي پيءُ جو لاش پيو هو.

ڪئولري ڪرنل جون مُشڪون سچ پچ فولادي هيون. هو گهبرايو ڪونه، بلڪ پاڻ ئي اڳيان وڏي ڇوڪريءَ سان مليو. هو ڪجهه دير تائين ساڻس ڳالهيون ڪندو رهيو. سندن لهجو تمام ڌيمو هو. اسان کي ڪنهن جو ڪجهه ٻڌڻ ۾ نه آيو. پر ٻين وانگر منهنجي دل به اهو ڄاڻڻ چاهيو ته نيٺ هن ڪيس ڇا چيو هو جو ڇوڪريءَ جو منهن ايترو اچرج ۾ ٻڏل رهجي نه ويو هو ۽ سندس ناراضگي به ايتري قدر گهٽجي ويئي هئي. جو ساڻس ڳالهيون ڪندي هوءَ ڪجهه مُرڪي به پيئي هئي. ۽ پوءِ، اوهان ويساهه نه ڪندا، جيڪڏهن مان اهو ٻڌايان ته اها ڇوڪري باقي سمورو وقت ڪمري ۾ ئي رهي.

نيٺ مون گهڙي ڏٺي. رات جا ٽي وڄي چڪا هئا. اجازت ورتم ۽ واپس موٽڻ لڳس. ٽورو ئي پريان ويو هوندس، لڳم ڊبيل پيرن سان ڪو منهنجي پويان اچي رهيو آهي. مُڙي ڏٺم، 'هو' ئي هو.

رات جي اونداهيءَ ۾ ڏٺم ته سندس چهري جو رنگ ڦڪو پئجي ويو هو. شايد هُو ڏاڍو ٿڪجي پيو هو، پر سندس اکين ۾ چمڪ اڃا به هئي. هي رستو هن سان گڏ هلڻو پوندو، اهو سوچي مون کي سنو نه لڳو، پر ڪجهه ڪري به نٿي سگهيس.

اسان هلندا رهياسين. روڊ بلڪل سنسان ۽ ڏنڌ ۾ ويڙهيل هو. پر هن چيو ته ڪيس ڏاڍي گرمي ٿي رهي آهي ۽ هن پنهنجي

صدري لاهي ڇڏي. ان مهل هڪ عجيب ڪني بوءِ آئي، جيڪا ڏاڍي خراب لڳم. پر مون سوچيو ته هو جهڙي قسم جون رانديون ڪيڏيندو ڪيڏائيندو رهيو آهي، سندس جسم مان اهڙي پگهر جي بوءِ ضرور اچڻ گهربي هئي.

ڏنم ته صدري لاهڻ کان پوءِ به هو جائتو نه هو. مٿي ۽ ڳچيءَ کي هر هر جهٽڪو ڏيئي رهيو هو، جيئن نروس ماڻهو ڪندا آهن. پوءِ هن ڳچيءَ جي ڏاءِ کولي ڇڏي، ۽ پوءِ قميص جا بٽڻ به. مون ڏيان هٽائي ڇڏيو. هن جو ان طرح هلڻ مون کي سٺو نه پئي لڳو. هو جنهن وقت روڊ تي مون سان گڏ هلي رهيو هو، ان وقت کان ئي ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائيندو رهيو هو. هن جون ڳالهيون بس ائين ئي هيون. هو انهن سينيءَ جو مذاق اڏائي رهيو هو، جيڪي اجا تائين ان ڪمري ۾ سندس ساٿي هئا. عجيب محاورا استعمال ڪندي هو مٿن ٺٺول ڪري رهيو هو. مان انهن سيني ڳالهين کان دکي هئس، ان ڪري ڪجهه نه ڪيس. رڳو ڪنهن ڪنهن مهل ڪو جواب ڏنم  تي نه ته بس. منهنجو صبر منهنجي هٿن مان بلڪل ڇڏائجي ويو، جڏهن هن مون کان پڇيو ته مون کي ڪهڙي طرف وڃڻو آهي. منهنجو خيال آهي ته مون ڪجهه ئي سيڪنڊ ورتا هوندا اهو سوچڻ لاءِ ته کيس ڪهڙو جواب ڏيان ۽ ڪائنس ڪيئن پنهنجو پلو آجو ڪرايان، ته هو ڪيڏانهن الوپ ٿي ويو.

مان بيهي رهيس. سامهون ٿوري مفاصلي تي هڪ ٽرام گذري رهي هئي. سوچڻ لڳس ته شايد هو انهيءَ ٽرام ۾ چڙهي ويو هجي. پر مون کيس منجهس چڙهندي نه ڏٺو. پر ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو به ڏسڻ ۾ نه پئي آيو. معجزو ٿي ويو، ائين لڳم. خير مان گهر پهچي ويس. مان اهو نٿو چئي سگهان ته ان رات منهنجي ننڊ ڦٽي نه هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير قبرستان وڃڻو هو. اوڏانهن ويس ته اُتي ڪجهه ماڻهو مون کان اڳ پهچي چڪا هئا. ڪجهه رڳو ’سروس‘ جي وقت پهتا هئا. پر مون ڏيان سان ڏٺو ته ’هو‘ انهن ۾ ڪٿي به نه هو. پر سڀ کان عجيب ڳالهه اها هئي ته جڏهن هن جي باري ۾ مون رات وارن ماڻهن کان پڇيو ته سيني

مون ڏانهن اهڙيءَ طرح ڏٺو ڄڻ اهي اجهو ڪچي ننڊ مان جاڳيا هجن.

ٻه ڏينهن لنگهي ويا. ٽئين ڏينهن مون کي ان شخص جي گهر وڃڻو پيو، جنهن جو موت ٿيو هو. سندس گهر وارن ڪجهه ڪم منهنجي ڪرڻ لاءِ ڇڏيا هئا. گهر جي ڇوڪري مليءَ مون کي ڪمري ۾ ويهاري ڪمن جو تفصيل ڏيڻ لڳي. اوچتو هن پنهنجي مٿي تي هٿ رکيو، ۽ ڏاڍي تڪجي اُتي ويني. هن ڪمري جي دري کولي، ۽ مون کان پڇيائين، ”ڪمري ۾ عجيب بوءِ اچي رهي آهي ڇا؟“

بوءِ سچ پچ اچي رهي هئي. مون چيو ته اها بوءِ مون سندس ڇوڻ کان اڳ به محسوس ڪئي هئي، پر سمجهي نه سگهيس ته اها ڇا جي بوءِ آهي.

”اها پاروتي گلن جي ڌپ آهي، جيڪا گهر ۾ سيني کي اچي رهي آهي، نڪري ئي نٿي.“ ڇوڪريءَ ٻڌايو.

مون اها ڌپ سڃاڻي ورتي هئي. انهيءَ جو گلن سان ڪوبه واسطو نه هو. اِها اُهائي ڪٿي ۽ خراب بوءِ هئي، جيڪا اُن رات مون سان گڏ هلندڙ ان شخص، جڏهن پنهنجي صدري لاٿي هئي، تڏهن آئي هئي. پر مون ان ڇوڪريءَ کي ڪجهه به نه ٻڌايو. چپ رهڻ ئي مناسب ڄاتم.□□□

# آواز

## ووُلف گانگ بورشيرت

### جرمن (جرمني)

ٽرام ڪوهيڙي ۾ ٻڏل ٽپهريءَ کي چيريندي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهي هئي. هر طرف ميرانجهڙي ڌنڌ ڇانيل هئي جنهن ۾ ٽرام جو زرد رنگ گڏ ٿي ملي ويو هو. اها نومبر جي ٽپهري هئي ۽ رستا بلڪل سنسان هئا. نه گوڙ، نه هنگامو، نه چهل پهل، هر طرف خاموش اداسي ڇانيل هئي. انهيءَ ماثار ۾ فقط ٻه شيون پنهنجي وجود جو احساس ڏياري رهيون هيون: هڪ ميرانجهڙي ڌنڌ ۽ ٻي زرد ٽرام.

پر ٽرام ۾ پوءِ به زندگي موجود هئي. منجهس ڪي شخص ساهه کڻي رهيا هئا پر اهي به بلڪل چپ هئا. اٽڪل ڇهه يا ست ڄڻا ٿيندا، شايد ڇهه- سيئي ڪوهيڙي کان لڪا، سنسان ٽپهريءَ جي سڄ ۾ بلڪل گم ٿيو وينا هئا. بتيءَ جي جهڪي روشنيءَ ۾ اهي پنهنجو پاڻ ۾ گم نظر اچي رهيا هئا پر پوءِ به ڪوهيڙي کان بچيل هئا. ٽرام ۾ چپ چپات هئي ۽ خالي خالي ڏسڻ ۾ ٿي آئي. فقط اهي ئي ڇهه ڄڻا هئا جيڪي ساهه کڻي رهيا هئا پر اهي به چپ هئا. انهيءَ ڌنڌ واري ٽپهريءَ جو ڇهون ساٿي انهيءَ ٽرام جو ڪنڊڪٽر هو جيڪو پتل هڪ بيڙي سان شيشي تي ڄميل ڌنڌ تي عجيب و غريب شڪليون ناهي رهيو هو ۽ ٽرام ٿاٻڙندي نومبر جي ڇاتي چيريندي وڃي رهي هئي. ڪوهيڙي کان لڪل انهن ڇهن ڄڻن مان پنج وينل هئا پر ڇهون ساٿي يعني ڪنڊيڪٽر بيٺو هو جنهن جي سڄي بدن جي چمڙي گهنجيل هئي ۽ اڪين جي هيٺان روئڻ سبب وڏا نشان پئجي ويا هئا. ڏسڻ ۾ به هو بلڪل لڙڪن جو پندار تي

لڳو. انهيءَ وقت ۾ هن ڪيترا ڀيرا ڳالهائڻ جي ڪوشش به ڪئي پر ڳالهائي نه سگهيو.

نيٺ ڪجهه دير کان پوءِ پوڙهي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، ”هوا ۾ به آهي، رات ۾ به آهي، هر جاءِ آهي، اُف رات ۾ به آهي، تڏهن ته ڪو سمهي نٿو سگهي، فقط انهن جي ڪري... فقط انهن جي ڪري... ها اهي ئي رات جا آواز آهن، مون تي يقين ڪريو، رات جا اهي ئي آواز آهن ٻيو ڪجهه ناهي... فقط آواز... رات جا آواز...“

پوڙهو چوندي چوندي اڳيان جهڪي ويو ۽ سندس سارو بدن ڏڪڻ لڳو. پوءِ هن پنهنجي ڏسٽي آڱر عجيب انداز سان مٿي ڪئي ۽ پرسان ٻينل سنئين سڌي ڇاتي واري پوڙهي عورت ڏانهن اشارو ڪرڻ لڳو.

پوڙهي عورت ڏڳها ڏڳها ساهه کڻي رهي هئي ۽ جذبات جي اثر هيٺ نظر ٽي آئي. هن وات مان ڪجهه به نه ڪڇيو پر ويران نظرن سان پوڙهي جي آڱر ڏانهن ڏسڻ لڳي. هڪ دفعو گهرو ساهه کنيائين ۽ پوءِ زور زور سان کنگهڻ لڳي. هوءَ وري ائين ڪرڻ لاءِ مجبور هئي. نيٺ ته نومبر جو مهينو هو ۽ اڄوڪي ٽپهريءَ به ڏنڊ سان ڀرپور هئي، ساهه کڻڻ سچ پچ سولو ڪم نه هو.

ڪنڊ ۾ وينل ٻن ڇوڪرين ڏانهس ڏٺو ۽ پوءِ ائين اٿڃان ٻنجي ويون ڄڻ ويچارين رات جي آوازن جو ذڪر ٻڌو ئي نه هجي. پر ائين نه هو. ڪين چڱي طرح خبر هئي ته هتي بحث جو عنوان ڪهڙو هو. ٻين وانگي اُهي به انهن کي سڃاڻنديون هيون پر الائجي ڇو هيڏانهن هوڏانهن نظرون گهمائي رهيون هيون. شايد انهن مان هر ڪنهن کي ٻئي کان شرم ٿي ٿيو.

ڪنڊڪٽر دستور موجب دريءَ تي ڄميل ڏنڊ ۾ ابتيون سبتيون شڪليون ناهڻ ۾ مشغول هو. ٻيءَ ڪنڊ ۾ هڪ پيلي مهانڊي وارو جوان بلڪل چپ هو. سندس اکيون اهڙيءَ طرح بند هيون ڄڻ ننڊ هجيس. هو بلڪل پيلو هو ۽ بتيءَ جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ سندس ڪمزوريءَ ۾ اضافو نظر اچي رهيو هو. پر اکين بند ڪرڻ جو ڍونگ بلڪل اهڙو هو ڄڻ ننڊ ۾ هجي. ٽرام

ساڳي طرح ڏنڊ ڪي چيريندي سناٽي مان لنگهي پئي ويئي. اوچتو ڪنڊيڪٽر شيشي تي عجيب شڪليون ناهيندي پوڙهي کي چوڻ لڳو، ”برابر آهي. سچ پچ اُهي آواز ئي آهن، فقط آواز ۽ رات جو خاص ڪري...“

بئي ڇوڪريون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي شرم کان ٻيٺيون تي ويون. پوءِ لڄي ڇهرن سان هڪ ٻئي جا منهن تڪڻ لڳيون. انهن مان هڪ سوچ ۾ پئجي ويئي... ’رات جو، رات جو ۽ خاص طور تي رات جو...‘

هاڻي پوڙهي پنهنجي آگر ڪنگهندڙ عورت جي ڇاتيءَ جي طرف کان هٽائي ورتي ۽ اُها پهرئين انداز سان ڪنڊيڪٽر ڏانهن ڪنيائين.

”ٻڌا!“ هن ڏاڍي رازداريءَ جي نموني چوڻ شروع ڪيو، ”جيڪي ڪجهه چوان اهو غور سان ٻڌج!... اهي آواز ئي آهن. هوا ۾ ٻه ۽ رات ۾ ٻه ۽ منهنجا دوستو....“ ائين چئي هن ڪنڊڪٽر طرف ڪنيل آگر هٽائي ورتي ۽ اُها آسمان ڏانهن کڻي وري چوڻ لڳو: ”توهان کي سڌ آهي ته اهو سڀ ڪجهه ڇا تو ٿئي هوا ۾؟ رات ۾؟ آوازن ۾؟“

سندس اکين جا گهنجيل ڇپر ڏڪڻ لڳا پر پيلي مهاندي واري جوان تي ڪو اثر نه ٿيو. هو ساڳي طرح اکيون بند ڪري جڻ ستو پيو هو. پوڙهو وري چوڻ لڳو، ”اهي لاش آهن، بيشمار لاش، لاتعداد لاش، لاش ئي لاش.“

هن سُرباٽن ۾ چوڻ شروع ڪيو: ”لاش، ها منهنجا دوستو، لاش! هاڻي لاش ٻي انداز تي ويا آهن. اهي رات جو هوا ۾ نڪري ايندا آهن، اهي ئي لاش، ها اڻ ڳڻيا بيشمار لاش، ڍير لاش، جن کي ڪٿي جاءِ نٿي ملي. توهان کي خبر آهي ته لاش دلين ۾ آباد آهن ۽ دلين جي اها حالت آهي جو اهي پرجي ويون آهن. توهان ئي سوچيو ته نيٺ اهي هيترا لاش ڪيڏانهن ويندا؟ دليون ته پهريائين پرجي چڪيون آهن، پوءِ انهن کي ڪٿي جاءِ نصيب ٿيندي؟ بس اهي ئي بي حساب لاش آهن، جن کي ڪا جاءِ ميسر ناهي ۽ اهي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي رهيا آهن.“

ٽرام ۾ وينٽل سيني ماڻهن پنهنجو ساهه روڪي ڇڏيو، البت پيلي مهانديءِ وارو جوان اجا وڌيڪ ڏکيا ساهه کڻڻ لڳو. پوڙهي اگر جو رخ وري ڦيرايو ۽ انهيءَ کي واري واري سان سيني طرف ڪنيائين. پهريائين چوڪرين ڏانهن، پوءِ ڪنڊڪٽر ڏانهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ پوڙهيءَ عورت ڏانهن. پوءِ آهستي چوڻ لڳو: ”انهيءَ ڪري ته ماڻهن کي ننڊ نٿي اچي. فقط انهيءَ ڪري. توهان کي خبر آهي، هوا هاڻي لاشن سان ڀرجي ويئي آهي ۽ هاڻي انهن لاءِ ڪو نڪاٽو بچيوئي ناهي. انهيءَ ڪري اهي هيڏانهن هوڏانهن رلي ڀٽڪي رهيا آهن. اهي رات جو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن دل جي ڳولا ۾ نڪرندا آهن. انهن لاشن کي رات ۾ به سڪون نٿو ملي. انهيءَ ڪري جيئرن جي ننڊ حرام ڪندا آهن. سچ پچ بي حساب لاش آهن ۽ رات جو ته خاص ڪري اهي لاش رات جي خاموشيءَ ۾ ڳالهيون ڪندا آهن ۽ هر طرف ڀٽڪندا رهندا آهن. منهنجا دوستو، بس رات جي آوازن جو اهوئي راز آهي ۽ انهيءَ ڪري ماڻهن کي ننڊ نٿي اچي...“

پوڙهيءَ عورت وري هڪ ڏکو ساهه کنيو ۽ پوڙهي کي ڦاٽل اکين سان گهورڻ لڳي. پر هن دفعي ٻنهي چوڪرين اکيون ڇنڀڻ شروع ڪيون. اهي ته ڪن ٻين آوازن تي هريل هيون- جيئرن آوازن تي... انهن آوازن تي، جيڪي بستري ۾ سمهڻ کان پوءِ جيئرن انسانن جي اگهاڙن جسمن تي هٿ گهمائڻ سان پيدا ٿيندا آهن... جهٽڪا، طاقتور ۽ جيئرا آواز... ۽ اهي خاص ڪري رات جو... ٻنهي چور نگاهن سان هڪٻئي کي ڏٺو تي ۽ پوءِ شرمائجي تي ويون... شايد ٻنهي مان ڪنهن کي به خبر نه هئي ته ٻي به انهن آوازن کي ٻڌي ٿي يا نه؟ رات جو يا گهٽ ۾ گهٽ سپني ۾.

ڪنڊڪٽر عجيب و غريب شڪليون ٺاهيندي وري چوڻ لڳو: ”بيشڪ اهي لاش ئي هوندا آهن... لاش ئي هوا ۾ ڳالهيون ڪندا آهن، لاش ئي رات جو رلندا وتندا آهن. اها ته بلڪل چٽي ڳالهه پيئي آهي... ۽ رات جي آوازن جو اهوئي راز آهي. اهي لاش هوا ۾ ٽنگيل رهندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بسترن تي به جهڪي پوندا آهن جنهن ڪري ماڻهن کي ننڊ نه ايندي آهي. اها ته بلڪل

ظاهر ڳالهہ آهي.“

پوڙهيءَ عورت ناسون ڦڪوڙي زور سان ساهہ ڪنيو ۽ چوڻ لڳي، ”ها، ها اهي ئي لاش آهن. اهي آواز انهن ئي جا هوندا آهن، اهي ئي بسترن تي بہ اچي وارد ٿيندا آهن.“

هن دفعي ٻنهي ڇوڪرين پنهنجن جسمن تي سچ پچ ڏارين هٿن جي ڇرپر محسوس ڪئي ۽ ٿنهنڪري سندن ڇهرا انهيءَ ميرانجهڙي ٽپهري جو بہ ڳاڙها ٿي ويا پر پيلي مهانڊي وارو جوان ساڳي طرح بي تعلق رهيو. سندس اکيون انهيءَ وقت بہ ساڳي طرح بند هيون ڄڻ ننڊ ۾ هجن.

پوڙهي هڪ دفعو اُهائي پراسرار آگر پيلي مهانڊي واري جوان ڏانهن ڪنئي ۽ چيائين: ”جي ها. جوان- اِهي اجا بہ ننڊ ڪري سگهن ٿا ٽپهري هجي يا رات، نومبر هجي يا ٻيو ڪجهہ ۽ اهي تہ هميشہ ننڊ ڪري سگهن ٿا. اهي لاشن کي نٿا ٻڌن، اهي تہ پراسرار آوازن کي بہ سمهاري ڇڏيندا آهن. اسان پوڙهن جا ڪن دراصل اندر ڏانهن وريل هوندا آهن، تڏهن تہ اهي آواز اسان تائين پهچن ٿا، پر جوانن جا ڪن رات جي آوازن لاءِ ناهن انهي ڪري تہ سک جي ننڊ ڪن ٿا.“

پوڙهي جي آگر مسلسل ڪنڌ ڏانهن ڪجي رهي هئي. ٻيا سڀ ماٺهو تيزيءَ سان ساهہ کڻڻ لڳا. اوچتو هڪدم ڪمزور جوان اکيون ڪوليون. هو پنهنجي جاءِ تان اٿي پوڙهي وٽ هليو آيو. پوڙهي جي آگر ڏڪڻ لڳي پر هو پنهنجي جاءِ تي بنا چرڻ جي بيٺو رهيو. پيلي مهانڊي وارو جوان ڪيس ويجهو آيو ۽ پوڙهي جو ڇهرو غور سان ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ آهستي چيائين، ”معاف ڪجو. اوهان پنهنجو سگريٽ ٻاهر نہ اڇلايو پر مون کي ڏيو. منهنجي طبعيت خراب آهي ۽ ٻک بہ لڳي اٿم. مهرباني ڪري سگريٽ مون کي ڏيو. اهو سڀ ڪجهہ نيڪ ڪري ڇڏيندو، سچ پچ منهنجي طبعيت ڏاڍي خراب آهي.“

پوڙهي کي پگهر اچي ويو ۽ سندن جسم جو هڪ هڪ گهنج ڏڪڻ لڳو.

”برابر تون تہ سچ پچ ڪمزور ڏسڻ ۾ ٿو اچين. ڏسڻ ۾ تنهنجي طبعيت تمام خراب معلوم ٿي ٿئي. تو وٽ ڪو ڪوٽ

ناهي؟ هي نومبر جو مهينو آهي...“

”اها تہ خبر اٿم.“ پيلي مهانڊي واري جوان چيو، ”چڱي طرح. منهنجي ماءُ بہ هر روز صبح جو سوير ائين ئي چوندي آهي: ’تون ڪوٺ! ڇو نٿو پائين؟ آخر هي نومبر جو مهينو آهي.‘ مان چڱي طرح ڄاڻان ٿو.... پر منهنجي ماءُ کي فوت ٿئي ٽي ورهيہ گذري ويا آهن، ڪيس خبر نہ هئي تہ مون وٽ ڪوٽ هو يا نہ؟ بس هر روز صبح سوير هوءَ ائين ئي چوندي هئي. ’ڏس نومبر جو مهينو آهي‘ پر شايد اڃا تائين خبر نہ اٿس تہ مون وٽ اڄ بہ ڪوٽ ناهي. پر هوءَ تہ مري چڪي آهي.“

پيلي مهانڊي واري جوان دکيل سگريٽ پوڙهي کان ورتو ۽ چپ چاپ ٽرام مان هيٺ لهي ويو. ٻاهر ڪوهيڙو هو ۽ ٽپهريءَ جو وقت هو ۽ انهيءَ ويران ٽپهريءَ ۾ هڪ ڪمزور شخص سگريٽ ڇڪيندو آهستي آهستي وکون کڻندو وڃي رهيو هو.

هو بڪايل هو. وٽس ڪو ڪوٽ نہ هو. ماڻس مري چڪي هئي ۽ اهو نومبر جو مهينو هو.

ٽرام ۾ ٻيا سڀ ساڳي طرح ويٺا هئا پر شايد هاڻي انهن ساهہ نٽي ڪنيو. پوڙهو ساڳي طرح وساميل هو ۽ اداس هئڻ سان گڏ ڏڪي رهيو هو. ڪنڊڪٽر ساڳي طرح ڏنڊ جي پٽيءَ تي اُڀتيون سڀتيون ۽ شڪليون عام وڏيون ۽ ڏکيون شڪليون ناهي رهيو هو.□□□

# چھرو

## هينرخ بال

### جرمن (جرمني)

مان بندرگاهہ تي ساموندي جهرڪين کي ڏسي رهيو هئس، جيڪي پاڻيءَ ۾ ٽبيون هڻي ۽ پوءِ ٽپ ڏيئي ڪنپ ڇنڊي رهيون هيون. ٻيو ڪو پڪي پڪڻ اتي ڪونہ هو. پاڻيءَ تي تيل جا داغ تري رهيا هئا، جنهنڪري سمورو پاڻي سائيرڙو ۽ سٽيو لڳي رهيو هو. ڪٿي بہ ڪو جهاز ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ڪرينون اُيبون ٽيون بينيون هيون. سمورا گدام ڪنڊر ٿي چڪا هئا. ايتري قدر جو هاڻي اتي ڪو ڪوئو بہ ڪونہ هو. عجيب خاموشي ڇانيل هئي. مون کي خبر هئي تہ گنريل ڪيترن ئي سالن کان انهيءَ گهيڙ جو ڏيساور سان ڪو سنبنڌ نہ هو.

هڪ جهرڪي ڪجھ دير تائين پاڻي ۾ ٽبي هنئي ٿي، پوءِ لامارو ڏيئي مٿي اُڏاڻي ٿي ۽ وري پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻڻ لاءِ ڪنين کي موڙو ٿي ڏنائين. اُن هر ڀيري مٿي آسمان ڏانهن مهاڙ پئي ڪئي، شايد ڪنهن ساٿيءَ جي ڳولا ۾ هئي. دل چاهيو تہ جيڪر مون کي ڪو ماني ٽڪر ملي وڃي تہ مان پور پور ڪري انهيءَ جهرڪيءَ کي ڏيان ۽ ٻين جهرڪين کي بہ، جيئن هر ڪنهن کي اڏامڻ لاءِ سگھہ ملي وڃي. . . پر مان پاڻ بکايل آهيان، هنن جهرڪين وانگر، ۽ ٿڪل بہ. خالي کيسن ۾ هٿ وجهي مون انهن پکين ڏانهن ڏٺو ۽ پنهنجي دک جو هڪ ڍڪ پيري ورتم.

لڳم، ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو آهي. مُڙي ڏٺم تہ هڪ پوليسوارو هو.

مون ڪلهو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ڪامريڊ!“ هن منهنجو ڪلهو اجا زور سان پڪڙي چيو.

”سائين!“

”هاڻي هتي ڪو بہ سائين ناهي، اسان سڀ ڪامريڊ آهيون.“

”پر منهنجو ڏوهہ؟“ مان هٻڪڻ لڳس.

”قانون موجب سيني ماڻهن کي هر وقت خوش نظر اچڻ گهرجي.“

”مان خوش آهيان.“ مون پنهنجي سموري طاقت سان چيو.

”غلط.“

”پر اهو قانون تہ مون ڪڏهن بہ نہ ٻُڌو.“

”نہ ٻڌو؟ انهيءَ کي لاڳو ٿئي چئيهہ ڪلاڪ ٿي چڪا آهن. اعلان ٿيڻ کان چوويهہ ڪلاڪ پوءِ هر قانون عمل ۾ اچي ويندو آهي.“

”پر مون کي انهيءَ جي بلڪل خبر ناهي.“

”اهو تہ هر اخبار ۾ ڇپجي چڪو آهي، لائوڊ اسپيڪرن تي ٻڌايو ويو آهي. منهنجا ڪامريڊ! تو گذريل چئيهہ ڪلاڪ ڪٿي گذاريا آهن؟“

هاڻي هو مون کي ڌڪيندو وٺي وڃي رهيو هو. مون کي ڏاڍي تڏ محسوس ٿي رهي هئي ۽ ڏاڍي بُک پڻ لڳي هئي. پنهنجي پاڻ تي نظر وڌي: ڪپڙا ميرا هئا، شيوَ بہ ڪيل نہ هئي. جيتوڻيڪ اصول اهو هو تہ هر ڪامريڊ کي سٺا ڪپڙا پائڻ گهربا هئا. . .

رستن تي جيترا بہ ماڻهو نظر اچي رهيا هئا، اُنهن سيني اتساهہ جو ماسڪ چاڙهي رکيو هو، ۽ مان محسوس ڪري رهيو هئس تہ پوليس جي شڪل ڏسندي ئي سندن ماسڪ وڌيڪ چمڪڻ لڳا هئا. پر سيئي زمين تي تيزيءَ سان وکون کڻندا پئي ويا ڄڻ ڏاڍا خوش ٿي ڪمن تان موٽندا هجن.

ياٻپي سگهيس ٿي تہ سيئي ماڻهو ڏاڍي هوشياريءَ سان اسان جي پرسان کسڪي رهيا آهن ڄڻ سيني جي اها ڪوشش هجي تہ اهي جلد ڪنهن گهر، ڪنهن گدام يا ڪنهن ڪارخاني ۾ پناهہ وٺندا، يا ايندڙ موڙ تي مُڙي ويندا ۽ پوليس جي نظر کان هيڏانهن هوڏانهن غائب ٿي ويندا.

فقط هڪ پيرو ائين ٿيو جو هڪ چوواٽي تي پهتاسين تہ اُتي هڪ اڌڙوٽ شخص سان اسان جو واسطو پئجي ويو، ڪيس ڏسندي ئي

مان سمجهي ويس ته ڪو ماستر آهي، هاڻي ڪسڪي ڪيڏانهن وڃي نٿي سگهيو ۽ جيئن ته قانون موجب هن پوليس واري کي ڏاڍي عزت سان سلام ڪيو، ۽ پوءِ پنهنجي فرض موجب ٿي پيرا منهنجي منهن تي ٿڪيو ۽ چيائين، ”غدار!سوئر!“ هن اهو سڀ ڪجھ پوري طرح اصولي طور ڪيو هو. مان اهو سمجهي سگهيس پئي ته سندس نڙي خشڪ هئي پر مون سڀ ڪجھ پنهنجي قميص جي ٻانهن سان اگهي ڇڏيو. منهنجي پنيءَ تي هڪ زوردار ڌڪ لڳو ۽ آواز آيو، ”ڦرين ڏاڪڻ“ مطلب صاف هو ته اهو منهنجو ڦريون روپ هو.

اهو ماستر تيز قدمن سان ڪيڏانهن هليو ويو هو. باقي سموري رستي تي سپيئي ماڻهو اسان کي لنوائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ پوءِ اهو هنڌ آيو جتي مون کي پهچائڻو هو. هڪ توتاري جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. خبر پيئي ته مزدورن کي موڪل ملڻ واري آهي ۽ اُهي پنهنجا ڇهرا خوش ڏيکارڻ لاءِ چڱي طرح هٿ منهن ڌوئي صاف ڪندا. ڪارخاني کان ٻاهر ايندي سندن منهن تي سڪون نظر اچڻ گهرجي، پر گهٽي خوشي نه، جيئن ائين نه سمجهيو وڃي ته کين ڪم کان ڇٽڻ جي ڏاڍي خوشي ٿي هجي. گهٽي خوشي فقط صبح جو سوير ڪارخاني ڏانهن ويندي نظر اچڻ گهرجي. انهيءَ وقت رستي هلندي کين ڳائڻ به گهرجي، جيئن خبر پوي ته ڪم تي وڃڻ جو منجهن ڏاڍو چاھ آهي.

پر غنيمت اها هئي جو اهو توتارو موڪل ٿيڻ کان ڏھ منٽ اڳ وڄايو ويندو هو، صابڻ سان هٿ منهن ڌوئڻ ڪرڻ لاءِ، نه ته جيڪر اهي سمورا مزور انهيءَ وقت رستي تي نڪري اچن ها ۽ سڀ قانون موجب منهنجي منهن تي ٿي پيرا ٿُڪين ها.

جتي مون کي پهچايو ويو، اها هڪ سادي ڳاڙهي رنگ جي سرن سان جوڙيل عمارت هئي ۽ ٻه سپاهي دروازي تي پهرو ڏيئي رهيا هئا. سڀ کان پهرين انهن قانون موجب منهنجي مرمت ڪئي- - بندوقن جا قنداق لونڊڙين تي هنيا.

اندرئين ڪمري ۾ هڪ وڏي ميز (ٽيليفون سميت) ۽ ٻن ڪرسين کان سواءِ ڪجھ به نه هو. مان ڪمري جي وچ ۾ هئس. ميز واري ڪرسيءَ تي هڪ شخص لوهي ٽوپ پائي وينو هو. پوئين طرف کان هڪ ٻيو شخص آيو. کيس ڀُوري رنگ جي وردي

ڦهريل هئي. هو چپ چاپ ٻي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو.

سوال شروع ٿيا:

”ڏنڌو؟“

”عام ڪامريڊ.“

”جنم؟“

”1-1-10“

”گذريل ڏينهن جو تفصيل.“

”قيدي.“

ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.

”ڪٿي ۽ ڪڏهن؟“

”جيل نمبر 12، ڪولي نمبر 13. ڪالهه ڇُٽو آهيان.“

”پروانو؟“

مون آزاديءَ جو پروانو کيسي مان ٻاهر ڪڍيو ۽ سندس اڳيان رکيم.

”اُن وقت جو ڏوهه؟“

”منهنجو خوش چهرو.“

ٻنهي وري هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. هن وري چيو، ”صاف صاف ٻڌاءِ.“

”سائين!! تڏهن ڪو تمام وڏو سرڪاري عملدار مري ويو هو، ۽ سرڪار جو حڪم هو ته سموري ملڪ ۾ سوڳ اختيار ڪيو وڃي. پر هڪ پوليس واري جي دعويٰ هئي ته منهنجو چهرو ڏُکارو نه هو.“

”سزا جو عرصو؟“

”پنج سال.“

پوءِ گهڻي مار ڏيڻ کان پوءِ مون کي نئين سزا ٻڌائي ويئي: ڏهه سال.

خوش چهري پنج سال سزا ڏياري هئي ۽ اُداس چهري ڏهه سال. سوچيان ٿو: هاڻي جڏهن جيل کان ٻاهر ايندس ته منهنجو ڪو چهرو نه هوندو، نه هوش، نه اُداس. . .!□□□

# آخري فيصلو

## ڪارل چاپيڪ

### جرمن (آسٽريا)

بدنام ڪگلر ڪيترائي قتل ڪري چڪو هو. هُو اڻڄاتل اڳيان هو ۽ ڪئين جاسوس، ڪئين پوليس وارا ۽ ڪئين وارنٽ سندس پويان هئا. هن قسم کاڌو هو تہ پڪڙيو نہ ويندس ۽ هُو گهٽ ۾ گهٽ جيئرو پڪڙجي نہ سگهيو هو. جڏهن هن انهيءَ پوليس واري کي گولي هڻي هئي جيڪو کيس پڪڙڻ لاءِ اڳيان وڌيو هو تہ اهو سندس نوَن قتلن مان آخري قتل هو. پوليس وارو مري ويو پر مرڻ کان اڳ هن ڪگلر کي پوريون ست گوليون هنيون هيون جن مان ٽي قاتلانہ ثابت ٿيون هيون. ڪگلر جو موت ايترو جلدي ٿيو جو کيس پيڙا جو احساس ئي نہ ٿيو ۽ ائين لڳو ڄڻ دنيا جي انصاف کان بچي نڪتو هجي.

سندس روح جڏهن سندس جسم مان نڪتو تہ هن لاءِ ٻئي جهان جو منظر ڄڻ هڪ عجوبو هئڻ گهرجي ها، هڪ اونداهي پولار کان پري پولار، پر ائين نہ ٿيو. اهو شخص جيڪو ٻنهي ملڪن جو جيل ڀوڳي چڪو هو، ٻئي جهان جي نئين زندگيءَ کي نئين ڍنگ سان ڏسي رهيو هو. ڪگلر کي مقابلي جي توقع هئي، جنهن لاءِ وٽس ڪافي ساهس هو، جهڙو ڀرين دنيا ۾ هئس.

۽ نيٺ سندس آخري فيصلي جي گهڙي اچي ويئي.

ٻئي جهان ۾ ڄڻ، 'امرجنسي' لاڳو هجي. ڪگلر کي ٽن ججن جي خصوصي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو- هيٺين دنيا جي جيوري جي اڳيان نہ. عدالت ۾ ميز ڪرسيون اهڙيون ئيساديون هيون جهڙيون ڌرتيءَ جي عدالت ۾ هونديون آهن. ها، هڪ ڳالهہ ۾

مختلف هئي جو اُتي شاهدن لاءِ قسم کڻڻ جي سکيا جو رواج نہ هو.

جج پوڙها ۽ انهيءَ ڪم جا تجربيڪار ٿي لڳا. پراڻا آزمودگار، سُڪيا ستابا ڇهرا. فرڊيننڊ ڪگلر- اهو ٿي پراڻو پيلو ڇهرو- بيروزگار. هڪ ڏينهن جائو ۽ هڪ ڏينهن مري ويو. ڪيس انهيءَ ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ ڪيس پنهنجي موت جي تاريخ جي خبر بہ نہ هئي. ۽ ڪيس لڳو ڄڻ اها ڳالهہ ججن جي نظر ۾ ڏوهہ هجي، تنهنڪري سندس روح جو ساهس ڪجهہ ڍرو ٿي ويو.

”تون پاڻ کي ڏوهاري قبول ڪرين ٿو يا بي ڏوهي؟“ وڏي جج پڇيو.

”بي ڏوهي.“ ڪگلر چيو.

”شاهد پيش ڪيو وڃي.“ جج هڪ آهہ ڀري.

ڪگلر جي سامهون هڪ تمام عجيب شخص پيش ٿيو- سيٺيل، ڏاڙهي سان، جنهن جي نيري چوغي ۾ سونهري ستارا جڙيل هئا.

سندس اچڻ تي ٽيئي جج اُٿي بيٺا. ڪگلر پڻ نہ چاهيندي پر هڪ ڪشش ڪان متاثر ٿي اُٿي بيٺو. هو جڏهن ڪرسيءَ تي ويهي رهيو تہ جج پڻ پنهنجين ڪرسين تي ويٺا.

”شاهد!“ جج چوڻ شروع ڪيو، ”ڄاڻٺهار خدا! هن عدالت توکي ڪگلر جي مقدمي ۾ شاهديءَ لاءِ گهرايو آهي. تون پاڻ سچ آهين، انهيءَ ڪري توکي قسم کڻائڻ جي ضرورت ناهي. مقدمي جي ڪارروائي لاءِ رڳو لاڳاپيل ڳالهين کي ئي ڌيان ۾ رکج.“

”۽ تون ڪگلر! شاهد جي بيان هلندي وچ ۾ نہ ڳالهائج. ڪيس سموري خبر آهي انهيءَ ڪري ڪنهن ڳالهہ کان لنوائڻ مان ڪو فائدو نہ ٿيندو.“

پوءِ شاهد ڏانهن مخاطب ٿيندي جج چيو، ”تہ هاڻي شاهد تون پنهنجو بيان شروع ڪن“ اهو چئي جج پنهنجي عينڪ لاٿي ۽ پني آرام سان ڪرسيءَ سان لڳائي ڇڏيائين- ظاهر هو تہ شاهد جو بيان ڊگهو هوندو. ٽنهي ججن ۾ جيڪو سڀ کان وڏيڪ پوڙهو هو، تنهن کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. حساب ڪتاب واري فرشتي

زندگيءَ جو ڪتاب کوليو.

خدا آهستگيءَ سان نڙي صاف ڪئي ۽ چوڻ شروع ڪيائين، ”ها، ڪگلر ننڍپڻ کان ئي ننر هو. پنهنجي ماءُ سان بيحد پيار هئس پر پيار جو اظهار نہ ڪري سگهندو هو. انهيءَ ڳالهہ ڪيس ضدي ۽ ننر ڪري ڇڏيو هو. نوجوان! تون هر ڪنهن سان ڪؤنس ڪندو هئين ۽ وڙهندو جهڙندو هئين. توکي ياد آهي، تو پنهنجي پيءُ جي آڱوٺي ۾ چڪ هڻي ڪڍيو هو جڏهن هن توکي هڪ پيري چماٽ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي؟ تو باغيچي مان گلاب جو گل چورايو هو.“

”اهو گل اِرما جي لاءِ هو- گلن واريءَ جي ڌي.“ ڪگلر چيو.

”مون کي خبر آهي.“ خدا چيو، ”ارما ان وقت ستن ورهين جي هئي. خبر اٿيئي تہ پوءِ ڪيس ڇا ٿيو؟“

”نہ، مون کي خبر ناهي.“

”هن جي آسڪر سان شادي ٿي ويئي، مِل مالڪ جي پٽ سان. پر ڪيس پنهنجي مڙس مان بيماري ٿي پيئي جنهن ڪري سندس ٻار پيٽ ۾ ئي مري ويو ۽ پاڻ بہ مري ويئي. توکي روڊي زاربا ياد آهي؟“

”ڇو، ڪيس ڇا ٿيو؟“

”توکي خبر ناهي؟ هو نيوي ۾ ڀرتي ٿي ويو ۽ هڪ سامونڊي حادثي ۾ مري ويو. اوهان ٻئي سموري ڳوٺ ۾ سڀن کان خراب ڇوڪرا هئا.“ وري ججن کي مخاطب ٿيندي چيائين، ”هي ڪگلر مشڪل سان ڏهن ورهين جو هو تہ چور بہ بنجي ويو هو ۽ ڪوڙو پڻ. هن جو اٿڻ ويهڻ خراب ماڻهن سان ٿيندو هو، مثال طور پوڙهي گريبل سان. هو شرابي هو. ڪگلر هن سان گڏ ڪئين پيرا ماني کاڌي هئي...“

وڏي جج هٿ سان اشارو ڪيو، ڇڻ اهو سڀ غير ضروري هو. پر ڪگلر ڪجهہ هٻڪندي پڇي ورتو، ”۽ هن جي ڌيءَ جو ڇا ٿيو؟“

”ميري؟“ خدا پڇيو ۽ چيائين، ”هن پنهنجو پاڻ کي ڪافي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو. چوڏهن ورهين جي هئي تہ شادي ڪيائين ۽ ويهن ورهين جي ڄمار ۾ مري ويئي. مرڻ وقت موت جي پيڙا ۾ توکي ياد ڪندي رهي. پر تون چوڏهن ورهين ۾ ئي شرابي بنجي

ويو هئين ۽ جڏهن تڏهن گهر مان ڀڄي ويندو هئين. تنهنجي پيءُ جو موت ڳڻتيءَ جي ڪري ٿيو هو ۽ تنهنجي ماءُ جون اکيون روئي روئي انڌيون ٿي ويون هيون. تو پنهنجي گهر کي ڪافي بدنام ڪيو ۽ تنهنجي ڀيڻ مارٿا بيحد خوبصورت هئي. شادي ٿي نه سگهيس. ڪو چڱو مڙس ڪنهن چور جي گهر ڪيئن ويندو؟ هوءَ اڄ به مسڪينيءَ ۾ ڏينهن پيئي گهاري. رات جو دير تائين ماڻهن جا ڪپڙا سبندي رهندي آهي- ڪپڙن جي گراهڪن سان سندس عزتِ نفس کي جهٽڪو لڳندو رهندو اٿس.“

”هوءَ هينٽر چا پيئي ڪري؟“

”هينٽر هوءَ والف جي دڪان تان ڏاڳا پيئي خريد ڪري. توکي اهو دڪان ياد ناهي، جڏهن تون ڪجهه سالن جو هئين ته تو انهيءَ دڪان تان هڪ پيري رنگين چڏو خريد ڪيو هو ۽ انهيءَ ڏينهن اهو وڃائجي ويو هو جيڪو توکي پوءِ لڀجي نه سگهيو هو؟ توکي ياد آهي ته تون انهيءَ ڏينهن ڪاوڙ وچان ڪيترو رنو هئين؟“

”اهو چڏو ڪيڏانهن گم ٿي ويو؟“

”اهو رڙهندو پاڻي جي ناليءَ ۾ ڪري پيو هو. اصل ۾ اهو اڄ به اُتيئي پيو آهي. ان وقت مينهن پئي پيو ۽ تنهنجو اهو چڏو تڏي پاڻيءَ ۾ ڏڪي رهيو هو.“

ڪگلر جو ڪنڌ جهڪي ويو. پر وڏي جج عينڪ وري پنهنجي نڪ تي رکي ۽ ٻي ڌياڻيءَ سان پڇيائين، ”شاهد! تنهنجو بيان هن مقدمي جي باري ۾ هئڻ گهرجي... جوابدار قتل ڪيو هو يا نه؟“

شاهد ڪنڌ لوڏيو، ”هن نوَ قتل ڪيا آهن. پهريون قتل هڪ جهيڙي ۾ سندس هٿان ٿيو هو، جنهن جي سزا ڪاٽڻ لاءِ هو جيل ويو ۽ مڪمل طرح خراب ٿيو. ٻيو قتل هن پنهنجي بيوفا محبوبا جو ڪيو، جنهن لاءِ ڪيس موت جي سزا ڏني ويئي، پر هو جيل مان ڀڄي نڪتو. ٽيون قتل هن هڪ ٻڍي شخص جو ڪيو، جنهن جي گهر ۾ هن چوري ڪئي هئي... ۽ چوٿون انهيءَ ساڳي رات چوڪيدار جو ڪيائين.

”اهو مري ويو؟“ ڪگلر پڇيو.

”هو ٽي ڏينهن سور ڪائيندو رهيو ۽ پوءِ تڙپي تڙپي مري ويو.“ خدا چيو، ”هن جا ٻار به هئا. پنجون ۽ ڇهون قتل هڪ ٻڍي

شخص ۽ ٻڍي عورت جو ڪيو هئائين. هن انهيءَ زال مڙس کي کهاڙيءَ سان ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيو هو. ڪيس رڳو سورنهن ڊالر هٿ آيا جيتوڻيڪ وٽن ويهه هزار ڊالر هئا جيڪي اتيئي پيا هئا.“

ڪگلر چڻ ٽپ ڏنو، ”ڪٿي؟“

”سندن هنڌ هينيان.“ خدا چيو، ”ڪپڙي ٽڪر ۾ ٻڌل ۽ هنڌ ۾ لڪائي رکيل هئا. اهي انهن ڏاڍي ڪنجوسيءَ سان گڏ ڪيا هئا. ستون قتل امريڪا ۾ ڪيو... پنهنجي هڪ ديس واسيءَ جيڪو اُتي اڪيلو وچي رهيو پيو هو.“

”تہ سموري ملڪيت انهيءَ هنڌ ۾ هئي؟“ ڪگلر اجا تائين حيرت ۾ پئجي سوچي رهيو هو.

”ها.“ خدا چئي رهيو هو، ”۽ انون قتل هڪ راهہ ويندڙ شخص جو ڪيائين، جيڪو پوليس ڪان بچي، ڀڄندي وقت ڪگلر کي رستي ۾ آڏو اچي ويو هو. انهيءَ وقت ڪگلر هراسيل هو. تمام گهٻرايل. نائون ۽ آخري قتل انهيءَ پوليسواري جو هو جنهن ڪگلر کي ماري ڇڏيو ۽ ڪيس ڪگلر.“

”جوابدار اهو ڏوهہ چو ڪيو؟“ وڏي جج پڇيو.

”جنهن ڪارڻ هن ٻيا قتل ڪيا هئا.“ خدا وراڻيو، ”غصي ۾ اچي، يا پيسن خاطر، ڄاڻي ٻجهي يا اوچتو، هونئن ئي يا ڪجهہ خوشيءَ خاطر. ڪجهہ ضرورت جي ڪارڻ. خير، هي سخي بہ ڏاڍو هو ۽ وقت بوقت ماڻهن جي مدد بہ ڪندو رهندو هو. عورتن تي مهربان هو. جانورن سان بہ نرميءَ سان پيش ايندو هو ۽ سدائين قول جو سچو هو. مان سندس خوبين جو بہ ذڪر ڪريان؟“

”مهرباني!“ وڏي جج چيو، ”انهيءَ جي ضرورت ناهي. جوابدار پنهنجي طرفان ڪجهہ چوڻ گهري ٿو؟“

”نہ.“ ڪگلر بي پرواهيءَ سان چيو.

”هاڻي عدالت کي انهيءَ تي سوچڻ لاءِ ڪجهہ مهلت گهرجي.“ وڏي جج چيو ۽ ٽيئي جج اتان اٿي پر واري ڪمري ۾ هليا ويا.

عدالت ۾ هاڻي فقط خدا ۽ ڪگلر رهجي ويا.

”اهي ٽيئي ڪير آهن؟“ ڪگلر خدا ڪان پڇيو.

”تو جهڙا انسان.“ خدا وراڻي ڏني، ”اهي هينئين دنيا ۾ به جج هئا، انهيءَ ڪري هتي به جج آهن.“

ڪگلر آڱرين مان نڪاءَ ڪڍيا، ”مون سمجهيو ته..... منهنجو مطلب آهي..... سو، هتي به اهي جج آهن.“

”ڇو جو مان ته خدا آهيان. ڇو ته مان سڀ ڪجهه ڄاڻان ٿو، منهنجي لاءِ ڪو فيصلو ڪرڻ بلڪل ڏکيو ناهي... پر انهيءَ مان ڳالهه نٽي نهي. خير، توکي خبر آهي، هن پيري توکي هن حالت ۾ ڪنهن پهچايو آهي؟“

”نه، مون کي ناهي.“ ڪگلر چيو. هو حيران هو.

”لکي نالي واري هوٽل جي نوڪرياڻي. هن حسد وچان ائين ڪيو آهي.“

”معاف ڪجو“، ڪگلر ڳالهه ڪاٽيندي چيو، ”خدا! اوهان اهو بيڪار شخص ٽيبدي وساري ڇڏيو، جنهن جو مون شڪاگو ۾ قتل ڪيو هو.“

”بلڪل نه.“ خدا وراڻيو، ”اهو بچي ويو ۽ هن وقت به زنده آهي. مون کي خبر آهي، هو هڪ جاسوس خابرو هو- پر هونئن سنو ماڻهو آهي ۽ ٻارن کي ڏاڍو پيار ڪندو آهي. توکي ڪنهن جي باري ۾ به ائين سوچڻ نه گهرجي ته هو ڪو بيڪار يا ويل ماڻهو آهي.“

”پر هڪ ڳالهه مان اڃا به سمجهي نه سگهيو آهيان ته هن ٻئي جهان ۾ اوهان پاڻ جج ڇو ناهيو؟“ ڪگلر فڪرمند لهجي ۾ پڇيو.

”ڇو جو منهنجو علم اڻپورو ناهي. جيڪڏهن جج کي سيڪا خبر هجي، هو ڳالهه کان واقف هجي ته سيڪي معلوم هئڻ سبب سندس دل ۾ درد پيدا ٿيندو ۽ هو فيصلو ڪرڻ لاءِ ويهي نه سگهندو. مان ته فيصلو ڪري ئي نٿو سگهان. سو اهو اهڙي طرح آهي جو ڪين رڳو تنهنجن گناهن جي خبر آهي، پر مون کان تنهنجي ڪا ڳالهه لڪل ناهي. مون کي ڪگلر جي باري ۾ سموري خبر آهي، انهيءَ ڪري مان ڪو فيصلو نٿو ڪري سگهان.

”پر اهي فيصلو ڇو ٿا ڪري سگهن؟ اهيئي ماڻهو، جيڪي ڌرتيءَ تي فيصلو ڪندا رهندا هئا؟“

”چو تہ ماڻهوءَ جو واسطو ماڻهوءَ سان آهي. ڏس، مان هتي فقط شاهد جي حيثيت ۾ آهيان. پر فيصلو ماڻهو ٻڌائيندو، هتي ٻئي جهان ۾ بہ. يقين رک، ڪگلر! اهو ئي تي سگهيو تي ۽ اهو ئي ٿيو آهي. ماڻهو خدائي فيصلي جي لائق ناهي. ماڻهوءَ جو فيصلو ماڻهو ئي ڪري سگهي ٿو.“

۽ اُنهي وقت اهي ٿيئي جج موٽي آيا. وڏي جج ڳوڙري آواز ۾ فيصلو ٻڌايو، ”انيڪ قتل، مارڪٽ، چوري، قانون جي ڀڃڪڙي، بنا لائسنس هٿيار رکڻ ۽ گلاب جي گل جي چوريءَ جي مختلف ڏوهن ۾ ڪگلر فرديننڊ کي هميشہ لاءِ جهنم جي سزا ڏجي ٿي. اها سزا ترت لاڳو ٿيندي... ٻيو مقدمو... جوابدار عدالت ۾ حاضر آهي؟“ □□□

# هڪ ناڪام شو

## ڊينيئل خارمس

## جرمن (جرمني)

پٽروڪوف اسٽيج تي اچي ٿو، هُو ڪجھ چوڻ چاهي ٿو، پر کيس ڪنگھ شروع ٿي ٿي وڃيس. پوءِ هُو اوڪارا ڪرڻ لڳي ٿو. هُو هليو وڃي ٿو، پوءِ پرٽيڪن اچي ٿو.

پرٽيڪن: پٽروڪوف ڪجھ چئو. . . (هُو اوڪارو ڪري ٿو ۽ ڀڄي وڃي ٿو.)

(مارخروف داخل ٿئي ٿو.)

مارخروف: ايگور ڪجھ چئو. . . (ڀڄي وڃي ٿو.)

(سرپو خوف اچي ٿو.)

سرپوخوف: ائين نہ ٿيندو آهي. . . (اوڪارو ڪري ڀڄي وڃي ٿو.)

(ڪرووا داخل ٿئي ٿو)

ڪرووا: مان چاهيندس تہ . . . (ڀڄي وڃي ٿو)

(هڪ ننڍي ڇوڪري اچي ٿي)

ننڍي ڇوڪري: ڏاڏي مون کي چيو آهي تہ مان اوهان کي ٻڌايان تہ ٿيئيٽر بند ڪيو وڃي ٿو جو اسين سڀ بيمار ٿي پيا آهيون.

(پردو ڪِري ٿو.)□□□

# نيرو نوٽ بوڪ

## ڊينيئل خارمس

### جرمن (جرمني)

هڪ ڀيري هتي هڪ ڳاڙهن وارن وارو ماڻهو هوندو هو، جنهن جون نہ اکيون هيون ۽ نہ ڪن. ڪيس وار بہ نہ هئا. ڪيس 'ڳاڙهن وارن وارو' تہ بس وٽندڙ گفتگو لاءِ چيو ويندو هو. هُو ڳالهائي نہ سگهندو هو، ڇو جو ڪيس وات نہ هو. سندس نڪ بہ نہ هو ۽ سندس ٻانهون ۽ ٽنگون بہ نہ هيون. سندس پيٽ بہ نہ هو. سندس چيلهہ بہ نہ هئي ۽ ريڙهہ جي هڏي بہ نہ هئي ۽ سندس اندر ۾ بہ ڪجهہ نہ هو. ڪيس ڪجهہ بہ نہ هو. انهي ڪري اِهو سمجهڻ ڏکيو هو تہ اسان ڪنهن جي باري ۾ گفتگو ڪري رهيا آهيون. انهيءَ ڪري بهتر آهي تہ اسان سندس باري ۾ وڌيڪ گفتگو نہ ڪريون.□□□

# پرفارمنس

## هربرٽ ڪونر

### آسٽريائي (آسٽريا)

تاثر اهو ڏنو ويو هو تہ ڏاڍو غير معمولي ناٽڪ هوندو. اسان کي ناٽڪ جو نالو بہ نہ ٻڌايو ويو هو، نہ اداڪارن جا نالا ۽ نہ ئي پيشڪار جو نالو. پتين تي تصويرون بہ لڳل نہ هيون ۽ نہ ئي ڪي اشتهار ورهايا ويا هئا.

هال جون بتيون جهڪيون ٿيون تہ مون کي سڀ ڪجهہ پُراسرار لڳو.

ساهہ ڪڇڻ بيهجي ويا. جڏهن اڳيون پردو هٽيو تہ مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي هئي. اسٽيج بلڪل خالي هو. ڪا ڪرسي يا ميز يا ڪجهہ بہ، سامهون نہ هو. ۽ مون کي لڳو تہ اسٽيج اهڙي طرح ڪيترن ئي منٽن تائين خالي رهيو.

پوءِ ڄڻ هوا ۾ ڪجهہ سُريو – پير جي آهٽ!

هڪ ڇوڪري، عام گهٽين جي ڇوڪرين جهڙا ڪپڙا پهريل، اسٽيج تي هلي رهي هئي. ويڳاڻي تي لڳي ڄڻ ڪيس خبر نہ هجي تہ هوءَ ڪٿي آهي. ۽ پوءِ هوءَ اسٽيج جي بلڪل وچ تي اچي بيهي رهي.

تماشبينن ۾ هڪ قسم جي بيچيني جو احساس هو. اهي پنهنجين ڪرسين ۾ بيچين ٿي لڳا. ڪٿي ڪي ڪنگهي بہ رهيا هئا. شايد اِهو ئي جديد ناٽڪ آهي جنهن ۾ ڪجهہ نہ هوندو آهي.

اسان جي نڙين ۾ ڄڻ ڪجهہ اٽڪي پيو هو. جڏهن ٻيو اداڪار اسٽيج تي اچي پهتو. اهو گنجو هو. سانُ جهڙي ڳچيءَ سان اڌڙوٽ عمر وارو ۽ ڪنهن سرڪس جي پهلوان وانگيان ٿي پاسيو. هو

ڇوڪري جي پرسان پهچي سندس اڳيان وچي ويهي رهيو. ۽ پوءِ هن ڇوڪريءَ کي زور سان ٿڦڙ وهائي ڪڍي. ڇوڪري، لڳو ٿي، اجهو زمين تي ڪري پوندي، پر هن پنهنجو پاڻ ڪِرڻ کان سنڀالي ورتو ۽ وائڙي ضرور ٿي لڳي.

پهلوان شخص ڇوڪريءَ جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيا ۽ پوءِ سندس اندريان ڪپڙا بہ ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيائين. هٿ جي هڪ ئي ڌڪ سان هن ڇوڪريءَ تي فرش تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ مٿس چڙهي وينو. تشدد جو اهو ڏاڍو ڏکوئيندڙ ڏيک هو. مون کي پنهنجي اکين تي ويساهہ ئي نٿي آيو. اهو سمورو ايترو سچ هو جو جيڪڏهن مون کي اهو شعور نہ هجي ها تہ اِهو سڀ ڪجهہ اسٽيج تي ٿي رهيو آهي تہ مان جيڪر ڊوڙي وڃي انهيءَ ڇوڪريءَ کي بچايان ها. مون وانگي شايد ٻين بہ ائين سوچيو هجي.

۽ جڏهن هو ٿڪجي پيو تہ ڇوڪريءَ کي ڳچيءَ ۾ هٿ وڌائين جڻ ڪيس گهٽو ڏيندو هجي ۽ پوءِ سندس مٿو پٽ سان هنيائين. ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪيس اتي ئي انهيءَ حالت ۾ ڇڏي ڏنائين. ڇوڪري ويڙهي سيڙهي انهيءَ حالت ۾ اتي ئي پيئي رهي. ۽ اهو شخص اسٽيج جي پوئين حصي ۾ وڃي ويهي رهيو. هو ڪجهہ هيٺ جهڪيو تہ ڪنهن شيءِ جي ٽٽڻ جو آواز آيو. هن ڪاٺ جي صندل مان هڪ پٽي پٽي ڇڪي ورتي ۽ اها پٽي ڪٽي ڇوڪريءَ ڏانهن وڌيو ۽ ڇوڪريءَ کي انهيءَ پٽيءَ سان مارڻ لڳو.

پردو ڪريو. ڇا اها هڪ ڏيک جي پڇاڙي هئي. ناٽڪ جي؟ هال ۾ تاڙين جي گونج نہ هئي، نہ ڪوئي ڪرسيءَ تان اٿيو هو، نہ چُريو هو.

مان ٻئي ڏيک جي اميد ۾ پردو کڄڻ جو انتظار ڪري رهيو هئس ۽ سوچي رهيو هئس: جيڪڏهن ٻيو ڪو ڏيک نہ هوندو تہ هن ناٽڪ جا اداڪار الوداع چوڻ تہ ضرور ايندا.

پردي جي پويان هڪ شخص خاص ڍنگ جا ڪپڙا پائي سامهون آيو. شايد پيشڪار هو.

”صاحبو! اوهان جي خدمت ۾ ڪجهہ عرض ڪرڻ گهران ٿو. جيتوڻيڪ هن وقت منهنجي بدران هن ناٽڪ جا اداڪار اوهان جي

اڳيان اچن ها تہ اوهان هال مان خالي من سان وڃو ها ۽ گهر پهچي هن ناٽڪ کي وساري ڇڏيو ها ۽ هي ناٽڪ بہ ٻين انيڪ ناٽڪن جهڙو لڳي ها، پر اسان ائين نٿا چاهيون. اسين چاهيون ٿا تہ اوهان جي اندر هي تشدد جو ڀوائتو روپ اوهان جي اکين ۾ ٽنگيو رهي. جيڪي ظلم ۽ تشدد جي انجيل جو پرچار ڪن ٿا، اسان انهن سان سهمت ناهيون. جيڪي اوهان پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، اهو غصي جو هڪ اُگرو روپ آهي. اهو ڏيک فقط پيش نہ ڪيو ويو آهي پر سچ پچ ٿيو آهي. اهو تشدد ۽ مارڪٽ هڪ حقيقت آهي انهيءَ ڪري اداڪارن جو هن وقت، اهڙي حالت ۾، اوهان آڏو اچڻ ممڪن ناهي. اسان فقط اها اميد ٿا ڪريون تہ انهي ڇوڪريءَ جي قرباني اجائي نہ ويندي. وڃو، گهر وڃو، ۽ ڪجهہ نرم دل ماڻهو بنجي گهر وڃو."□□□

# وڻ

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

اسان برف ۾ لڳل وڻ جي ٿڙن وانگي آهيون، جيڪي ڏسڻ ۾ ڏاڍي سليقي سان وڻ لڳندا آهن، ۽ لڳندو آهي ته هڪ هلڪو لوڏو کين ڪيرائڻ لاءِ ڪافي ٿيندو. پر نه، ائين نٿو ڪري سگهجي، ڇو ته زمين ۾ انهن جو پاڙون مضبوط هونديون آهن. پر ڏسو، اهو به رڳو وهم ئي ته آهي.□□□

# اوچتو سفر

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

جڏهن ائين لڳي ته اوهان شام جو گهر ۾ ئي ترسڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي؛ جڏهن اوهان گهروُ ڪپڙن ۾ رات جي ماني ڪان پوءِ ميز تي بتي ٻاري ڪنهن ڪم يا راند ۾ لڳي ويا هجو، جيئن اوهان گهڻو ڪري سمهڻ ڪان اڳ ڪندا آهيو؛ جڏهن ٻاهر موسم ايڏي خراب هجي جو اوهان جو گهر ۾ ترسڻ سياويڪ لڳندو هجي؛ ۽ جڏهن اوهان ميز جي سامهون شروع ڪان ئي ايتري دير ڪان چپ چاپ ويٺل هجو جو اوچتو اوهان جي موڪلائي وڃڻ سان ٻين ڪي ضرور حيرانيءَ ٿئي؛ جڏهن ڏاڪڻ اونداهي ۾ هجي ۽ اڳيان دروازي تي تالو لڳل هجي؛ تڏهن به اوهان اوچتو بي- چئنيءَ وچان ڪنجهندي هلڻ جي تياري ڪندي ڪپڙا مٽائيندي جلدي جلدي ٻاهر وڃڻ وارو وڳو پائي ڇڏيو هجي ته پٽرو ٿي پوي ٿو ته اوهان ڪي ٻاهر وڃڻو ئي آهي.

نوڪريءَ جي باري ۾ چيل لفظن سان گڏ ٻاهر نڪرندي گهٻراهٽ ۾ نڪاءُ سان دروازو بند ڪري اوهان پنهنجي ويچار ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ناراضگي جو اظهار ڪري ڇڏيو ٿا. گهٽيءَ ۾ پنهنجي جسم ڪي لاپرواهيءَ سان جهٽيندي اوهان جيئن محسوس ڪريو ٿا ته اوهان ڪانئن ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو آهي ۽ انهيءَ فيصلہ ڪُن ڪارروائي ڪان اوهان فيصلہ ڪُن ڪارروائي جي لياقت ڪي پنهنجي اندر ۾ سميٽي ورتو آهي ۽ تيز ڪان تيز تبديليءَ جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ اوهان جي طاقت بنان

ڪنهن ڪوشش جي اوهان جو ساٿ ڏيندي رهي. جڏهن انهيءَ ذهني ڪيفيت ۾ اوهان ڊگهين گهٽين ۾ وڏيون وڏيون ٻرانگهون پريندا وڃو ٿا ته پنهنجي ڪٽنب ڪان اوهان انهيءَ شام پوري طرح سان پري نڪري اچو ٿا، جنهن ڪي اوهان هوريان هوريان وساري ڇڏيو ٿا، جڏهن ته پنهنجي پنيءَ نپيندي اوهان هڪ مضبوط ۽ ٻي ڊپو ڪارو پاڇو ٻنجي پنهنجي اصلي حيثيت مطابق متي اُيا ٿيو ٿا.

شام جو دير سان اهڙي مهل جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڪنهن دوست سان ملڻ هليا وڃو ته سندس ڪهڙو حال آهي ته اوهان اڳي ڪان ٻه بلند ٿي وڃو ٿا.□□□

# قانون جي آڏو

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

قانون جي اڳيان هڪ دربان بيٺو آهي. انهيءَ دربان وٽ هڪ ڳوٺاڻو اچي ٿو ۽ قانون جي اڳيان پيش ٿيڻ جي اجازت گهُري ٿو. پر دربان چويس ٿو، ”هن مهل مان توکي پيش ٿيڻ جي اجازت نٿو ڏيئي سگهان.“ ڳوٺاڻو ڪجهہ سوچي ٿو ۽ پوءِ پڇيس ٿو، ”ڇا پوءِ ڪڏهن مون کي پيش ٿيڻ ڏنو ويندو؟“

دربان چويس ٿو، ”اهو ٿي سگهي ٿو، پر هن وقت نہ.“

دروازو عام ڏينهن وانگر کليل آهي. ڳوٺاڻو دروازي مان ليئو پائي اندر ڏسي ٿو. ”اهو ڏسي دربان کلي ٿو ۽ چويس ٿو، ”جيڪڏهن تون ايتروئي اتاولو آهين تہ منهنجي منع ڪرڻ جي باوجود اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪري ڏس. پر ياد رک، مان سگهارو آهيان، جيتوڻيڪ مان سڀني دربانن ۾ ننڍو آهيان. هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري تائين هر دروازي تي هڪ دربان آهي ۽ هر دربان پهرئين دربانن کان وڌيڪ طاقتور آهي. ٽيون دربان تہ ايڏو پوائتو آهي جو مان بہ ڏانهس ڏسڻ جو حوصلو نٿو ساريان.“

ڳوٺاڻي ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ قانون سان ملاقات ڪرڻ ۾ ايتريون ڏقتون پيش اينديون. هو تہ اهوئي سمجهندو آهي تہ قانون تائين هر شخص جي پهچ هر وقت سولائيءَ سان هئڻ گهرجي، جيتوڻيڪ هاڻي جڏهن تہ هن تکي نک ۽ ڪاري ڏگهي ڏاڙهي واري دربان کي پشم جو ڪوٽ پاتل ويجهڙائي کان ڏٺو آهي تہ هن فيصلو ڪيو آهي تہ اندر وڃڻ جي اجازت ملڻ تائين انتظار ڪرڻ بهتر آهي.

دربان ڪيس هڪ اسٽول ڏيئي هڪ پاسي ويهڻ ڏي ٿو، جتي هو ڏينهن ۽ ورهين تائين وينو رهي ٿو. انهيءَ وچ ۾ هو اندر گهڙڻ جي ڪيئن ڪوششون ڪري ٿو ۽ پنهنجي نفرت سان دربان کي بيزار ڪري ٿو. دربان هيڪي هيڪي ڳالهائي ٿو. هو سندس گهر ۽ ٻين ڪيئن شين جا سوال پڇي ٿو پر سوال بي دليئي ڍنگ سان پڇيا وڃن ٿا، جيئن وڏا جج پڇندا آهن ۽ هميشہ انهيءَ فيصلي سان ڳالهہ ٻولهہ ختم ڪري ڇڏيندا آهن تہ هاڻي ڪيس داخلا نٿي ڏيئي سگهجي.

ڳوٺاڻي سفر لاءِ گهڻيئي شيون پاڻ سان آنديون هيون. انهن ڪان سواءِ ٻيو جو ڪجهہ بہ وٽس هو، اهو سڀ ڪجهہ دربان رشوت طور قربان ڪندو رهيو. دربان سڀ منظور ڪندي بہ هميشہ اهوئي چوندو رهيو، ”مان اهي شيون توکان رڳو انهيءَ ڪري پيو وٺان جيئن اهو نہ سوچين تہ توکان ڪا ڀُل ٿي آهي.

انهن ڪيئن سالن ۾ انهيءَ شخص لاڳيتو پنهنجو ڌيان دربان تي لڳائي رکيو. هن ٻين دربانن کي وساري ڇڏيو. پهريون دربان ڪيس قانون تائين آسانيءَ سان پهچڻ ۾ رنڊڪ لڳندو رهيو. هاڻي ڳوٺاڻو سموري جواني بي ڌيو تي اوچي آواز ۾ پنهنجي قسمت تي رُئندو رهيو، پر پوءِ پوڙهو ٿي ويو ۽ رڳو پنهنجي پاڻ سان ئي وقلندو رهيو. هو ٻارن وانگي ٿي ويو.

ڪيئن سال دربان جي ئي سوچ ۾ ٻڏل رهڻ جي ڪارڻ هو سندس پشم واري ڪالر ۾ لڪيل جونئن کي بہ سڃاڻي چڪو هو. هو جونئن کي بہ ايلاز ڪندو هو تہ اهي دربان جي دماغ کي بدلائڻ ۾ سندس مدد ڪن. هوريان هوريان ڪيس پري ڪان ڏسڻ ۾ اچڻ بند ٿيڻ لڳو. هاڻي ڪيس اها بہ خبر نٿي پيئي تہ دنيا سچ پچ اڳي ڪان وڌيڪ اونداهي ٿي ويئي آهي يا رڳو سندس اکيون ئي ڪيس دوکو ڏيئي رهيون آهن. ايترو ٿيڻ تي بہ انهيءَ اونداهپٽي ۾ هو قانون جي دروازي مان روشنيءَ جي دائري ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ ڪيس لڳو تہ هو وڌيڪ دير تائين جي نہ سگهندو. پر مرڻ ڪان اڳ هيترن سارن ورهين جي تجربن کي ڳنڍيندي سندس دماغ ۾ هڪ ئي ڳالهہ رهجي ويئي. هڪ سوال هو، جيڪو هن هيل تائين دربان ڪان

نہ پڇيو هو. جيئن تہ هو پنهنجي جڪڙيل جسم کي وڏيڪ دير تائين سنڀالي نٿي سگهيو، انهيءَ ڪري هن هٿ لوڏي دربان کي پاڻ ڏانهن سڏيو. دربان کي ڏانهس جهڪڻو پيو، ڇو تہ قد ۾ وڏو فرق اچڻ سان اهو شخص گهٽو بندرو ٿي ويو هو.

دربان پڇيس، ”هاڻي تون ڇا ٿو ڄاڻڻ چاهين؟ لڳي ٿو، توکي اطمينان نٿو ڏياري سگهجي.“

انهيءَ شخص چيو، ”قانون تائين پهچڻ جي ڪوشش هرڪو ڪري ٿو، پر هتي ورهين کان مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ اندر داخل ٿيڻ جي گذارش تہ ڪئي، اهو ڪيئن ٿيو؟“

دربان هڪدم تاڙي ويو تہ هاڻي اهو شخص پنهنجي پڇاڙڪن پساهن تائين پهچي ويو آهي. هن جي بند ڪنن تائين ڳالهہ رسائڻ لاءِ هن سندس ڪن تي رڙ ڪئي:

”ڪنهن ٻئي کي هتي ڪڏهن داخلا نٿي ملي سگهي ڇو تہ هيءُ دروازو رڳو تنهنجي لاءِ ئي ناهيو ويو هو، جنهن کي هاڻي مان بند ڪرڻ وڃي رهيو آهيان.“□□□

# پڪو ارادو

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

پنهنجو پاڻ ڪي دکي من جي ڪيفيت مان ڪڍڻ آسان ڪم هئڻ گهرجي. پلي ئي اوهان ڪي ائين پنهنجي قوتِ ارادي جي استعمال سان ئي ڇو نہ ڪرڻو پوي. مان پاڻ کي ڪرسيءَ تان اُٿي ميز جي چوڌاري چڪر ڏيڻ کان وٺي مٿي ۽ ڳچيءَ جي ورزش ڪرڻ ۽ اکيون ڇنڀينديءَ انهن جي چوڌاري مُشڪون ڇڪڻ تي مجبور ڪريان ٿو. پنهنجن جذبن کي نظر انداز ڪري مان اهو مڃي 'الف' جو آڌرڀاءُ ڪريان ٿو تہ هو مون سان ملڻ آيو آهي، فراخدليءَ سان پنهنجي ڪمري ۾ 'ب' ڪي برداشت ڪريان ٿو ۽ جيڪي ڪجهہ بہ 'ڪ' چوي ٿو، اُهو ڪوڙو ڏک سمجهي پي وڃان ٿو، پوءِ پلي اڳتي نہ ڄاڻان ڪڏهن انهيءَ جي ڪارڻ مون ڪي ڪيتري ئي پيڙا ۽ مصيبت ئي ڇو نہ سهڻي پوي.

ايترو ڪجهہ ڪرڻ تي اهو نتو تي سگهي تہ ڪڏهن ڪا پُل ئي نہ ٿئي. ڪڏهن ڪا هڪ پُل بہ ٿي پوي تہ انهيءَ سان سمورو سلسلو ڏاڍي سولائيءَ سان بيهي رهندو، جنهن جي ڪري ڏک بہ ٿيندو ۽ اوهان ڪي وري پنهنجي ئي گهيري ۾ سميٽجي اچڻو پوندو.

انهيءَ ڪري سڀ کان بهتر طريقو اهو آهي تہ اوهان هر شيءَ کان بي فڪر ٿي پيش اچو. پنهنجو پاڻ ڪي بيجان شيءِ بڻايو ۽ جيڪڏهن محسوس ڪريو ٿا تہ اوهان ڪي پنيلايو پيو وڃي تہ جانورن وانگي ٻين ڪي گهوري ڏسڻ، يا ڏک محسوس ڪرڻ جي

گرج ڪان ڪو ضروري قدم کڻڻ جي ڪنهن ويچار جي لالچ ڇڏي ڏيو. مختصر اهو تہ پوت وانگي پريشان ڪندڙ بہ ڪا شيءِ جيڪڏهن اوهان وٽ آهي تہ پنهنجي هٿن سان ڪيس گهُٽيو ڏيو ۽ ڪيس بچائي رکڻ واري هر ڳالهہ ڪان ختم ڪري ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان قبر جي آخري خاموشيءَ کي ڊگهي عرصي تائين قائم رکي سگهبو.

انهيءَ صورت ۾ پنهنجي ڏسٽي آگر کي موجودات تي ڦيرائڻ هڪ خاص قسم جي حرڪت ٿيندي.□□□

# موڪلاڻي

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

مون حڪم ڏنو تہ اصطبل مان منهنجو گهوڙو آندو وڃي. نوڪر کي منهنجي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي.. مان خود اصطبل ۾ ويس، گهوڙي تي زين رکيم ۽ سوار ٿيس. پري کان بِگل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مون نوڪر کان پڇيو، "بِگل ڇو پيو وڄي؟"

هن کي نہ ڪا خبر هئي ۽ نہ ئي هن ڪجھ ٻڌو هو. ڦاٽڪ تي هن مون کي روڪي پڇيو، 'سائين اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟"

"مون کي خبر ناهي،" مون وراڻيو. "بس هتان کان هليو وڃڻ چاهيان ٿو... پري... تمام پري... تمام پري... اهوئي هڪ رستو آهي جنهن کي پار ڪري مان پنهنجي منزل ماڻي سگهان ٿو."

"تہ توهان کي پنهنجي منزل جي سڌ آهي؟" هن پڇيو.

"ها،" مون وراڻيو. "مون توکي ٻڌايو تہ آهي... هتان کان تمام پري... جتي منهنجي منزل آهي."

"اوهان پاڻ سان کاڌو کنيو ناهي؟"

"مون کي ضرورت ناهي،" مون چيو. "سفر ايڏو ڏگهو آهي جو جيڪڏهن راھ ۾ مون کي ڪجھ نہ مليو تہ ضرور بک مري ويندس. کوبہ کاڌو پيتو مون کي بچائي نٿو سگهي. خوش قسمتيءَ سان سچي معنيٰ ۾ اڻ کٽ سفر ئي منهنجي منزل آهي.□□□

# پرک

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

مان نوڪر آهيان، پر مون کي ڪو ڪم نٿو ڏنو وڃي. مان ڊڄڻو آهيان ۽ اڳيان وڌڻ کان نٽايان ٿو. سچ پچ مان ٻين جي اڳيان بہ نٿو بيهي سگهان. پر اهو منهنجي بيڪار رهڻ جو تہ هڪ ڪارڻ آهي. پر اهو بہ ممڪن آهي تہ منهنجي بيوسيءَ جو انهيءَ سان لاڳاپو ئي نہ هجي. مکيہ ڪارڻ تہ اهو آهي تہ مون کي ڪم ڪرڻ لاءِ سڏيو ئي نٿو وڃي. ٻين کي جن مون کان بہ گهٽ ڪوشش ڪئي هئي، انهن کي سڏيو ويو. سچ پچ ڪين شايد سڏئي وڃڻ جي خواهش بہ ناهي، جڏهن تہ مون گهٽ ۾ گهٽ ڪئين ڀيرا انهيءَ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي.

مان نوڪرن جي هال ۾ پنهنجي بستري ۾ پئجي ڇت تڪيندي سمهندو هوس، سمهي اٿندو هوس ۽ پوءِ وري سمهندو هوس. اڪثر ڪري مان شراب خاني (جتي ڪٿو بيئر ملي ٿو) تائين هليو ويندو آهيان. ڪئين ڀيرا نشي ۾ دنيا کان بي خبر ٿي، پنهنجو گلاس هاري ڇڏيو هو، پر تڏهن بہ مان اتي وري هليو ويندو آهيان.

مون کي اتي ويهڻ وڻي ٿو، ڇو تہ ننڍڙي بند دريءَ جي پويان، ڏسڻ جي خواهش کان سواءِ، مان لڪي پنهنجي گهر جون دريون ڏسي سگهان ٿو. هونئن هتان کان ڪجهہ بيو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جيتري قدر مون کي سڌ آهي، رڳو گئلريءَ جون دريون ئي سڙڪ تان ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن ۽ جيڪي گهٽوڪري مُک گهرجي گئلري جون ناهن. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ مان غلط هجان. پر ڪڏهن ڪنهن، منهنجي پڇئي بنان ئي، ائين ٻڌايو هو. ۽ انهيءَ

ڏس جي ياڳ کان اڳ اهوئي جذبو هجي. دريون تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪوليون وينديون آهن ۽ انهن کي ڪوليندڙ گهٽوڪري کو نوڪر هوندو آهي، جيڪو ٿوري دير واڙ پويان لڪي هيڏانهن هوڏانهن جهاتي پائي وٺندو آهي. انهيءَ مان سڌ پوي ٿي تہ اها أهائي گئلري آهي، جتي ڪو اوچتو اچي لڪي لڪي ڪيس پڪڙي نٿو سگهي. سچ تہ اهو آهي تہ مان نوڪرن سان اصلي شڪل ۾ واقف ٿيو ئي ناهيان. پڪا نوڪر متي ڪنهن ڪمري ۾ سمهندا آهن، نہ ڪي منهنجي ڪمري ۾.

هڪ ڀيري جڏهن مان شراب خاني ۾ ڦهتس تہ مون ڏٺو تہ هڪ ٻيو گراهڪ منهنجي ڪنڌ واري دري، ٿي وينو آهي. مان ڏانهس گهوري سگهڻ جو ساهس نہ ڪري سگهيس ۽ مُڙي واپس هليو ٿي ويس تہ گراهڪ مون کي آواز ڏيئي سڏيو ۽ مون ڏٺو تہ اهو بہ ڪو نوڪر هو، جنهن کي مون هڪ ڀيري ڪٿي ڏٺو تہ هو پر ساڻس تعارف نہ هو.

”پڳو چو تو وجين؟ اچ، ويهہ! منهنجي طرفان هڪ پيگ پيءُ! “مان ويهي رهيس. هن مون کان ڪيترائي سوال پڇيا، جنهن جا جواب مان نہ ڏيئي سگهيس. دراصل مون کي هن جا سوال سمجهہ ۾ ئي نہ آيا هئا. تڪجي مون چيو، ”شايد توکي هاڻي مون کي ويهڻ جي آچ ڪري دڪ ٿيندو هوندو. انهيءَ ڪري مون کي هاڻي وڃڻ ئي گهرجي!“ مان اٿڻ ئي لڳو هوس تہ هن پنهنجو هٿ وڌائي مون کي وهاري ڇڏيو. ”هتي ئي ترس!“ هن چيو، ”اها تہ پرک هئي. جيڪو سوالن جا جواب نٿو ڏيئي سگهي، پرک ۾ اهوئي پاس ٿيندو آهي.□□□

# پرھ ڦٽي

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

پرھ ڦٽي ھئي. رستا ويران ھئا. مان اسٽيشن ڏانھن ھليو پئي ويس. جڏھن مون گھنٽاگھر ۾ گھڙيءَ سان پنھنجي گھڙيءَ جو وقت ملايو تہ خبر پيئي تہ منھنجي اندازي جي اُبتڙ ڪافي وقت گذري چڪو آھي ۽ مون کي جلدي ڪرڻ گھرجي. انھيءَ خبر جي صدمي منھنجو ھوش ايتري قدر وڃائي ڇڏيو جو مان رستو ڀلجي ويس. اڃا تائين مان شھر کان پوري طرح واقف بہ نہ ٿيو ھوس. خوش قسمتيءَ سان ٿورو پريان سپاھي بيٺو ھو. مان ڏانھس تڪو وڌي ويس ۽ رستو پڇڻ چاھيم. ھو مرڪيو ۽ چيائين، "تون ۽ مون کان رستو پڇين ٿو؟"

"ھا، ڇو؟ مون وراڻيو.

"انھيءَ لاءِ تہ خود ڳولي سگھيس. ڇڏي ڏي، اھو ارادو ڇڏي ڏي." ھن چيو ۽ ھڪ ئي جھٽڪي سان مُڙي ويو. بلڪل اھڙي ماڻھو وانگي جيڪو پنھنجي ٺھڪ سان گڏ اڪيلو رھڻ چاھيندو ھجي.□□□

# هيءَ هڪ ڪهاڻي

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

”آه!“ ڪوئي حسرت وچان چيو، ”هي دنيا ڏينهون ڏينهن سوڙهي ٿيندي ٿي وڃي. شروع ۾ ايڏي ويڪري هئي جو مون کي ڊپ ٿيندو هو. مان سدائين انهيءَ جي ٿهليل پکيڙ ۾ ڊوڙون پائيندو هوس ۽ هاڻي جڏهن مون تمام پري، پنهنجي ساڄي کاٻي ديوارن کي ڏٺو ته خوش ٿي ويو آهيان پر اهي ڊگهيون ديوارون ايڏي تيزيءَ سان سميٽجي ويون آهن جو مان نڪري به نٿو سگهان. انهن ۾ ڦاسي قابو ٿي ويو آهيان. هوڏانهن ڪنڊ ۾ ڪوئامار رکيو آهي ۽ لڳي ٿو ته انهيءَ ۾ وڃي ڦاسندس.“

”توکي رڳو ڏِس مٽائڻ جي ضرورت آهي.“ ٻلي چيو ۽ کيس ڳرڪائي ويئي.□□□

# عقاب

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

هڪ عقاب منهنجي پير تي پنهنجي نوڪدار چهنب سان نونگون هڻي رهيو هو. منهنجا جوتا ۽ جوراب اڳ ۾ ئي پروڙ ڪري چڪو هو ۽ هاڻي پيرن تي چهنبون هڻي رهيو هو. هن هر هر نونگون پئي هنيون، پوءِ نهايت بيچئني وچان منهنجي چوڌاري ڪيترائي گهمرا ڏنائين ۽ نئين سر پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. ڪو سڳر ماڻهو منهنجي پرسان اچي لانگهائو ٿيو ته گهڙي ڪن هو مون کي ڏسندو رهيو. پوءِ مون کان پڇيائين ته نيٺ عقاب مون کي ڇو پيو ايذائي.

”مان بيوس آهيان“ مون وراڻيو. ”جڏهن مان هتي پهتو هوس ۽ هن مون تي حملو ڪيو هو ته مون سچ پچ هن کي ڀڄائي ڪڍڻ جي ڪوشش به ڪئي هئي بلڪ ڳچيءَ کي مروڙڻ ڏيڻ جي ڪوشش به ڪئي هئي، پر توکي خبر آهي ته هي جانور ڏاڍو سگهارو آهي. هن ته منهنجي ڇهري تي حملو ڪرڻ تي چاهيو پر مون پيرن جي قرباني ڏيڻ کي ترجيح ڏني ۽ هاڻي اهي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ وارا آهن.“

”ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي،“ انهيءَ سڳر ماڻهو چيو، ”پڪ نتي ٿئيم ته تون ايڏي آسانيءَ سان پاڻ کي هن پيڙا لاءِ تيار ڪري ونندين. هن لاءِ ته رڳو فائر ئي ڪافي ٿيندو.“

”سچ؟“ مون حيرت مان پڇيو. ”۽ تون منهنجي لاءِ ائين ڪري سگهندين؟“

”خوشيءَ سان“ سڳر ماڻهو چيو. ”بس مون کي گهر وڃي بندوق ئي ته آڻڻي پوندي. تون وڌيڪ اڌ ڪلاڪ ڪن انتظار ڪندين؟“

”مان پڪ سان نٿو چئي سگھان.“ مون وراڻيو ۽ گھڙي ڪن سُور وچان سيٽجي بيٺو رهيس. پوءِ چيم، ”بهرحال، تون ڪوشش ڪري ڏس.“

”چڱو،“ سکر مڙس چيو. ”مان جيترو تي سگھيو اوترو جلد موٽڻ جي ڪوشش ڪندس.“ اهو سمورو وقت عقاب ڏاڍي اطمينان سان اها ڳالهہ ٻولهہ ٻڌندو رهيو ۽ هر هر مون کي ۽ سکر ماڻهو کي گھوريندو رهيو- هاڻي مون کي سڌ پيئي تہ هن اسان جي ڳالهہ ٻولهہ جو هر لفظ سمجھي ورتو هو. هو اُڏاميو ۽ قوت حاصل ڪرڻ لاءِ پوئتي ويو، جتان هڪ ماهر نيزي باز وانگر مون تي ٽُٽو ۽ پنهنجي تکي ۽ ڇهنبدار ڇهنب منهنجي وات ۾ وجھي هيٺ تائين منهنجي اندر ۾ ٽنبي ڇڏيائين پويان ڪرندي وقت مون کي اهو محسوس ڪري خوشي ٿي تہ هاڻي عقاب خود منهنجي رت ۾ ناقابل تلافي طور تي غوطا کائي رهيو هو، اهو رت جي هر گھرائي کي ٻوڙي رهيو هو ۽ هر ڪناري کي اوجھل.□□□

# واٺهڙو

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

جڏهن اوهان رات جو ڪنهن پيچري تي سير ڪرڻ نڪرو ۽ پري ڪٿي ڪو شخص نظر اچي وڃي... رستو مٿي ٽڪريءَ ڏانهن ويندو هجي جنهن تي پورڻماسيءَ جو چنڊ چمڪي رهيو هجي... جي ٻوڙندو اوهان ڏانهن ايندو هجي! ڪيئن ٻه هجي، اوهان ڪيس نٿا جهليو، ڀلي ڪٿي اهو ڪمزور ۽ ٻي حال جيتامڙو ئي ڇو نه هجي، چاهي ڪو پنهنجي ڳڙين تي زور ڏيئي پڄندو دانهيندو سندس پيڇو ئي ڇو نه ڪري رهيو هجي، پر اوهان ڪيس ٻوڙي وڃڻ ڏيو س تا.

ڇو ته رات جو وقت آهي ۽ چانبوڪي رات ۾ پيچرو مٿي ٽڪريءَ ڏانهن وڃي ٿو ته اوهان ڪجهه نٿا ڪري سگهو. پر مٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ڪان هٽي انهن ٻنهي پنهنجي وندر لاءِ ئي هڪ ٻئي ڪي جهلڻ لاءِ اها ٻوڙ شروع ڪئي هجي!

پر ٻئي ڄڻا ڪنهن ٽين شيءِ جو پيڇو ڪندا هجن. شايد پهريون سادو سودو شخص آهي ۽ ٻيو ڪيس قتل ڪرڻ گهري ٿو... ۽ تڏهن اوهان انهيءَ ڏوهه ۾ سندس مددگار بنجي ويندا... يا شايد اهي هڪٻئي جي باري ۾ ڪجهه نٿا ڄاڻين ۽ رڳو سمهڻ لاءِ گهر ڏانهن ٻوڙندا هجن!... شايد اهي رات جو نڪرندڙ پکيروُ آهن!... شايد پهريون شخص هٿيارٻند آهي!

ڪجهه ٻه هجي، ڇا اوهان ڪي ٿڪجڻ جو حق ناهي؟ ڇا اوهان ڪافي شراب نه پيئندا رهيا هئا؟ خير، اوهان ڪي شڪرگذار هئڻ گهرجي جو ٻيو شخص اوهان جي نگاهه ڪان اُوجهل ٿي ويو آهي.□□□

# گهٽيءَ ۾ کُلندڙ دري

## فرانز ڪافڪا

### جرمن (آسٽريا)

اڪيلي زندگي گذارڻ جي باوجود هرڪو جڏهن ڪڏهن پنهنجي پاڻ کي ڪٿي نہ ڪٿي جوڙڻ چاهي ٿو. چاهي ڪوبہ هجي، ڏينهن جي مهل، موسم، پنهنجي ڪم ڪار جي حالت توڙي پسنديءَ جي تبديلي مطابق هو اوچتو ڪا اهڙي ٻانهن ڏسڻ چاهي ٿو، جنهن سان چنبڙي سگهي- گهٽيءَ ۾ کُلندڙ دريءَ کان سواءِ هو گهڻي دير تائين لنگهي نٿو هلي سگهي. هو چاهي ڪهڙي بہ شيءِ جي خواهش نہ ڪرڻ جي موڊ ۾ هجي تڏهن هو ٿڪجي رڳو پنهنجي دري جي پرسان هليو وڃي ٿو... ۽ پنهنجون اکيون ماڻهن تان هٽائي آسمان ۽ آسمان کان وري ماڻهن ڏانهن ڊوڙائي ٿو، ٻاهر نہ ڏسڻ جي خواهش تي پنهنجو ڪنڌ ڪجهہ هيٺ جهڪائي ڇڏي ٿو، تڏهن بہ گهوڙا ڪيس پنهنجي گاڏين ۽ شور ڏانهن ڇڪي وٺندا ۽ اهڙي طرح نيٺ هو گهٽ ۾ گهٽ انساني سماج ڏانهن تہ ڇڪبوئي! □□□

# بدلو

## انتون پي چيخوف

### روسي (روس)

جيئن ئي فيدور سيگيوَ کي سُڌ پيئي تہ سندس زال ساڻس سچي ناهي، تہ هن پاڻ کان ئي بدلو وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو. انهيءَ مقصد لاءِ هو 'شمڪس اينڊ ڪمپني' جي دڪان ۾ لنگهي ويو. انهيءَ ڪمپنيءَ وارا هر قسم جا هٿيار وڪڻندا هئا. هُن دڪاندار کي هڪ سنو روالور ڏيکارڻ لاءِ چيو. سندس چهري تي غصو، ڏک ۽ فيصلي جي مضبوطي جهلڪي رهي هئي.

"مون کي خبر آهي تہ مان ڇا ٿو ڪريان"، هن سوچيو، "هنن منهنجي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي آهي. خاندان جي پاڪائي کي برباد ڪري، ذلالت پنهنجي سوڀ ملهائي رهي آهي. انهيءَ ڪري هڪ سني شهري ۽ ايماندار فرد هئڻ جي ناتي مون کي ڪائنئن بدلو وٺڻ گهرجي. پهرين تہ مان پنهنجي زال کي قتل ڪندس، پوءِ سدنس يار کي ۽ پوءِ پاڻ کي..."

هيل تائين هن نہ تہ ڪو روالور ئي خريد ڪيو هو ۽ نہ ئي ڪنهن کي گولي هنئي هئائين. پر سندس تصور منظر کي سچو ڪري ڇڏيو. اُهي- ٽي لاش، ماڻهن جو ميڙ ۽ جاچ پڙتال جا منظر. ايتري قدر جو سندس تصور جون اکيون اخبارن جي وڏين وڏين سُرخين ۽ ايڊيٽوريلن کي بہ ڏسڻ لڳيون، جن ۾ هڪ خاندان جي تباهيءَ جي ڪهاڻي لکيل هئي.

دڪاندار بندرو ۽ چست شخص هو. سندس پيٽ ٻاهر نڪتل هو ۽ ڪيس اڇو واسڪوٽ پاتل هو. هُن ڦُڙتيءَ سان سندس اڳيان ڪائونٽر تي ڍير سارا روالور ڪڍي رکيا ۽ پنهنجي چپن تي معنيٰ

خيز مُرڪ آڻي پنهنجي پير سان زمين کي کوٽيندي چوڻ لڳو:
"جيڪڏهن اوهان منهنجي صلاح مڃو سر، ته مان چوندس ته اوهان هيءُ شاندار روالور وٺي ڇڏيو. سمٿ وئسن جو هيءُ بلڪل نئون ميڪ آهي. هٿيارن ۾ هيءَ سڀ کان نئين شيءِ آهي. هن ۾ گولين لاءِ ڇهه خانا آهن ۽ ايڪسٽريڪٽر به اٿس. ۽ ٿورو انهيءَ جي ڪارڪردگيءَ تي به نظر وجهوس. ڪيڏو خوبصورت آهي! هيءُ بلڪل نئين شيءِ آهي، سر، قاتلن ۽ بگهڙن کان بچاءُ لاءِ، گهرو خوشيون ختم ڪندڙن کي سبق سيکارڻ لاءِ ماڻهو اسان کان روزانو هيءُ روالور درجنن جي حساب سان خريد ڪري ويندا آهن. هن جي گولي پڪي طرح ۽ ڏاڍي زور سان وار ڪندي آهي. ڏوري ڪيتري به هجي، هن جي گولي اُتي پهچي ويندي آهي. هيءُ بيوفا زال ۽ سندس عاشق کي هڪدم ختم ڪري ڇڏي ٿو. جيتري قدر آتمهتيا جو سوال آهي، انهيءَ لاءِ ته هن کان بهتر ميڪ مون ناهي ڏٺو..."

هُن انهي روالر کي هيٺ جهُڪايو، پوءِ گهوڙي تي آڱر رکندي، اُنهيءَ کي ڪٽڪندي نشانو ڇٽيو. هن اهو سمورو ڪم ايڏي پيار سان ڪيو جو لڳو ٿي ڄڻ هو پنهنجي اُتساهه کي روڪي ئي نه پئي سگهيو. سندس چهري تي خوشيءَ جو رنگ ڏسي، ڪوبه ماڻهو اهو انومان ڪري سگهيو ٿي ته جيڪڏهن وٽس سمٿ وئسن جي اهڙي خوبصورت ڪاريگري وارو پنهنجو روالور هجي ها ته هو خوشيءَ وچان هڪ گولي پنهنجي کوپريءَ جي آرپار ضرور ڪري ڇڏي ها.

"هِن جي قيمت ڪيتري آهي؟" سيگيوَ پڇيو.
"پنجيتاليهه روبل."
"او.... هه ڏاڍو مهانگو آهي!"

"جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته مان اوهان کي هڪ بيو ميڪ ڏيکاريان ٿو. اهو ڪجهه سستو آهي. اسان وٽ جدا جدا قيمتن جا ڪيترائي ميڪ رکيا آهن. هاڻي ئي مان اوهان کي ڏيکاريان ٿو. هيءُ روالور فرانس جو ٺهيل آهي. هِن جي قيمت آهي صرف ارڙهن روبل، پر (گراهڪ جي چهري تي ناپسنديدگيءَ جا جذبا

ڏسندي) اهو ڪافي پراڻي فيشن جو تي ويو آهي. اهو ته رڳو ڪي سمجهدار مزدور ۽ عورتن جي پويان پونڌڙ متي قريا ماڻهو ئي خريد ڪندا آهن. اهڙن روالورن سان آتم هتيا ڪرڻ يا پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ ته هاڻي جاهلپڻو سمجهيو ويندو آهي. عقلمند ته رڳو سِمٿ وئسن جي ڳالهه ڪندا آهن.“

”مان نه ته ڪنهن کي مارڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان ۽ نه آتم هتيا ئي ڪري رهيو آهيان. مون کي ته پنهنجي سمر ڪاٽيج مان چورن کي ڊيڄاري ڀڄائڻ لاءِ هڪ روالور گهرجي.“ سيگيوَ ڪوڙ ڳالهايو.

”انهيءَ ڳالهه سان اسان جو ڪو به مقصد ناهي ته اوهان روالور چو تا خريد ڪريو.“ دڪاندار نهٺائيءَ سان پنهنجون اکيون جهڪائيندي چيو، ”جيڪڏهن اسان سيني ماڻهن کان ڪارڻ ڄاڻڻ چاهيون سر، ته اسان جو دُڪان ئي بند ٿي ويندو. چورن کي ڀڄائڻ لاءِ هيءُ روالور نيڪ نه ٿيندو ڇو جو هن مان تمام گهٽ ۽ ڌيمو آواز نڪرندو آهي. انهيءَ ڪري ته مان اوهان کي اُهو ئي روالور خريد ڪرڻ جي صلاح ڏيندس، جيڪو اهڙي قسم جي ڪمن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. موٽيمر پسٽل. انهيءَ کي ماڻهو ’ڊيوئلنگ پسٽل‘ جي نالي سان وڌيڪ سڃاڻيندا آهن.

”هن کي جيڪڏهن ڊيوئل لاءِ چوانس ته ڪيئن رهندو؟، سيگيوَ جي دماغ ۾ هڪ خيال وراڪو ڏنو. ”پر نه، ايڏي عزت ته مان ڪيس نه ڏيندس. ڪيس ته ڇتي ڪتي جو موت ماريو وڃڻ گهرجي.“

دڪاندار دلچسپيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ۽ پنهنجي پير کي زمين تي گُرچيندي، لاڳيتو مرڪندي ۽ ڳالهائيندي سندس اڳيان روالورن جو هڪ ڍير ئي لڳائي ڇڏيو. پر سيگيوَ کي بين جي پيٽ ۾ سِمٿ وئسن ئي پنهنجي مطلب جو وڌيڪ لڳو. هن هڪ روالور پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ سوچ ۾ گم ٿي ويو. هو پنهنجي تصور ۾ ڏسڻ لڳو ته ڪيئن هو سندس مٿي ۾ گولي هڻندو ۽پوءِ زخم مان رت جو ڦوهارو نڪري غاليچي ۽ ڪاٺ جي فرش کي آلو ڪري ڇڏيندو ۽ ڪهڙي طرح مرندڙ ويساهه گهاتڻ نڙپندي موت جو مزو چکيندي.

”پر ائين ڳالهه ٺهندي ڪانه،“ هن سوچيو، ”چڱو ته ائين ٿيندو جو مان سندس يار کي ۽ پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان ۽ ڪيس ڇڏي ڏيان. هوءَ زنده رهي، ۽ زندگي پر پڇتاءُ جي سُور پري سَٽ ڪيس ساڙيندي رهي ۽ جيڪو به ساٿس ملي، اُهو ئي ڪيس نندينڊو رهي. ههڙي بي‌صبر ۽ ڏُک ڏيندڙ عورت لاءِ اها موت کان به خراب سزا ٿيندي.“

پنهنجي جنازي جو منظر به سندس اکين اڳيان اچي ويو. ڇپن تي هلڪي مُرڪ سان تابوت ۾ ليٽيل هو خود، ۽ زال، پڇتاءُ سان پيلي پيل، ٽڪل ٽڪل، غم جي جيئري جاڳندي مورت وانگر قبرستان ڏانهن ويندي ۽ آسپاس جي ماڻهن جي نفرت ڀريل نگاهن کان بچڻ جي اسڦل ڪوشش ڪندي.

⊙

”مان سمجهان ٿو سو، ته اوهان ڪي سمتَ وئسن ئي سڀ کان وڌيڪ پسند آهي.“ دڪاندار اوچتو ڪيس سپني مان جاڳايو. ”جيڪڏهن اوهان کي قيمت وڌيڪ ٿي لڳي ته پنج روبل گهٽ ڪٽي ڪندس. انهيءَ کان سواءِ اسان وٽ ٻيا به ميڪ آهن، جيڪي تورو سستا به آهن.“

اهو بندرو شخص ڏاڍي دلچسپيءَ سان الماريِن مان هڪ درجن وڌيڪ روالور ڪڍي ڪٽي آيو.

”هيءُ ٽيهن روبلن جو آهي. هاڻي ڏسنو نه، ڏينهون ڏينهن اسان جي مُهر جي ساک خراب ٿيندي پيئي وڃي ۽ پرڏيهي ميڪ جي هٿيارن تي برآمدي محصول وڌي رهيو آهي. انهيءَ حساب سان اهو مهانگو ناهي. منهنجو تورو ڪنئي گهٽي برڪت ۾ ويساهه آهي ۽ سياءُ ڪان مان ڏاڍو لالچي ماڻهو ناهيان، پر ملڪ جي هن حالت ڪان ته مان به بيزار ٿي پيو آهيان. اوهان خود ئي سوچيو سر، حالت اها ٿي ويئي آهي جو صرف امير ماڻهو ئي هڪ سنو روالور رکڻ جي عياشي ڪري سگهي ٿو! غريب ماڻهن کي ته سستن روسي ميڪ جي روالورن مان ئي ڪم ڪيڏو پوي ٿو، جهڙوڪ نقالن جا ٺاهيل روالور. نقالن جي ٺاهيل روالورن کي ته مان بدنصيب ئي چوندس. انهن سان جيڪڏهن اوهان پنهنجي زال کي گولي هڻندؤ ته خود اوهان پنهنجو ئي ڪلهو زخمي ڪري ويهندؤ.“

سيگيوَ اهو سوچي اوچتو ڏکي ٿي ويو. پنهنجي بيوفا زال جي تڪليف ڏسڻ لاءِ هو خود زنده نه هوندو. بدلو تڏهن بامقصد ٿيندو آهي، جڏهن دشمن جي تڪليفن کي خود ڏسي پنهنجون اکيون ٺاري سگهجن. ههڙي بدلي مان ڪيس ڇا ملندو؟ خود ته هو قبر ۾ ليٽيو هوندو ۽ سندس تباهي ته ڏسي ئي نه سگهندو.

”ڇا اهو نيڪ رهندو.“ هن سوچيو، ”ته مان سندس يار کي پهرين قتل ڪريان، سندس لاش وٽ هجان ۽ بعد ۾ پاڻ کي به ختم ڪري ڇڏيان؟ پر مون کي ته پوليس پهرين ئي گرفتار ڪري وٺندي ۽ منهنجو روالور مون کان ڦرجي چڪو هوندو... انهيءَ ڪري: سندس يار کي مان پهرين قتل ڪندس، ڪيس (زال کي) ڇڏي ڏيندس ۽ پاڻ پاڻ پهرين آتمر هتيا نه ڪري، پنهنجو پاڻ کي گرفتار ڪرائيندس. آتمر هتيا ڪرڻ لاءِ ته ڪافي وقت ملي ويندو. جيڪڏهن مان آتمر هتيا ڪرڻ جي بيوقوفي ڪري وينس ته هوءَ پنهنجي بي ڏپائي، ڪوڙ ڳالهائڻ جي سياويڪ عادت ۽ فريب سان پنهنجو پاڻ کي بي قصور ثابت ڪري وٺندي ۽ سمورو ڏوهه منهنجي مٿي تي مڙهي ڇڏيندي. ڪهڙي خبر، ماڻهو سندس ڳالهين کي ئي سچ سمجهي ويهن ۽ مون تي کِلن. ۽ جيڪڏهن مان زنده رهيس ته..... مون کي زنده ئي رهڻ گهرجي.“

ڪن ڪان پوءِ هن وري سوچيو:

”نيڪ ئي ته آهي، ۽ پوءِ جيڪڏهن مان پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندس ته ٿي سگهي ٿو ته مون کي ئي ڏوهي سمجهن ۽ اهو سمجهن ته مون اشتعال ۾ اچي اهو قدم کنيو آهي. ۽ واقعي، مان پنهنجو پاڻ کي ڇو ختم ڪريان؟ انهيءَ ڪان سواءِ، پنهنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ جو مطلب آهي، پنهنجو پاڻ کي ڏڄڻو ثابت ڪرڻ. انهيءَ ڪري، مان سندس يار کي ماري ڇڏيندس ۽ ڪيس زنده رهڻ ڏيندس. جيتري قدر منهنجو سوال آهي، مون کي گرفتار ڪيو ويندو. مقدمي جي دوران ڪيس شاهد جي صورت ۾ اچڻو پوندو. مان آسانيءَ سان تصور ڪري سگهان ٿو ته منهنجي وڪيل جي سوالن جي جوابن ۾ هوءَ سڀ ڪجهه قبول ڪري وٺندي ۽ اهڙي صورت ۾ اخبارن ۽ عام ماڻهن جي راءِ منهنجي فائدي ۾ هوندي.

⊙

هو سوچي رهيو هو ۽ دڪاندار سندس اڳيان پنهنجو سامان رکندي سندس دلچسپيءَ کي پوري طرح قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”هي ڪجهه انگريزي ميڪ جا روالور آهن، جيڪي ڪجهه ئي ڏينهن اڳ اسان وٽ آيا آهن. پر مان اوهان کي پڪ ٿو ڏيان ته سِمٿ وئسن جي آڏو انهن جي ڪا به حيثيت ناهي. ڪجهه ڏينهن اڳ اوهان ته اخبارن ۾ پڙهيو ئي هوندو ته هڪ فوجي آفيسر اسان کان سمٿ وئسن جو هڪ روالور خريد ڪري ويو هو. هن پنهنجي زال جي عاشق تي سڌي گولي هلائي. ۽ خبر اٿو ته ڇا ٿيو؟ گولي سندس ڇاتيءَ جي آرپار ٿي ويئي ۽ پوءِ هڪ پتل جي ليمپ کي چيريندي پيانو کي وڃي لڳي ۽ اُن کان پوءِ اُچلجي اسپينيل ڪتي کي ماريندي سندس زال کي به زخمي ڪري ڇڏيائين. ڪيڏو غضب جو ڪم هو! انهيءَ ڳالهه جو فخر ته آهي اسان جي فرم کي! اهو آفيسر هن وقت گرفتار آهي. بيشڪ هُن جي خلاف ڏوهه ثابت ٿي ويندو ۽ ڪيترن سالن لاءِ ڪيس سائبيريا جا سُور پوکڻا پوندا. انهيءَ جو پهريون ڪارڻ ته اهو آهي ته اسان جو قانون تمام پراڻي زماني جو آهي ۽ ٻيو ڪارڻ ته لڳ ڀڳ هر معاملي ۾ جيُوري عاشقن جي وڌيڪ ئي طرفدار آهي. ڇو؟ ڇو جو جج، جيُوري ۽ سرڪاري وڪيل، سڀ قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ کان ڪيٻائيندا آهن ۽ ڪين انهيءَ ڳالهه جو قطعي فڪر ناهي ته روس ۾ هڪ مُڙس گهٽ ٿي ويندو. جيتري قدر سماج جو سوال آهي ته منهنجو ويساهه آهي ته سندس ٻيو ته ڪو پلو نه ٿيندو، رڳو سمورن مُڙسن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ جلاوطن ڪيو ويندو. ۽ سر، منهنجي دل ۾ ڏاڍي ڪاوڙ اچي ٿي، جڏهن مان اڄ رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ورتاءَ ۽ وهنوار جي خراب حالت ڏسان ٿو. ٻين جي زالن سان عشق ڪرڻ ايترو عام ٿي پيو آهي، جيترو ٻئي جو سگار پي وڃڻ يا ٻئي جو ڪتاب پڙهي وڃڻ. اسان جو ڪار وهنوار ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو پيو وڃي ته انهيءَ جو ڪارڻ اهو ناهي ته گهرو زندگيءَ ۾ پاڪائي اچي ويئي آهي، بلڪ اصل ڳالهه ته اها آهي ته مُڙسن

پنهنجي مقدر کي قبول ڪري ورتو آهي ۽ اُهي عدالتن توڙي سزائن کان ڏڄن ٿا.“

دڪاندار خبرداريءَ سان آسپاس ڏٺو ۽ پٽڪيائين، ”انهيءَ ۾ ڏوهه ڪنهن جو آهي سر؟ صرف سرڪار جو!“

”اهڙي طريقي جي موت لاءِ سائبيريا وڃڻ ۾ ڪهڙي عقلمندي آهي؟“ سيگيو سوچيو. ”جيڪڏهن مون کي سائبيريا موڪليو ويو ته منهنجي زال ٻيهر شادي ڪرڻ لاءِ آزاد ٿي ويندي جيئن پنهنجي ٻئي مڙس کي به دوکو ڏيئي سگهي. اها ته سندس سوڀ ٿيندي. انهيءَ ڪري: ڪيس مان ته نه مارينداس. پاڻ کي به نه، ۽ سندس عاشق کي به نه: ڪانئس بدلو وٺڻ جو ڪو ٻيو طريقو سوچڻ گهرجي. جيڪو وڌيڪ عقلي هجي ۽ ڪيس وڌيڪ تڪليف ڏي. مان بيعزتو ڪندس. سندس خلاف طلاق جو مقدمو داخل ڪندس. عدالت جي ڪارروائي ۾ سندس سمورين بدڪارين تان پردو ڪڻندس ۽ اهڙي طرح هميشه لاءِ سندس منهن ڪارو ٿي ويندو.

⊙

”ڏسو سر، هيءُ هڪ ٻيو ميڪ آهي.“ ۽ هڪ درجن روالور هيٺ رکندي اهو دڪاندار چئي رهيو هو، ”هاڻي تورو هن جي لاڪ جي عجيب ميڪنزم ڏانهن به ڌيان ڏيو.“

پنهنجي انهيءَ فيصلي کان پوءِ سيگيوَ کي هاڻي روالور جي ضرورت نه هئي ۽ هاڻي سندس خواهش دڪان کان ٻاهر نڪرڻ جي هئي. اُن مهل دڪاندار ڪجهه وڌيڪ ئي اُتساهي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو ۽ پنهنجو مال ڏيکاريندي ڏيکاريندي هو تورو به نه ٿڪو هو.

ويچاري دڪاندار کي پنهنجو مال ڏيکاريندي، مشڪندي، گهمندي، پيرن سان زمين کي گُرچيندي ۽ پنهنجي گراهڪ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هر ممڪن جتن ڪندي ڏسي انهيءَ آيل مُڙس جو ضمير خود کي ڏوهي محسوس ڪرڻ لڳو.

”ڏاڍو سٺو، پر هيئن آهي جو،“ هو پٽڪيو، ”مان پوءِ ايندس يا- يا مان ڪنهن کي موڪليندس.“

هن ڪوشش ڪئي ته هو دڪاندار جي چهري جي تاثر کي نه ڏسي، پر جنهن نازڪ ڪيفيت ۾ هن پنهنجو پاڻ کي وڌو هو،

ڪيس لڳو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور خريد ڪرڻ گهرجي. پر ڇو؟ هن دڪان جي پٽين تي نظر ڦيرائي تہ ڪٿي ڪا سستي شيءِ ڏسڻ ۾ اچي. سندس نظر دروازي جي پرسان ئي پٽ تي ٽنگيل هڪ ڄاريءَ تي پيئي.

"هيءُ.... هيءُ ڇا آهي؟" هن پڇيو.

"هيءُ ڪبوتر ڦاسائڻ جو ڄار آهي."

"ڪيتري قيمت آهي؟"

"اٺ روبل سائين."

"هڪ ڏيئي ڇڏيو." آيل مڙس اٺ روبل ڏنا، ڄار ورتائين ۽ دڪان کان ٻاهر نڪري ويو.□□□

# وانڪا

## انتون پي چيخوف

### روسي (روس)

نون سالن جو وانڪا زهوڪوف ٽن مهينن کان آلياخن موچيءَ وٽ ڪم سکندو هو. سياڻي ڪرسمس جو ڏينهن هو ۽ اڄ رات کيس ننڊ نٿي آئي. جڏهن سندس مالڪ، مالڪڻ ۽ ٻيا ڪم ڪندڙ شام جو ديول هليا ويا، تڏهن هن اتي مالڪ جي الماريءَ مان مس قلم ڪڍي ۽ ڪٽ چڙهيل نِب مسُ مان ٻوڙي، هڪ گهُنجيل پني ٽڪر ڪٿي خط لکڻ وينو.

پر الاجي ڇو، پهريون ئي اکر لکڻ کان اڳ، پهريائين هن چپ چاپ متاڇري نگاهه سان دروازي ۽ دريءَ ڏانهن ڏٺو. پوءِ سامهون رکيل خاموش تصوير کي، جنهن جي چوگرد جوتن جا ڪاٺي وارا سانچا الماريءَ ۾ پريل هئا، ڪئين ڀيرا تڪيائين ۽ پوءِ هن هڪ دل لوڏيندڙ آهه ڀري. پنو سندس سامهون بينچ تي رکيو هو ۽ هو گوڏا کوڙي وينو هو.

’پيارا ڏاڏا ڪوئنسٽينٽن مئڪارڪ‘ هن لکڻ شروع ڪيو. ’مان توهان کي هي خط لکي رهيو آهيان. ڪرسمس جي لاءِ منهنجون دلي مبارڪون قبول ڪندا ۽ مان دعاگو آهيان تہ توهان سڀ خوش ۽ آباد هجو. منهنجي نہ ماءُ آهي، نہ پيءُ. توهان ئي منهنجا سڀ ڪجهہ آهيو.‘

سامهون دريءَ ۾ سندس ميڻ بتيءَ جو پاڇو پئجي رهيو هو. وانڪا کي، ان ۾ پنهنجي ڏاڏي جي تصوراتي صورت ڏسڻ ۾ آئي. سندس ڏاڏو ميسرس ذهيواريف وٽ چوڪيدار هو. پنجهٺ سالن جو ٻُڍو مئڪارڪ بندرو ۽ڪمزور هو، پر خاص قسم جي بدني اڏاوت ڪري ڦڙت ۽ جاندار هو. سندس اکيون ننڍيون هيون ۽ پاڻ سدائين

مشڪندو رهندو هو. هو سڄو ڏينهن نوڪرن جي رنڌڻي ۾ ستو پيو هوندو هو يا بورچين سان يٽ شٽ هڻندو رهندو هو. رات جو رڌ جي ڪل جو لبادو پائي جاءِ جي چوطرف ڏنبي سان ٺڪ ٺڪ ڪندو ڦرندو رهندو هو. هن جي پنيان هڪ ٻڍيءَ ڪتيءَ ڪاشتانڪا ۽ ڪتو ويُون هلندا رهندا هئا. پنهنجي ڪاري ڪوٽ، ڊگهي بدن ۽ لوچ مچيءَ جهڙي صورت ڪري ڪتي جو نالو ويُون پئجي ويو هو.

ويُون پنهنجي خاص صورت ڪري هر ڪنهن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي وٺندو هو ۽ هر ڪنهن سان جلدي هِري مِري ويندو هو. ڏارين سان به اهڙي سڌائي سان پيش ايندو هو جهڙي پنهنجي مالڪ سان، پر هو اعتبار جوڳو نه لڳندو هو. سندس سڌائي ۽ مهربان نگاهه ۾ سپ ڪان وڌيڪ چڪ پائڻ واري نيت لڪل هوندي هئي. ٽنگ ۾ چڪ پائڻ، گوشت جي صندوق ۾ مٿو وجهڻ يا ڪڪڙين جا چوزا چورائي هڙپ ڪرڻ ۾ ڪو بيو ڪتو سندس مٽ نه هو. پنهنجن انهن ڪرتوتن ڪري ڪئين دفعا سندس پويون ٽنگون لڳ ڀڳ ڀڄي ڇڏيون ويون هيون. به ڀيرا ڪيس ٻڌي لٽڪايو به ويو هو ۽ هر هفتي لڪڻ جي ايتري ته مار پوندي هئس، جو اڌ مئو ٿي ويندو هو. پر پوءِ هو انهيءَ تي هري ويو هو ۽ ساڳيون حرڪتون ڪندو رهندو هو.

هن وقت، وانڪا جو ڏاڏو ضرور ڦاٽڪ تي ويهي پنهنجون ننڍيون اکيون ڇنيي، ڳوٺ جي ديول جي ڳاڙهين روشن درين ڏانهن ڏسي رهيو هوندو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳوري بوٽ مان ڇيڇاٽ ڪيائيندو، ماڻهن سان اڳڻ ۾ يٽ شٽ هڻندو هوندو. چيلهه سان ٻڌل پٽي ۾ پنهنجو ڏنبو اٽڪائي، سرديءَ ۾ گهمندي ڪيس ٻڍن جيئن ڪنگهندو به ڏسبو ۽ ڪڏهن ڪنهن بورچي يا نوڪر جي ڌيءَ ڪي ڇيڙي به ڇڏيندو هوندو.

”ناس نه سگهندؤ ڇا؟“ هو پنهنجي ناس جي دٻي ڪولي عورتن جي اڳيان ڪري پڇندو آهي. عورتون وري هڪ چپٽيءَ ۾ ناس ڪٽي سنگهنديون ۽ ڇڪون ڏينديون آهن، ۽ هن ٻڍي کي جيڏو مزو ايندو آهي، اوڏو وڏو ٽهڪ ڏيندو آهي ۽ رڙ ڪري چوندو آهي، ”ناس ڪٽي ڇڏيو. هن سان توهان جو نڪ به ڄمي پوندو.“

هو ڪتن کي بہ ناس سنگهائيندو آهي. ڪاشتانڪا ڇِڪ ڏيئي نڪ موڙي، پوءِ رُسڻ وانگي هلي ويندي آهي. ويُون ناس نہ سگهندو آهي. ڏاڏي ادب سان نڪ هٽائي وٺندو آهي، ۽ پڇ لوڏڻ لڳندو آهي. موسم ڏاڍي وڻندڙ آهي. هوا جي لهر ذري بہ ناهي. آسمان صاف آهي. هلڪي هلڪي برفباري ٿي رهي آهي. رات ڏاڍي اونداهي آهي، پر سڄو ڳوٺ اڇين ڇتين ۽ چمنين مان نڪرندڙ دونهين جا بادل، ماڪ سان ڍڪيل چانديءَ جهڙا چمڪندڙ وڻ ۽ ٻوٽا ۽ برفباري صاف ڏسجن پيا. آسمان روشن ۽ ٽمڪندڙ تارن سان سجايل آهي ۽ ڪهڪشان ايتري صاف آهي، جو ائين ٿو لڳي ڄڻ برف سان پالش ڪيل هجي.

وانڪا ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ قلم مس ۾ ٻوڙي وري لکڻ شروع ڪيائين. 'گذريل رات مون کي ڏاڍو ماريائين. مان پنهنجي مالڪ جي ٻار کي پينگهي ۾ لوڏي سمهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس تہ بدبختيءَ سان مون کي ٿورو جهوٽو اچي ويو. مٿان منهنجو مالڪ آيو، تنهن جو مون کي نند ۾ ڏٺو تہ ٻاهہ ٿي پيو. مون کي وارن کان گهِلي اڱڻ ۾، موچين واري رڪاب سان مارڻ شروع ڪيائين، ۽ هن هفتي منهنجي مالڪڻ مون کي هيرنگ مڇي صفا ڪرڻ لاءِ چيو. مون پڇ واري پاسي کان صاف ڪرڻ شروع ڪيو تہ هن مڇي منهنجي هٿن مان کسي، ڪٽي منهنجي مُنهن ۾ هنيائين. مالڪ وٽ هينيان ڪم ڪندڙ مون تي چٿرون ڪن ٿا. مون کي گُتي تي موڪلي وُڊڪا (شراب) گهرائي، مالڪ جو رکيل ميوو چوري ڪرڻ لاءِ چون ۽ پوءِ مالڪ جي هٿ ۾ جيڪي آيو، انهيءَ سان مارڻ شروع ڪندو آهي. کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. صبح جو ماني، منجهند جو رٻڙي ۽ شام جو وري رُکي ماني. چانهہ ۽ ڀاڄين جا سوپ مالڪ ۽ مالڪڻ پاڻ ڏوگهين. هو مون کي پنهنجي ٻار پرسان سمهاريندا آهن ۽ جڏهن هو رُئندو آهي، تڏهن منهنجي ننڊ حرام ٿي ويندي آهي ۽ سڄي رات پينگهو لوڏيندو رهندو آهيان. پيارا ڏاڏا، ڏٽيءَ جي واسطي مون کي هتان وٺي وڃ، پنهنجي ڳوٺ ۾، گهر وٺي هل. هاڻي مان وڌيڪ سهي نٿو سگهان. مان توکي منٿ ٿو ڪريان ۽ دعا ٿو پنان، مون کي هتان وٺي وڃ.

هميشہ لاءِ، نہ تہ مان مري ويندس.‘

وانڪا جي چپن جون ڪُنڊون لرزي رهيون هيون. هُن پنهنجي هٿ جي ميرين ترين سان اکيون اگهيون ۽ سڏڪا ڀرڻ لڳو.

’مان تنهنجي چلم جو تماڪ بہ ٺاهي ڏيندس.‘ هن وري لکڻ شروع ڪيو، ’مان تولاءِ دعا ڪندس. ۽ جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي ڪريان تہ ڀلي مون کي اچي ٻڪريءَ جيان لکڻ سان مارجان. ۽ جيڪڏهن تون ڀانئين تہ مون لاءِ ڪو ڪم ڪونهي، تہ پوءِ مان مئنيجر کي چوندس تہ مسيح جي صدقي مون کي پنهنجا بوٽ صاف ڪري ڏي يا پوءِ مان فيڊيا جي بدران ڪنهن ڌنار وٽ ڪم ڪندس... مون پنهنجي ڳوٺ پڄي وڃڻ تي چاهيو، پر مون وٽ بوٽ ناهن ۽ مون کي پاري ڪان ڏاڍو ڊپ ٿو وٺي. جڏهن تون مري ويندين تڏهن آءٌ تنهنجي روح جي آرام لاءِ دعائون گهرندس. جهڙيءَ طرح مان پنهنجي ماءُ پيلاگويا لاءِ گهرندو آهيان.

’ماسڪو وڏو شهر آهي. هتي وڏن ماڻهن جا گهر آهن. گهٽيئي گهوڙا آهن. رڍون اصول ڪونهن ۽ ڪتا بہ لُوسي ڪتا آهن. ڪرسمس تي ٻار گول دائرو ناهي تارو ڪٽي نہ ايندا آهن ۽ نڪي وري ڪين ڳڌجي ڳائڻ جي بہ اجازت آهي. مون هڪ دفعي هڪ دڪان تي الماري ۾ مڇي مارڻ جون ڪنڊيون قطار ۾ رکيل ڏٺيون. واهہ جون هيون! هڪڙي ڪنڊي تہ پائونڊ تور واري شيٽ مڇي مارڻ لاءِ بہ پيل هئي. هتي مالڪ جي دڪان جهڙا بندوقن جا بہ دڪان آهن. هرهڪ جي قيمت هڪ سؤ روبل خاطريءَ سان ٿيندي. گوشت مارڪيٽ ۾ جهنگلي ڪڪڙ، تتر ۽ سها ملندا آهن جن بابت دڪاندارن کي بہ خبر نہ هوندي آهي تہ اهي ڪٿان آيا آهن ۽ ڪنهن ماريا آهن.

’پيارا ڏاڏا، جڏهن مالڪ ڪرسمس ٽِري توکي ڏي تڏهن منجهانئس هڪ سونهري گولو ڪٽي منهنجي سائي پيتيءَ ۾ لڪائي رکج. انهيءَ بابت اولتا اگناتيونا کان پڇجان ۽ چئجانس تہ اها وانڪا جي آهي.‘

وانڪا چرڪي ٿڌو ساهہ کنيو ۽ وري دريءَ ڏانهن گهورڻ لڳو. کيس ياد آيو تہ سندس ڏاڏو هميشہ ڪرسمس ٽري لاءِ ٻيلي ۾

ويندو هو ۽ پنهنجي پوٽي کي ساڻ وٺي ويندو هو. ڪيڏو نه خوشيءَ جو زمانو هو! جيئن پاري جي مسلسل پوڻ سان آواز وڏندو تي ويو تيئن ڏاڏي به آواز تي ڪيا، ۽ جيئن ٻنهي تي ڪيو، تيئن وانڪا به تي ڪيو. بعد ۾ ڪرسمس ٽري وڍڻ کان اڳ وانڪا جو ڏاڏو پائيپ دکائيندو هو ۽ هڪ وڏي چپٽي ناس جي سنگهي، پاري ۾ سرد ٿيل وانڪا سان چرچا ڪندو هو.... پاري سان ڍڪيل، صنوبر جا ڍگها وڻ بنا چرپر جي بيٺا انتظار ڪندا هئا ته ڪنهن جي موت جو وارو ٿو اچي. ايتري ۾ اوچتو ڪو سهو ڪٽان نڪري وچي پاري جي ڳڙن تي ڪرندو هو... سندس ڏاڏو اهو چوڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو هو: ”پڪڙيوس، پڪڙيوس، پڪڙيوس. اوهه ٻانڊي پڇ وارو شيطان.“ جڏهن وڻ ڪري پوندو هو تڏهن سندس ڏاڏو اهو گيهلي ڪٽي پنهنجي مالڪ جي گهر پيڙو ڪندو هو، جتي انهيءَ جي سجائڻ جو بندوبست ڪيو ويندو هو. وانڪا جي نوجوان ساٿڻ، اولٽا اگناتيونا اڪثر انهيءَ ۾ مشغول رهندي هئي. جڏهن ننڍي وانڪا جي ماءُ پيلا گويا اجا زنده هئي ۽ انهيءَ گهر ۾ نوڪرياڻي هئي، تڏهن اولٽا اگناتيونا ڪيس ورسائيندي رهندي هئي ۽ منهن به منو ڪرائيندي هئي ۽ بدلي ۾ هوءَ به ڪيس پڙهڻ، لکڻ ۽ سؤ تائين انگ ڳڻڻ ۽ ڪئادرائيل نچڻ سيکاريندي هئي. جڏهن پيلا گويا مري ويئي تڏهن انهن يتيم وانڪا کي بورچيخاني ۾ سندس ڏاڏي گڏ رکيو ۽ بورچيخاني کان پوءِ ڪيس ماسڪو ڏانهن الياخن موچيءَ وٽ موڪليو ويو.

’جلدي اچ پيارا ڏاڏا‘، وانڪا وري لکڻ شروع ڪيو، ’مان هٿ ٿو ٻڌان، مسيح جي صدقي، مون کي هتان وٺي وڃ. مون يتيم تي رحم ڪر. هتي مون کي ڏاڍو مارين ٿا ۽ هتي بک ۾ اهڙو بيحال ٿي پيو آهيان جو توهان کي ٻڌائي نٿو سگهان. بس سارو وقت رئندو رهان ٿو. اڳيئين ڏينهن مالڪ مون کي ايڏو زور سان ڌڪ هنيو جو مان فرش تي وڃي ڪريس ۽ مرڻ کان ذري گهٽ بچيو هوس. مان وڏو بدنصيب ۽ اياڳو آهيان. منهنجي زندگي ڪتي کان بدتر آهي... اليونا، ڪاٽي ٽيگر ۽ ڪوچوان کي مبارڪون چئج ۽ منهنجو واڄو ڪنهن کي به نه ڏج. مان آهيان تنهنجو اِوان

زهوڪوف. پيارا ڏاڏا ضرور اچ.‘

وانڪا خط وارو پنو چؤٽو ويڙهي لفافي ۾ وڌو جيڪو هن گذريل رات هڪ ڪوپڪ ۾ ورتو هو. هُن ذرو سوچي، قلم مس ۾ ٻوڙي، خط تي سر نامو لکيو.

’منهنجو ڏاڏو جنهن ڳوٺ ۾ رهي ٿو.‘ هُن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ وري سوچي اڳتي لکيائين، ’ڪانسٽينٽن مئڪارڪ.‘ هُو ڏاڍو خوش هو جو سندس لکڻ جي وچ ۾ ڪو رخنو نہ پيو. هن ٽوپي پاتي ۽ رڍ جي کل واري ڪوٽ پائڻ کان سواءِ، قميض ۾ ئي، ٻوڙي وجي رستي تي پهتو.

گذريل رات ڪيس ڪُڪڙين جي دڪاندارن کان خبر پئجي ويئي هئي تہ خط، پوسٽ جي ڊٻن ۾ وجهبا آهن، جتان ٽپالي ڪٽي سڄي دنيا ۾ گهنڊ جي آواز تائين پهچائيندا آهن. وانڪا پهريائين پوسٽ جي ڊٻي ڏانهن وني پڳو ۽ پنهنجو قيمتي خط اندر وڌائين.

ڪلاڪ ڪن کان پوءِ، پُراُميد وانڪا گهري ننڊ ۾ ستل هو. هُن سُپني ۾ هڪ سگريءَ پرسان پنهنجي ڏاڏي کي پلتي هٽي وينل ڏٺو. سندس پير اگهاڙا هئا ۽ هڪ خط بورچين کي پڙهي ٻڌائي رهيو هو. وِيُون سگري جي چوڌاري ڦري رهيو هو ۽ پڇ لوڏيائين پئي.□□□

# هي جيون هي سفر

## انتون پي چيخوف

### روسي (روس)

گريگري پيٽرو هڪ ننڍي مِل ۾ فِٽر هو. ڏاڍو ڪاريگر هو. سندس هوشياري جي ساک پرپاسي پکڙيل هئي. پر سست به ڏاڍو هو. ويتر جو شراب جي عادت پيس، تنهن نڪمو ڪري وڌس.

اڄ پنيرڪي جو اُٿي پيٽرو پنهنجي گاڏي چنڊي ڦوڪي ٻاهر ڪڍي پاڙيسري کان سندس ٻڍي گهوڙي اڌاري وٺي آيو ۽ ان کي جوٽي پنهنجي بيمار زال کي وهاري شهر جي اسپتال ڏانهن علاج لاءِ نڪتو. ويهه ميل مفاصلو هو، مٿان وري ڏکيو رستو سو به گوڏن تائين برف سان ڍڪيل. طوفان به چوي ته اڄ نه لڳان ته ڪڏهن لڳان؟ برف به هلڪي ڪپهه وانگر وسي رهي هئي، ايتري قدر جو اڳيان رستو به نظر نٿي آيو. ويچاري ٻڍڙي گهوڙي به پنهنجيءَ ڳچيءَ جو زور لڳائي پير تي پير مس ٿي کڻي سگهي، ڊوڙڻ ته پري رهيو. پر پيٽرو کي ڏاڍي جلدي هئي. سست ماڻهو هونئن به جلدباز ٿيندو آهي. پيٽرو کي پهريائين ته الاهي انصاف ۾ فرق محسوس ٿيڻ لڳو. سوچيائين، "ورهين کان پوءِ اڄ نڪتو آهيان ته طوفان کي به اڄ لڳڻو هو." پر ڪن ۾ وري خيال بدلجي ويس. "الله جو انهيءَ ۾ ڪهڙو قصور آهي؟ مئٽرونا جيڪڏهن لاپرواهي نه ڪري ها ته بيمار به نه ٿئي ها ۽ نه وري هي اٽانگو پنڌ ڪرڻو پوي ها." پيٽرو جي اندر جي باهه ڪاوڙ ۾ بدلجي ويئي پر جوٽس جي ڇهري تي مرٽينگ حالت ڏٺائين ته دل پاٽي پاٽي ٿي پيس ۽ پيار پري آواز ۾ دلداري ڏيڻ لڳو، "مئٽرونا، مٿان دل لاهين. هاڻي اچي اسپتال جي ويجهو پهتا آهيون. هڪ ئي ڦڪيءَ

سان ڊاڪٽر تنهنجو سور لاهي ڇڏيندو. چوندوسانس ته مالش ڪرڻ لاءِ تيل به ڏي. توکي ته خبر آهي ته ڊاڪٽر ڪيڏو نه رحمدل ۽ همدرد آهي!“

وقت ڪاٽڻ لاءِ ڳالهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو علاج آهي؟ هونئن به چوندا آهن ته ٻار ۽ ٻڍو هڪ ئي ڳالهه آهي. سو پيٽرو هڪ دفعو جو ڳالهائڻ شروع ڪيو سو بنان جواب ملڻ جي ويو پاڻ سان ڳالهيون ڪندو.

”گاڏيءَ جو آواز ٻڌندي ئي ڊاڪٽر ٻاهر نڪري ايندو ۽ ڪاوڙجي چوندو ته بيوقوف هيتري دير ڪري آيو آهين؟ ڪهڙي ڪوڏر تي هنيئه؟ تنهنجي پيءُ جو نوڪر ته ناهيان.“

”چوندوسانس، ”سائين اسان غريبن جو ٻيو ڪير آهي؟ الله ڄاڻي ٿو، اڃا ڪُڪڙ ٻانگ ئي ڪونه ڏني هئي ته ڪٽ ڇڏي اٿم ۽ صبح ٿيندي گهران نڪتو آهيان. هي ظلم جو طوفان ته ڏسو. ڇڱي ڀلي جوان گهوڙي اِٽ هٽي ٻيهي رهي، منهنجي ته...“

”ڊاڪٽر وچ ۾ واڪو ڪري چوندو ته بڪواس بند ڪر. مان ڇڻ سمجهان ئي ڪونه ٿو. ڏهه دفعا رستي تي شراب پيئڻ لاءِ ترسيو هوندين.“

”مان هٿ ٻڌي چوندوسانس، ”سائين شرابي بيشڪ آهيان پر ايڏو نيچ ناهيان. زال پوين پساهن ۾ هجي ۽ مان شراب پيان: لعنت آهي اهڙي شراب کي ڊاڪٽر صاحب.“

”مئٽرونا، ٻڌين ٿي نه؟ پر داڪٽر کي اعتبار نه ايندو. هو چوندو ’ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. مون کي بيوقوف نه بناءِ.‘ چوندي چوندي توکي اندر ڪٺائي ويندو ۽ مان جهڪي ڪيس سلام ڪندس. اسان غريبن کان هميشه غلطي ٿيو وڃي. حقيقت ۾ اسان آهيون ئي لائق موچڙن جي، پر توهان جا لک لائق آهن جو ايڏي مدد ٿا ڪريو. توهان جون پلايون اسان هڪ زندگي، ۾ لاهي به نٿا سگهون.“

”ڊاڪٽر خفي ٿي ويندو ۽ چوندو، ”نامراد پلايون ڇاجون. تنهنجي پلائي انهيءَ ۾ آهي ته شراب پيئڻ ڇڏي ڏي.‘

”۽ پوءِ تنهنجي پويان ايندي، مان وعدو ڪندس، ”مئٽرونا چڱي ڀلي ٿي پوي، ڊاڪٽر صاحب، ته مجال آهي جو شراب کي ڇُهان.“

’شڪي نگاهن سان، ڊاڪٽر مون ڏانهن نهاري مرڪندو. مان چوندوسانس، ”مئٽرونا کي اهڙي دوا ڏيو جو هڪدم اُٿي گهمي ڦري. سائين توهان جي فيءَ توهان کي ڏيندس.هڪڙو عمدو سگريٽ ڪيس ناهي ڪٽي ايندس. متس تنهنجو نالو اُڪريل هوندو.“

”ڊاڪٽر صاحب وچ ۾ ئي کِلي پوندو، ’پيٽرو توکي اها نشي جي ڪني عادت نه هجي ته جيڪر تنهنجو ڪو مَٽ ڪونهي.“

پيٽرو چپ ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو ڪنهن پراڻي ياد، سندس خيالن ۾ رخنو وڌو هجي. شايد گذريل شام جي ياد آئي هجي، جڏهن هو هميشه جيئن نشي ۾ چُور، ٿاٻڙندو گهر موٽيو هو ۽ گاريون گند ڏيندو مئٽرونا تي اُلر ڪري آيو هو. پر تنهن شام مئٽرونا جي اکين جا ڇپر جهڪيا ڪونه ۽ پيٽرو جو هٿ جتي جو تتي روڪجي ويو هو ڇاڪاڻ مئٽرونا جي پيلين اکين ۾ اوچتو پنهنجي صورت نظر آئي هجيس، جنهن جي دهشت هُو جهلي نه سگهيو هو. پيٽرو پنهنجي زهر زندگيءَ ۾ غم کي ائين محسوس ڪيو جيئن بادلن ۾ وچ چمڪي. پيٽرو ڇپن ئي ڇپن ۾ پڙڪيو، ”هڙو طوفان مون زندگي پر نه ڏٺو“، ۽ پنهنجي وساٽل دل کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين، ”مئٽرونا، توکي سردي لڳندي هجي ته ٻيو به ڪمبل ويڙهي ڇڏ، ۽ ها، ڊاڪٽر صاحب توکان ضرور پڇندو، ’پٽرو شراب پي توکي ماريندو آهي نه؟‘ متان ها چئين. منهنجي منڙي مئٽرونا سمجهين ٿي، توکي ماري مان خوش ٿيندو هوندس؟ عادت کان مجبور آهيان. توکي ڀائيندو نه هجان ته جيڪر هن سياري جي ڏاريندڙ ٿڌ ۾ توکي اسپتال ڪيئن وٺي هلان ها.“

پيٽرو کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ دل جي ڪنهن ازغيبي ڪند مان سِڪ جو درياءُ وهِي نڪتو هجي. ”مئٽرونا،“ هن وري

پڪاريو ”پنيءَ جو سُور ڪيئن اٿئي؟ ڏاڍو ٿو پوئي؟“ هن پويان نهاريو ۽ مئٽرونا کي خاموش سمهيل ڏسي ڪاوڙ ۾ اچي ويو. ”بيوقوف، هيترو پيار سان وينو توسان ڳالهيون ڪريان، تون ’هون هان‘ به نٿي ڪرين. ڪٿو ٿو پڙنڪان؟“ لغام اتي ئي ڦٽو ڪري گاڏيءَ تان هيٺ لهي آيو ۽ جوٽس کي ٻانهن کان جهلي جيئن ئي ڏونڏاڙيائين ته ڪنڌ لٽڪي وڃي ٻئي پاسي ڪريس. پيٽرو کان رڙ نڪري ويئي، ”مئٽرونا‘ منهنجي پياري مئٽرونا!‘ هو بيحد رُنو ۽ زار زار رنو، بلڪل ننڍن ٻارن وانگر. انهيءَ ڪري سمجهان ٿو ته پيٽرو کي ڏک کان وڌيڪ پريشاني محسوس ٿي. سمجهه ۾ ئي نٿي آيس ته هيءُ سڀ ڪجهه ڇا ٿي ويو ۽ ايترو جلد! سوچڻ لڳو، ’زندگي به ڪهڙي نه عجيب راند آهي. اجا ڪالهه ئي ته غم جو داستان شروع ٿيو هو ۽ اڄ ڪيل ختم به ٿي ويو. ماضي پيٽرو جي اکين اڳيان تصويرن وانگر ڦرڻ لڳو. چاليهه سال کن اڳ هڪ ڏينهن ديول ۾ ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي جو ساٿي ٿيڻ قبوليو هو. مئٽرونا تنهن وقت جوان هئي، سهڻي هئي ۽ دروازي تي بيهي جڏهن پيٽرو کي ڪم تي ويندي ڏسندي هئي تڏهن هو سوچيندو هو ته بهشت جو لطف هن کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو هوندو؟ ۽ پوءِ اهو نياڳو ڏينهن ياد آيس جڏهن شراب جي نشي ۾ ٿاٻڙندو گهر جي چائنٺ تي اچي ڪريو هو. پريا چاليهه سال ائين ئي گذري ويا. ڪم ۾، نشي ۾ ۽ مئٽرونا سان جهڳڙي فساد ۾.

پر اڄ پيٽرو جي دل ۾ الائجي ڪٿان مئٽرونا لاءِ پيار جاڳي اٿيو هو. هن کي پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي سمجهي، دل تان بار هلڪو ڪرڻ لاءِ به تيار هو ته هوءَ گذاري به ويئي. سٺ ورهين جي ڄمار ۾ پيٽرو اڄ جهڙي اڪيلائي ڪڏهن محسوس نه ڪئي. ائين لڳس ڄڻ هن کان سواءِ هو رهي ڪونه سگهندو. جيڪا ڳالهه هن کي چاليهه سال مئٽرونا سان گڏ گذاريندي سمجهه ۾ نه آئي، سا اڄ مئٽرونا جي لاش اڳيان ويٺي ويٺي صاف سمجهه ۾ اچي ويئي. ’ڪيترو نه بي رحميءَ سان هن کي ستائيندو هوس ۽ هُوءَ ڇا

چپ چاپ سڀ سهي ويندي هئي.' اڪين جا ڳوڙها اگهندي پيٽرو هڪ اُيو ساهه پريو ۽ سوچيائين، 'ڪاش، زندگي وري نئين سِر ملي وڃي!"

'پر هينئر تہ مئٽرونا ڪي دفنائڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي'. پيٽرو کي اوچتو خيال آيو ۽ خيال ايندي ئي گهٻرائجي ويو. 'پادري ڪٿان ايندو؟' پيٽرو کي زندگي هڪ اهڙي جبل مثل نظر آئي جنهن ۾ هر قدم مشڪل هو. متان شام اچي تي. برف جي اڇاڻ، رات جي ڪاري چادر ۾ منهن ڍڪي ويتر پيانڪ تي لڳي ۽ هوا بہ جيئن جو تيئن زور وٺڻ لڳي. پيٽرو جا لِڱ تڪ سبب ٽُٽڻ لڳا هئا ۽ ڪنهن بستيءَ ۾ پهچڻ ضروري هو. گهوڙيءَ جو لغام سنڀاليائين ۽ گاڏيءَ سان گڏ سندس من بہ پٽڪڻ لڳو. نوان اوزار وٺي ايندس، سارو ڏينهن محنت ڪري شام جو ڪيسو پُر ڪري گهر ورندس. مئٽرونا در تي بيٺي هوندي....'

پيٽرو جڏهن اکيون کوليون تہ پاڻ کي هڪ صاف ڪمري ۾ کٽ تي پيل ڏٺائين. وائڙن وانگر چئني طرف نهاري پڻ پڻ ڪري چوڻ لڳو، "اڃا تہ مئٽرونا کي دفنائڻو اٿم. پادري ڪٿان ايندو؟" ائين چئي اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڪنهن سندس ڪلهي تي هٿ رکي ليٽائيندي چيو، "سڀ ٺيڪ آهي، تون آرام ڪر."

"ڊاڪٽر صاحب!' پيٽرو کٽ تان لهي ڊاڪٽر جي پيرن کي ڇهڻ تي چاهيو پر واڪو ڪري چيائين، "ڊاڪٽر صاحب، منهنجا هٿ؟ منهنجا پير؟"

"تنهنجا هٿ پير برف ۾ ٺري سُڪي ويا آهن، پر هاڻي ڪهڙو تو فڪر ڪرين. سٺ ورهيہ ڪائي چڙهيو آهين. هاڻي وڌيڪ جِي جا ڪندين.؟"

"نہ ڊاڪٽر صاحب!" پيٽرو ڏڪايل آواز ۾ وراڻيو، "اڃا ڇهہ سال جيئڻ ٿو چاهيان."

"اڃا پيٽ نہ ڀريو اٿيئي شراب مان؟"

"پر مئٽرونا کي جو دفنائڻو آهي، ۽ ها، اها گهوڙي بہ تہ واپس ڏيڻي اٿم. ڊاڪٽر صاحب، هي زندگي بہ ڪهڙي نہ عجيب آهي؟ اڪ

چنبي ۾ سڀ ڪجهه ٿيو وڃي. اُف... ۽ ها ڊاڪٽر صاحب، توهان لاءِ هڪ سهڻو سگريٽ ڪيس آڻيندس. بس رڳو مئٽرونا ٺيڪ ٿي پوي، ڊاڪٽر صاحب، پوءِ ڪو گڏهه شراب کي ڇهي.“

”نرس، ٿورو خيال رکج. بس چئن گهڙين جو مهمان آهي.“ ائين چئي ڊاڪٽر ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.□□□

# ڪلرڪ جو موت

## انتون پي چيخوف

### روسي (روس)

اُها ڏاڍي وڻندڙ رات هئي، جڏهن اِوان دمترچ چيرِوياڪوف نالي ڪلرڪ، ٻي قطار ۾ ويهي، اوپيرا گلاس لڳائي ”لي ڪلاچز ڪارنيوائيل“ ڏسڻ جو لطف وٺي رهيو هو. هن جو سڄو ڌيان اسٽيج طرف هو ۽ پنهنجو پاڻ کي سڀني مخلوقات کان خوشنصيب محسوس ڪري رهيو هو، تہ اوچتو... ”اوچتو“ اظهار جو هڪ پراڻو ۽ عام لفظ ٿي پيو آهي، پر ليکڪن کي هو لفظ استعمال ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو چارو آهي، جڏهن زندگي حيرت انگيز واقعن سان ڀري پيئي آهي. سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ اوچتو سندس چهري ۾ ڪئين گهُنج اُڀري آيا، اکيون ڦڙڪي پٽجڻ لڳيون، ۽ ساهہ منجهڻ لڳو.... اوپيرا گلاس کان منهن پاسيرو ڪري، هُو پنهنجي سيٽ ۾ ٻيٺو ٿي ويو ۽ ”شُو“ جو آواز نڪتو. هُن ڇڪ ڏني هئي. هر ڪنهن کي حق آهي تہ جتي چاهي ڇڪ ڏيئي سگهي ٿو. هاري، صوبيدار ۽ سياسي مشير سڀئي ڇڪون ڏين ٿا. هر ڪو ڇڪون ڏيئي ٿو، ڪنهن کي جهَل ڪانهي. اهو سوچي چيرِوياڪوف ڪا پريشاني محسوس نہ ڪئي. ڪيسي مان رومال ڪڍي نڪ اگهيائين ۽ معتبرن وانگر چوطرف نظر ڊوڙايائين، تہ ڪنهن کي سندس ڇڪ ناگوار تہ نہ لڳي آهي. پر هو جلد ئي پريشان ٿي ويو، ڇاڪاڻ تہ هن ڏٺو تہ هڪ بندري قد جو ٻڍو شخص جيڪو سندس بلڪل اڳيان پهرين قطار ۾ ويٺو هو، سو ڏاڍي خبرداريءَ سان پنهنجي گنجي مٿي ۽ ڳچيءَ کي دستانن سان صاف ڪري رهيو هو، ۽ گهڙي گهڙي پُڻ پڻ بہ پئي ڪيائين. چيرِوياڪوف سڃاڻي ورتو تہ اهو ٻڍو

آمدورفت جي وزارت جو سِول جنرل بريز هالوف هو.

’مون مٿس ڇڪ ڏني آهي.“ چيرِوياڪوف سوچيو، ’ائين برابر آهي ته هي ڪو منهنجو عملدار ناهي، پر پوءِ به منهنجو عمل اٺوٽندڙ هو، ۽ مون کي معافي وٺڻ گهرجي.“

”سائين، مون کي معاف ڪجو جو ڇڪ ڏنم، پر منهنجو مقصد اهو نه هو ته....“

”ڪا ڳالهه ناهي.“

”سائين، معاف ڪجو، مون اهو ڄاڻي واڻي نه ڪيو آهي!“

”ڀلا هاڻي چُپ ته ڪر. مزو ته وڃائين، ڏسڻ ته ڏي!“

چيرِوياڪوف تورو گهٻرائجي ويو، ڦڪو ٿي مشڪيائين ۽ اسٽيج ڏانهن ڌيان لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هُن اداڪارن کي دلچسپيءَ سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر کيس ڪو مزو نه آيو ۽ پريشانيءَ سببان اداس ٿي ويو. انٽرويل ۾ بريز هالوف ڏانهن وڌي ويو ۽ کي پل بيٺو رهيو. آخر دپ ۽ بي همتيءَ تي قابو پائيندي پڇڪيو:

”سائين، مون توهان تي ڇڪ ڏني.... مون کي معاف ڪريو.... توهان کي خبر آهي ته منهنجو مقصد اهو نه هو....“

”اوهه... سچ پچ مون ته وساري ڇڏيو..... هاڻي ته جند ڇڏ نه؟“ جنرل چيو. سندس هيٺيون چپ بي صبريءَ ۾ سيٽجي ويو هو.

’هي ته چوي ٿو ته هن وساري ڇڏيو آهي، پر مون کي سندس نگاهه نٽي وٽي.‘ اهو سوچي چيرِوياڪوف بي اعتباريءَ وچان جنرل ڏانهن نهارڻ لڳو. ’مون سان ڳالهائڻ به نٿو چاهي. مون کي چٽيءَ طرح چوڻ گهرجي ته منهنجو مقصد اهو نه هو.... اهو قدرتي قانون آهي، نه ته هي سوچيندو منهنجو مقصد مٿس ٿُڪڻ جو هو. يلي ڪٽي ”هو هينئر نه سوچيندو هجي پر پوءِ سوچيندو....“

جڏهن چيروياڪوف گهر پهتو، ته جوٽس کي پنهنجي بيهودي هلت بابت ٻڌايائين. کيس ائين لڳو ته سندس زال انهيءَ واقعي کي تمام نامناسب ۽ چڱو نه سمجهيو هو. ائين برابر هو ته هوءَ هڪ کن لاءِ ڇرڪي ويٺي هئي، پر جڏهن ڏنائين ته بريز هالوف سندس عملدار نه هو تڏهن ساهه پيٽ ۾ پيس.

”منهنجي صلاح آهي تہ توکي وٽس وڃي معافي وٺڻ گهرجي،“ جوڙس چيو، ”نہ تہ هو سمجهندو تہ توکي اٺڻ ويهڻ جو ڍنگ بہ نٿو اچي.“

”درست آهي. مون معافي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر هُن مُنهن ڦيري ڇڏيو. ڪا سمجهہ پري ڳالهہ بہ نہ ڪيائين. انهيءَ ڪانسواءِ اهو ڳالهائڻ جو وقت بہ نہ هو.“

ٻئي ڏينهن چيروياڪوف پنهنجو سرڪاري فراڪ ڪوٽ پاتو، وار ڪٽايائين ۽ پنهنجي هلت جي وضاحت لاءِ بريز هالوف ڏانهن روانو ٿيو. جنرل جو ملاقاتي- ڪمرو، فريادين سان ستيل هو. جنرل پاڻ موجود هو ۽ فريادين کان درخواستون وٺي پئي ڪين ٻُڌائين. ڪِن کي ٻڌڻ کان پوءِ، جنرل، چيروياڪوف ڏانهن ڏٺو.

”گذريل رات، ارڪاڊيا ۾، توهان کي ياد هوندو سائين!“ ڪلارڪ چوڻ شروع ڪيو، ”مون ڇڪ ڏني هئي ۽ سائين جن...مان...معافي....“

”اوهہ.... بيوقوف!“ جنرل چيو. ”مان انهيءَ لاءِ ڇا تو ڪري سگهان؟“

”هن ٻئي شخص کي مخاطب ٿي پڇيو.

’مون کي ٻڌڻ بہ نٿو چاهي!‘ چيروياڪوف سوچيو. سندس چهرو پيلو ٿي ويو. ’انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ هي اجا مون تي ناراض آهي... مان ايتري ۾ تورو ئي ڇڏيندس... مون کي ڇٽيءَ طرح چوڻ گهرجي...‘

جڏهن جنرل آخري فريادي‌ءَ کان درخواست وٺي پنهنجي خانگي ڪمري ڏانهن مُڙيو ٿي، تہ چيروياڪوف ڏانهس وڌيو ۽ پڻ پڻ ڪندي چيائين: ”سائين! معاف ڪجوم. مون کي دلي افسوس آهي، انهيءَ ڪري سائينجن کي تڪليف ڏني اٿم...“

جنرل ڏانهس ڏٺو. هو ڇڻ روئي رهيو هو. ڪيس اشاري سان پري ڪيائين ۽ چيائين: ”تون مون تي کلين ٿو؟“ ڇٽي دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

’کلين ٿو‘ چيروياڪوف سوچيو، ’مون کي کلڻ جهڙي ڳالهہ تہ نٿي لڳي. جنرل ٿيو آهي پر سمجهي بہ نٿو سگهي. نيڪ آهي

چڪا مڙس' هاڻي مان به توکان معافي نه وٺندس. شيطان جي ڪا مار پويس. مان ڪيس خط لکندس پر وٽس مور نه ويندس... نه ويندس ۽ بس.'

هو اهو ئي سوچيندو گهر ڏانهن راهي ٿيو. پر هُو خط لکي نه سگهيو. سوچيندو رهيو پر منجهي پيو، ته آخر شروع ڪيئن ڪري. نيٺ اندر جي آنڌ مانڌ مٿائڻ لاءِ ڪيس بئي ڏينهن جنرل جي گهر وڃڻو پيو.

"سائين! ڪالهه مون توهان کي تڪليف ڏيڻ جي جرئت ڪئي هئي."

جنرل جڏهن سوالي نگاهون ڏانهس ڪنيون تڏهن چيائين، "مان توهان تي اصل نه کليو هوس، جيئن توهان فرمايو هو. مان ته معافي وٺڻ آيو هوس جو توهان کي منهنجي ڇڪ ناگوار لڳي هئي... توهان تي کلڻ جي باري ۾، مان اهڙي ڳالهه سوچي به نٿو سگهان. مان اهڙي جرئت ڪيئن ڪندس؟ جيڪڏهن اسان جي دماغ ۾ ماڻهن تي کلڻ جي ڳالهه ويهي رهي ته پوءِ پنهنجي اعليٰ عملدارن لاءِ احترام ڪيئن رهي سگهندو؟"

"هتان ٻاهر نڪري وڃ." جنرل پونڪيو. ڪاوڙ ۾ سندس چهرو رنگ ڇڏائي ويو هو ۽ جسم ڏڪي رهيو هوس.

"مان معافي ٿو وٺان." چيروياڪوف پٽڪيو. هو هراس وچان سُن ٿي ويو هو.

"نڪري وڃ!" جنرل زمين تي دڙو هڻي دهرايو.

چيروياڪوف محسوس ڪيو ته سندس اندر ۾ ڪجهه پُرزا پُرزا ٿي پيو هو. هو جڏهن واپس در ڏانهن مڙيو ته ڪيس نڪي ڪجهه ٻڌڻ ۾ آيو نڪي ڏسڻ ۾ آيو. هو ٻاهر نڪري گهٽيءَ ۾ آيو ۽ بي مقصد رلندو رهيو. بي اختيار ٿڙندو ٿاٻڙندو گهر پهچي صوفي ۾ آهلي پيو ۽ پنهنجي سرڪاري فراڪ ڪوٽ ۾ ئي ساهه نڪري ويس.□□□

# ڪهاڻي هڪ ميم صاحب جي

## انتون پي چيخوف

### روسي (روس)

نوَ ورهيہ اڳ، گاهہ ڪرڻ وقت هڪ ڏينهن شام ڪان پهرين مان ۽ پيوتر سيرگي يي وچ پوسٽ آفيس مان خط وٺڻ لاءِ ٽڪريءَ تي ويا هئاسين.

موسم ڏاڍي وڻندڙ هئي، جيتوڻيڪ موٽڻ مهل بادل گرجڻ لڳا. اسان کي سامهون گذرندي ڪاوڙيل ڪارا بادل ڏسڻ ۾ آيا. آهستي آهستي بادل اسان جي ۽ اسان بادلن جي ويجهو اچڻ لڳاسين.

بادلن جي پس منظر ۾ اسان جو گهر ۽ چرچ سفيد لڳي رهيا هئا. جابلو پپر چاندي جهڙا اڇا ڏسجي رهيا هئا. مِينهن ۽ ڪپيل گاهہ جي بوءِ وايومنڊل ۾ ڦهليل هئي. منهنجو ساٿي ڳالهائي رهيو هو ۽ زور زور سان کلي رهيو هو. هو چئي رهيو هو، ”ڪيڏو نہ چڱو ٿئي جيڪر اسان کي هتي ڪٿي ڪُنگريدار منارن وارو چبرن ۽ چمڙن سان پريل ڪو پراڻو کنبر ٽيل قلعو ملي وڃي ۽ اسان مينهن کان بچڻ لاءِ اُن ۾ لڪي ويهون ۽ پوءِ مٿان وڄ ڪِري ۽ اسان کي ماري ڇڏي.“

فصل بيئل بنين ۾ تيز هوا جي جهوٽن لهرون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. وايومنڊل واچوڙي وارو ٿيڻ لڳو. پيوتر سرگي يي وچ کلي رهيو هو ۽ گهوڙي کي اِڙين مٿان اڙيون هڻندو پئي ويو.

”چڱو، چڱو.“ هن وڏي واڪي چيو. سندس خوشي ۽ خيال مون تي چانئبا پئي ويا. هو چئي رهيو هو، ”هينئر جيڪڏهن اسان جي پنل جسمن تي وڄ ڪري پوي ۽ اسان موت جو شڪار ٿي وڃون تہ؟“ پر مان پوءِ بہ کلندي رهيس.

تيز سواري ۽ هوا جي تيزيءَ جي وچ ۾ جڏهن هوا زور زور سان زوزاٽ ڪندي آهي ۽ لڳندو آهي ته اسان پکين وانگر اُڏامندا ٿا وڃون ته ڏاڍو ڊپ ته ڪتڪتائي پيدا ٿيڻ لڳندي آهي. جڏهن اسان پنٿهنجي اڱڻ ۾ پهتاسين، ته هوا لڳ ڀڳ بيهي رهي هئي ۽ مينهن جون وڏيون وڏيون بوندون گاهه ۽ چتين تي پئجي رهيون هيون. ڪُڙهه سُنسان هو. پيوتر سيرگي ي وچ گهوڙي کي ٻڌو. مان چانئٺ تي بيهي مينهن ڏسڻ لڳيس. اُتي گاهه جي بوءِ وڏيڪ تکاڻ سان محسوس ٿي رهي هئي. بادلن ۽ مينهن سان اونداهي ڇانئجي ويئي هئي.

بادلن جي گرجنا سان آسمان اصل ڦاٽو ٿي. پيوتر سيرگي يي وچ چوڻ لڳو، ”هيءَ گجگوڙ ڪيئن ٿي لڳي توکي؟

هو منهنجي پرسان ئي چانئٺ تي بيهي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. مون کي لڳو ته سندس اکين ۾ منهنجي لاءِ پيار تري رهيو آهي.

هو چوڻ لڳو، ”نتاليا ولادي ميروونا! مُنهنجي دل چوي ٿي ته اِتي ئي بيٺو رهان ۽ توکي ڏسندو رهان، چاهي سموري دنيا ڇو نه ڇڏڻي پوي. اڄ تون مون کي ڏاڍو وڻين پيئي.“ سندس اکيون امنگ ۽ اتساهه جي جذبي سان ڀرجي مون ڏانهن ڏسي رهيون هيون. سندس ڏاڙهي ۽ مڇن تي چمڪندڙ مينهن ڪٽيون به چڻ مون ڏانهن ڏسندي پنهنجي پيار جو اظهار ڪري رهيون هجن. هن چيو، ”مان توکي پيار ڪريان ٿو. مان اڄ ڪيڏو خوشنصيب آهيان جو تون منهنجي اکين سامهون آهين! مون کي خبر آهي ته تون منهنجي زندگيءَ جي ساٿي نٿي بنجي سگهين، ڪا ڳالهه ناهي. مان ته رڳو اهو ٿو چاهيان ته توکي خبر هجي ته مان توکي بيحد پيار ڪريان ٿو. تون چپ رهج، جواب نه ڏج ۽ منهنجي ڳالهين تي ڌيان نه ڏج، بس ايترو ڄاڻج ته تون مون کي بيحد پياري ٿي لڳين.“

مون کي سندس ڳالهيون ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي. مان سندس چمڪندڙ چهري کي ڏسندي رهيس ۽ ڌاڍي ڌيان سان سندس ڳالهيون ٻڌندي رهيس.

”تون ماٺ آهين... ڪيڏي چڱي ڳالهه آهي. مهرباني ڪري ڪجهه نه ڪُڇج.“ پيوتر سرگي يي وچ چيو.

اهو سڀ مون کي ڏاڍو سٺو لڳو. مان خوشي وچان ڪِلي پيس ۽ وسندڙ مينهن ۾ ئي گهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳيس ۽ پيوتر سرگي يي وِچ به ڪِلندو منهنجي پويان ڊوڙڻ لڳو.

اسان ٻئي ٻارن وانگر ڊوڙندا ڪمري ۾ پهتاسين. بابو ۽ ياءُ جيڪي مون کي ڪلندي ڏسڻ جا عادي نه هئا، اچرج وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳا ۽ پوءِ پاڻ به کلڻ لڳا.

طوفاني بادل وڃي چڪا هئا ۽ گجگوڙ به ختم ٿي چڪي هئي، پر پيوتر سرگي يي وِچ جي ڏاڙهيءَ تي اڃا مينهن جون بوندون چمڪي رهيون هيون. سموري شام ڊنر جي وقت تائين هو ڳائيندو، سيٽي وڄائيندو ۽ شور مچائيندو ڪتي سان کيڏندو رهيو. هو تيستائين هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري تائين ڪتي جي پويان ڊوڙندو رهيو، جيستائين هڪ نوڪر ٽاٻڙجي اچي اڳيان نه ڪري پيو.

سمهڻ لاءِ ليٽڻ وقت مون ٻتي ٻاري ۽ دري کولي ڇڏيم. بيشمار خواهشون منهنجي ذهن تي ڇانئبيون پئي ويون. مون کي ياد اچي رهيو هو ته مان آزاد، صحتمند، معزز ۽ دولتمند آهيان، ماڻهو مون کي پيار ڪن ٿا ۽ خاص ڳالهه اها آهي ته مان معزز ۽ دولتمند آهيان... ڪيڏي چڱي ڳالهه آهي. ۽ پوءِ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس ته پيوتر سرگي يي وچ سان پيار ڪريان ٿي يا نه، انهيءَ رات مان ڪو به فيصلو نه ڪري سگهيس ۽ سمهي پيس.

⊙

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن مون پنهنجي پلنگ تي سج جا ڪرڻا ۽ بنسري جو پاڇو ڏٺو ته گذريل ڏينهن جون سڀ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. زندگي سُک ۽ خوشيءَ سان ڀريل لڳي. مون جلدي پنهنجا ڪپڙا پاتا ۽ باغيچي ڏانهن ڊوڙي پيس.

۽ اُن کان پوءِ ڇا ٿيو؟ اُن کان پوءِ... ڪجهه نه. سياري ۾ جڏهن اسان شهر ۾ رهڻ لڳاسين، ته ڪڏهن ڪڏهن پيوتر سرگي يي وچ اسان وٽ ايندو هو. ڳوٺاڻا ماڻهو اونهاري ۾ ڏاڍا وڻندڙ لڳندا آهن، پر شهر ۾ ايندي ئي، خاص ڪري سياري ۾، سندن دلڪشيءَ ۾ ڪمي اچي ويندي آهي. ۽ ائين ئي ٿيو. هِتي پيوتر سرگي يي وچ ڪڏهن ڪڏهن پيار جون ڳالهيون ڪندو هو پر هِتي ڪجهه بدليل

هو، جيڪو ڳوٺ ۾ نہ هو، ”مان معزز ۽ دولتمند آهيان ۽ پيوتر غريب آهي، رڳو ڀاڳ جي سهاري زندهہ آهي.“ اها ڳالهہ اسان شهر ۾ تڪائيءَ سان محسوس ڪرڻ لڳاسين. جوان هئڻ جي ناتي اسان بيئي، خبر ناهي ڇو، پنهنجي وچ ۾ هڪ اوچي ۽ مضبوط ديوار محي ويناسين. هو جڏهن بہ شهر ايندو هو، ڏاڍي مجبور ڪِل ڪلندو هو ۽ متئين طبقي جي سماج تي نُڪتچيني ڪندو هو. ۽ جيڪڏهن ڪو بہ متئين طبقي جو فرد سامهون وينو هوندو هو تہ اُداس تي ماٺ ڪري ويهي رهندو هو. اڄ ڪالهہ جا نوجوان بيحد ڊڄڻا، موڳا ۽ اُداس تي ويندا آهن، ڏاڍو جلدي ٺاهہ ڪري وٺندا آهن، ڇو تہ بدنصيب هوندا آهن. جدوجهد ڪرڻ بدران نڪتچيني ڪندا رهندا آهن.

ماٺهو مون کي پيار ڪندا هئا. زندگيءَ ۾ سُک ئي سُک هو. آرام سان رهندي هيس. مون کي خبر نہ هئي تہ مون کي ڪنهن جو اوسيئڙو آهي ۽ زندگيءَ کان ڇا گهرجي؟ 7 وقت پر لڳائي اُڏامندو رهيو.

⊙

بابو گذاري ويو. وقت جي پيرن جا نشان منهنجي ڇهري تي پسجڻ لڳا. مينهن جي گجگوڙ، بادل، دل کي خوش ڪندڙ خيال، پيار جون ڳالهيون جيڪي مون کي وٽنديون هيون ۽ اُتساهہ ڏياريندڙيون هيون، هاڻي يادون بنجي رهجي ويون هيون. سڀ ڳالهيون خالي لڳڻ لڳيون، هڪ مئل ماٺهو مثل. اُفق اونداهو ۽ عجيب لڳڻ لڳو.

تڏهن گهنٽي وڳي. پيوتر سرگي يي وچ آيو هو. جڏهن سياري ۾ وٽن کي ڏسندي آهيان تہ ياد ايندو اهي تہ اهي ئي وڻ اونهاري ۾ ڪيڏا پريل تريل لڳندا آهن. مان پڻ پڻ ڪرڻ لڳيس، ”منهنجا پيارو!، جڏهن مان انهن ماڻهن جي باري ۾ سوچڻ لڳيس، جن سان مون جوانيءَ جا ڏينهن گذاري ڇڏيا تہ منهنجي دل احتجاج ۽ گرمائش سان پرجي ويئي ۽ پوءِ اُهي ئي لفظ ورجائڻ لڳيس.

پيوتر سرگي يي وچ بڊو تي ويو هو ۽ ڪمزور ڏسڻ ۾ تي آيو. هن گهٽا ڏينهن اڳ پيار جون ڳالهيون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيون

هيون. هاڻي هو ايترو ڳالهائيندو به نه هو ۽ پنهنجي ڪم تي به نه ويندو هو. ڪا بيماري لڳي ويئي هيس شايد. ائين تي لڳو ڄڻ ڏاڍو نراس ۽ مايوس تي زندگي گذاري رهيو هو.

هو آڳيڻيءَ جي پرسان اچي وينو ۽ ماٺ ڪري ٻرندڙ باهه ڏانهن ڏسڻ لڳو. مون کي ڪجهه نٿي سُجهيو ته ڇا پُڇان، پوءِ به مون پڇيو، ”ڇاڳالهه آهي؟“

”ڪجهه نه.“ هن وراڻيو.

۽ پوءِ ماٺ ڇانئجي ويئي. باهه جي ڳاڙهي روشني سندس اُداس چهري تي پئجي رهي هئي.

مون کي پراڻيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. اوچتو منهنجا ڪلها ڏڪڻ لڳا، مٿو هيٺين طرف جهڪڻ لڳو ۽ مان سڏڪا ڀري رُئڻ لڳيس. پنهنجي لاءِ ۽ پيوتر سرگي يي وچ جي لاءِ نه سهڻ جوڳي روپ کان ڏُکي ٿيڻ لڳيس. اُن وقت پنهنجي معزز هجڻ ۽ دولتمند هجڻ جو خيال منهنجي دل ۾ بلڪل نه آيو.

مان زور زور سان سڏڪا ڀريندي لونڊڙي کي زور سان دٻائيندي ٻڙٻڙائي رهي هيس، ”زندگي برباد ٿي ويئي. زندگي برباد ٿي ويئي.“

پيوتر سرگي يي وچ چپ چاپ وينو هو. هن ايترو به نه چيو ته نه روءُ. هن سمجهايو ٿي ته روئڻ ضروري آهي ۽ هاڻي روئڻ جو وقت به اچي ويو هو، منهنجي لاءِ سندس اکين ۾ احتجاج ڏسڻ ۾ پئي آيو. منهنجي دل به مايوس ۽ مرجهايل پيوتر سرگي يي وچ جي لاءِ، جيڪو منهنجي ۽ پنهنجي، ٻنهي جي زندگين کي سڦل نٿي بنائي سگهيو، رحم ۽ ڏُک سان ڀرجي ويئي.

⊙

موڪلائڻ وقت جاڻي واڻي هن پوستين جو وڏو ڪوٽ پهرڻ ۾ دير ڪئي، ٻه ڀيرا منهنجو هٿ چميائين ۽ دير تائين روئڻهارڪو ٿي مون کي ڏسندو رهيو. اُن وقت شايد هو اُنهيءَ ڏينهن جي طوفان، مينهن ۽ منهنجي چهري کي ياد ڪري رهيو هو. هن مون کي ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي ۽ شايد چوڻ کان پوءِ خوش به ٿئي ها، پر هن ڪجهه به نه چيو، رڳو دير تائين منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ

۾ دٻائيندو رهيو.

ڪانئس موڪلائي مان ڪمري ۾ واپس آيس ۽ آڳيٺيءَ جي اڳيان پيل فراش تي ويهي رهيس. آڳيٺيءَ جا لال ٻرندڙ اڱر وسامي رک ۾ بدلجي ويا هئا ۽ هوا آڳيٺيءَ جي چمنيءَ ۾ داخل ٿي عجيب سنگيت پيدا ڪري رهي هئي.

ڪمري ۾ گهڙندي ئي نوڪرياڻي مون کي سڏ ڪيو.□□□

# هڪ جوان شخص

## آرڪادي ايوَر چينڪو

### روسي (روس)

هن ڏُڪاري ۽ ڏُک- انت ڪهاڻيءَ جي شروعات هن طرح ٿي- هڪ اوچي عمارت جي ڇهين ماڙ تي هڪ ڪمري ۾ ٽي ڄڻا ٽڪا مٺا ٿي رهيا هئا.

عورت پريل گوري ٻانهن سان چادر جي ڇيڙي کي ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ کي ڍڪي ڇڏيو هو. هوءَ وساري ويٺي هئي ته هنڌ جي چادر ڪيس پوري طرح ڪيئن ڍڪي سگهندي ۽ سندس اگهاڙي جسم کي گوڏن تائين ڪيئن ڍڪي سگهندي. هوءَ روئي رهي هئي ۽ سُڏڪندي چئي رهي هئي، ”جوهن! مان قسم ٿي کڻان، منهنجو ڪو قصور ناهي. هن منهنجو دماغ ڦيرائي ڇڏيو، ۽ مون کي ائين جهلي پڇاڙيو اٿس. سچ، اهو منهنجي مرضيءَ سان نه ٿيو آهي. مون پاڻ بچائڻ جا ڏاڍا جتن ڪيا...“

۽ مرد، جنهن کي ٽوپلو ۽ اووَرڪوٽ پاتل هئا، ڪاوڙ مان، ڪمري ۾ وينل ٽئين ڄڻي کي ڦٽڪاري رهيو هو: ”ڪميڻا! مان توکي رولو ڪتن جيان ماري ڇڏيندس. قانون منهنجو طرفدار ٿيندو. تنهنجي اعمالن جي سزا توکي ئي ڀوڳڻي پوندي. ذليل، عورتن کي برغلائيندڙ تون!“

ٽيون ڄڻو هڪ جوان مرد هو. جيتوڻيڪ کيس سنا ڪپڙا پيل نه هئا، پوءِ به ناهوڪو پئي لڳو. هن چيو، ”مان؟... ڇو؟.... مون ڪجهه به نه ڪيو آهي... مان...“ هو الزام کان انڪاري ٿيندي، ڪمري جي هڪ خالي ڪُنڊ ڏانهن اُداسيءَ وچان ڏسي رهيو هو.

”تو ڪجهه نه ڪيو آهي؟ بي حَيا...“ ۽ اووَرڪوٽ واري ڏکي شخص ٻاهر گهٽيءَ ۾ کُلندڙ دريءَ کي ڌڪو ڏيئي کوليو ۽ اُنهيءَ

شخص کي جهلي دريءَ کان ٻاهر ڌڪو ڏنو.

ٻاهر هوا ۾ ڪرندڙ شخص پنهنجي صدريءَ جا بيڙا بند ڪيا ۽ پنهنجي همٿ گڏ ڪيائين. ’ڪا ڳالهه ناهي. منهنجي هار مون کي سگهارو بنائيندي.‘

۽ هو پولار ۾ اڏامندو هيناهين ڏانهن پئي ويو. اجا هيٺ پنجماڙ تائين نه پهتو هو ته سندس اندر مان ٽڏو ساهه نڪتو. جنهن عورت کي هو هاڻي ڇهماڙ تي ڪمري ۾ ڇڏي آيو هو، اُن جي ياد، سندس من ۾ زهريلي ڪؤڙاڻ پري ڇڏي هئي. ”خدايا، مون ساڻس محبت ڇو ڪئي؟ پنهنجي مڙس سامهون ڪجهه به قبولڻ جو منجهس ساهس نه هو. تون سندس مدد ڪج. مون ته هاڻي اهو مجي ورتو آهي ته مان هن جي لاءِ اجنبي بنجي ويو آهيان. ڪائنس تمام گهڻو ڏور!“

ايتري ۾ هو هيٺ پنجماڙ تائين اچي ويو ۽ دريءَ جي اڳيان، ڪجهه چاڻڻ جي خيال کان، هن اندر جهاتي پاتي. اُتي هڪ جوان ڇوڪرو ڪاڏيءَ جي هينان هٿ جي تري رکي، ميز تي پيل ڪتاب پڙهي رهيو هو. ڪيس ڏسي، پولار ۾ اڏامندڙ شخص کي پنهنجي زندگيءَ جو گذريل وقت ياد آيو: مون ڪڏهن کان پنهنجي ڪتابن کي وساري ڇڏيو آهي. پنهنجا ڏينهن اجاين ڳالهين ۾ وڃائي ڇڏيا آهن. جيڪو شخص دل لڳائي ڪتاب پڙهندو، ڪيس ڪائنات جي راز جي ڄاڻ رڳو منجهانئن ملندي.

’پيارا شاگرد!‘ هن وڏي سڏ پڪاري چوڻ چاهيو، ’تو منهنجي اندر ۾ گهڻو ڪجهه جاڳائي ڇڏيو آهي. زندگيءَ ۾ غرور لاءِ جيڪو منهنجو اجايو لاڙو هو، تو مون کي اُن مان ٻاهر ڪڍي ورتو آهي. غرور مون کي اُتي پهچايو هو، جيڪو هاڻي ڇهين ماڙ تي ٿيو هو...‘

پر هن ائين نٿي چاهيو ته اِيياس ۾ محو شاگرد جو ڌيان ٽُٽي، ان ڪري چپ رهيو. ۽ هيٺ چوٿين ماڙ تائين پهچندي پهچندي سندس ڌيان هڪ ٻئي پاسي هليو ويو- دل ۾ منو سُور اُيريس ۽ خوشيءَ ۽ اُداسيءَ وچان سندس مٿو قرڻ لڳو. چوٿين ماڙ جي دريءَ ۾ هڪ جوان ڇوڪري ويٺي هئي. سندس اڳيان ڪپڙن سبڻ جي مشين رکي هئي. پر سندس سهڻا سنهڙا هٿ اُن وقت بنان چرپر جي هئا ۽ سندس نيرن ڳلن جهڙيون اکيون، سپنن سان پريل، ڏور

پولار ۾ تڪي رهيون هيون.

اسان جو هيءُ نوجوان پنهنجون اکيون چنيي نه سگهيو. سندس من هڪ نئين ۽ متاثر ڪُن جذبي سان پرجي ويو. اڄ کان اڳ، جيترين به عورتن لاءِ سندس من ۾ چڪ پيدا ٿي هئي، ڪن لاءِ يا ٿوري وقت لاءِ هئي. ۽ سچ ته اهو هو ته هن عجيب پُراسرار لفظ 'محبت' جي معنيٰ به نٿي ڄاتي.

هو سانتيڪي گهرو جيون جي تصور ۾ گم ٿي ويو، جنهن ۾ لفظن کان سواءِ پيار ٿيندو آهي، جنهن ۾ وجود مُرڪي اٿندو آهي، ۽ چؤطرف هڪ خاص قسم جو سُڪون ڦهلجي ويندو آهي، ۽ انهيءَ جذبي کي اينڊڙ ماڙ اڳي کان وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيو.

هيٺ ٺماڙ جي دريءَ ۾ هڪ ماءُ وينل هئي جا ڪلندي ڪلندي لولي ڏيئي رهي هئي ۽ پنهنجي ڳاڙهي ڳٿول ٻار کي پيار ڪري رهي هئي. سندس اکيون مامتا وچان چمڪي رهيون رهيون.

'مان چوٿين ماڙ واري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو، ۽ اهڙو گلابي ڳاڙهو ڳٿول ٻار چاهيان ٿو جهڙو سامهون ٺماڙ تي پيو ڏسجي.' هو مُرڪيو. 'مان پنهنجي سموري زندگي پنهنجي گهر کي ارپڻ ڪري ڇڏيندس ۽ پنهنجي زال ۽ ٻار جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي ڏسندس."

پر هاڻي ٻماڙ اچي ويئي هئي ۽ اُتي هُن جيڪي ڏٺو، اُن سندس ڏيان ٽوڙي ڇڏيو.

اُتي هڪ شخص، جنهن جا وار وکريل ۽ اکيون اُداس ۽ پٽڪيل ٿي لڳيون، هڪ قيمتي ميز پرسان وينو هو. هو سامهون رکيل فريم ۾ جڙيل تصوير ڏانهن يڪٽڪ نهاري رهيو هو ۽ ساڄي هٿ سان ڪاغذ تي ڪجهه لکي رهيو هو. سندس کابي هٿ ۾ پستول جهليل هو. هن اُن مهل اهو پستول پنهنجي لونڊڙي تي آندو.

ڪمري جي سجاوٽ ۽ خوشحالي ٻڌايو پئي ته زندگيءَ ۾ اجا بيو ڪجهه به هو، جنهن کي اهي سجاوٽ ۽ خوشحالي به ڪجهه نٿي ڏيئي سگهيا- نه گهر، نه ڪٽنب، نه خاندان ڪجهه ڪري سگهيا ٿي- اهو اهڙو سگهارو ۽ پوائنٽوشر...

'اهو ڇا ٿو ٿي سگهي؟' سندس من ڳؤرو ٿي ويو ۽ زندگي سندس سوال جو جواب ڪيس پهرئين ماڙ تي ڏيڻ گهريو، جتي

هاڻي هو پهچي رهيو هو...

دريءَ جي پردي پويان، دريءَ ۾ هڪ جوان ڇوڪرو قيمتي ڪپڙا پايو بيٺو هو، ۽ هڪ عورت، جنهن کي پورا ڪپڙا پاتل هئا، سندس گوڏن تي جهڪيل هئي. هوءَ سندس وارن ۾ پنهنجون گلابي آڱريون ڦيري رهي هئي ۽ ڏاڍو مست ٿي ڪيس چمي پاڻ سان ويڙهي رهي هئي...

ڪيس ياد آيو ته انهيءَ عورت کي هن سندس مڙس سان گڏ ڪٽي ڏٺو هو، ۽ اها ڳالهه پڪي هئي ته اهو نوجوان سندس مڙس نه هو- سندس مڙس ته ڪارن گهنڊيدار وارن وارو هڪ وڏي ڄمار جو شخص هو، ۽ نوجوان جا وار ڀوري رنگ جا هئا...

۽ سندس ذهن تي ڀهريون ڏيک تري آيو. ڪتابن وارو شاگرد، سهڻي جوانڙيءَ سان شادي ڪندڙ ۽ ڳاڙهي ڳٽول گلابي ٻار کي ڪير پيارڻيندڙ. پر هن اڳتي جيڪي ڏٺو هو، اُن کي ياد ڪري سندس دل پرجي آئي. جنهن خوشيءَ جو هن سپنو ڏٺو هو، اُن جو ڪو ڀروسو نه هو- ڀوري وارن واري نوجوان وٽ وينل عورت ڪيس پنهنجي زال لڳي، ۽ ٻاڙ وارو شخص، جيڪو من جي پيڙا ڪان بچڻ لاءِ وياڪل هو، ڪيس به سڄاڻي ورتائين.

’جيڪو ڪجهه مون ڏٺو آهي، اُن لاءِ جيئڻ ڪهڙي ڪم جو؟ اها سڀ ڪجهه بيوقوفي آهي ۽ دل ٽوڙيندڙ به‘ ڪيس هڪ پيلي اُداس ڪِل آئي.

۽ هن جڏهن رود جي پٽرائين پنڙيءَ کي ڇهيو ته سندس دل هڪ پيرو به نه لڌي ۽ زندگيءَ جي سيني اجاين ڪردارن کي وساري، هن پنهنجو مٿو هڪ اهڙي پٿر سا هنيو جنهن سان سندس پيڙا جو ڪو تعلق نه هو.

۽ سندس بيحرڪت جسم جي چوڌاري جڏهن ماڻهو مڙيا ته منجهانئن ڪنهن جي به تصور ۾ نه آيو ته هاڻي ڪجهه ئي ڪنن ۾ ’هن دنيا جو ڇا ڪجهه نه ڏسي ورتو هو!‘ □□□

# البينا

## يوردن يوڪوف

### روسي (روس)

گهوڙي گاڏي سراءِ جي چڪيءَ جي پرسان روڊ تي اچي بيهي رهي. انهيءَ گهوڙي گاڏيءَ ۾ ٻه پوليس وارا وينل هئا، جيڪي البينا کي شهر وٺي وڃڻ لاءِ آيا هئا. عورتون جلدي جلدي پنهنجي گهرن مان متي تي رومال ٻڌندي يا ڪم ۾ رڌل هئڻ ڪري چولي جون چڙهيل ٻانهون هيٺ لاهيندي ٻاهر نڪري آيون. روڊ تي چا پئي ٿيو، اهو ڏسڻ جي ڪين ڏاڍي اُڻ ٽُڻ هئي. چڪيءَ ۾ موجود ماڻهو ٻه ٻاهر نڪري آيا هئا. انهيءَ ڏينهن کان اڳ اُتي ماڻهن جو ايڏو ميڙ ڪڏهن ٻه گڏ نه ٿيو هو. ايسٽر جو موقعو هو. البينا جو گهر، جتان کيس گرفتار ڪرڻو هو، متي ٽڪريءَ تي چٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو. ائين تي لڳو جڻ انهيءَ ڏڪائيندڙ قتل جو اثر، جيڪو انهيءَ گهر ۾ ٿيو هو، گهر جي درن ۽ ڀتين تي ٻه ٿيو هجي. آسپاس جي گهرن تي پوچي ٿي چڪي هئي ۽ درن درين تي نيرو رنگ ٿيل هو. انهيءَ ڪري اهي اُس ۾ چمڪي رهيا هئا. پر البينا جو گهر بي توجهي جو شڪار، گندو ۽ پڳل ٽتل نظر اچي رهيو هو. ائين تي لڳو جڻ متس وج ڪري هجي.

هاڻي ٻئي پوليس وارا البينا جي گهر جي ويجهو پهچي چڪا هئا. هڪ جڻو در ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ ٻيو دريءَ ڏانهن. البينا اجا تائين گهر اندر ئي هئي.

گهڻيئي ڳالهيون ۽ گهڻا ئي نَنڍا ننڍا واقعا، جن ڏانهن عام حالتن ۾ شايد ڪو ڌيان ٻه نه ڏي، ماڻهو ڪڏهوڪو وساري چڪا هئا، هاڻي ڪوٺي ڪوٺي يادن جي ڍير هينان ڪڍيا پئي ويا ۽ هڪ ٻه پيرا نه

بلڪ هر هر ورجايا پئي ويا. هر ڪنهن ماڻهو اهو ظاهر ڪرڻ تي گهريو تہ هن غيب جي پردي ۾ ليئو پائي انهن واقعن کي پهرين ئي معلوم ڪري ورتو هو يا گهٽ ۾ گهٽ ڪيس اهو احساس ضرور هو تہ ائين ٿيڻ وارو آهي. چڪيءَ جا مزور پڻ، جيڪي پنهنجي واري جي انتظار ۾ اتي موجود هئا، پنهنجو پاڻ کي انهن واقعن جا ويجها شاهد سمجهي رهيا هئا. منجهانئن ڪنهن وڏي تفصيل سان ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ هڪ ڏينهن هو ڪيئن وينو هو، ڪهڙي طرح هن پهرين مُرغابين جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، جيڪي انهيءَ سال وقت کان پهرين ئي اچي ويون هيون، پوءِ ڪهڙي طرح سندس ڏيان لهرائيندڙ ٻنين ڏانهن هليو ويو هو. اهڙيءَ طرح اهي اُهو ذڪر ڇيڙي وينا هئا تہ هن سال کان اڳ، ڪنهن زماني ۾ فصل ايڏو سنو لٿو هو جو ڪٽڪ جي تيلن جي اوسر روڪڻ لاءِ اهو قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو هو تہ چوپائي مال کي ٻنين ۾ ڇڏيو وڃي. ان کان پوءِ ڪٿي انهن وجي ٻڌايو هو تہ عورتون ڪيئن ايسٽر لاءِ پنهنجي گهرن ۾ ڇَن جي پوچي ڪري پاڻ کي ٿڪائي رهيون هيون. انهن البينا کي بہ اڳڻ ۾ هلندي چلندي ڏيکاريو. ها، البينا کي، ڇو تہ فاصلي جي باجود هوءَ پنهنجي مخصوص چال ۽ پنهنجي قد ڪاٺ جي ڪري صاف سڃاتي ويندي هئي. پر انهيءَ ڏينهن البينا چشمي تي نہ ويئي. هن سراءِ جو رخ بہ نہ ڪيو. هوءَ چڪيءَ تي بہ نہ آئي جتي سندس مڙس ڪاؤسٽر ڪم ڪندو هو.

جيڪڏهن ڪاؤسٽر جي بدران مقتول ڪو ٻيو شخص هجي ها تہ شايد ئي ڪنهن کي منجهس شڪ پوي ها. هو هڪ بڇڙو، بدصورت ۽ سڌو سنواٽو ماڻهو هو، جيڪو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو هو ۽ خاموشي رهندي مشين وانگر ٽڪجڻ جي نالي کان بي خبر، نهن کان چوٽيءَ تائين اتي ۾ اٽيل، اُتي جون ڳوٽيون هِتان کان هُتي پهچائيندو رهندو هو. اتي هو هر روز ۽ هر وقت موجود رهندو هو، پر ماڻهو ڏانهس ڏسندي پرسان اهڙي طرح لنگهي ويندا هئا ڄڻ هو انسان نہ ڪا بيجان شيءِ هجي.

شروع شروع ۾ ماڻهو سندس باري ۾ ڳالهيون ڪندا هئا، پر رڳو انهيءَ حيرت ۽ تعجب جو اظهار ڪرڻ لاءِ تہ هُن جهڙي

بدصورت انسان، البينا جهڙي خوبصورت ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. پوءِ انهن اهڙي قسم جون ڳالهون ڪرڻ به ڇڏي ڏنيون. ڳوناٽا به ڪائوسٽر کي وساري چڪا هئا. البت هاٽي کان ماڻهن کي ياد آيو ته هو صابر ۽ شاڪر انسان پنهنجن پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ميڙاڪ ۽ بدمزاج ٿي پيو هو. البت هو ڇڪيءَ جي مالڪ نيا گول جون ڳالهيون نوڪرن وانگر ٻڌندو هو ۽ اهڙيءَ طرح انهن تي عمل ڪندو هو. پر قتل ٿيڻ کان به ٽي ڏينهن اڳ، جڏهن نيا گول کيس ڪجهه چيو هو ته هو پنهنجي منهن ڪجهه پڙڪڻ ۽ ڪنبڻ لڳو هو. پوءِ هن ٽيڏي نگاهن سان ڏانهس ڏٺو هو. کيس ڪاوڙ ڏيارڻ لاءِ نياگول جو سندس سامهون اچڻ يا سندس آواز ڪن پوڻ ئي ڪافي هو.

متبرڪ هفتي جي دوران اربعا ڏينهن اها خبر پکڙجي ويئي ته ڪائوسٽر مري ويو. اجا ماڻهو اهو پڇي ئي رهيا هئا ته اهو ڪيئن ٿيو ته اهو افواهه ڦهلجي ويو ته کيس قتل ڪيو ويو آهي. سندس پٽ، جيڪو اجا ٻن ورهين جو ٻار هو، ٻڌايو..... ۽ ماڻهو خدا جي قدرت جا قائل ٿي ويا ته رات جو سندس ماءُ سندس پيءُ جي ڇهري تي پنهنجو رئو وجهي ڇڏيو هو ۽ هڪ ماڻهو ٻاهران اچي ساڻس وڙهڻ لڳو هو. کيس جئڪيٽ، جنهن ۾ هن سمور لڳائي رکيو هو، پاتل هئي. ٻار ايترو ئي ٻڌايو هو ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ضرورت به نه هئي. البينا انهن ڳالهين جو اقرار ڪري ڇڏيو هو پر ڌمڪين ۽ لالچ جي باوجود هن اهو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته اهو شخص ڪير هو.

انهيءَ مرحلي کان اڳتي دادا ولاسيو مُک شاهد هو. هن کي ڪو ڪم نه هوندو هو. بس من موجي ڳاليهر پوڙهو هو ۽ ڇڪيءَ جي پرسان سراءِ جي چوڌاري چڪر پيو هڻندو هو. جڏهن ڪو پيئڻ پيارڻ لاءِ ويهندو هو ته دادا ولاسيو وٽس پهچي ويندو هو ۽ کيس چرچا ۽ ڳانا ٻڌائڻ لڳندو هو ۽ پوءِ هڪ گلاس سندس اڳيان به رکيو ويندو هو. هتي سراءِ ۾ کيس هڪ اهڙو ماڻهو مليو هو جنهن کي سمور لڳل گهر جي ٺهيل جئڪيٽ پاتل هئي. هو سهڻو نوجوان هو. سندس سمور جي ٽوپي پنئين طرف لڙيل هئي ۽ وارن جي ڇڳ نرڙ تي ڪيڏندي رهندي هئي. کيس ڏسي اهو ٻڌائڻ

ڏکيو نہ هو تہ هو ڪنهن جادو ۾ ورتل هو. ٻيا سڀ ماڻهو سندس چوڌاري نچي رهيا هئا، ڳائي رهيا هئا ۽ ڏاڍ شور مچائي رهيا هئا پر هو تہ چڻ پوڙهي تي ويو هو. سندس نگاهن ۾ تہ البينا سمايل هئي جيڪا اڳڻ ۾ هڪ رنگين جهرڪي وانگر هيڏانهن هوڏانهن اڏرندي رهندي هئي. اهو نوجوان اتي بہ ڏينهن ترسيو هو ۽ پوءِ گم ٿي ويو. صبح جو ماڻهن ٻڌو تہ ڪاؤسٽر قتل ٿي ويو.

دادا ولاسيو انهيءَ نوجوان سان ڪاٺ پيئڻ ۾ گڏ رهيو، تنهن ڪري سندس شاهديءَ سان پوليس ڪي نوجوان کي ڳولهڻ ۾ سولائي ٿي پيئي. انهن ڪيس ڳولهي ورتو ۽ گرفتار ڪيائون. هاڻي ڪائنس پڇا ڳاڇا ٿي رهي هئي. سندس چوڻ هو تہ مون کي انهيءَ حادثي جي باري ۾ ڪا بہ خبر ناهي. پر پوليس کي انهن ڳالهين تي ويساهہ نہ آيو ۽ سندن خيال هو تہ نوجوان جلدي سچ چوندو، جيئن البينا سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو.

”هو اچن پيا!“ ڪنهن چيو، ”هو البينا کي وٺيو پيا اچن!“ گهوڙا گاڏيءَ جي آس پاس پيچ ٻڪ مچي ويئي. ٽڪريءَ تان البينا لهندي پئي آئي ۽ بہ پوليس وارا سندس پويان پويان اچي رهيا هئا. هر شخص کي خبر هئي تہ البينا ايتري مهلت گهري هئي تہ هوءَ پنهنجي مرضيءَ مطابق پوشاڪ پائي وٺي. انهيءَ ڪري سندس اچڻ ۾ ايتري دير ٿي هئي. ۽ هاڻي هوءَ اچي رهي هئي. هن اهڙو لباس پاتو هو جو ڏسندڙ دنگ رهجي ويا هئا.

”نيٺ هن اهي سورنهن سينگار ڪنهن جي لاءِ ڪيا آهن!“ هڪ عورت چيو، ”هو جيل پيئي وڃي يا شادي مرادي ۾؟“

”هوءَ جيل ۾ بہ خوبصورت نظر اچڻ چاهي ٿي!“

”اهڙي خوبصورتيءَ تي ٿُڪ هجي. اها خوبصورتي ئي تہ آهي جنهن ڪيس هن حال ۾ رسايو آهي.“

”دادا ولاسيو،“ هڪ عورت ڪلندي چيو، ”ڇا تون جنن سان وڙهي رهيو آهين؟ آخر تون اهو پنهنجو لڪڻ ڇو لوڏيندو وڃي رهيو آهين؟“

”مان تہ هونئن ئي لوڏيندس،“ دادا ولاسيو چيو، ”مان اهو ڏسڻ ٿو چاهيان تہ اهو ڪيستائين ٿو مار ڪري. هوءَ جڏهن منهنجي

اڳيان لنگهندي تہ مان سندس مٿي ۾ اهڙو زوردار ڌڪ هڻندس جو دنيا ڏسندي. چنبي ڪنهن جاءِ جي!“

البينا ويجهو اچي چڪي هئي. هوءَ ٻنهي پوليسوارن جي اڳيان اڳيان هلي رهي هئي. اتي هڪ شخص بہ اهڙو نہ هو جو ڪيس سڃاڻيندو نہ هجي. پر جڏهن انهن ڪيس ويجهو ٿي ڏٺو تہ ڪانئن ساهہ ڪٽڻ وسري ويو. البينا بلڪل اهڙي ئي نظر اچي رهي هئي. جهڙي هوءَ عام ڏينهن ۾ هوندي هئي، سواءِ انهيءَ جي جو هوءَ مرڪي نہ رهي هئي ۽ سندس اکيون، جيڪي هر وقت بي قرار نظر ايندڀون هيون، هاڻي زمين ۾ ڪتل هيون. هن کي نيري قميص ۽ ٻنان ٻانهن جي اوني جئڪيٽ، جنهن جي ڪنارن تي سمور لڳل هو، پاتل هيون. سندس وار ٻڌل هئا جڻ هوءَ چرچ ويندي هجي.

هوءَ جڏهن ماڻهن جي ٻن قطارن جي وچ ۾ آئي تہ هن نگاهون مٿي ڪنيون. اهي ئي جاتل سڃاتل اکيون، جن ۾ هاڻي ڏک جو گهرو رنگ بہ شامل ٿي ويو هو ۽ وڌيڪ خوبصورت لڳي رهيون هيون، جن مان هڪ طلسماتي لهر نڪرندي معلوم ٿي ٿي، جنهن اتي موجود ماڻهن کي بنا چرپر جي بيهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. هوءَ هڪ بدڪردار ۽ گنهگار عورت هئي پر خوبصورت هئي. انهن عورتن جي، جن مٿس ٿوڪ هڻڻ چاهي ٿي، زبان گونگي ٿي ويئي هئي ۽ دادا ولاسيو کي پنهنجو لڪڻ مٿس وسائڻ جو خيال ئي نہ آيو.

انهيءَ هڪ هنڌ ڇميل وايومنڊل ۾ ڪجهہ ڪنن لاءِ اهو هڪ دل ٻڄائيندڙ واقعو هو ۽ ماڻهن جي اکين ۾ البينا جي لاءِ همدردي ۽ پيار اُمنڊجي آيو.

”البينا هي تو ڇا ڪيو، منهنجي ڌي!“ هڪ عورت جو درد ڀريو آواز اُڀريو، ”ائين ڇو ڪيو؟“

”اوهہ البينا، اوهہ البينا!“

البينا بيهي رهي.

”آنتي ڊوڪا،“ هوءَ عورت کي مخاطب ٿي، ”مون کي معاف ڪر.“ پوءِ هن منهن ٻئي پاسي ڪري چيو، ”لوئسما، ٿودورڪا، سائوڪا مون کي معاف ڪري ڇڏيو. خدا حافظ! توهان سيني کي خدا حافظ!“

ڪيترن ئي اکين مان لڙڪي وهي هليا، پر البينا گهري ڏک جي باوجود انتهائي پُرسڪون انداز ۾ قدم کڻندي رهي. اج بہ هوءَ ڪيڏي خوبصورت نظر اچي رهي هئي!

ماڻهن سڏڪا پئي پريا ۽ بي اختيار سندس طرف وڌڻ لڳا. عورتون تيزيءَ سان اڳتي وڌيون تہ پوليس وارن کين روڪي پوئتي وري وڃڻ لاءِ چيو. پوءِ ڪتي ميڙ جي پويان دادا ولاسيو جو آواز ايريو:

"اڙي هن کي روڪيو، هن کان سواءِ ڳوٺ اُجڙي ويندو." البينا گهوڙي گاڏيءَ جي ويجهو پهچي منجهس چڙهي سينو تاڻي بيهي رهي. پوءِ هن وڏي واڪي چيو، "مان گنهگار آهيان، لوڪو مون کي معاف ڪجو!"

پوءِ هوءَ ويهي رهي. هوءَ خاموش ۽ پُرسڪون هئي. سندس ٻآر کي وٽس آندوويو. هيءُ اهو ئي ٻار هو، جنهن سندس راز تان پردو هٽايو هو. ۽ جڏهن ماڻهن ڏٺو تہ هن ڪهڙي طرح کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي زور سان ڀاڪر پاتو هو ۽ بي تحاشا پيار ڪيو هو تہ ضبط جا سپ بند ٽٽي پيا هئا ۽اکين مان پاڻي وهي هليو هو.

اوچتو ڇڪي بيهي رهي. اهو انجڻ جيڪو ڏينهن رات هلندو رهندو هو اوچتو بند ٿي ويو. ماڻهن سوچيو تہ شايد ڪا خرابي ٿي ويئي هوندي، پوءِ ڇڪيءَ جي دروازي ۾ نيا گول پڌرو ٿيو ۽ ميڙ ڏانهن اچڻ لڳو.

هو بہ البينا کي هڪ نظر ڏسڻ چاهي ٿو! ماڻهن سوچيو پر نيا گول ماڻهن کي ڌڪيندو گهوڙي گاڏيءَ ڏانهن وڌي ويو. رستي ۾ هن گهر جي ناهيل اوني جئڪيٽ، جنهن جي ڪالر ۾ سمور لڳل هو، پاتي، ۽ گهوڙي گاڏيءَ جي پرسان پهچي، منجهس چڙهي البينا سان گڏ ويهي رهيو. ماڻهو هڪا ٻڪا ٿي ويا. جيڪڏهن نيا گول چرچو ڪري رهيو هو تہ کيس ڪِلڻ گهرجي ها پر سندس رنگ تہ اڏاميل هو.

"هيٺ لهہ." پوليس واري کُلهي کان جهلي کيس هيٺ لاهڻ چاهيو.

"مان هيٺ نہ لهندس." نيا گول چيو. "ڪاؤسٽر کي مون قتل ڪيو آهي."

”ڇا! ڇا چيئہ، تو قتل ڪيو آهي؟“ مارن چڪيا جيڪو ڊپٽي ميئر هو رڙ ڪئي. ”ڪڏهن بہ نہ. ڀلا اهو ڪيئن تو ٿي سگهي!،
پوليس وارا هڪٻئي جو منهن تڪڻ لڳا.
”ڇا هي سچ تو چوي؟، هنن البينا کان پڇيو.
البينا هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ زارو قطار روئڻ لڳي.
ماٺهو گهوڙي گاڏيءَ ڏانهن وڌندا اچي رهيا هئا. اهي اچرج ۾ هئا. پوءِ انهن ڏٺو تہ نياگول بہ رنگ جو گورو ۽ خوبصورت هو. سندس سمور جي ٽوپي بہ پويان لڙيل هئي ۽ سندس وارن جي چڳ سندس نرڙ تي ڪيڏي رهي هئي. ڪيس بہ گهر جي ناهيل ننڍي جئڪيٽ، جنهن جي ڪالر م سمور لڳل هو، پاتل هئي. هاڻي هر ڳالهہ ڏينهن جي اُجالي وانگر چٽي هئي. ماڻهو هوريان هوريان وڏي آواز ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا. اهي اچرج جي ڪُن مان نڪتا تہ گهڙي کن لاءِ البينا جي لاءِ انهن جي دلين ۾ جيڪي همدردي ۽ پيار جا جذبا پيدا ٿيا هئا، نفرت جي سيلاب ۾ وهي ويا. عورتن جون نگاهون نفرت جون چڻنگون وسائڻ لڳيون. هڪ پيرو وري دادا ولاسيو جو لڪڻ حرڪت ۾ آيو. ”ڪتي!“ هن دانهن ڪئي، ”هن هڪ ٻيو گهر تباهہ ڪري ڇڏيو.“ ماڻهن جي چهرن تي ڏک ۽ اداسي جو غبار ڄمي ويو. البينا جي خلاف ڪجهہ چوڻ لاءِ وٽن لفظ نہ هئا پر اهي نياگول کي هن جي پرسان وينل بہ نہ ٿي ڏسي سگهيا. حالتن ايڏي تيزي سان رخ موڙيو هو جو ڪنهن جي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نٿي آيو تہ ڇا ڪري يا ڇا چوي!
مارن چڪيا ڊپٽي ميئر بہ ڏاڍو پريشان پئي نظر آيو.
”اها ڳالهہ سچي نٿي ٿي سگهي“ هن هيڏاهن هوڏانهن ڏسندي چوڻ شروع ڪيو. ”اهو ڪيئن تو ٿي سگهي تہ نياگول.... اسان سڀ ڪانئس واقف آهيون، هو هڪ چڱو ماڻهو آهي. اها ڳالهہ ممڪن ئي نٿي سگهي. هيٺ لهي اچ، هيٺ لهي اچ نيا گول!“
”هلو!“ سارجنٽ جيڪو هاڻي گاڏيءَ ۾ ويهي چڪو هو، رڙ ڪئي.
”سارجنٽ، هڪ منٽ ترس. اها ڳالهہ ممڪن ئي نہ آهي. هن شخص جي زال آهي، ٻار آهن.“

”هلو!“ سارجنٽ گهوڙي گاڏي هلائيندڙ کي حڪم ڏنو.

گهوڙي گاڏي هلڻ لڳي.

چڪيءَ مان هڪ عورت- بڍي ۽ وقت کان اڳ ڪومايل عورت ڊوڙندي ٻاهر آئي. هوءَ نياگول جي زال هئي. پهرين ته هوءَ ماٺهن جون ڳالهيون، ڪجهه سمجهڻ کان سواءِ ٻڌندي رهي پر پوءِ گهوڙي گاڏيءَ جي پٺيان ڊوڙڻ لڳي ۽ ڪجهه دير تائين ڊوڙندي رهي. پوءِ هڪدم بيهي زمين تي ڪري پيئي ۽ هٿن ۾ مُنهن لڪائي ٿُتي هانءَ روئڻ لڳي.□□□

# آزاديءَ خاطر

## جوليئس پئچڪ (فوچڪ)

### چيڪ (چيڪ)

اُڏامندڙ بمبار لاءِ اُهو نشانو آسان نہ هو!

هڪ ننڍي ڪاهي، جنهن جي اردگرد اَيلموي جا اڌ درجن ٻار رنگين بلورن سان راند ڪري رهيا هئا. جنگ گجگوڙ ڪندڙ مشين ڪي بند ڪري سگهي ٿي، فن جي شاهڪارن ڪي مٽائي سگهي ٿي ۽ شايد ديوتائن جا منهن بہ بند ڪري سگهي ٿي، پر ٻارن جي راند ڪي روڪي نٿي سگهي.

پائليٽ نشانو تڪي، بم ٻارن جي وچ ۾ ڦٽو ڪيو.

ماڻهو پنهنجي گهرن مان ٻاهر نڪري آيا ۽ ڪاهي ڏانهن ڊوڙڻ لڳا. پنهنجن ٻارن جي مرده جسمن ڪي هنجن ۾ کڻندي سندن اکين مان لڙڪ لڙي پيا. انهن، سيني لاشن ڪي اسڪول جي ورانڊي ۾ فرش تي رکيو، جتان ڪجهہ وقت اڳ اُهي ٻار ڪيڏڻ نڪتا هئا.

ڪجهہ دير رکي سرڪاري فوٽوگرافر آيو ۽ ڏکندڙ هٿن سان ڪئميرا جهلي، لاش جي تصوير، پنهنجي ڪاري ڪئميرا جي اندرئين اونداهيءَ اندر محفوظ ڪري ڇڏيائين.

ٽن ڏينهن کان پوءِ اوچتو موت جا اهي تصويري دستاويز وائنا کان لنڊن، لنڊن کان پيرس ۽ پراگ تائين پهچي چڪا هئا ۽ اخبارن جي پهرئين صفحي تي سياه سرخين سان خبرون شايع ٿيون هيون. دنيا انهن خبرن کي ائين ڏٺو، جيئن حادثي وقت ايلموي جي رهاڪن ڏٺو هو.

بهار جي مند پنهنجي جواني تي هئي. ڪوئلي گُدام جي پنيان، هڪ اڪيلو وڻ گلن سان جهنجهيل نظر تي آيو جڻ رم چاف ٻوٽ جي مٺيهاٽي دونهين سان پريل سمنڊ جي مٿاڇري تي

آسمان جي ڪنهن هيڪل تاري جو پاڇو پئجي رهيو هجي. انهيءَ وڻ کي ڏسي محسوس ٿيو ٿي ته ڄڻ هو هڪ پير تي بيهي ڳوٺ جي ٻارن جي اڳواٽي ڪندو هجي، جيئن اُهي راند جي ميدان تي پهچي وڃن. اها ننڍي ڪاهي ٻه هڪ اهڙي جاءِ هئي، جتي اهي ڇهه ئي ٻار راند لاءِ ويندا هئا ۽ گرد و غبار کان پري وڃي پنهنجي راند ڪندا هئا. اڪيلائي ۾ ائين سوچيندا هئا، جيئن ڪو شاعر نئين نظم لاءِ نئون ۽ دلچسپ موضوع تلاش ڪري. اهو ئي هڪ پُرسڪون پاسو هو، جنهن طرف اسڪول جا ماستر پلجي ٻه نه ايندا هئا. گپ پريل رستو، لارين ۽ موٽرن جي هلچل ڪري پختو ٻڌجي ويو هو ۽ مٽانئس بلور ائين ترڪندا نظر ايندا هئا، جيئن سٽيي تختي تان پاٽيءَ جو ڦڙا. اها ئي هڪ اهڙي جاءِ هئي، جتي وري گهٽي ساوڪ نظر تي آئي، جيڪا ڪوئلن جي ڍير جي سخت سيني کي چيري ڦٽي نڪتي هئي، جتي ڪو پنهنجي هڪ جيڏن سان وڙهي سگهيو ٿي، سونهري خواب ڏسي سگهيو ٿي ۽ هڪ اڌ ڪانچ جي رنگين بلورن کي هاري ڪٽي سگهيو ٿي.

پر جنهن ڏينهن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، انهيءَ ڏينهن اهي ڇهه ئي ٻار انهيءَ ڪوئلن جي ڍير پرسان راند ڪرڻ، پاڻ ۾ رسڻ پرچڻ، سونهري سپنن جي پينگهه لڏڻ يا رنگارنگي بلورن راند ڪرڻ ڪونه ويا هئا. هنن ته انهيءَ صاف سڙي ڪاهي ڏانهن، جيڪا هميشه وانگي سندن منتظر رهندي هئي، ڏنو ٻه ڪونه هو. سيني رستي جي پرسان ويهي ساوڪ ڏانهن پُٺي ڏيئي، پنهنجا متا هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيا هئائون.

فرتنا اسڪول جي ڪاپي ڪولي ۽ منجهانئس اخبار جو پنو ٻاهر ڪڍي، ڏاڍي احتياط سان گوڏي تي رکي سڌو ڪيو، بلڪل ائين جيئن پنهنجي پيءُ کي اخبار سڌي ڪندي ڏٺو هئائين. اخبار جي صفحي تي هڪ ابهم ٻار جو چهرو ڪين گهوريندو نظر آيو، جنهن جو متو غائب هو. تصوير جي هينيان لکيل هو: ’ايلموي جو هڪ معصوم ٻار.‘

فرتنا آهستي آهستي پوڙهن وانگي اخبار پڙهڻ شروع ڪئي. سندس ساٿي غور سان ٻڌڻ لڳا. هُن پڙهيو، ’ايلموي تي بمباريءَ

جي رپورٽ“ فاشزم جي بربريت جا خوني تفصيل ۽ اخبار جي ايڊيٽر طرفان شايع ٿيل ظلم خلاف متحده محاذ ناهڻ جي اپيل.‘
چوڪرا انهن لفظن جي مفهوم کان واقف ته نه هئا، پر فرتنا آهستي آهستي هِجي ڪري پڙهي پئي ٻڌايو. هنن پنهنجي عقل ۽ سمجهه مطابق مطلب ڪڍي ورتو- ايلوي جا ٻار؟ ها اُهي ئي، سچ پچ هنن وانگر! اهي به ته ڪوئلن جي ڍير پرسان، ڪاهيءَ جي ويجهو بلورن راند ڪرڻ ويا هئا، ته آسمان تان مٿن موت اچي ڪڙڪيو. ۽ ٻارن جون اداس نگاهون آسمان ڏانهن مٿي ڪجهي ويون. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو بادل نظر آين ٿي، پر دشمن جو ڪو پتو ڪونه هو. پنهنجي نن‍ڍڙين اکين کي بند ڪري انهن دشمن جي خيالي تصوير بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. مختلف ڊيڄاريندڙ روپ ۽ ڀيانڪ چهرا اکين اڳيان اُڀري جلدي غائب ٿي ٿي ويا. مطلب ته سندن ذهنن ۾ دشمن جي شڪل ويهي نه سگهي. لفظ ’دشمن‘ ذهن تي چيچجي ويو. اهو دشمن جنهن ايلموي جي ٻارن کي موت جي منهن ۾ ڏيئي ڇڏيو هو ۽ ايلموي جا ٻيا ٻار انهي دشمن خلاف سندن امداد جا طالبو هئا.
”منهنجو وڏو ڀاءُ اسپين هليو ويو آهي،“ روندا چيو، ”والنٽير بڻجي....!“
۽ اهي چوڪرا انهيءَ قسم جي عملي امداد جي باري ۾ سوچڻ لڳا.
”پر تون ته بندوق هلائي به نٿو سگهين.“ فرتنا چيس.
اعتراض واجبي هو. اهي بندوق هلائڻ به سِکي سگهيا ٿي، پر انهيءَ ۾ ڪافي وقت لڳندو ۽ امداد جي ضرورت اڄ هئي، جنهن ۾ دير جي گنجائش نه هئي. ’امداد اڄ ۽ هاڻي گهرجي‘ اخبار ۾ ڇپيل اپيل جو مضمون چئنو هو.
هاڻي ڇا ڪجي؟
هنن اخبار تي ٻيهر نظرون وڌيون. يقيني طور اخبار ۾ امداد ڏيڻ جو پورو طريقو لکيل هو ۽ فرتنا اخبار جي صفحي تي آڱر رکندي چيو، ”هي ڏسو!“
اخبار ۾ امدادي رقم موڪليندڙن جي ڊگهي فهرست شايع ڪئي ويئي هئي.... پنج، ڏهه، پنجاهه- سؤ ڪرائون.

رستي پرسان ڇهن ئي ڄڻن پنهنجن ڪيسن جي ريزگاري ڳڏ ڪئي، پر ڪُل رقم اڌ ڪرائون ڪان متي تي نہ سگهي.

هي تہ تمام ٿورا آهن.

هنن وري اخبار ڏانهن ڏٺو. انهيءَ ڏِگهي فهرست ۾ ڪنهن بہ ايتري معمولي رقم نہ ڏني هئي. پلا اها بہ ڪا امداد هئي؟ فقط اڌ ڪرائون؟

”سياڻي مان وڌيڪ رقم ڪٺي ايندس.“

”نہ سياڻي دير ٿي ويندي.“

سياڻي خبر ناهي تہ ڇا ٿئي؟ سندن دير سڀبان ممڪن آهي تہ اسپين جي ڪيترن ئي ٻارن کي پنهنجي زندگين تان هٿ ڌوئڻا پون! سياڻي؟ نہ نہ! جيڪي ڪجهہ ڪرڻو آهي، اڄ ڪرڻو آهي.

مايوس نظرون زمين طرف هيون. شايد ڪٿي ڪو ڪري پيل نوٽ يا سِڪو ليي پوي. ڪين اڪثر رستي تي سِڪا ليي پوندا هئا. ڪو واٽهڙو بي خياليءَ ۾ ڪيرائي ويو هو. ڪئين ڀيرا ائين ٿيو آهي! ۽ اهي سيئي انهيءَ قسم جي واقعن کي پنهنجي ذهن ۾ دُهرائڻ لڳا.

پر رستي تي نڪي نوٽ مليو ۽ نہ سِڪو.

ڇهن ئي ٻارن جا ننڍڙا ذهن انتهائي سنجيدگيءَ سان سوچڻ لڳا.

اوچتو اينٽونين چيو، ”مون وٽ... مون وٽ هڪ چاقو آهي.“ هن جيئن تيئن جملو پورو ڪيو.

خيالن جي وهڪري کي نئون موڙ مليو.

پلا هڪ چاقوءَ سان ڇا ٿو ٿي سگهي؟ ڪجهہ بہ نہ! پر وڪڻجيس تہ

پنجن ئي ڄڻن جون غضبناڪ اکيون اينٽونين جي ڇهري تي ڄمي ويون. پنهنجو چاقو وڪڻي ڇڏي؟ چاقو تہ اينٽونين جو هڪ اهو خزانو هو، جنهن سڀبان سيئي ڪيس رشڪ ۽ حسد جي نگاهن سان ڏسندا هئا. هنن لاءِ تہ چاقو هڪ مقدس تلوار جيئن هو، جنهن تي سيئي هٿ رکي قسم کڻندا هئا. ڇا هُو سچ پچ پنهنجو چاقو وڪڻي ڇڏيندو؟ پنهنجي قيمتي ملڪيت؟ پر ملڪيت؟ جڏهن انسانن جون

جانيون قربان ٿينديون هجن، تڏهن ملڪيت جي ڪهڙي حيثيت؟

فرنٽا بيچينيءَ جي حالت ۾ اٿي بيٺو. ڪيس ڏسي ٻيا ٻه اٿي بيهي رهيا. فرنٽا اينٽونين جو هٿ اهڙي نموني دٻايو، جيئن فقط ٻار ڪندا آهن يا وري خطري جي حالت ۾ پوڙها ماڻهو.

فرنٽا پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ هڪ ننڍي دٻي ڪڍي زمين تي اينٽونين جي چاقوءَ ڀرسان ڪٽي رکيائين. اها پالش جي خالي دٻي هئي جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ماڪوڙين ۽ جيتن کي بند ڪرڻ جي ڪم ايندي هئي يا ڪڏهن گاڏي ٺٽجي پوندي هئي ۽ ڪڏهن وري فلتادا نديءَ جي ڪناري هلندڙ اسٽيمر. اينٽونين جي چاقو جيتري قيمت ته نه هئس، پر فرنٽا جي مختصر زندگي جي تاريخ ساڍس سلهاڙيل ضرور هئي.

روندا تيرهن رنگارنگي بلورن کي پنهنجي مُٺ ۾ زور سان قابو ڪيو ۽ الوداع چئي چپ چاپ چاقو ۽ دٻيءَ جي ڀرسان رکي ڇڏيائين. پر جڏهن جوزف پنهنجي ننڍڙي صندوقڙي به زمين تي رکي ڇڏي، تڏهن روندا ڦِڪو ٿي رهجي ويو ۽ پنهنجي چوڏهين بلور کي به ڪٽي گڏ رکيائين. هيءُ اهو بلور هو، جنهن سان هو هميشه کٽندو هو.

رستي ڀرسان ڇهن ئي ٻارن جي پونجي، سڀ کان پياريون شيون هڪ قطار ۾ رکيون هيون: هڪ چاقو، هڪ دٻي، هڪ سيٽي، چوڏهن بلور، رسي جو ننڍو ٽڪر، هڪ ننڍي صندوقڙي، هڪ ڪاغذ جو ناهيل ٻٽون جيڪو ڏسڻ ۾ چمڙي جو ٿي آيو، هڪ چمڪندڙ پٿر ۽ هڪ اسڪرو ڊرائيور، جنهن جو منهن ڳنل هو ۽ ٻيون به شيون هيون، جن جا نالا تون ۽ مان ٻالڪپڻ گذرڻ کان پوءِ پُلجي ٿا وڃون. اهي شيون جدا جدا رکيل هيون. ڇهن ئي ڄڻن هڪ ٻيرو پنهنجن پنهنجن ڪيسن ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان ڏٺو، قيمت ۽ قدر جو اندازو ڪيائون ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتا ته هاڻي اها مجموعي امداد معمولي سمجهي نه وينديي. انهيءَ کان پوءِ انهن انتهائي سنجيدگيءَ سان فرنٽا ۽ اينٽونين کي چيو ته هُو ٻئي انهن شين کي وڪڻي ڇڏين ۽ جيڪا رقم ملي، سا گهايل انسانيت جي امداد واسطي موڪلي وڃي.

فلتاد نديءَ جي ڪابي ڪپ تي هڪ پراڻو شهر آباد آهي، جنهن جي سوڙهين ۽ وروڪڙن وارين گهٽين ۾ اڄ بہ اهڙا دڪاندار آهن، جيڪي زيور گروي رکي وياج تي پئسا ڏيندا آهن. ڪيترائي مصيبت ۽ غربت جا ماريل، انهن شاهوڪارن وٽ زيور گروي رکي پيسا وٺي پاڻ ڪي آٿت ڏيئي موٽي ويندا آهن تہ في الحال ڪين ڪا ضرورت ڪانهي. پنهنجي غريب والدين جي نقشِ قدم تي پيروي ڪندي، اهي ڇهہ ئي بار انهيءَ گهٽيءَ ڏانهن اُتي هليا. ماڻهو پنهنجن فڪرن ۾ غلطان هيڏانهن هوڏانهن پئي آيا ويا ۽ منجهانئن ڪنهن کي اهو احساس ڪونہ ٿيو تہ سندن پرسان هڪ فاتح لشڪر گذري رهيو هو، جنهن ۾ ڇهہ ننڍا سپاهي هئا. جيڪڏهن منجهانئن ڪنهن کي انهيءَ حقيقت جو احساس ٿي وڃي ها تہ اهي پنهنجون ٽوپيون لاهي احترام طور سلام ڪن ها.

بئي سالار بڊي ايزڪ يهودي جي دڪان تي وڃي بيٺا ۽ باقي چار ڄڻا پرسان Attention تي بيهي رهيا. سندن دليون ڌڙڪي رهيون هيون، پر پنهنجي گهٻراهٽ لڪائڻ گهريائون ٿي، جنهن ڪري هر ڪنهن کي احساس هو تہ سندن ساٿين جون نظرون مٿن ڄميل آهن.

بُڊو ايزڪ ڪائونٽر جي اندران بيٺو هو. هنن خاموشيءَ سان سمورو مال سندس سامهون ڪائونٽر تي ڪڍي رکيون: دٻي، سيٽي، رسي ٽڪر، بلور ۽ آخر ۾ اينٿونين جو چاقو، ۽ پنهنجون نظرون بڊي ايزڪ جي چهري تي ڄمائي ڇڏيائون. پر سندن نظرن ۾ ڊپ جي جهلڪ اصل نہ هئي، جيڪا سندن مائرن جي اکين ۾ تڏهن نظر ايندي هئي، جڏهن اهي پنهنجو ڪو زيور گروي رکڻ ايندڀون هيون ۽ نہ وري انهيءَ ۾ ڏک سُور جي ڪنجهڪار هئي، جيڪا سندن پيئرن جي اکين ۾ تڏهن نظر ايندي هئي، جڏهن اهي پنهنجي زندگيءَ جي ڪا يادگار شيءِ ڪوڏين عيوض وڪڻي ايندا هئا. هنن جي اکين ۾ تہ فتح جي چمڪ هئي.

بڊي ايزڪ هڪ غلط انداز نظر سامهون پکڙيل شين تي وڌي ۽ پيشانيءَ ۾ گهنج وجهندي چيائين، "هِن ڪِن ڪچري کي مان ڇا ڪندس؟

ٻار خاموش بيٺا رهيا.

”مان هنن کي ڇا ڪندس؟“ هو وري رڙيو، ”ڪٿو هتان ۽ ٽري وڃو ڇورا.“

”اسان اهي وڪڻڻ آيا آهيون.“ فرنٽا تيزيءَ سان وراڻيو.

ٻيو آئزڪ زماني‌ساز ماڻهو هو. هو آواز ٻڌي، ٻڌائي سگهندو هو ته ڪير خوشامد ٿو ڪري، ڪير ايلاز ٿو ڪري، ڪير ڦيريون ڦيرو دڪان چڙهيو آهي، ڪير ٻيو دفعو. ڪير هڪ دفعو منع ڪرڻ جي باوجود ٻيو دفعو نه ايندو. ڪير پنهنجو بليزر جو ڪوٽ ٻيهر وڪڻڻ بدران ڏوڙ پائڻ قبول ڪندو. فرنٽا جو لهجو ڪجهه ٻئي قسم جو هو، جنهن جهڙو آواز هن اڳ نه ٻڌو هو. سوچڻ لڳو: ’شايد هي ڇورا سگريٽ خريدڻ لاءِ ڪجهه رقم هٿ ڪرڻ ٿا چاهين.‘ جملي جو آخري حصو هن جي واتان بي اختيار نڪري ويو جو ٻارن به ٻڌي ورتو.

”اسان کي سگريٽ لاءِ پيسا نه گهرجن.“ فرنٽا سختيءَ سان چيو.

”اوهه... ته شايد سنيما ڏسڻي اٿو؟“

”نه سنيما لاءِ به نه.“ فرنٽا ڪاوڙ ۾ چيو، ”اها رقم سڄي اسپين جي لاءِ آهي.“

ڪي ڪن دڪان ۾ ماٺ ٿي ويئي.

آئزڪ جي پوڙهي دماغ ۾ سندس گذريل زندگيءَ جا سڀ تلخ ۽ شيرين داستان ڦرڻ لڳا ۽ فرنٽا خود پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳو، ته هن اها ڳالهه انهيءَ پوڙهي يهوديءَ کي ڇو ٻڌائي. اجهو هاڻي هي پوليس کي اطلاع ڏيندو ۽ اسان جي ساري ملڪيت ضبط ڪئي ويندي ۽ ايلموي جي ٻارن کي امداد پهچي نه سگهندي.

هن آهستي ڪائونٽر ڏانهن هٿ وڌايو، جيئن جيڪو ڪجهه سندس مٺ ۾ اچي، اُهو ڪٺي پيجي وڃي سگهي.

”رهڻ ڏي.“ ايزڪ رڙ ڪئي.

ايزڪ فرنٽا جي دٻي ڪنئي ۽ اٿلائي پٿلائي غور سان ڏٺائين. ”هون“ هو پڙڪيو، ”دٻي خراب ته نه آهي، پر ٻن ڪرائون کان مٿي نه ڏيندس.“ وري ابنٽونين جو چاقو ڪنيائين ۽ ٻارن ڏانهن ڏٺائين ”چڱي شيءِ آهي- انهيءَ ڪري جو ڇئو ٿا ته اسپين لاءِ

گهرجي- سٺو خيال آهي. پنج ڪرائون واجبي آهن.“

ٻيا سيٺي ساهه روڪي سوچي رهيا هئا- ڪيڏي نه وڏي فتح ثابت ٿيندي ايلموي جي ساٿين جي! ايڏي رقم- ايڏي وڏي امداد؟ ٻڌي آئزڪ هڪ هڪ شيءِ جي واجبي قيمت لڳائي ۽ پوءِ سندس خيال ۾ ريزگاريءَ جي صورت ۾ رقم وڌيڪ معلوم ٿيندي، انهيءَ ڪري ويهه ڪرائون ڪائونٽر تي ڪڍي رکيائين.□□□

# ڏُڪارو منطق
## گابريل لائوب
## چيڪ (چيڪ)

- منطق هيٺئين طبقي جي شيءِ آهي. معزز ۽ طاقتور ماڻهو انهيءَ ڪان سواءِ ئي پنهنجو ڪم ڪڍيو وڃن. جنهن شخص کي سزاوار هئڻ ڪان سواءِ سزا ڏني ويندي آهي، اُن جو ذميوار هو پاڻ آهي. هن کي ڪو سزا جوڳو ڪم ڪرڻ گهرجي ها.
- ڪوبہ شخص ايتري قدر عقلمند نٿو ٿي سگهي جو هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي عقلمند انسان نہ سمجهندو هجي.
- هر شخص پيسن خاطر شادي ڪندو آهي. ڪيس گهٽ ۾ گهٽ اها سُڌ تہ آهي تہ هن شادي ڇا لاءِ ڪئي هئي.
- حسابي علم اسان کي سيکاري ٿو تہ ٻُڙين کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي.
- ٻن ٻُڙين جي وچ ۾ ايڏو وڏو تفاوت نٿو ٿي سگهي.
- جيڪو بہ پنهنجي پاڻ کي پيٽ ڍاول ۽ تازو توانو ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو، وٽس سڀ ڪجهہ ٻُڙڪائڻ جي صلاحيت بہ هجڻ گهرجي.
- وقت پيسي جي برابر آهي؟ اها شيءِ ڪنهن بئي هنڌ دريافت ٿي. اسان وٽ انهيءَ قسم جي تحقيق لاءِ نہ وقت آهي ۽ نہ ئي پيسو.
- جڏهن سمورا ماڻهو بيدپا هجن تہ اها ڳالهہ ديجارڻ لاءِ ڪافي آهي.
- جنگ ۾ هر ڳالهہ ممڪن آهي. انهيءَ پهلوءَ کان اها امن سان هڪ ڀيرو مشابهت رکي ٿي.

- چريا سچي ڳالهه چوندا آهن. انهيءَ ۾ سچي ڳالهه جو پلا کهڙو ڏوهه؟
- خدا بنان سنپال جي بيوقوفن کي پيدا ڪيو. انهن جي چوٽڪاري لاءِ ڪيس سينسر وارا پيدا ڪرڻا پيا.
- هن ڪڏهن قاسيءَ جو حڪم پاڻ نه لکيو. اهو ڪم هميشه هن جي سيڪريٽريءَ ڪيو.
- نظرين جي سهاري انسان هِن طرح نٽو جيتي سگهي جو انهن کي مقابلي ۾ شامل ٿيڻ کان روڪيو وڃي.
- ورهين جي ڪوشش کان پوءِ، هن پنهنجي سهيوڳين جي خيالن کي سمجهڻ جو فن سکيو. ٿوري عرصي کان پوءِ هو مري ويو بيڪاريءَ جي سبب.
- ”انسان سموري قوم کي مسلسل دوکو نٽو ڏيئي سگهي...“ وچ ۾ وقت بوقت ساهي ڏيڻ گهرجي.
- جنرل اهو جمعدار آهي، جنهن کي هر هر ترقي ڏيڻ ۾ ايندي رهي.
- آئيڊيلسٽ اهو شخص آهي، جيڪو پنهنجو آئيڊيل رقم وصول ڪرڻ لاءِ چڏي ڏيندو آهي.
- ڪڏهن ڪڏهن انسانيت پنهنجي ترقيءَ جي منطقي رستي کان ڀٽڪي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ان جو وجود اجا تائين ملي ٿو.
- ”مان جنهن کي چاهيان ان جو پيڇو ڪري سگهان ٿو.“ سپاهيءَ چيو. ”اهو ثبوت آهي مڪمل آزاديءَ جو.“
- مان به انسان آهيان، پر اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪج.
- حڪم هرڪو ڏيئي سگهي ٿو. حڪم جي تعميل گهٽو ڪري هرڪو ڪري سگهي ٿو. پوءِ انسانن لاءِ صلاحيتن جي پلا ڪهڙي ضرورت ٿي رهي؟
- وٽس اها شيءِ وڪرو ڪرڻ جي صلاحيت آهي، جيڪا سندس اندر ۾ ناهي.
- چترڪار ”س“ جي پينٽنگس ۾ ڪجهه خُدائي جهلڪي ٿي. هو جڏهن ليند اسڪيپ ناهي ٿو ته اُهي ماسٽر پيس هوندا آهن، پر

جڏهن انسانن جون تصويرون ناهي تو ته انتهائي بيڪار لڳندو آهي.

- هو ته گهڻو ڪري ڪلاسڪ جو درجو ماڻي چڪو آهي. هاڻي ته سندس ڪتاب کو ورلي ئي پڙهي ٿو.
- ادب جو آئيندو ايفورزم ۾ آهي. انهيءَ جي فلم نٿي ناهي سگهجي.
- ايفورزم ۾ هڪ خوبي بين سيني صنفن کان وڌيڪ آهي. ماڻهو انهن کي پورو ڪرڻ کان اڳ هڪ پاسي نٿا رکن.
- انسانيت سان محبت ڪرڻ؟ پهرين رڳو هڪ انسان سان محبت ڪري ته ڏسو...
- سوچ ويچار تي ٽئڪس لڳائڻ ايڏو ڏکيو ثابت نه ٿيندو. هر اهڙي شخص جو، جيڪو سوچ ويچار جو عادي آهي، هڪ فائيل موجود آهي.
- فوج جو آفيسر، هڪ اُهو ماڻهو جنهن کي امن جي ڏينهن ۾ خوب ڪارائبو پيارو آهي ته جيئن هو اسان کي جنگ جي ڏينهن ۾ محاذ تي موڪلي سگهي.
- هڪ آزاد انسان اهو شخص آهي، جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي آزاد نه هئڻ جو احساس ٿي چڪو آهي.
- گهڻن ماڻهن لاءِ سياست هڪ شوق (Hobby) جو درجو رکي ٿي، جيئن ٽپال جون ٽڪليون گڏ ڪندڙ اهو فيصلو ته نٿا ڪري سگهن ته ڪهڙيون ٽڪليون جاري ڪيون وڃن پر جيڪو به هوشيار آهي، اهو انهن مان ڏاڍا پيسا ڪمائي سگهي ٿو.
- حاڪم چيو: منهنجي رعيت آزاد آهي ۽ ڪيس آزاديءَ سان محبت ڪرڻ جو حڪم آهي.
- خودڪشي ڪندڙن کي ناجائز طور رياست جي حقن ۾ دست اندازي جي الزام هيٺ سزا ملڻ گهرجي.
- ظالم حاڪم چرچو ڪيو. هن هڪ ڏوهاري کي سچ پچ سزا ڏيئي ڇڏي.
- ”جيڪو به مهاتما ٻڌ جي تصوير ناهي ٿو، اهو ٻڌ ۾ ايمان نٿو رکي.“ هڪ چيني پهاڪو آهي. اسان ٻڌ جي تصوير ناهي ۽ اُن تي ايمان آندو.

- مان اعلان ڪريان ٿو تہ مان امن جي قيام لاءِ هر اها ڳالهہ ڪندس، جيڪا منهنجي اختيار ۾ هوندي. انهيءَ اعلان جي ذريعي مون امن جي قيام لاءِ هر اُها ڳالهہ ڪئي آهي، جيڪا منهنجي اختيار ۾ هئي.
- اڳاٽي زماني ۾ هر غيرشادي شده ڇوڪري ڪنواري سمجهي ويندي هئي. اڄ ڪلهہ هر ملازم کي ڪم ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو.
- جنهن جنگ نہ ڏٺي آهي، اُن کي اها سُڌ نٿي پئجي سگهي تہ جنگ کان اڳ جو زمانو ڪيڏو شاندار هو.
- ڪاغذ صابر شيءِ آهي. اهو سچي ڳالهہ کي بہ برداشت ڪري وٺي ٿو.
- اهو چوڻ فقط پروپگينڊا آهي تہ اخبارون پنهنجي پڙهندڙن کي سوچڻ تي مجبور نٿيون ڪن. اُهي باقاعدگيءَ سان معما شايع ڪنديون آهن.
- رستا جيڪي ڪيڏانهن نٿا وڃن، اهي انتهائي پُرامن هوندا آهن.
- ٽريفڪ جي حادثن ۾ ڏوهاري اُهي آهن جيڪي زندهہ بچي نڪتا. سياسي حادثن ۾ معاملو اُبتو آهي.
- پنهنجي ڪمزوريءَ کي وقت جي سر تي نہ مڙهيندا ڪريو. اُن جون پنهنجون ڪمزوريون ڪافي آهن.
- آخر ڪوُئن کي ڇو ٿو نديو وڃي جو اُهي ٻڌندڙ ٻيڙيءَ کي ڇڏيو وڃن؟ ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ ڪوئن جي پلا ضرورت بہ ڪهڙي آهي؟
- مان سوچ ويچار ڪرڻ تي ٽئڪس لڳائڻ جو مطالبو ڪريان ٿو، جيئن اُن جي قانوني حيثيت بنجي سگهي.
- سوچ ويچار تي ٽئڪس هيستائين رڳو انهيءَ سبب ڪري نہ لڳايو ويو آهي، جو انهيءَ جي هئڻ سان تمام گهٽ آمدني ٿيندي.
- دليلن جي مقابلي ۾ حوالا بهتر آهن. حوالن جي ذريعي پنهنجي مد مقابل کي قائل ڪرڻ کان سواءِ انسان بحث ۾ جيتي سگهي ٿو.

- معاشري انسانن کي غلاميءَ جي حالت ۾ رکڻ خاطر ٽي شيون ايجاد ڪيون آهن: طاقت، پيسو ۽ آزادي.
- انسانن هڪ ٿي وقت دوران ٻڻ صوفن تي نٿو ويهي سگهي. پر انهن تي آرام سان ليٽي ضرور سگهي ٿو.
- حاڪم طبقو جيڪو دوکيبازيءَ وسيلي طاقت کي پنهنجي هٿ وس رکي ٿو، پنهنجي انسانيت نوازي ۽ پنهنجي نيڪ ارادن جو ثبوت ڏيندو آهي. اهو طاقت جو استعمال به نه ڪري سگهي ٿو.
- ”مان ۽ منهنجو گڏهه.“ انهيءَ شخص چيو، جيڪو گڏهه جي پُنيءَ تي چڙهيل هو. ”اسان مڪمل طور آزاد آهيون ۽ جتي چاهيون اوڏانهن چڙهي وڃي سگهون ٿا.
”ها، ها، درست آهي.“ گڏهه چيو.
- جيڪڏهن غلام ايتري قدر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ها جيتري قدر اڄڪلهه آزاد انسان ڪن ٿا ته اڄ به غلاميءَ جو زمانو هجي ها.
- غلام: اُهي ماڻهو هئا، جن جي هڪ مقرر قيمت هوندي هئي.
- ڪتا جيڪي ڀونڪندا آهن، اُهي چڪ نه پائيندا آهن، پر اهي مسلسل نه نٿا ڀونڪن.
- انسان هميشه بدلبو رهندو آهي، پر انسانيت ۾ ڪابه تبديلي نٿي اچي.□□□

# ميراهٿ

## ڊي- خروپاڪ

### سلوواڪ (سلوواڪ)

اي منهنجا مالڪ، مون کي تنهنجي تلاش آهي. تون جو هر هنڌ حاضر آهين.

مان توکي جهرجهنگ ۽ شهرن ۾ ڳولي رهيو آهيان.

اي منهنجا مالڪ، توکان ڪجهه لڪل ناهي. توکي پلي پل خبر آهي تہ اسان جا هٿ تمام ميرا ۽ سخت آهن. مان توکي منٿ ٿو ڪريان تہ امان کي بہ اهڙا نرم ۽ اڇا هٿ ڏي، جهڙا تصوير ۾ حضرت مريم جا آهن.

ڇا تون وڏن جبلن جي چوٽين تي رهين ٿو؟ گلن ۾ لڪو آهين؟ يا وري جهرڪين سان گڏ آسمان ۾ اُڏامندو آهين؟ مون کي تنهنجي گهٽي ۽ گهر جو نمبر وسري ويو آهي. مون توکي جبلن ۽ باغ باغيچن ۾ ڏاڍو ڳوليو، پر تون مون کي ڪٿي بہ نہ ملين.

ڇا تون مون سان لڪ لڪوٽي ڪيڏين پيو؟

اي منهنجا مالڪ، تون ڪيڏانهن هليو ويو آهين... مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ تون هتي ويهندو هئين، هو ڏس... اڇو هنڌ وهاڻو.... ڇا توکي ياد آهي... اسين ڪيئن ٻئي ڪيڏندا هئاسين. تون مون کان وڏو، مضبوط ۽ مهربان. مان توکان ننڍو، ڪمزور ۽ شرارتي ٻار... اسان جي هڪ ٻئي سان ڪيڏي محبت هوندي هئي! گڏ ڪيڏندا هئاسين، ننڍا ننڍا گهرڙا ناهيندا هئاسين ۽ ڊاهيندا هئاسين. سپاهين واري راند ڪندا هئاسين ۽ جمعي جي ڏينهن مانيءَ کان اڳ تون پنهنجي وٽندڙ آواز ۾ حمد ڳائيندو هئين.

تون مون کان رُسي ويو آهين يا سڀ ڪجهه وسري ويو اٿيئي...؟ توکي ڪجهه ياد ناهي. چڱو مان ٿو توکي ياد ڏياريان. اُهو

پيرين اگهاڙو، ميرو، شرارتي ٻار.... توکي ياد آهي. شام جي مهل تون مون کي پنهنجن گوڏن تي لوڏيندو هئين ۽ مان پنهنجي نرم ۽ ننڍڙين آڱرين سان تنهنجي ڏاڙهي ۾ ڦڻي ڏيندو هوس... ياد اٿئي توکي؟ منهنجي آڱر جهلي تون مون کي باغ ۾ وٺي ويندوهئين جتي گل ۽ جهرڪيون ڏيکاريندو هئين ۽ اُهو رنگين سج.... اُهو رنگين سج... هڪ رنگين تصوير جهڙو توکي ياد آهي.

اي منهنجا مالڪ، اهو رنگين سج تون وري مون وٽ ڪٺي اچ! اهو بيقرار ٻار، جنهن کي سڄو ڏينهن آرام نٿي آيو، جيڪو ڪسيءَ ۾ ننڍڙن پٿرن سان پاڻي روڪيندو هو ۽ ريتيءَ جون پليون جوڙيندو هو، جنهن جي ڇھري تي اڄا ڪارا داغ ٿيا... هاڻي توکي ياد آيو؟ اي منهنجا مالڪ، هاڻي تو مون کي سڃاتو؟ مان توکي اڪثر هيٺ ٻيءَ مان لنگهندو ڏسندو هوس. تون تمام اوچو ۽ طاقتور هئين پر تنهنجي چيلهه جهڪيل هوندي هئي ۽ تمام هوريان هوريان هلندو هئين ۽ اها پڇاڙيءَ واري ملاقات توکي ياد آهي جڏهن امان سان گڏ مان بنيءَ ڏانهن پئي ويس. تون رستي جي پرسان هڪ پٿر تي ٽڪجي وينو هئين. مون مانيءَ پور ۽ ڪير توکي ڏنو هو. تنهنجو چهرو ٿڪل هو. تنهنجا چپ ڏڪيا پئي ۽ تنهنجي ڪلهي تي خيرات جي جهولي هئي. اهو ٿڪل چهرو ۽ ڏڪندڙ هٿ، اڄا تائين مون کي چڱي طرح ياد آهن. انهن جي وسيلي ٻه مان توکي سڃاڻي سگهان ٿو. ”اسان خدا کي ماني ڪارائي آهي“ امان رستي ۾ مون کي ٻڌايو. ۽ هاڻي مون کي تنهنجي تلاش آهي. تنهنجي مدد جي ضرورت آهي. اي منهنجا مالڪ، تون امان کي نرم ۽ اڇا هٿ ڏي.□□□

# ٽي پينر

## جينُو هئلتئي

### هنگريائي (هنگري)

اُهي ٽي پينر هيون: ٻہ عزتدار هيون ۽ هڪ عزتدار نہ هئي. جيڪي عزتدار هيون انهن جا نالا هئا مريشڪا ۽ جُولان. جيڪا عزتدار نہ هئي، اُن جو نالو هو پُتيا.

پُتيا ڪا فلمي اداڪارا نہ هئي، بس هڪ قسم جي تماشي جي اداڪارا جئن هئي. هن اخلاق پري زندگي نتي گذاري، جو تہ سندس هڪ دوست هو (يقيني طرح هڪ ئي) جيڪو مالدار هو، ۽ ڪيس سريت وانگر رکيو هئائين. هن پُتيا لاءِ هڪ وڏو گهر سجائي رکيوهو، ۽ پُوتيا تي هتڦاڙ تي خرچ ڪندو هو- هيرا موتي پڻ.

مريشڪا ۽ جُولان، پُتيا سان گڏ رهنديون هيون. سندن ڪائڻ جو خرچ ٻہ پُتيا ئي ڪندي هئي. پُتيا سني پيڻ هئي، انهيءَ ڪري هن پينرن جي عزت ڪي وڏي نظر سان ڏٺو ٽي. ٻنهي پينرن ڪي ٻہ انهيءَ ڳالهہ تي فخر هو تہ اهي عزت آبرو واريون هيون ۽ ڪين پنهنجين قيمتي پوشاڪن تي پيل هئڻن ۽ اصلي چمڙي جي جوتن تي ڪجهہ ٻہ خرچڻو نتي پيو.

مريشڪا اجا ٻہ مانُ مريادا واري هئي... ڪنڌ متي ڪٽي هلڻ واري، جو تہ وٽس تعليم جي ڊپلوما هئي. ڪنهن ٽريننگ سينٽر ۾ پڙهائڻ چاهيائين ٽي، ۽ ڪيس اميد هئي تہ ڪيس جلدي ئي ڪا چڱي نوڪري ملي ويندي. هونئن نوڪري ملڻ ۾ دير ٽيندي پئي ويئي، تنهن هوندي ٻہ پُتيا جو هڪ زميندار دوست سندس مدد ڪري رهيو هو، ۽ جيستائين سفارش جو تعلق هو، ڪونسلر ڪي هو چئي چڪو هو ۽ ميئر سان ٻہ ملي چڪو هو.

بي پيڻ جولان سپنن جي سنسار ۾ رهندڙ ڇوڪري هئي، جنهن جي سپنن جي منزل شادي هئي... سچي پچي ڪامياب شادي، جيڪا وچئين طبقي جي ڪنوارين ڇوڪرين جي قسمت هوندي آهي. ٽن ڪمرن وارو گهر، بورچيخانو ۽ ٻارن جو سدائين جهنجهٽ. هڪ وجود جي اها هڪ خواهش هئي، جنهن جي هوءَ پياسي اکين سان واٽ نهاريندي رهندي هئي ته ڪڏهن ڪو مرد، مجازي خدا ايندو ۽ کيس ڇوٽڪارو ڏياريندو.

اهڙي طرح ٽنهي کي الڳ الڳ آسرو هو: مريشڪا کي ٽريننگ سينٽر ۾ چڱي نوڪري جو، جولان کي شاديءَ جو ۽ پُتيا کي پنهنجين ٻنهي ڀينرن جي سپنن کي سچو ٿيندي ڏسڻ جو.

هڪ ڏينهن مريشڪا خوشيءَ ۾ ٻرجي گهر آئي. ”نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو، لڳي ٿو نوڪري ملي ويندي. جنهن جي هٿ ۾ نوڪري آهي، هن اڄ شام جو مون کي گهرايو آهي.“

”چڱو ٿيو، اهو ڏينهن اچي ته ويو.“ پُتيا خوش ٿي چيو.

”خير، تنهنجو ستارو ايريو ته سهي.“ جولان چيو، ۽ پوءِ هڪ ٿڌو ساهه ڀري چيائين، ”پر منهنجو ستارو خبر ناهي ڪٿي گم ٿي ويو آهي!“

ٽيئي ڳُٽيءَ ۾ پئجي ويون. پُيتا ڪجهه سوچيندي چيو، ”منهنجو خيال آهي ته اهو ڪم مان پنهنجي هٿ ۾ کڻان. تون نئي ڳولي سگهين، هاڻي مان تنهنجي لاءِ وَرُ ڳوليندس.“

”ها پُتيا! تون پڪو ارادو ڪرين ته ڇا نٿي ڪري سگهين!“ جولان اُمنگ سان ٻرجي ويئي.

پُتيا پيار ۾ ڀنل ڀيڻ جو منهن ڏسندي رهي. پوءِ چوڻ لڳي، ”مان به چري آهيان، ڀهرين ڪڏهن انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڌيان ئي نه ڪيم. هينئن ته تون پنهنجي شهزادي جي واٽ تڪيندي تڪيندي سموري ڄمار گذاري ڇڏينديئن. دنيا ۾ دولت جي حڪومت هوندي آهي. ڪنوارا ۽ خوبصورت ڇوڪرا توڏانهن انهيءَ ڪري نظر کڻي نٿا ڏسن جو انهن جي خيال ۾ تو وٽ پائي به ناهي. مون پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪيو آهي ته توکي ويهه هزار سڪا ڏاج ۾ ڏينديس.“

جولان خوشي ۽ حيرانيءَ وچان ڏسندي رهي. مشڪل سان سندس وات مان نڪتو، ”ويهه هزار!“

مريشڪا جو گلو پرجي آيو، ”دنيا ۾ تو جهڙي پيڻ ڪنهن جي به نه هوندي.“

پُتيا ڪجهه حساب لڳائيندي چيو، ”مون وٽ پورا ويهه هزار آهن، سمورا ئي توکي ڏيئي ڇڏينديس.“

رات جو مريشڪا جڏهن انهيءَ شخص سان ملي موٽي، جنهن جي هٿ ۾ نوڪري هئي، ته بيحد اُداس هئي.

”ڪا رنڊڪ پئجي ويئي؟“

”ها، ائين ئي سمجهه.“

”پر ڳالهه ڪهڙي تي؟“

”جاءِ خالي آهي،نوڪري به ملي سگهي ٿي، پر هو ٻيو....“

”رشوت گهري ٿو؟ پيسا؟“

”ها، رشوت. پر پيسا نه...“

”تو ڪهڙو جواب ڏنو؟“

مريشڪا تڙپي اُٿي، ”تون ڇا ٿي سمجهين، مان اهڙي شخص جي ڪاڻ ڪينديس؟ مان ڀلا ائين ڪري سگهان ٿي؟ منهنجا اصول.... منهنجا سڌانت....“

پُتيا گهٻرائجي پڇيو، ”مون کي خدا جي واسطي غلط نه سمجهه. مون کي خبر آهي ته تون عزت آبرو واري آهين. مون ته اهو پڇيو آهي ته ڳالهه ڪٿي ختم ٿي؟“

”مان منهن موڙي سندس آفيس مان اهو چئي ٻاهر نڪري آيس ته اهڙي نوڪري هو پاڻ وٽ پنهنجي گهر رکي. مان مري وينديس پر عزت تي داغ لڳڻ نه ڏينديس.“

جولان به مريشڪا جي ها ۾ ها ملائي. چيو، ”تو چڱو ڪيو. بلڪل نيڪ. ائين ئي ڪرڻ گهربو هو.“

پر مريشڪا اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏيئي به رئڙهارڪي ٿي ويئي هئي. هوءَ چئي رهي هئي، ”چيائين ته اڄ اڃا سوچي وٺ، سڀاڻي وري ملج. مان وينديس ته نه، پر اهڙي نوڪري مون کي ڪڏهن به نه ملندي. ڪيڏي نه وڏي نوڪري هئي....“

”ها، اهو ته آهي...“ پُتيا سوچ ۾ پئجي ويئي.

”شايد ڪو رستو نڪري اچي...“ مريشڪا سوچيندي چيو.

”ڪهڙو رستو؟“ پُتيا پڇيو.

”اهو ئي تہ ڪو وچي مليس، سمجهائيس تہ مان اهڙي ڇوڪري ناهيان.... هو پنهنجي ڪرسيءَ جو ناجائز فائدو نہ وٺي.“

”پر وچي ڪير؟“ پرسان وينل جولان پڇيو.

مريشڪا ڪجهہ هبڪندي چوڻ لڳي، ”هيءَ پتيا... ڪيس ڳالهائڻ جو ڍنگ بہ ايندو آهي. هيءَ تہ ڳالهين ۾ بئي ڪي پنهنجي وس ۾ ڪري وٺندي آهي....“

پُتيا جو چهرو پيلو پئجي ويو. پڇڻ لڳي، ”تنهنجو خيال آهي تہ مون ڪي وڃڻ گهرجي؟“

مريشڪا همت ڪري چيو، ”پنهنجي پيٽ جي خاطر.... مان شرط سان چوان ٿي تہ تون وچي هڪ ڀيرو چونديءَ تہ مون ڪي اها نوڪري ضرور ملي ويندي....“

پُتيا جولان ڏانهن ڏٺو، جڻ ڪيس اميد هجي تہ جولان ضرور انهيءَ ڳالهہ ڪي رد ڪري ڇڏيندي. پر جولان چئي رهي هئي، ”سچ پُتيا، تون ڪيڏي نہ سٺي آهين. منهنجو ڪم بہ تون ئي سنوارينديءَ. هن ويچاري مرشيڪا لاءِ بہ تون ئي ڪجهہ ڪر.“

”پر... جيڪڏهن هو چڱو مڙس منهنجي ڳالهہ نہ مڃي تہ.... ائين ئي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ راضي نہ ٿئي تہ....“ پُتيا جي نڙيءَ ۾ ڪؤڙاڻ پرجي ويئي.

بئي ڀينر چپن ئي چپن ۾ مُرڪيون، ۽ چوڻ لڳيون، ”اڙي ڇڏ هاڻي، پُتيا!“

مريشڪا کي نوڪري ڇا ملي، جولان جو ڀاڳ کلي پيو. مريشڪا جو هڪ اُستاد- ساٿي سندن گهر اچڻ وڃڻ لڳو ۽ جولان تي ريهجي پيو. ڪيس خبر هئي تہ جولان جو مطلب آهي ويهہ هزار سڪا. مريشڪا برندڙ باهہ ۾ بارڻ وجهندي رهي. هڪ ڏينهن ڪيس چوڻ لڳي، ”پتيا ڪان منهنجي پيٽ جو سڱ گهر.“

”مِس پُتيا ڪان!؟“ هو ڪجهہ گهبرائجي ويو.

”ها، هوءَ ئي اسان جو گهر هلائي ٿي، اهي ويهہ هزار سڪا بہ هوءَ ئي ڏيندي.“

۽ مريشڪا ڏانهس برف جهڙي نگاهہ سان ڏٺو.

اهو اُستاد هبڪندي ڪجهه ڪڇيو. پوءِ جلدي ئي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ناهه نوهه ڪري پتيا سان ملڻ ويو، ۽ جولان سان شادي ڪرڻ جي پنهنجي خواهش ظاهر ڪيائين.

خواهش ۽ سڪون سان پتيا جون اکيون پرجي آيون. مامتا ائين چلڪي پيئي جو هن ٻنهيءَ ڪي شاديءَ جون دعائون ڏنيون.

جولان ۽ سندس مگيندو جڻ خوشيءَ جي تصوير بنجي ويا. هو هر روز پنهنجي مگينديءَ جي گهر اچڻ لڳو، ناٽ سان ماني کائيندو هو ۽ زميندار جا سگار ۽ سگريٽ پيئندو هو. هونئن جولان ڪي هو اهو به چوندو هو، ”مون ڪي اهڙي طرح جي ڪا به ڳالهه پسند ناهي. منهنجو وس پڄي ته مان تنهنجو ڏاج وٺڻ به قبول نه ڪريان.“

جولان سمجهائيندي هيس، ”ڪهڙيون بي ڍنگيون ڳالهيون تو ڪرين، پلا ايترا پيسا ڪنهن ٺڏيا آهن!“

”ها.... پر نيٺ.... مان مڃان ٿو تنهنجي پيڻ لاجواب آهي، پر سڀ کان اول پنهنجي عزت جو خيال ڪرڻو پوندو آهي... آهي يا نه!“

”انهيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي!“ جولان پوري پروسي سان هن جي حامي پري.

”بس هڪ پيرو اسان زال- مڙس ٿي وڃون... پوءِ....“ هو چوندو رهيو.

”پوءِ ڇا؟“ جولان پڇيو.

”ڏس، منهنجي جان! تون ٻيو ڪجهه نه سمجهه، پر مان سوچيان ٿو ته پوءِ اسان جيڪڏهن هن کان پري رهون ته چڱو ٿيندو.“

”جيئن تنهنجي مرضي“. جولان فرمانبردار زال وانگر هاڪار ڪئي ۽ سندس مگيندي جي منهن ۾ چمڪ اچي ويئي.

اهي، جيئن مان ٻڌائي چڪو آهيان، ڳٽڻ ۾ ٽي پينر هيون، منجهائن به عزت دار هيون ۽ هڪ عزتدار نه هئي...□□□

# اسپتال

## جارج بشپيرو

### هنگريائي (هنگري)

جڏهن ايمبولنس وارا انهيءَ پوڙهي کي وٺي آيا ته اسان تاش کيڏي رهيا هئاسين. سندس مٿي تي هڪ نشان هو. هنن کيس کنهن کنڀ جئن سولائي سان منهنجي پرواري بستري تي ليٽايو. پوڙهو ايترو هوش ۾ هو جو هن سين کي صاف ۽ سالم صورت ۾ پنهنجي واقفيت ڏني. مان ساڻس هٿ ملائيندي ڏکي ويو هوس. ڊيوٽي ڊاڪٽر انهيءَ پوڙهي کان جڏهن سندس بيماريءَ جي باري ۾ پڇيو، ته هو رڳو پڙڪيو، ”منهنجو پير سُجي پيو آهي“.

ڊاڪٽر ڪمبل مٿي ڪٽي پوڙهي جي واڳٽائي اچين پيندين کي ڇهُيو. پوءِ هن سندس بلڊ پريشر ڏٺو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. پوڙهي پاڻي گهريو. مان پرسان هئس، انهيءَ ڪري مون کي کيس گلاس ڏيڻو پيو. پوءِ هن اُلٽي به ڪئي.

ڊاڪٽر ۽نرس گڏجي هن لاءِ اِنفيوزن جو انتظام ڪيو. نرس انهيءَ پوڙهي جا ڪپڙا لاٿا ۽ هڪ پُسيل ڪپڙو هوريان هوريان سندس سموري جسم تي گهمائڻ لڳي. هو چمڙي ۽ هڏين جو هڪ پڃرو هو. پوءِ به مون کي اهو پوڙهو خوبصورت لڳي رهيو هو.

رات جو هن جي ساهه ڪڄڻ جو آواز اچي رهيو هو. دروازي جي مٿان لڳل بلب جي روشنيءَ ۾ انهيءَ اسٽينڊ ۾ اُبتي ٽنگيل پلاسٽڪ جي ٿيلهي کي ڏسندو رهيس، جنهن ۾ پريل پاڻيٺ ڦڙو ڦڙو ٿي گڏ ٿيندي پئي ويئي. جڏهن اها ٿورو رهجي ويئي تي ته مون نرس کي سڏ لاءِ گهنٽي جو بٽڻ دٻائي ڇڏيو ٿي. نرس اچي

نئين تيلهي لڳائي تي ۽ مهنجو تور مجي هلي ويئي تي.

صبح تائين مون ٽي پيرا گهنٽي وڃائي هئي.

لڳ ڀڳ سمورو ڏينهن مون ڪاريڊور ۾ ئي گذاريو هو. جڏهن پوڙهي اُلٽي ڪرڻ شروع ڪئي ته اسان سندس اڳيان چلمچي رکي. سائو سائو ڪجهه پاڻيٺ جهڙو مادوسندس وات مان ٻاهر نڪرڻ لڳو.

”هن سال مون کي ٻه پيرا هتي آندو اٿن.“ پوڙهو پٽڪيو، ”۽ ٻئي پيرا مون سوچيو ته مان هاڻي واپس گهر وڃي نه سگهندس.“

اسان چپ چاپ تاش کيڏيندا رهياسين.

انين وڳي کان ڪجهه دير پوءِ پوڙهي جي وات مان گهٽيل خراهٽ جو آواز نڪرڻ لڳو. مون نرس کي سڏڻ لاءِ گهنٽي دٻائي. نرس آئي۽ واپس موٽي ويئي. ٻيهر ڊيوٽي ڊاڪٽر کي وٺي واپس آئي. هن ڏکهي ۽ مضبوط شخص پوڙهي جا هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتا.

”ڪهڙي تڪليف آهي توکي، مونکي ٻڌائي سگهين ٿو؟“ هن نرم لهجي ۾ پڇيو.

”منهنجو ساهه ٿو گهٽجي.“ پوڙهي پڻ پڻ ڪئي.

ڊاڪٽر ۽ نرس گڏجي هڪ وڏو آڪسيجن ماسڪ کڻي آيا ۽ پوڙهي جي منهن تي چاڙهي چڙيائون. نرس سرنج ۾ ڪا دوا ڀري. وچ ۾ پوڙهو ڪڏهن ڳالهائيندو رهيو، ”منهنجو ساهه ٿو گهٽجي.“

”هاڻي ڪيس، تون اها ڏيئي سگهين ٿي.“ ڊاڪٽر چيو.

نرس پوڙهي جي ٻانهن ۾ سئي ٽُنبي چڏي.

پوڙهو ساهه کڻڻ لاءِ ڦٿڪيو. ”منهنجو ساهه ٿو گهٽجي“ هن چيو ۽ وري ڦٿڪڻ لڳو.

مان تيزيءَ سان ٻاهر ڪاريڊور ۾ نڪري آيس. منهنجي پويان ڪمري جا ٻيا مريض ٻه هئا.

”اُف! ڪيڏي پوائتي ڳالهه آهي.“ مان هڪ عجيب ۽ وڏي آواز ۾ ڳالهائي ويس.

نرس باٿ روم مان وڏو سفيد پردو منهنجي ڪمري ۾ کڻي ويئي. ڊريسنگ گائون پاتل ڪاريڊور ۾ چهل قدمي ڪندڙ عورتون اندرين هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ واجهائڻ لڳيون.

”آڌي رات کان اڳ اهي لاش کڻي وڃڻ واري ٽرالي نه گهرائيندا.“ منجهانئن هڪ ڄڻي سيڪجهه ڄاڻندي چيو، ”اهو ئي فائدو آهي. جيڪڏهن هو اڃي به وڃي ٿو ته ڪيس قبرستان ته انهيءَ وقت تائين نه کڻي ويندا.“

مان پرسان ئي بيٺو رهيس. پوڙهي جو جسم بستري تي پيو هو، واڳٽائي اچيرڙو. سندس منهن تان آڪسيجن ماسڪ لاٿو پئي ويو.

”مون فيصلو ڪيو ته جيستائين سندس لاش پيو هوندو، تيستائين مان واپس نه ويندس.“ اسان سگريٽ ڇڪيندي ڪاريڊور ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمندا رهياسين. لڳ ڀڳ ساڍي نوين وڳي هڪ پوڙهي نرس ڊيوٽيءَ تي آئي.

”اوهان سمهڻ جي ڪوشش ڇونه ڪريو؟“ هن پڇيو.

”اسان کي ننڊ نٿي اچي.“ اسان وراڻيو. نرس پنهنجي جسم کي ٿورو لوڏو ڏنو ۽ اڳيان وڌي ويئي.

ٻيا هوريان هوريان منهنجي پرواري ڪمري م واپس هليا ويا ۽ سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

ڪاريڊور ۾ رڳو اسان ٻه رهجي وياسين. ساڍي يارهين کان پوءِ فضا گنڀير ٿي ويئي. اسان هيڏانهن کان هوڏانهن چڪر ڏيڻ لڳاسين. مارٽن کي صبح جو اينيما ڪيو وڃڻ وارو هو، جنهن کان هو ڊڄي رهيو هو، ڇو ته اڄ ڪالهه اينيما وٺڻ سان سندس پيٽ ۾ خوفناڪ سُور اُيرڻ لڳو هو. هونئن ڪيس ٻي ڪا پريشاني نه هئي. هو پوريءَ طرح ٺيڪ هو، سواءِ انهيءَ جي ته سندس وزن ڪجهه گهٽجي ويو هو. لڳ ڀڳ ڏهه ڪلو.

آڌي رات ڌاري ڊاڪٽر تي اسان کي پيرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي

”ڪيس وٺيو پيا اچن.“

اڇو لباس ۽ اڇي ٽوپي پائي اسپتال جا ملازم ٽراليءَ کي ڌڪي کڻي اچي رهيا هئا. انهيءَ وقت تائين مون ڪڏهن سوچيو به

نه هو ته اهي مرده جسمن کي به ڍوئيندا هوندا. اسان هڪ ڦرنڊڙ دروازي مان نڪتاسين ۽ تيستائين بيٺا رهياسين جيستائين ٽراليءَ جي واپس اچڻ جو آواز نه ٻڌوسين. پوءِ اها ڦرنڊڙ دروازي وٽ بيٺي. لاش ڍوئيندڙن دروازي کي ڌڪو ڏنو، جنهن سان لڳي اسان بيٺا هئاسين.

”واپس پنهنجي وارڊ ۾ هليا وڃو،“ هن چيو، ”هي زنانو ويمر وارڊ آهي.“

”بس هڪ منٽ ۾،“ مون چيو.

مارٽن ڪجهه ڊنل لڳي رهيو هو ۽ چپ هو.

”هلو، هلو.“ انهيءَ شخص منهنجي ٻانهن جهليندي چيو. مون چڪ ڏيئي پنهنجي ٻانهن ڇڏائي ورتي.

”مان اوهان ٻنهي جي شڪايت وڏي ڊاڪٽر سان ڪندس“ چئي هو انهيءَ ڦرنڊڙ دروازي ڪان ٻاهر هليو ويو.

ٽرالي وري ڪسڪڻ لڳي ۽ دير تائين اسان انهيءَ جي ڦيٿن جي ”چون چون“ ٻڌندا رهياسين. ڪجهه دير وڌيڪ اسان اتي بيٺا رهياسين، پوءِ جنرل وارڊ ڏانهن موٽي آياسين. ڪمري ۾ چانڊوڪي اندر تائين ڦهليل هئي. انهيءَ پوڙهي جي کٽ تان بسترو هٽائي ڇڏيو هئائون. تارون ۽ اسپرنگ انهيءَ کٽ جي هڏين جئن لڳي رهيا هئا.

اسان بسترن ۾ پئجي وياسين. مان بستري تي پني پرائي ليٽيو رهيس. بعد ۾ اتي وري ٻاهر ڪاريڊور ۾ هليو ويس. مون نرس کان ننڊ جون ڪجهه گوريون گهريون. هن ڪنهن دوا جا ڪجهه ڦڙا ڏنا، جيڪي مان پي ويس. نرس ننڍي نيٽي گول مٿول ڇوڪري هئي. هڪ عجيب معزرتائي لهجي ۾ هوءَ ڪلي ۽ ڪلندي ڪلندي، پر ڪجهه هٻڪندي چيائين، ”منهنجو پهريون موت!“

هوءَ نرسن جي ڪمري مان ٻاهر هلي ويئي. ٽيبل تي ميڊيڪل رپورٽون وڪريون پيون هيون. مون چاهيو ته مان انهن مان پنهنجي رپورٽ ڳولي ڪڍان پر اوچتو مون کي ڊپ ورائي ويو. جيڪڏهن مان پنهنجي پاڻ کي چڱيءَ طرح وس ۾ نه رکي سگهيس ته اها بيماري بيشڪ موتمار ٿي سگهي ٿي. مان ٻاهر

ڪاريڊور ۾ نڪري آيس. سمهڻ جا ڪپڙا پاتل ڪي عورتون بينچ تي ويهي ڪنهن بئي مريض جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون، جيڪا گذريل چئن ڏينهن کان سندن ڪمري ۾ مرڻينگ پيئي هئي ۽ جنهن کي برداشت ڪرڻ سندن وس کان ٻاهر هو. ڪاريڊور جي آخري ڇيڙي تي وڪريل وارن وارو هڪ شخص پنهنجي پتلون ۽ ان جي اڳ وارن بٽڻن سان ڪيڏي رهيو هو. اوچتو هڪ ڪمري مان نرس نڪتي ۽ انهيءَ شخص کي واپس وڃڻ لاءِ چيائين. هن ڪجهه پڙ پڙ ڪئي ۽ اتي ئي بينو رهيو ۽ وري پنهنجي پتلون ۽ ان جي بٽڻن جي ڇيڙ ڇاڙ ڪندو رهيو. پوءِ ڪافي صاف آواز ۾ چيائين: ”مان گهر وڃي رهيو آهيان، قاتلو!“

پر انهيءَ کان پوءِ به بي تعلق صورت ۾ ٻڪندو رهيو.

نرس پنهنجو پاڻ کي هڪ جهٽڪو ڏنو ۽ منهنجي پرسان اچي ڪلندي چوڻ لڳي: ”هي هر رات ائين ڪندو آهي.“

مان ٽين وڳي تائين ڪاريڊور ۾ سگريٽ ڦوڪيندو رهيس. عورتن جي وارڊ مان ٽي عورتون هڪ عورت کي سهارو ڏينديون وٺي اچي رهيون هيون. سندس پير سڄيل هئا. هونئن هوءَ ڪافي ڪمزور عورت هئي، اها به مرڻ واري هئي. انهن کيس هڪ ٻي بينچ تي ويهاري ڇڏيو. بوتيل بوتيل اکين سان اها عورت ٻاهر نهاري رهي هئي، شايد چنڊ ڏانهن ڏسي رهي هئي. هڪٻئي کي سهارو ڏيندي به ماڻهو سگريٽ پيڻ واري هنڌ تي بينا هئا. لڳو تي ته انهن باٿ روم وڃڻ چاهيو تي پر رستي ۾ ئي پلجي ويا هئا. هڪ ڪمزور ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي اڙيل هو ته هي آفريڪا آهي ۽ هتي ڏينهون ڏينهن گرمي وڌندي وڃي رهي آهي. هڪ بزرگ بيحد آڪڙجي اڪيلو ئي شطرنج ڪيڏي رهيو هو. نرس ڏاڍي تيزيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪري رهي هئي، پر ڪيس ايتري واندڪائي نه هئي جو هوءَ انهن ڇُرندڙ پرندڙ پاڇن جي لاءِ ڪجهه ڪري سگهي. هوءَ بيڊپين ۽ سُئي جي ٽري هٿ ۾ کڻي گهمي رهي هئي. هر منٽ هڪ گهنٽيءَ جو آواز کيس ٻئي ڪمري ۾ سڏي رهيو هو. مون کي مٿس رشڪ ٿيڻ لڳو. ڊيوٽي تي لڳل اهو نوجوان ڊاڪٽر پنهنجي ڪمري مان ڪئين ڀيرا ٻاهر نڪتو. هو به

ننڊ جي هلڪن جهوٽن ۾ سُستي وچان هلي رهيو هو. پر ڪاريڊور ۾ چهل قدمي ڪندڙ مريضن لاءِ وٽس ڪجهه نه هو. هڪ پيرو ڪاريڊور جي پرئين ڇيڙي تي مون کي هو به انهن مرندڙ مريضن مان هڪ لڳو.

ڪمرن جا دروازا ڪليل هئا. چانڊوڪي توڙي دروازن جي مٿان ٽنگيل، هميشه ٻرندڙ بلبن جي روشنيءَ ۾ مون پهريون گهمرو ڏيان سان ڏٺو ته وڏن ڪمرن ۾ بيهوش جسمن ۾ دوا، خون وغيره چاڙهڻ لاءِ بسترن جي قطار لڳل آهي. مون کي هيسٽائين اسپتال ۾ آئي به هفتا ٿي چڪا هئا پر مون انهن ڳالهين تي اڳ ۾ غور نه ڪيو هو.

ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هر شيءِ ماٺ ۾ هئي، ۽ مان اسپتال جي ڪاريڊور ۾ ماٺ ٿي ماٺ ۾ گهمندو رهيس. ڏيڍ وڳي هڪ پبلڪ ٽيليفون جي اڳيان لڳل قطار ۾ مان به بيهي رهيس. چوڪيدار جي ڪمري جي اڳيان منهنجي اڳ واري بينچ تي اهو راتو ڪو ملازم پنهنجي سموري اڇي لباس ۽ اڇي ٽوپيءَ ۾ ويهي مون کي گهوري رهيو هو. مان انهيءَ وڏي بجلي-- گهڙيءَ ڏانهن ڏسندو رهيس. ٻي وڳي کان آرام جو وقت هوندو آهي ۽ انهيءَ وقت فون ڪرڻ منع آهي. ٻن ۾ پنجن منٽن تي منهنجي اڳيان بيٺل عورت فون تي ڳالهائي رهي هئي. مان هڪ پير تي بيهي، گهڙي رڳو اچا- شڪتي سان روڪڻ چاهي رهيو هئس. ٻن ۾ به منٽ هئا جڏهن اها عورت ٻاهر نڪتي، مان بوٿ ۾ گهڙيس ۽ ٽڪاءُ سان دروازو بند ڪيم.

مون وٽ ڏيڍ منٽ هو.

مون تڏي دماغ سان سوچڻ جي ڪوشش ڪئي ته آخر هن دنيا ۾ هن وقت مان ڪنهن سان ڳالهائي سگهان ٿو.□□□

# درخواست

## مهيائي ڪورنس

### هنگريائي (هنگري)

ڊيئر سر،

حوالو: انڪوائري نمبر 1909 - 1970 (انچارج، فائيل ڪلارڪ مسز سائلي) جيڪا عرضدار جي باري ۾ آخري فيصلي ڪرڻ لاءِ تي رهي آهي.

هيٺ صحيح ڪندڙ عرضدار بيحد عزت ۽ احترام سان ڪليم جي فارم سان گڏ هڪ ضمني بيان خلمت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت گهري ٿو.

## ڪليم فارم

(سرڪاري حڪم نمبر 4- 1975 ق.م پٺاندر جاري ڪيل)

1- استدعا

(الف) مان 9- نومبر 1909 تي بُداپيسٽ ۾ پيدا ٿيڻ چاهيان ٿو.

(ب) منهنجي استدعا آهي تہ منهنجي ماءُ رگينافيڪٽ (گهروُ عورت) ۽ منهنجو پيءُ مائيڪ ٽابورس وٽريولنگ (سيلزمين) ڪي ناهيو وڃي.

(ٻ) منهنجي استدعا آهي تہ منهنجي شادي ايڊٽ ڪواس (پگهاردار ڪلارڪ) سان ڪئي وڃي، ۽ منهنجو پٽ پال ٽابوري (شاگرد) ٿئي.

(پ) استدعا جي فقري (ب) کي ڌيان ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن زال ۽ پٽ جي باري ۾ منهنجي هيءَ درخواست قبول ڪرڻ جوڳي نہ هجي تہ فقري ۾ ماءُ ۽ پيءُ جي نالن جي جاءِ تي زال ۽ پٽ جا نالا شامل ڪيا وڃن.

(ڀ) پنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ ۽ موت جي باري ۾ منهنجي هميشہ کان اها خواهش رهي آهي تہ مان ڏاڏو بنجڻ کان اڳ هن دنيا مان ڪوچ ڪري وڃان.

2- جيئڻ جو عرصو

منهنجي گذارش آهي تہ مون کي ايڪهٺ ورهيہ ڇهہ مهينا ٿي ڏينهن ہہ منٽ ۽ سترهن سيڪنڊ جي جمار عطا ڪئي وڃي.

نوٽ: عرض آهي تہ واسطيدار عملدارن ۽ بالا حاڪمن جي خدمت ۾ مان اهڙيون درخواستون اڳي ڪيئي ڀيرا پيش ڪري چڪو آهيان. سال 80 قبل مسيح ۾ بہ هڪ درخواست جمار جي معياد جي باري ۾ پيش ڪئي هيم، انهيءَ کان پوءِ 1241، 1514، 1526، 1571 ۽ 1840 ۾ بہ اهڙيون درخواستون پيش ڪري چڪو آهيان. انهن کان پوءِ هيءَ منهنجي ستين درخواست آهي. ايڪهٺ ورهيہ ڪا ڊگهي جمار نتي ٿئي. مون کي اميد آهي تہ سائينجن هن سلسلي ۾ مون تي عنايت ڪندا. مان پڪ ڏيان ٿو تہ پنهنجي مختصر زندگيءَ جي عرصي کي بهترين انداز سان بسر ڪندس.

## نيت ۽ مراد

(الف) مان ڇهہ ورهيہ پرائمري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ چاهيندس. ان کان پوءِ چار ورهيہ سيڪنڊري تعليم لاءِ صرف ڪندس. ان کان پوءِ ڪجهہ ڪاروباري قسم جي نصاب جو ابياس ڪندس. ان کان پوءِ مون کي هاس اينڊ سنز ۾ نوڪري ڪرڻ تي ڪو اعتراض نہ ٿيندو. مون کي اميد آهي تہ مون کي اُتي خزانچيءَ جي عهدي تي مقرر ڪيو ويندو. 1939ع ۾، مان واسطيدار عملدارن جي اجازت سان، ڪيريلي بازار ۾ پنهنجو سُڪل ميوي جو دڪان کوليندس. 1940ع ۾ مان پنهنجي هڪ پراڻي سپني کي ٻن سيٽن واري موٽرڪار خريد ڪري ساپيا ۾ مَٺائيندس.

اوهان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ، مان اوهان کي پڪ ٿو ڏيان تہ مان پنهنجيءَ ماءُ کي انهيءَ موٽرڪار ۾ مارڪيٽ تائين وٺي ويندو رهندس.

موٽرڪار، دڪان وغيرهہ جي سلسلي ۾ ٽن ورهين جو عرصو لڳندو.

(ب) ان ڪان پوءِ منهنجو خيال آهي ته ٻي مهاياري لڙائيءَ جي سببان مون کي فاشزم، نسلي برتريءَ ۽ عتاب جو دور ڏسڻو پوندو. اُن زماني ۾ مان پنهنجي موٽرڪار آمد و رفت جي وزارت ۽ واپار جي وزارت جي حوالي ڪندس. (مان درخواست ڪندس ته اُن زماني ۾ منهنجي ماءُ- پيءُ کي ليبر ڪيمپس ۾ نه موڪليو وڃي. دڪان ۽ موٽرڪار کي واسطيدار ڪاتن جي حوالي ڪرڻ جي باوجود، مان سمجهان ٿو ته مان پنهنجي ماءُ پيءُ جي گذر سفر لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ئي وٺندس.)

جيتري قدر منهنجو واسطو آهي، مون کي 'فورسڊ ليبر ڪئمپ' (مزدورن جي جبري ڀرتيءَ واري ڪئمپ) ۾ ڀرتي ڪري سگهجي ٿو، جتي هر قسم جي ذلت، ظلم ۽ ڏاڍ کي منهن ڏيئي وٺندس. مون کي اميد آهي ته 1945ع ۾ قيدين کي آزاد ڪرائيندڙ سرخ فوج مون کي به ڪنهن ڪئمپ ۾ جيئرو ڳولي وٺندي. اُن کان هڪدم پوءِ، مان شادي ڪري، گهرو زندگي بسر ڪندس ۽ "هنگريئن ورڪرز پارٽيءَ" ۾ شامل ٿي ويندس.

(ڀ) 1945ع کان 1948ع تائين مان خوش زندگي گذاريندس.

(پ) خوشي ۽ آرام ڀريا ٽي ورهيه گذارڻ کان پوءِ، 1949ع ۾، اول ته مان پنهنجي پٽ کان جند آزاد ڪرائيندس. اُنهيءَ ورهيه هميشه لاءِ پنهنجيءَ موٽرڪار مان به ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندس. ٽيستائين مان پنهنجيءَ ماءُ پنهنجي ڪاروبار ۽ پارٽيءَ جي ميمبريءَ کان موڪلائي، انهن سيني کي دفن ڪري چڪو هوندس.

(ت) مون وانگر منهنجيءَ زال کي به پارٽيءَ مان ڪڍيو وڃي چڪو هوندو.

منهنجيءَ زال کي پارٽيءَ مان خارج ڪرڻ ۾ جيڪڏهن ڪا ٽيڪنيڪي ۽ رابطي جي ڏکيائي آڏو اچي ته مان ان سلسلي ۾ عرض ڪندس ته مسز جوزف زميديا سان رابطو قائم ڪيو وڃي. هوءَ پنهنجو نالو داخل ڪرڻ کان سواءِ هڪ گمنام خط پارٽيءَ کي لکي سگهي ٿي، جنهن ۾ منهنجيءَ زال تي اهو الزام لڳائي سگهجي ٿو ته

منهنجي زال دردسومارٽي ۾ هڪ گرامر اسڪول ۾ پڙهڻ ويندي آهي، جنهن جو انتظام اسڪاچ مشنريءَ جي هٿ ۾ آهي. اها به ڪنهن مسز روزاڪون جي وسيلي شاهدي پيش ڪري سگهي ٿي ته منهنجي زال گهڻو ڪري يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جي تعريف ڪندي رهندي آهي. آمريڪا ۾ هن جا ڪجهه ماڻهن سان لڳ لاڳاپا آهن ۽ پاڻ ۾ لکپڙهه به جاري آهي. مسز روزاڪون اهو به چئي سگهي ٿي ته اهڙا خط هن پاڻ ڏنا ۽ پڙهيا آهن.

(ٿ) موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ضروري آهي ته منهنجي پٽ کي ڪنڊرگارٽن ۾ داخلا نه ڏني ويندي.

(ٿ) 1956ع ۾ انقلاب دشمنيءَ جي خلاف ٿيڻ واريءَ بغاوت ۾ حصو وٺي، مان وڏيڪ بد امني ڦهلائڻ جو ڏوهاري ٿيڻ پسند ڪندس. مون کي ۽ منهنجي ڪٽنب کي بکون ڪاٽيون پونديون. مون کي چئن ڪلاڪن ڪان پوءِ رات جي پهريداريءَ جا فرائض سونپيا ويندا. مان ڊاڪٽر جي سندس ڏندن جي اسپتال جي ڏاڪڻ تي بيهي پهرو ڏيندس. هونئن مان ذاتي طرح پسند ڪندس ته سرخ فوج وري هڪ ڀيرو ملڪ جي ڀلي ۽ مدد لاءِ گهرائي وڃي.

(ٿ) مان اهو پسند ڪندس ته منهنجي ايتري حيثيت برقرار رهي جو مان هڪ خريدار جي گهرو حيثيت سان زنده رهي سگهان. اها منهنجي خريداريءَ جي نوعيت ڪيتري به معمولي ۽ مختصر ڇو نه هجي. پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي مان جڏهن به آسٽريا، جرمني، سوويت روس ۽ هنگريءَ جا قومي ترانا ٻڌندس ته اُٿي بيهي احترام ڪندس، ۽ تراني جي پڇاڙيءَ تائين بيٺو رهندس. مان آسٽرين، جرمن ۽ روسي جهنڊن جو پورو احترام ڪندس. اهڙيءَ طرح، منهنجي پنهنجي ملڪ جي جهنڊي ۾ اهڃاڻن ۽ نشانن ۾ جيڪا به تبديلي ٿي، اُن کي احترام سان ڏسندس. ويري صليب، سينٽ اسٽيفن جي تاج، ڪٽڪ جي سنگ ۾، ذاتي ۽ متر ڪي جي نشانن جو احترام ڪندس. مان پنهنجي حڪمرانن ۽ اعليٰ عملدارن جي مڪمل تابعداري ڪندس، پوءِ اهي ڀلي ڪير به هجن يا ڪٿان به آيا هجن. مان انهن جي هدايت تي پورو عمل ڪندس. مون کي

جيڪو ڪم سونپيو ويندو، ان ڪان سواءِ پنهنجي رهڻي ڪهڻي (ڪائڻ، سمهڻ، نسل جي واڌاري، پناهگاهن ۾ وڃڻ، اسپتال ۾ داخلا، ووٽ ڏيڻ جي طريقن) ۾ سمورا ڪم انهن جي هدايت پٽاندر ادا ڪندس، مان پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي طابعدار ۽ فرمانبردار بنائيندس.

مون متي ڪجهه تاريخي واقعن جو ذڪر ڪيو آهي. جيئن ته مان گهٽن ئي تاريخي واقعن کي يوڳي چڪو آهيان، تنهنڪري درخواست ٿو ڪريان ته مستقبل ۾ مون کي اهڙين تاريخي تبديلين جي اثرن کان آجو قرار ڏنو وڃي.

عرضدار:
اوهان جو فرمانبردار،
سيٽورن ٿابوري

# ضميمو 1

ضميمي بيان

مان پنهنجين قانوني ۽ شهري ذميدارين کان پوريءَ طرح واقف ۽ آگاهہ آهيان. مان هيٺ صحيح ڪندڙ هتي اقرار ٿو ڪريان تہ مان خورده فروش، ٽرڪ ڊرائيور ۽ خريدار جي حيثيت سان، سلطنت هنگري، دي هنگرين ريبپلڪ ڪي ڪونسلز، عظيم هنگري ۽ هنگرين پيپلز ريپبلڪ جي پوري وفاداريءَ سان خدمت ڪندو رهندس. حڪمران خواهہ ڪير بہ هجي... جوزف پهريون، ڪائونٽ مهيائي، ڪيرولي، مائيڪو هورٿي، راڪوسي، جوناس، ڪيدار، وغيره مان سيني جي قانونن ۽ حڪمن جي اطاعت ڪندو رهندس.*

ڪم ڪار (پليٽون ڌوئڻ، ڪمرن جي صفائي، ٻهارو ڏيڻ) ۾ پنهنجي زال جو هٿ ونڊائيندس. ڪيس اهو موقعو نہ ڏيندس تہ هوءَ منهنجيءَ ڪنهن ڪوتاهيءَ تي دٻ پٽي.

انهيءَ حياتيءَ جي عرصي ۾ جيڪي مون کي عطا ڪيو ويندو، مان اوهان جي خدمت ۾ ڪنهن خصوصي رعايت جو مطالبو نہ ڪندس (مثال طور پولار ۾ اڏام جي فلم ۾ اداڪاريءَ لاءِ ڪردار، هائيڊ پارڪ ۾ تقرير ڪرڻ جو موقعو). منهنجي موت جي باري ۾ پلي مون کي اڳواٽ اطلاع نہ ڏنو وڃي. موت جنهن بہ حالت ۾ ايندو، اهو خوشيءَ سان قبول ڪندس.

مان پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال، سندس نوڪر، سندس نوڪرياڻي، سندس ڳئون، سندس گڏهہ- ڪنهن بہ شيءِ جي حوس ۾ مبتلا نہ ٿيندس. مون کي پڪ آهي تہ منهنجي هن درخواست تي همدرديءَ سان غور ڪندي، اها منظور ڪئي ويندي.

مان هميشہ سائينجن جو فرمانبردار ۽ تابعدار رهندس.

فقط

سيٽورن ٽابوري

---

* هنگري ۾ حڪومتون جهڙيءَ ريت تبديل ٿينديون آهن، سياسي نظام ۾ جيڪي تبديليون آيون، ۽ مملڪيت جي مختلف سربراهن ڏانهن اشارو آهي.

# لونا، هڪ نيڪ پاڪ عورت

## سيِيَد فاتيها ڱِچ

### يوگوسلاويائي (يوگو سلاويا)

ٻَلِيءَ جي پاسن کان برف ڄمي ويئي هئي. هڪ اونداهي، ٻيو هڏين ۾ پيهي ويندڙ ٿڌ، ۽ لونا، هڪ سکر عورت، اهڙي وقت ۾ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان پير تي پير رکندي هلندي پئي آئي. اهو هر شيءِ جي ٽڙڪي ٽٽي پوڻ جو وقت هو: دلين جو، قدمن جو ۽ پاڻيءَ جي نالين جو. هن چاهيو ٿي تہ هوءَ جلدي گهر جي آرامده ڪنڊ ۾ پهچي وڃي. جنوريءَ جي ڏينهن ۾، برف تي پير ترڪي سو بہ وري اهڙي اونداهي ۾ تہ، اها 'جلدي' ڪم نٽي ڏي.

جيئن تيئن ڪري هوءَ گهر پهتي. ڏاڪڻ چڙهندي، ۽ ڪمري جو دروازو کولي اندر ويندي، ڪيس خيال آيو! 'ياخدا! اڄ تہ مان شرم کان ۽ پيڙا کان، مري ويندس.'

اونداهي ڪمري ۾ سمهيل مرد جي مهڪ هئي. هن پلنگ جي ڀرسان وڃي آهستي چيو: "سمهيو پيو آهين، بورس! سمهي پئين ڇا؟"

انهيءَ نيڪ عورت لونا هن مرد سان انيڪ ورهيہ گذاريا هئا. هيءُ جو هن وقت سياري جي رات ۾ بيهوش ٿيو ستوپيو هو، لونا کي ڇڏي گهٽو ڪري گهمڻ هليو ويندو هو. انهن برفاني راتين جي باري ۾ هن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو. هُو گهٽو ڪري گهر کان پري ئي وقت گهاريندو هو، خبر ناهي اڪيلو يا ٻئي ڪنهن سان! پر هن وقت ڀرسان بيٺل لونا جي چپن مان رڙ نڪري ويئي، "هاءِ مان ڪيڏي خراب آهيان!"

هن هٿ اڳتي وڌايو. ڪيس پيار سان ڀلائڻ لاءِ، يا ويل وقت کي واپس موٽائڻ لاءِ، سندس ڪلهو ڇهيائين. نرم آواز ۾ سندس نالو ورتائين ڇڻ ڪو زخميل سپاهيءَ جي دلجوئي ڪندو هجي، يا پادريءَ کان دعا گهرندو هجي.

”ڇا سمهي پئين؟“ هن پڇيو.

”سمهيو هئس.“ بورس وراڻيو.

”مون توکي ننڊ مان اٿاريو، خبر اٿئي ڇو؟ “پر سندس ڪو جواب نه مليس. هي ڪهڙي دنيا آهي جتي ماڻهو به، گهر به، گهر جون شيون به، سڀيئي ڄمي وڃن ٿا.... پنهنجو محبوب ۽ سندس آواز به.... توهان سڏيو، ۽ هوڏانهن سڏ به نه ملي.

”خبر اٿيئي ڪيترو وقت ٿيو آهي؟“ هن چيو، ”ڏس، ڪيڏي دير ٿي ويئي آهي.“

”خبر ناهي.“ هن ننڊاڪڙي لهجي ۾ چيو، ”مان بيخبر ٿي ستو پيو هئس.“

”بورس! آڌي رات کان مٿي وقت ٿيو آهي. آڌي رات گذرئي به ڪلاڪ وقت ٿي ويو آهي.“

”پوءِ مان گهڻي دير اڳ سمهي پيو هوندس.... مان جلدي سمهي رهيو هئس.... پر منهنجي ننڊ اڃا پوري نٿي ٿئي.“

”مان هاڻي گهر آئي آهيان.“

”چڱو.... ڪپڙا مٽاءِ ۽ سمهي پئو.“

”پر تون پڇين ڇو نٿو ته مون کي ايتري دير ڪيئن ٿي؟،

پر بورس نه ٻڌو. اونداهي رات هئي. ايڏي اونداهيءَ ۾ ڪير ٿو ٻڌي، وري انهيءَ ڪمري ۾ جتي نه ڪهڙي هئي ۽ روشني! هو ته سپنن جو هڪ سمنڊ هو، ٻئي ڪناري کان پڇيل سوال ڪنهن کي ٿو ٻڌڻ ۾ اچي، جڏهن ڌرتي به چپ ۽ گونگي هجي!

”بورس!“ هن چيو، ”بورس!“ هن وري چيو. ”رات آڌيءَ کان به لنگهي ويئي آهي، ۽ مان هاڻي گهر آئي آهيان.“

”ته ڇا ٿيو؟“ هن جاڳي چيو. خبر ناهي جاڳيو پئي يا اڃا ننڊ جي گهيرٽ ۾ هو.

”اڄ رات....“ لونا چيو. هوءَ اونڌاهي ۾ بيٺي هئي ۽ سندس نگاهه ڇڻ پترائجي ويئي هجي. نه ويجهو ڏٺائين تي نه پري. هيٺ يا متي، ڪٿي به نه. ڪجهه بينام هو جيڪو ايڏو ڳؤرو هو ۽ ايترو ويجهو جو سنگهي سگهجي، ڳوٺ جي ماٺ ٽوڙي سگهجي، پاڻي وانگر پي سگهجي. ”اڄ رات....“ لونا چيو، ”اڄ رات مون توسان بي وفائي ڪئي آهي.“

”تون سمجهين چو نٿي؟“ بورس پڇيو.

”تو نه ٻڌو ته مون ڇا چيو.“

”ٻڌو اٿم..... پلنگ تي ليٽي پؤ ۽ سمهي پؤ.“

”بورس! مون توکي چيو ته اڄ رات مون توسان بيوفائي ڪئي آهي. تون نه سمجهين؟ مان هڪ غير مرد سان سُتي آهيان.“

”پوءِ؟“ بورس چيو، ”بس، تو انهيءَ لاءِ مون کي ننڊ مان جاڳايو آهي؟“

”توکي يقين نٿو اچي؟“

”نه، مان يقين نٿو ڪريان.“

”پر اهو سچ آهي. خبر ناهي، ڪيئن ٿي ويو، ٿي ويو.“

هوءَ پلنگ جي ايس تي ويهي رهي ۽ اها ڳالهه ٻڌائيندي کيس ائين لڳو ڄڻ هر جملي سان سندس نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪي پيو هجي ”توکي خبر ناهي، مان ڪيڏي خراب آهيان، ڪيڏي نيچ! مان سڀ کان ڪميڻي عورت آهيان. مون پاڻ سان ٺڳي ڪئي آهي بورس! اها ويساهه گهاتي مون پاڻ سان ڪئي آهي، پاڻ سان ۽ توسان گڏجي جيڪي ڪجهه انهن ورهين ۾ ناهيو هئم، انهيءَ سان.“ سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا.

”ڳالهاءِ نه!“ لونا وري چيو، ”چوين ڇو نه تو ته مون اڄ ڏاڍو نيچ ڪم ڪيو آهي.“ هن هڪ تڏو ساهه پريو، ”منهنجوضمير مون کي ملامت ڪري رهيو آهي.“

هوءَ چوندي رهي، پر مرد بنا چرپر جي ليٽيو رهيو، ڄڻ ڪنهن ٻي دنيا جا سپنا ڏسي رهيو هجي.

لونا ڦٿڪڻ لڳي ”ڪجهه ڪر، منهنجي مدد ڪر جو مان پنهنجو پاڻ کي حقير نه لڳان. ڪجهه چئو، ڪجهه ڪر.“

هوءَ پلنگ تي ويٺي رهي. هوءَ نيڪ پاڪ عورت، جيڪا اڄ رات پنهنجي عمل جي ڪري، ڪِري پيئي هئي. ڪمري ۾ ائين ويٺي هئي جڻ اونداهي رات ۾ ڪنهن گهاٽي ٻيلي ۾ وينل هجي ۽ ان ٻيلي ۾ تالهيءَ جي وڻن جي مهڪ نه هجي.

ڪجهه دير ڪان پوءِ مرد چيو، ”چڱو، هن وقت سمهي پئو، سڀاڻي ڏسنداسين.“

لونا وٽ هاڻي چوڻ لاءِ ڪجهه به نه هو، پر صبح ٿيڻ ۾ اڃا ڪافي دير هئي. سياري جي رات دريءَ سان چنبڙي ويٺي هئي. نل جو پاڻي ڄمي برف سان تهه تي ويو هو. رات اونداهي هئي، جيڪا گذري ئي نٿي. هوءَ صبح جو انتظار نه پئي ڪري سگهي. رات عمر جيتري ڊگهي ٿيندي پئي ويئي. ڏاڍي ڏکيائيءَ سان صبح ٿيو، ٻار جي جنم مثل. فقط انهيءَ پيڙا کان ڪو ڪيهون ڪرڻ وارو ڪونه هو.

برف اڃا به نه ڳري هئي جڻ ضد ڪري ويٺي هجي. شايد قيد تي ويئي هئي. سچ ۾ ٽپت نه هئي.

”توکي شايد ياد ناهي؟“ لونا چيو. صبح ٿي چڪو هو. بورس شيوَ ڪري رهيو هو. بجليءَ جي ريزر مان چرڪ چرڪ جو آواز پئي آيو. هوءَ پراڻي ڪمري ۾ سندس بلڪل پرسان ويٺي هئي، پوءِ به جڻ ڪوهين پري هجي.

”ڇا ياد نه اٿم؟“ بورس پڇيو.

”تو کي وسري ويو آهي ته رات ڪيترو دير سان آئي هيس؟“

”ها، سچ!“

”توکي سچ پچ ياد ناهي؟“

”ياد اٿم، تون دير سان آئي هُئينءَ.“

”بس ايترو؟ توکي ياد ناهي، مون توکي ڇا ٻڌايو هو؟“

هاڻي فقط ريزر جو آواز پئي آيو. لونا بيچئن پر چپ ويٺي هئي. سوچي رهي هئي: اهوئي وقت آهي، سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيان ۽ جيڪو بچڻ لائق رهجي ويو آهي، اهو بچائي وٺان. چوڻ

لڳي، ”مون توکي ٻڌايو هو تہ مون توسان بيوفائي ڪئي آهي. مون کي پاڻ خبر ناهي تہ اهو ڪيئن ٿي ويو. مان ڪجهہ خريدڻ لاءِ بازار ويئي هيس. اتي مون کي اسڪول جي زماني جو هڪ دوست ملي ويو. ٿڪل هيس، انهيءَ ڪري هن سان گڏجي ڪيفي ۾ هلي ويس. مون کي ياد آهي، هو ڏاڍيون ڳالهيون ڪندو رهيو. اسان کلندا رهياسين. پوءِ اسان ڪيڏانهن ٻاهر هليا وياسين ۽ ائين ٿي ويو. بورس! مان انهيءَ ڪارڻ ڪري ڏاڍي شرمسار آهيان. منهنجي مدد ڪر....“

”تون ائين ئي ڳالهہ پيئي ناهين.“

”ناهي رهي آهيان! مون هميشہ توسان سچ ڳالهايو آهي.“

هو شيوَ ڪري، منهن تي لوشن هڻڻ لڳو.

”اهڙيون ڪهاڻيون تو مون کي اڳ بہ ٻڌايون هيون، پر اهي سچ نہ نڪتيون.“

”هميشہ سچيون هيون،“ هن چيو. ”مون جڏهن بہ توکي ڪجهہ ٻڌايو آهي، جڏهن ڪجهہ سچ ٿيو آهي تڏهن. مون کي هميشہ پنهنجو پاڻ مان نااميدي ٿيندي رهي آهي.“

”مان توتي ويساهہ نٿو ڪريان. مان اڳ ۾ بہ ڪيئن پيرا اهڙيون ڪهاڻيون ٻڌي چڪو آهيان. مون انهن جي پڇا ڪئي هئي تہ اُهي ڪڏهن بہ سچيون ثابت نہ ٿيون. تون ائين ئي ويهي اهي گهاٽ گهڙيندي رهندي آهين.“

”مان هميشہ سچ چوندي هيس، بورس! توکان سواءِ ڪنهن سان بہ پيار نہ ڪيو اٿم. پر ڪيئن پيرا مون سان ائين ٿي ويندو هو، خبر ناهي ڇو؟ ۽ تون بہ منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نٿو ڪرين.“

هو جئڪٽ پائي رهيو هو. ايڏي سرديءَ ۾ بہ هن اوڏيءَ مهل وڃڻ چاهيو. ”مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ نٿو ڪري سگهان. تون اهي سڀ ائين ئي من ۾ گهڙي ٿي وٺين. مان اهڙي عورت سان ڪيئن ٿو گهاري سگهان جيڪا ابتيون سبتيون ڪهاڻيون گهڙيندي هجي؟“

هو انهيءَ دروازي وٽ ڪن لاءِ بيٺو، جنهن دروازي مان هو ڪئين ڀيرا اچي چڪو هو ۽ ڪئين ڀيرا وڃي چڪو هو. پوءِ هن دروازو بند ڪندي چيو، ”نہ، مان اهڙي زال سان زندگي نٿو گهاري سگهان جنهن ڪي اڻ تيل ڳالهيون بہ تيل ڏسڻ ۾ اچن.“ ۽ هن دروازي مان ٻاهر نڪري هميشہ لاءِ دروازو بند ڪري ڇڏيو.
۽ اها نيڪ پاڪ عورت اڪيلي رهجي ويئي. لڙڪ سندس اکين ۾ پرجي آيا تہ هاڻ ۾ بہ.□□□

لڳي: ”او منهنجا خدا، ڪيڏي نہ عجيب ٿاءِ آهي تو وٽ!“

پاسي ۾ وينل شخص بہ متاثر ٿي چوڻ لڳو، ”اِها تہ سانڍي رکڻ جوڳي آهي.“

”انهيءَ ڪان بہ متي.“ ٻئي چيو.

”توکي اڪثر اهڙيون شيون نہ مِلنديون،“ ٽئين اکيون ڦاڙيندي چيو.

”اِها تہ اُنهن ڪان بہ گهٽي سُني آهي، جيڪي پرڏيهہ ڪان ايندڙيون آهن.“ منهنجي دوست مون کي يقين ڏياريندي چيو.

”ڪو هِن لاءِ توکي ماري نہ وجهي! بهتر ٿيندو تہ تون بنا حفاظتي بندوبست جي ٻاهر نہ نڪر.“ اهو سيڪجهہ اُنهن چيو. هڪڙي کي تہ ٿاءِ ايڏي پسند آئي، جو چون لڳو، ”يار! هڪ شام لاءِ مون کي اها ٿاءِ اُڌاري ڏي تہ پنهنجي گرل فرينڊ کي متاثر ڪري سگهان.“ ائين مان سمجهان ٿو، ماڻهو چاٽي واٽي رستي تي ٻيهي ويندا. دڪانن جون سينگاريل دريون ڏسڻ بيهي رهندا ۽ اُهي عورتون، جيڪي اڳ ڪڏهن مون ڏانهن نهارينديون ئي نہ هيون، مون کي ڏسندي چپن ۾ پٽڪنديون، ”ڏس! تون هن ٿاءِ ۾ ڏاڍو وڻين ٿو.“

”توکي خبر آهي، هيءَ ٿاءِ ڦهر جي آهي. توکي ڏاڍي نهي ٿي.“ هنن چيو.

”چڏ ڪٽي... اهو منهنجي ذاتي معاملو آهي، مان نهان ٿو، تون تہ نہ!“ مون کي چوٽو ئي پيو.

پڇاڙيءَ ۾ مون کي اهو سوچڻو پيو تہ اهي عورتون، اهي ماڻهو، جيڪي رستي تي بيهي مون کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ منهنجا دوست، جيڪي مون کي ساراهين ٿا تہ منهنجي ٿاءِ ولايتي ٽائين ڪان سُني آهي. لڳي ٿو، ٿاءِ واپس وٺڻ جي سازش سٽي رهيا آهن. انهيءَ ڪري مون ڪانئن پري رهڻ جو سوچيو.

سنسار جي سيني انيڪ ٽائين ڪان الڳ، جيڪي دڪانن جي درين ۾ ٽنگيل آهن، منهنجي هِن ٿاءِ جي هڪ تاريخ آهي. منهنجي ڏاڏي هن ٿاءِ جي حفاظت جو بار منهنجي پيءُ کي سؤنپيو هو. انهيءَ نرالپ جي ڪري، منهنجي پيءُ مرڻ مهل مون کي چيو هو

تہ ”منهنجا پٽ، چاهين تہ بيشڪ وڪٽي چڙهج پر هيءَ ٿاءِ ڪڏهن بہ نہ وڪڻج. هڪ پيرو اها ٿاءِ تنهنجي هٿان ويئي تہ توکي گهڻيون مصيبتون سهڻيون پونديون. تون بہ ختم ٿي ويندين ۽ اسان جي خاندان جي بہ تباهي ٿي ويندي.“

مون سوچيو، مان هن ٿاءِ کي ايترو گهڻو پسند ڪريان ٿو، تہ ضرور هڪ سُنو پُٽ ۽ پوٽو آهيان. ايتري قدر جو مان اها اسپتال بہ ڪٽي ويس، جتي اهڙيون شيون ڪٽي وڃڻ جو ڪو سوچيندو بہ ناهي.

چوڪيدار جو کُهرو آواز ڪاريڊرو ۾ ڦهلجي ويو. دروازو ٺهڪن جي طوفان سان گڏ بند ٿي ويو. هاڻي مان ماڻهن جي ساراهہ جو عادي ٿي چڪو آهيان. هتي بہ منهنجي خواهش آهي تہ ماڻهو مون کي ساراهين، مان انهن ماڻهن کي بہ پنهنجي ٿاءِ ڏسڻ جو موقعو ڏيڻ چاهيان ٿو، تہ جيئن اهي سمجهن تہ اُهي ڪنهن سان ڳالهائي رهيا آهن ۽ پوءِ شايد مون کي گهُورڻ بند ڪن. پوءِ اهي مون سان سخت رويو رکڻ جو ساهس بہ نہ ڪري سگهندا. مون سوچيو.

مان ڪمري ۾ هليو ويس. مريضن اچرج وچان پنهنجون ٻانهون ڦهلايون، جڻ اهي ڪنهن پياري دوست جو آڌرياءُ ڪري رهيا هجن. جڻ اهي مون کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ چاهيندا هجن.

هڪ ننڍو چوڪر ڀرسان لنگهيو، ”کهڙي نہ ڏسڻ جهڙي ٿاءِ آهي!“ هُن هِرڪجي چيو.

هڪ مُڇن واري ماڻهوءَ پنهنجي بستري تان ٽپو ڏنو، ۽ راز واري نگاهہ سان مون ڏانهن ڏٺائين. ”تو اها ڪٿان ورتي؟“ هن مون کان پڇيو.

ماڻهن جي وچ ۾ ٿي، هڪبئي ڏانهن ڏسندي ٻار چيو، ”هيءَ پاپا جي ٿاءِ ڪان بہ سٺي آهي.“

”مون اها پنهنجي ڏاڏي کان ورتي آهي، منهنجي پيءُ پڻ پنهنجي ڏاڏي کان ورتي هئي.“

⊙

مريض هڪ هڪ ڪري اُٿيا. اُهي سڀ، جيڪي دريءَ کان ٻاهر جهاتي پائي ڪلي رها هئا، سيخون جهلي بيٺا هئا.

”آ...ها....!“ سيني اچرج وچان چيو.

مون سوچيو، هاڻي اهي ساڳيو ورتاءُ ڪندا. اهي مون ڏانهن کِلندي ڏسڻ بند ڪندا. مون سندن گنجا متا ڏٺا، جيڪي منهنجي چوڌاري گهيرو ڪري ويا هئا ۽ سدن اکيون، جيڪي منهنجي ڏاءِ جي نشان کي ڏسڻ لاءِ آتيون هيون.

اُتي هڪ ٻيو مريض به وينو هو. هو ڪنڌ واري بستري تي، جمي، پنهنجين هٿ جي ترين سان متو ڏڪي وينو هو. هن سيني کي نظرانداز ڪيو، خاص ڪري مون کي. سين ڪان پري رهڻ جو وٺس وڏو ڪارڻ هو. مون اول ساڻس ڳالهايو هو. ڪوشش به ڪئي هئي. اسان مان ڪو به ڪانئس اهو پڇي نه سگهيو ته هو پنهنجي زال ۽ ڌيءَ ڪان سواءِ ڇو اداس آهي، جيڪي هر خميس ۽ آچر جي شام جو ڇئين وڳي ملڻ ايندي هيون. مون ڪڏهن هڪ ٻيرو به (اسپتال ۾ رهڻ دوران) سندس چهري تي مُرڪ نه ڏٺي هئي. مان نٿو سمجهان ته ڪنهن بئي به ڏٺي هجي.

هو ڇو نٿو اُتي؟ اُتي ڇو نٿو مون کي سارا هي؟ مون کي انهيءَ ڳالهه تي تپرس پيو وٺي. ڪيس مجبور ڪرڻ گهرجي، جيئن منهنجي دوستن پاڙيسرين کي مجبور ڪيو هو، ڏاءِ ڏسڻ لاءِ. ڪيس مون ڏانهن ڏسڻ ۽ اُچرج ٻريل ٻانهن ڦهلائڻ لاءِ چوڻ گهرجي.

اسان سين ڏٺو. هو اُتي بينو.... هن چوطرف ڏٺو.... پنهنجي هٿن جي ترين سان ڳلن ۽ گنجي متي کي رڳڙيائين، ۽ پوءِ هُو اسان طرف وڌيو. اسان سيئي ڏسندا رهجي وياسين. هن جا هٿ مُڪ هٽڻ جي عمل لاءِ اُيا تيا ۽ هو ٻاراڻي نموني کليو. اِها ڪل عجيب هئي جڻ گهوڙو هٽڪيو هجي، مون ڏٺو، هُو تکي نظر سان مون کي گهُوري رهيو هو.

هڪ ٻار پڇيو، ”هي پنهنجي هٿن سان ڇا تو ڪري؟“

مان ڊپ واري ڪيفيت ۾ اچي ويس. مون دانهن ڪرڻ چاهي تي ته اوڏي مهل سندس چهرو هلڪي مُرڪ سان ٽڙي پيو. سندس مرڪڻ جي ڳالهه تي مون سوچيو، ’هُو نه رڳو بڇڙو لڳي تو، پر پاڻ انهيءَ روپ ۾ ٻين سان دشمني ظاهر ڪري رهيو آهي.‘

هن ڏاءِ ڏسي ورتي هئي. هو اهڙيءَ طرح ڏسڻ لڳو جڻ ڪو شرابي هجي. هن پڻ پڻ ڪئي ۽ پنهنجو چهرو مون ڏانهن ڪيائين.

هُو ڪهڙي شيءِ تي مُرڪي رهيو آهي.“ هڪ ڀار پڇيو.
اسان سڀيئي اهو ڏِسي، ٻُڌي رهيا هئاسين.
”نوجوان، تو اها حيرت انگيز ٽاءِ ڪٿان ورتي آهي؟“
مون ڪيس ٻڌايو....
”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“ هن مون کي وچ ۾ ئي ٽوڪيو.
”مان ڪوڙ نہ ٿو ڳالهايان، مون کي اها پنهنجي ڏاڏي کان ملي آهي ۽ منهنجي پيءُ کي پنهنجي ڏاڏي کان...“
”تو اها چورائي آهي... ائين نہ؟ قبولين ڇو نٿو؟“
مون صاف صاف ٻڌايو تہ ڪيئن اُها روايت موجب مون کي ملي آهي.
ٽاءِ ڏانهن ڏسي هُو اڍنگي نموني کليو ۽ دانهن ڪيائين. هن اهڙي طرح دانهن ڪئي، جيئن ڪو ٻڏندڙ شخص بچائڻ واري کي ڏسي دانهن ڪندو آهي.

⊙

”پوڙهو جج صحتمند ٿي ويو.“ ڀار چيو.
ڪيترائي ماڻهو پوڙهي جج کي ڏسي کِليا ۽ خوش ٿيا تہ ڪيترائي غيرجانبدار رهيا. مان سندس وڌيڪ پرواهہ نہ ڪري سگهيس.
”ڇا تون مون کي اِها ٽاءِ ڏيئي سگهندين؟، ٻڍي جج پُڇڪيو.
”نہ...“
”مان توکان پڇان ٿو... نہ... ڇو؟“
”ڇو تہ اها سانڍڻ جهڙي شيءِ آهي. مان اوهان کي ٻي وٺي ڏيان ٿو.“
”مون کي اها ئي گهرجي.“
”نہ، اوهان کي اها نہ ملندي.“
”ڇا ٿيو جيڪڏهن مون وٽ رهي.“
”ائين نٿو ٿي سگهي.“ مون ٽاءِ بچائيندي ڪاوڙ وچان چيو.
”ائين نہ ٿيڻ گهرجي.“ پر جج پنهنجو هٿ منهنجي ڇاتيءَ تي رکيو، ”مهرباني ڪري اها مون کي ڏيئي ڇڏ.“ سندس ٿلهو چهرو لڄارو ٿي ويو هو.

”منهنجي ٿاءِ ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟ اوهان اها ڇو ٿا گهُرو؟“

”ڇڱو آهي تہ تون نہ پُڇين. جيڪڏهن مون کي اها نہ ملي، تہ مان چريو ٿي پوندس.“

”اوهان اها نٿا وٺي سگهو.“ مان ڏڇي ويو هوس. ”مان پنهنجي ماءُ کي لکندس، هوءَ اوهان لاءِ بہ وٺي موڪليندي. جيڪڏهن اوهان پسند ڪريو تہ مان چوندس تہ هوءَ ٿاين جو بنڊل ٺي هتي ڪٽي اچي. پر اوهان کي اها ٿاءِ ايڏي پسند ڇو آهي؟“

”مان خودڪشي ڪندس، جيڪڏهن تون مون کي اها نہ ڏيندين.“ پوڙهو روئي پيو. ”اڄ ئي خودڪشي ڪندس.“ ڪانئس بچڻ لاءِ مان پنهنجي بستري ڏانهن هليو ويس. هو جڏهن منهنجي پويان اچڻ لڳو تہ مان در ڏانهن وڌيس. پوءِ مان دريءَ جي سيخن سان چنبڙي پيس.

”هر رات مان هن ٿاءِ جا سپنا ڏسندو آهيان ۽...“

منهنجي ٿاءِ جي باري ۾ اها انوکي ڳالهه آهي. مون سوچيو، ڳالهه تہ غيرمعمولي آهي جو ڪيئن اهي ماڻهو مون کي هن ٿاءِ کان محروم ڪرڻ چاهين ٿا. بلڪل غير معمولي. ۽ مان انهيءَ تي اڳي کان وڌيڪ سُست ٿي ويس.

”اوهان بہ ڪنهن ٿاءِ جا سپنا ڇو نٿا ڏسو؟“ مون پڇيو.

”رڳو انهيءَ ڳالهه جي لاءِ.... مان هن جا هميشہ سپنا ڏسندو آهيان.“

”ڪڏهن کان....؟“ مون پڇيو.

”ورهين کان....“

”اوهان تہ اڄ پهريون ڀيرو اها ڏٺي اهي، پوءِ ڪيئن شروع کان هن جا سپنا ڏسندا رهيا آهيو؟“

”مون کي خود خبر ناهي، پر....“ سندس اکين ۾ لُڙڪ تري آيا، ”خدا جي واسطي، اها مون کي ڏيئي ڇڏ.“ مون کي هڪ عجيب تجربو ٿيو. مان روئڻهارڪو ٿي ويس. ”ٻڌو،“ مون چيو، ”ڇا اوهان مهرباني ڪري مون کي ۽ منهنجي ٿاءِ کي اڪيلو ڇڏيندا؟ مون کان بہ ڪا شيءِ گهُرو، پر هيءَ نہ. ڇا اوهان کي پيسا گهرجن؟

ڪپڙا، عورت، جيڪي ڪجهه اوهان گهُرندؤ، مان اوهان کي آڻي ڏيندس. مان هر طرح سان مجبور آهيان، بس اِهان رڳو هيءَ ٿاءِ نه گهُرو.“

”تون مون کي هيءَ ڏيئي ڇڏ، ته مُنهنجون سڀ مصيبتون دُور ٿي وينديون.“

ها، مون سوچيو، ’مان ڇريو ٿي پوندس، هن ڇرئي شخص کي ڏسڻ سان. هنن مون کي ڇڻ جيل ۾ نظربند ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان هتي مري ويندس. ڌمڳهُٽ جاءِ ۾ اڇي قاتو آهيان.‘

”اوهه، اها ڪيس ڏيئي ڇڏ.“ انهيءَ مُڇر شخص چيو.

”هو ايڏو بيوقوف ناهي جو ايڏي قيمتي شيءَ ڏيئي ڇڏي.“

”ڏيئي ڇڏينس. ڏس، هُو روئي رهيو آهي.“

”تورو جلدي ڪر،“ ننڍي قد واري بيڪر چيو، ”اسان ٿوري دير ڪئي آهي...“

”اها ڪيس ڏيئي ڇڏ“، مُڇر وري چيو.

”جيڪڏهن تون ڪيس ڏيندين، ته هو خوش ٿيندو.“

”هو خوش ٿيندو، سڀ خوش ٿيندا.... ايڏا خوش، اوهه، اهو ڏاڍو سُنو ٿيندو.... ايڏو پيانڪ سک ٿيندو اهو...“

’مون کي اڻل رهڻ گهرجي،‘ مون سوچيو، اهي ماڻهو اجا به مون سان سنو ورتاءُ نه پيا ڪن. اهي اجا به مون ڏانهن گهُوري رهيا آهن.

”مان پنهنجي ٿاءِ ڪيس نه ڏيندس، پوءِ پل هو هينئر، هِن پَل مري پوي.... اوهان ڇا ٿا سمجهو.“

”تون ڪنجوس آهين، ننر آهين.“ مُڇر چيو.

”اسان جو ڪهڙو مقصد آهي؟“ ننڍي قدر واري بيڪر چيو.

”اوهه، هُو ڪيڏو خوش ٿيندو.... ڪيڏو مزيدار... پيانڪ...! سيڪا شيءِ ڪيڏي خوش ٿيندي!“

چوڪيدار اندر آيو. مان بستري ۾ گهڙي ويس. ڪيس مُرڪندي، ڇڻ ڪافي عرصو گذري ويو هجي.

چوڪيدار جج کي جهنجهوڙيو، پر هو پوءِ به نه ڇُريو. هُو پٽڪيو، ”مون سموري دنيا گهمي آهي پر ههڙي ٿاءِ نه ڏٺي اٿم.“

⊙

ٻئي ڏينهن صبح جو هُو وري پٽڪيو، ”ڇا تو پڪو فيصلو ڪيو آهي ته اها ٿاءِ مون کي نه ڏينديں ڇا تون سچ پچ مون سان مذاق نٿو ڪرين؟“

”نه.“

”ٿاءِ منهنجي آهي.“ جج ڊرامائي لهجي ۾ چيو.

”اها، نه...“

تڏهن اسان سين ڏٺو ته پوڙهي جج هڪ ڏگهو ڀارو ڪنيو ۽ پنهنجي مٿي تي گهمائڻ لڳو، جيئن ڪو سپهه سالار تلوار مٿي جي چوڌاري ڦيرائيندو آهي.

”تون بدمعاش، واهيات ۽ بڪواس ماڻهو آهين... تو کي خبر ناهي ته ڪنهن سان تو ڳالهائين، مان اوهان سين کي ڦاسيءَ تي چاڙهيندس...“

چوڪر ڪاريدار ۾ ويندي چوندو ويو، ”پوڙهي جج کي وري ڏڪ لڳو آهي.“

مون ڏٺو، جج جي مٿي تي پگهر جون بوندُون اچي ويون هيون ۽ سندس چپن تي ڪِڦ جمي ويئي هئي. هٻڪندي هو مون ڏانهن مُڙيو، ”نوجوان، تون مون کي تڪليف ڏيئي رهيو آهين. ٿاءِ منهنجي آهي، اها منهنجي ملڪيت آهي.... تون سمجهين ٿو، تون ڪير جو نئيو دڪاندار.... جيڪڏهن نٿو سمجهين، ته تون چريو آهين. توکي اندر بند ڪرڻو پوندو، تون چريو آهين.“

”اها تنهنجي ناهي،“ مون ڪنهن جي پوئتان رڙ ڪئي.

”منهنجا پيارا چوڪر.“ هوُ روئي چوڻ لڳو. ”هِي مون کي ڏيئي ڇڏ، مون هِن جا سپنا ڏٺا آهن. مون گذريل رات هِن جو سپنو ڏٺو آهي. جيڪڏهن اها مون کي نه ملي ته مان مري ويندس.“ مون بچڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن مان ڪمري ۾ گهڙان ها ته هو منهنجي پويان اچي ها ۽ مون کي جهلي وٺي ها. جيڪڏهن مان باهر ڪاريدار ۾ اچان ها، ته هُو به... مون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي هڪ رٿا ناهي ته ٿاءِ لڪائي رکجي. ڇو ته هُو هر وقت ئي مون سان رهندو هو. هڪ رات مان گهري ننڊ مان جاڳيس ته ڏٺم ته پوڙهو جج منهنجي بستري جي پرسان جهُڪيل آهي. مان واري واري سان

ڪيس ۾ چند ڪي ڏسندو رهيس، جيڪو سيخن مان ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ جج رڙيون ڪري رهيو هو، ”مان توکي گهڻي دولت ڏيندس، جيڪڏهن تون مون کي اها ڏيندين، مان وڏو مالدار آهيان.“

مان وهاڻي ڏانهن مڙيس ۽ مون ڪمبل سان پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو. هن رُئڻ جاري ڪري ڇڏيو.

”مان پنهنجي زال کي لکندس ته هوءَ سيڪجهه وڪڻي ڇڏي، جيئن مان توکان اها خريدي سگهان.“ هن چيو. ”توکي هن جا گهڻا پيسا گهرجن؟“

مان ماٺ ڪري پنهنجي دل جي ڌڙڪن ٻڌندو رهيس.

”مان جيئڻ نٿو چاهيان،“ جج پُڙ پُڙ ڪئي. ”ڏس، اها ڳالهه مون کي ڪٿي ڪٿي آئي آهي! يا ته تون مون کي ڏيئي ڇڏ يا مون کي ماري ڇڏ، مون کي انهن سيني کان ڇوٽڪارو ڏيارو.“

⊙

چوڪيدار جي کُهري آواز ٻن ڏينهن کان پوءِ پڇيو، ”جج ڪيڏانهن ويو؟“

”هُو هتي ناهي.“

”ڪجهه دير اڳ هتي هو،“ ڪنهن چيو.

’آهه،‘ مون سوچيو، هو منهنجي ٿاءِ چوري ڪري ڀڄي ويو آهي. شڪ اٿم، هو گهر هليو ويو آهي يا شڪ اٿم، پري امريڪا هليو ويو هجي.

”ڪيس ڳوليو.“ چوڪيدار چيو.

منهنجي سيٽ جي هيٺان پيل پئڪيٽ گم ٿي ويو آهي. مون سموري مجموعي ۾ رڙ ڪئي، ”منهنجي ٿاءِ غائب آهي، اها هتي ناهي.“

مون سيئي ڪمرا ڳوليا پر ناڪامي ٿي. مون وهنجڻ جي جاءِ به ڏٺي، اُتي به نه هئي.

”هو هتي آهي،“ ڪنهن ڪاريڊور مان رڙ ڪئي، ”پوڙهو، بدمعاش هتي آهي.“

مان ڊوڙندو مجموعي کي چيريندو اڳتي وڌيس. ڏٺم، جج جي پيرن جون ترِيون پيليون پئجي ويون هيون. زمين کان هڪ فوٽ

متي... رکو.

”۽ تنهنجي ٿاءِ سان گڏ ئي...“

انهن کيس ڪمبل ۾ ويڙهي چڙهيو هو. جيستائين ڊاڪٽر اچي، اسان سڀ پنهنجي جاين ڏانهن پٺي ويا هئاسين.

”هن اها ٿاءِ ڪنهن کان ورتي آهي؟

”مون کي خبر ناهي ڊاڪٽر.“

”هي جج جي ڪمري واري نوجوان جي آهي.“ ڪنهن چيو.

اُهي مون کي ڏسڻ نہ آيا، نہ ئي ڪنهن کي ڪجهہ چيائون.

اسان ڪاريڊور ۾ گڏ ٿياسين. هڪ ڊگهي چادر ۾ جج ويڙهيل هو، ۽ پرسان سندس زال بيٺي هئي. ننڍي ڇوڪري روئي رهي هئي ۽ مان اچرج ۾ هئس تہ اُهي نيٺ ڇو روئي رهيا هئا جڏهن تہ هُو ايترو بڇڙو هو. مان بہ رڙيون ڪري رهيو هوس، جج جي لاءِ نہ، پر پنهنجي ٿاءِ جي لاءِ، جيڪا چوڪيدار جي ڪيسي مان ڏسجي رهي هئي.

”اسان جو ڪهڙو مقصد آهي...؟“ بيڪر چيو.

هڪ عورت مُڙي. بيڪر وري چيو، ”سائين اسان جو ڪهڙو ڪم آهي، ڪهڙو مقصد آهي؟“

”اوهہ... ڪيڏو خوش، ڪيڏي پيانڪ خوشي...“

مان ڏک وچان پنهنجي ٿاءِ ڳولڻ لڳس، جڻ ڪا خوشي يا سُک ڳوليندو هجان. آخر ۾ مون کيس اسپتال ۾ ڳولي ورتو.

”اها ٿاءِ بيهر ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟“

”تو ڪالهہ اها ڪٿي چڙهي هئي؟“

”مون کي خبر ناهي ڊاڪٽر.“

”جج جي ڪمري واري نوجوان تہ نہ چورائي اُها؟“

”سمجهان ٿو: هن ئي، ڊاڪٽر...“

”اُهي اُها ٿاءِ وري مون کان ڪڏهن نہ سگهيا.

⊙

منهنجي ماءُ خوش هئي. مان صحتمند ٿي ويس. مان خوش هوس تہ انهيءَ ٿاءِ سان ڪجهہ ڪلاڪ گذاري سگهندس. منهنجي ماءُ، منهنجي ٿاءِ سان محبت ڏسي، منهنجي جنم ڏينهن جي موقعي تي هڪ

درجن سهڻيون ٽايون ڪٽي آئي، پر مون اهي باهه ۾ وجهي ڇڏيون.

هر خوشيءَ جو وقت ننڍو ٿيندو آهي. هڪ صبح جو، جڏهن مان شهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيس، انهيءَ ڇوڪريءَ سان ملڻ لاءِ وڃڻ لاءِ، جيڪا مون سان محبت ڪندي هئي ۽ جنهن ڪي ملڻ جو وقت ڏنو هئم... مان اوچتو ڏڪڻ لڳس.... مون آرسيءَ ۾ جج ڪي لٽڪندي ڏٺو. سندس چهرو ماسارو نہ هو. مان ڇوڪريءَ ڏانهن ڊوڙيس تہ اوچتو ٽاءِ اتان سڙڪ تي وڃي پئي. هڪ ننڍي قد وارو ٻار جهپ هڻي ٽاءِ کڻي وٺي ڀڳو. مون کي تڏهن پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ جا لفظ ياد آيا. مان تڏي پڳهر سان پُسي ويس. مان سڌو گهٽيءَ ڏانهن ڊوڙيس.

ڇٽيون ٽاڻجي ويون هيون ۽ برف جون پوٽيون ڪرڻ لڳيون هيون. روشني جهڪي ٿي ويئي هئي. هڪ بس جو پويون حصو برف سان پيرجي ويو هو. ”ڇا توهان مان ڪنهن ٻار کي منهنجي ٽاءِ سان ڏٺو آهي؟“

”ڇا تون اهو چوڻ چاهين ٿو ڇڱا مڙس تہ اها ٽاءِ تنهنجي هئي؟“ هڪ شخص پڇيو.

”ها، اُها منهنجي هئي. اها منهنجي ڏاڏي منهنجي لاءِ، منهنجي پيءُ جي ڏاڏي منهنجي پيءُ لاءِ ڇڏي هئي. جيڪڏهن اها گم ٿي وئي تہ مان مصيبت ۾ ڦاسي ويندس، اها ئي منهنجي ڏاڏي....“

”اسان بہ انهيءَ ڇوڪر کي پيا ڳوليون.“ هنن چيو.

”اهو ڀڄي ويندو.“ مون چيو.

ڇٽيون هڪدم هيٺ ڪري پيون، ”هو ڀڄي نٿو سگهي، فوج شهر کي گهيرو ڪري وٺندي.“

”معاف ڪجو، ڇا ڪنهن ڇوڪر کي منهنجي ٽاءِ سان ڏٺو آهي؟“

برف جون پوٽيون گم سم ۽ ڏکي ٿي ڪِريون.

۽ مان روئي پيس. □□□

# ڏاڪڻ جي ڳالهه

## خرِستو سِمرنِيسڪي

### بلغاريائي (بلغاريا)

”تون ڪير آهين؟ ڇن ڪانئس پڇيو.

”مان ڇائي ڄم کان تمام غريب گهر جو آهيان. اهي ليڙون لٽا پاتل سمورا ماڻهو منهنجا پائر آهن. اُف! هي ڌرتي ڪيڏي بي ڍنگي آهي ۽ ماڻهو ڪيڏا اياڳا!“

جنهن نوجوان اها ڳالهه چئي هئي، سندس ڳاٽ اوچو هو ۽ منيون پڪوڙيل هئس. هو جتي بينو هو، سندس سامهون تمام اوچي گلابي ليڪن واري سنگمرمر جي ڏاڪڻ هئي. پوءِ هن پري اوڏانهن ڏٺو جتي ڪنهن ميري پاٽي جي وهڪري جهڙن ماڻهن جي پيهه لڳل هئي. اهي ماڻهو ڏاڍا وياڪل لڳا ٿي. سندن جوش ڪڏهن اوچتو پڙڪو ڪاڍو ٿي، سندن رڙين هوا سان ٽڪر ڪاڏو ٿي ۽ پري ڪٽي بندوقون ڇُٽڻ جهڙي گجڪار بڌڻ ۾ آئي ٿي. سموري پيهه پيلي رنگ جي منيهاٽي ڏسڻ ۾ آئي ٿي، جيتوڻيڪ ڪئين چهرا انهيءَ منيءَ مان ايرندا ڏسڻ ۾ آيا ٿي. هڪ پيرمرد اڳيرو وڌندو ٿي ويو پر سندس چبي چيلهه ڪي ڏسندي لڳو ٿي ڄڻ هو ڌرتيءَ تي پنهنجي وڃايل جواني ڳوليندو هجي. هڪ پيرن اگهاڙي ننڍڙي ڇوڪريءَ سندس قاتل ڪوٽ ڪي جهلي سامهين اوچي ڏاڪڻ ڏانهن لالچ پريل نظرن سان نهاري رهي هئي. سندس اکيون نيرن گلن جهڙيون لڳي رهيون هيون. سندس پويان ايندڙ ماڻهو ٽڪل ۽ مرٿيا ڳائيندي لڳي رهيا هئا. منجهانئن ڪِي ڪڏهن سيٽيون وڃائي رهيا هئا تہ ڪي ڪيسن ۾ هٿ وجهيو قاتل ۽ بي سُرن آوازن ۾ ڳائيندا وڃي رهيا هئا. لڳو ٿي ڄڻ سچ پچ پاڳل ٿي ويا هجن.

”مان چائي چم ڪان تمام غريب گهر جو آهيان ۽ اهي ليڙون لٽا پاتل سمورا ماڻهو منهنجا پنهنجا يائر آهن. اُف! هي ڌرتي ڪيڏي بي ڍنگي آهي ۽ ماڻهو ڪيڏا اياڳا!“ انهيءَ نوجوان وري اها ڳالهه چئي ۽ مٿي ڏاڪڻ جي چيڙي ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو، ”توهان.... مٿي وينل! توهان...“

اڳيان بينل چِن سندس ڳالهه وچ ۾ ڪاٽي، چوڻ لڳو، ”توکي اِنهن تي ڏاڍي ڪاوڙ آهي، جيڪي مٿي وينا آهن؟“

”مان انهن سيني بادشاهن کان بدلو وٺندس. ايمان سان مان ڪائنن تمام سخت بدلو وٺندس. تون منهنجن ماڻهن کي نٿو ڏسين جن جا رنگ پيلا زرد ٿي ويا آهن؟ سندن رڙيون سياري جي طوفاني هوائن جهڙيون آهن. هڪوار سندن جسمن ڏانهن ته ڏس، ڪيترا نه اگهاڙا ۽ رتوچاڻ آهن. بس، تون هڪ پيرو مون کي هِتان لنگهڻ ڏي ۽ مٿي وڃڻ ڏي....“

چِن مرڪيو، ”مان سندن حفاظت لاءِ بينو آهيان. پر جيڪڏهن تون ڪجهه رشوت ڏيندين، ته مان توکي اڳتي وڃڻ ڏيندس.

”مون وٽ ڪجهه به ناهي. سون جو ننڍڙو ذرڙو به نه اٿم جو توکي رشوت ڏيان! فقط پنهنجو سِر اٿم، انهن لاءِ مان اهو ڏيئي سگهان ٿو.“

چِن وري مرڪيو. ”نه، مان توکان ايڏي وڏي شيءِ نٿو گهران. پر جيڪڏهن تون مون کي هڪ ننڍڙي شيءِ ڏيندين...“

”ڪهڙي؟“

”پنهنجي ٻُڌڻ جي قوت.“

”ٻُڌڻ جي قوت؟ چڱو هي وٺ. مان ڪن بنان ئي جيئندس، پر....“

”ڊچ نه، تون ٻوڙو نه ٿيندين. مان انهن جي بدران توکي نئين قوت ڏيندس.“ چِن دلاسو ڏيندي چيو، ۽ چيائين، ”اچ، اڳيان هليو وڃ...“

نوجوان جلدي اڳيان وڌيو ۽ ٽي ڏاڪڻيون چڙهي ويو. پر جڏهن هو چوٿين ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو ته چِن سندس هٿ جهلي ورتو. ”ترس ۽ ڪن لائي ٻڌ هيٺيان ڏاڪڻين جي ٻاهران، تنهنجي يائرن جي رئڻ جا آواز پيا ٻُڌڻ ۾ اچن.“

نوجوان بيهي رهيو، ڪن لائي ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو، ”ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي، سيئي ائين ڳائي رهيا آهن، ڄڻ ڏاڍا خوش هجن.“

”پر ايندڙ ٽي ڏاڪڻيون مان توکي تڏهن چڙهڻ ڏيندس جڏهن تون مون کي اکيون ڏيندين!“ ڄڻ ڪيس اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو.

نوجوان گهٻرائجي ويو. ڄڻ دلاسو ڏنو، ”پر انهن جي بدران مان توکي انهن کان به سنيون اکيون ڏيندس.“

نوجوان پيون ٽي ڏاڪڻيون پار ڪري ورتيون ته ڄڻ ڪيس ياد ڏياريو، ”هاڻي هڪ پيرو هيٺ، ڏاڪڻين کان هيٺ نظر ڪر تنهنجي پائرن جا جسم ڪيترا اگهاڙا ۽ رتوچاڻ آهن!“

”يا خدا! هي مان ڇا ٿو ڏسان! منهنجن انهن سيني ماڻهن هاڻي ايترو جلدي، سهڙا وٽندڙ ڪپڙا ڪٿان آندا آهن؟ سيني ڪيڏا سهڻا گلاب جا گل لڳايا آهن!“

نوجوان جلدي وري ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳو هر ٽن ڏاڪڻين کان پوءِ هن ڄڻ کي رشوت طور ڪجهه نه ڪجهه ڏنو ٿي. ڪيس مٿي بُرج ۾ پهچڻ جي ڏاڍي تڪڙ هئي ۽ هو سوچي رهيو هو ته ڪيئن به ڪري هڪ پيرو اُتي پهچي ۽ اُنهن شاهن بادشاهن کان دل ڪولي پنهنجن پائرن جو بدلو وٺي سگهي.

اڳيان هڪ ڏاڪڻ رهيل هئي. انهيءَ نوجوان هڪ پيرو وري غصي وچان پنهنجو عزم ورجايو، ”ليڙون لٽا پاتل سمورا ماڻهو منهنجا پائر آهن....“

”سهڻا نوجوان، هڪ ڪن لاءِ ترس!“ ڄڻ پنهنجي سخت ۽ کُهري هٿ سان انهيءَ نوجوان جو نرم هٿ جهلي ورتو ۽ چوڻ لڳو، ”پر هي پڇاڙيءَ جي ڏاڪڻ پار ڪرڻ لاءِ مان پيٽي رشوت وٺندو آهيان. مون کي جلدي پنهنجي دل ۽ ياداشت ڏيئي ڇڏ.“

نوجوان ڪاوڙ وچان پنهنجو هٿ لوڏيو، ”دل؟ ڪڏهن نه!“

ڄڻ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ حق جمائڻ واري لهجي ۾ چيائين، ”چريا، مان ايڏو ظالم ناهيان. تنهنجي سادي سوُدي دل جي بدران مان توکي سوني دل ڏيندس، ۽ تنهنجي تلخ ياداشت جي بدران تمام

وڻندڙ ياداشت! جيڪڏهن تون اهي ٻئي شيون نہ مڃائيندين تہ تون هڪ وک بہ اڳيان نہ کڻي سگهندين. ۽ انهن کان سواءِ تون اتي پهچي پنهنجي ماڻهن جو بدلو ڪيئن چُڪائيندين!“

نوجوان جِن جي تيز ۽ساڻين اکين ۾ ڏٺو، ۽ چوڻ لڳو، ”انسان جون اهي سڀ کان املهہ شيون جيڪڏهن تون مون کان کسي وٺندين تہ مان دنيا جو سڀ کان بدنصيب ماڻهو ٿي پوندس.“

”نہ، دنيا جو سڀ کان بختاور ماڻهو! جِن کليو ۽ چوڻ لڳو، ”پوءِ ڪيئن؟ ڪهڙي مرضي اٿيئي؟“

نوجوان سوچ ۾ پئجي ويو. سندس منهن تي ڪاراڻ ڇانئجي ويئي. پيشانيءَ تي پگهر مِڙي آيس. هن مُنيون پڪوڙي چڏيون ۽ ڏند پيڙي چيائين، ”چڱو وٺ.“

سندس مٿي جا وار ڪيس ڪندن وانگر چيڻ لڳا ۽ هُو ڏندن ۾ جڀ جهلي اڳيرو وڌڻ لڳو. پڇاڙيءَ واري ڏاڪڻ پار ڪري ڇت تي پير رکيائين. ۽ تڏهن سندس منهن تي هڪ چمڪ اچي ويئي، اکين ۾ مستي ڇانئجڻ لڳي ۽ پڪوڙيل مُنيون کُلي پيون. سامهون شاهن بادشاهن جو جشن هو. هن هڪ پيرو هيٺ، پري ماڻهن جي لُڇندڙ پيهہ ڏانهن ڏٺو، پر سندس پيشانيءَ تي ڪو گهنج نہ پيو. سندس منهن خوشيءَ وچان ٽِڙي پيو هو. هن ڏٺو، پري بيٺل ماڻهو وڏن ڏهاڙن تي پائجندڙ ڪپڙن ۾ سجيل هئا، ۽ سندن آهون گيتن جيان ٻڌڻ ۾ پئي آيون.

”تون ڪير آهين؟“ جِن پنهنجي قاتل آواز ۾ ڪانئس پڇيو.

هو جهومڻ لڳو، ”مان جائي جم کان شهزادو آهيان. ۽ سمورا ديوتا منهنجا پائر آهن. ڏس! ڌرتي ڪيڏي سهڻي آهي، ۽ ماڻهو ڪيڏا نہ خوش آهن!“ □□□

# اونده ۾ اُجالو

## لِليڪا ناڪوس

### يوناني (يونان)

ڪين مارسيلز ۾ لڏو لاتي هڪ مهيني ڪان متي ڏينهن ٿي ويا هئا. شهر ڪان ٻاهر، چڱو پريرو، آرميني پناهگيرن جي اها ڪئمپ ڪنهن ڳوٺ جيڏي لڳي ٿي. حالت اها هئي جو جنهن کي جتي جاءِ ملي، اهو اتي متو لڪايو وينو هو. شاهوڪار، تنبُن ۾ پناهه ونيو وينا هئا. ڪي قتل جهوپڙين هينيان ٽپڙ وچائي وينا هئا ۽ جن وٽ ٻيو ڪجهه ٻه نه هو، اُهي چئني طرفن ڪان ٽوٽيون ڪوڙي متان فراسيون وجهي پنهنجو متو لڪايو پيا هئا. انهن ويچارن جي ڪوشش اها هئي ته جيڪڏهن ڪين ڪپڙو ملي وجي ته اُهو چئني طرفن ڪان ٻڌي، پت ناهي چڏين ۽ هر ايندڙ ويندڙ جي گهوريندڙ نظرن ڪان بچي وڃن. پوءِ ٻه ڪين انهيءَ ڳالهه جو چڱو ڏڪ هو ته مردن کي ڪو نه ڪو ڪم ملي ويو هو ۽ ٻڪ مرڻ بدران، اُهي پنهنجن ٻارن لاءِ ڪاڏي پيتي جو سامان آڻڻ لائق هئا.

انهن سيني ۾ ميڪالِي هڪ اهڙو ماڻهو هو، جيڪو ڪو ٻه ڪم نٿي ڪري سگهيو. پاڙيسرين سندس ڪاڏي پيتي جو خيال رکيو ٿي ۽ هو انهن جي احسان جي ٻار هينيان دٻيل هو. هو چوڏهن سالن جو تندرست نوجوان هو، پر ڪو ٻه ڪم ڪرڻ ڪان انهيءَ ڪري معذور هو، جو ڪيس هر وقت هڪ تازي ڄاول ٻار کي پنهنجي پُٺيءَ تي ڪٽي رلٽو پوندو هو.

ٻار کي سندس ماءُ جنم ڏيئي مري ويئي هئي. انهيءَ ڏينهن ڪان وٺي، اهو ٻار صبح ڪان رات تائين روئندو رهندو هو.

انهيءَ باري ۾ بيا ماڻهو ميڪالي جي پلا چو خبر رکن، جڏهن سندس پنهنجا ڳوٺائي ساٿ ڇڏي ويا هجن. ڪين شڪايت هئي تہ رات جو، ٻار جي لاڳيتي روئڻ جو آواز سهڻ جوڳو نہ هو ۽ ننڊ ٿي ڦٽايائين. ميڪالي خود انهن رڙين ڪان تنگ اچي ويو هو. هُو سڄو ڏينهن ڪنهن پٽڪندڙ روح وانگر هيڏانهن هوڏانهن رُلندو رهندو هو. اوجاڳي ۽ بي آراميءَ جي ڪري هو ايڏو بي حال هو جو ڪيس هر وقت اهو ٻار پاڻ سان گڏ ڍوئڻو پوندو هو.

اهو ٻار بہ سندس بدقسمتيءَ لاءِ ڄائو هو ۽ اهو بہ وري خراب حالتن ۾. هرڪو هن جي رڙين ڪان تنگ هوندو هو، ڇو جو ڪين پنهنجي مصيبتن ڪان بہ فرصت نٿي ملي. انهيءَ ڪري هر ڪنهن جي اها دلي خواهش هئي تہ اهو ٻار پلي مري وڃي. پر اهي دعائون بي اثر هيون ۽ ٻار تنگ ڪرڻ لاءِ جيئرو رهيو.

عورتون پريشان ٿي ڪنن تي هٿ رکنديون هيون ۽ ميڪالي ڪيس کلهي تي ڪنيو ڪنهن شرابيءَ وانگي ٿڙندو ٿاٻڙندو رلندو رهندو هو. سندس ڪيسي ۾ ايترا پئسا بہ نہ هوندا هئا جو ٻار لاءِ ڪير ڪٽي وٺي ۽ ڪئمپ ۾ عورتون اهڙي حال ۾ نہ هيون جو ٻار کي پنهنجو ڪير ڏارائين ڪٽي ڏين.

ڇا ڪنهن ماڻهوءَ کي پاڳل ٿيڻ ايترو ڪافي نہ هو؟

هڪ ڏينهن ميڪالي روزمره جي بڪبڪ کان تنگ ٿي، ڪئمپ جي ٻئي طرف نڪري ويو جتي اناطوليہ جي رهاڪن جي ڪئمپ لڳل هئي. اهي ماڻهو بہ سندن وانگي تُرڪن جي حملي سببان وچ ايشيا کان ڀڳا هئا. ميڪالي ٻڌو هو تہ انهن جي ڪئمپ ۾ هڪ دائي رهندي آهي، تنهنڪري هو وڏي اميد رکي ٻار کڻي اوڏانهن روانو ٿيو. اها ڪئمپ بہ سندن ڪئمپ وانگر خراب حالت ۾ هئي. پوڙهيون عورتون زمين تي بسترا وڇائي سوڙهيون سکوڙيون ٿيو پيون هيون ۽ ٻار اگهاڙي پيرين نديءَ جي گندي پاڻي ۾ کيڏي رهيا هئا.

جڏهن هو ويجهو پهتو تہ ڪئين عورتون سندس چوڌاري مڙي ويون ۽ اچڻ جو سبب پڇڻ لڳيون. پر هو اڳتي وڌندو ويو ۽ هڪ تنبوءَ جي اڳيان بيهي رهيو، جتي پاڪ مريم جو مجسمو رکيل هو. تنبو اندران ڪنهن ٻار جي رُئڻ جو آواز اچي رهيو هو.

”پاڪ مريم جي صدقي، جنهن جو مجسمو تو ٻاهر رکيو آهي، هن يتيم تي رحم ڪر ۽ ٿورو کير هن کي به پيار. مان هڪ غريب آرميني آهيان.“ هو يونانيءَ ۾ چوڻ لڳو.

انهيءَ التجا تي هڪ سانوري ۽ سهڻي عورت ٻاهر نڪتي. هن جي ٻانهن تي سندس ٻار هو. ٻار اڌ پٽيل اکين سان سندس ڇاتيءَ مان کير پي رهيو هو.

”پنهنجو ٻار ڏيکار! هي ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري؟“

ميڪالي خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نٽي ماپيو.

گهٽيئي پاڙيسري ڪيس چوڌاري ڦري آيا ۽ سندس ڪلهي تان گودڙي لاهڻ لڳا، جنهن ۾ ٻارويڙهيل هو. اُهي بيقراريءَ وچان ٻار تي جهڪيا بيٺا هئا ۽ ميڪالي ٻار تان ويڙهيل ڪپڙو پري ڪيو.

سيني عورتن ڪان هڪدم خوفناڪ رڙ نڪري ويئي.

ٻار جي شڪل انسانن جهڙي بلڪل نه هئي، بلڪ ڏاڍي خوفناڪ هئي. مٿو ڏاڍو سخت تي ويو هئس ۽ سڄو بدن، جيڪو ويساهه نه ڪرڻ جوڳي حد تائين ننڍڙو هو، گهُنجن سان پريل هو. هو پنهنجو آگوٺو چوسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر آگوٺو ايترو ته سُڄيل هو جو سندس وات ۾ نٽي آيو.

اهو ڏاڍو خوفاڪ منظر هو. خود ميڪالي ڊپ وچان به قدم پوئتي هٽي ويو.

آخر ۾ هڪ پوڙهي عورت چوڻ لڳي، ”هي ته آدمخور آهي پڪو آدم خور! جيڪڏهن منهنجي ڇاتيءَ ۾ کير هجي ها ته جيڪر مان پيارڻ جي همٿ نه ڪري سگهان.“

”هي پڪو غير عيسائي آهي.“ ٻيءَ عورت ڇاتيءَ تي صليب جو نشان ٺاهيندي چئي ڏنو.

”هي ضرور ڪنهن تُرڪ جو ٻار آهي!“

هڪ ٻي پوڙهيءَ ايندي ئي هاءِ هاءِ ڪري رڙڻ لڳي.

”هيءُ ته شيطان آهي!“

پوءِ هو ميڪالي ڏانهن منهن ڪري ڪاوڙ مان چوڻ لڳي، ”نياڳا، هتان هليو وڃ. تون به اسان کي عذاب ڏيڻ آيو آهين.“

۽ اهي سيئي بدشد ڳالهائي ڪيس ڌڪا ڏيڻ لڳا.

هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. لاچار هو بک ۾ پاهہ ٽيندڙ ٻار کي رُئندو ڪلهي تي کڻي اتان ڪان اٿي هليو. هاڻي وٽس ڪو ٻيو چارو ڪونہ هو. ڪيس ٻار کي بک مارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو علاج نٿي سُجهيو.

ميڪالي هاڻي پنهنجو پاڻ کي بيحد اڪيلو ۽ بي يارومددگار محسوس ڪري رهيو هو. ڪيس، اهو سوچي تہ هڪ آدمخور کي ڪنيو ٿو هلان، پنهنجو روح فنا ٿيندي محسوس ٿيڻ لڳو. هو هڪ جهوپڙيءَ جي اوٽ ۾ ويهي رهيو. ڏاڍي گرمي هئي ۽ سندس سامهون وسيع ڌرتيءَ جو سينو ٻَري رهيو هو. گرميءَ جي ڪري حالت ڏاڍي خراب هئي. پري پري تائين ڪو ساهوارو نظر نٿي آيو.

هُن ڪالهہ ڪان ڪجهہ بہ نہ کاڌو هو. ڪيس ڪجهہ نہ ڪجهہ چورائڻ لاءِ گهٽين ۾ چڪر ڏيڻ گهرجن. هو سوچڻ لڳو: گهٽ ۾ گهٽ پليٽ ۾ ٻچيل جوني پيسٽريءَ جي اوبر تڳائڻ لاءِ هوٽلن جي ٻاهران لامارا ڏيڻ گهرجن. يا وري ڪاسائيءَ جي دڪان تي ڪُتن ڪان ٻچيل ڇيڇڙا ڳولڻ ڪپن.

اوچتو ڪيس زندگي ايتري قدر منجهيل ۽ مشڪل نظر اچڻ لڳي، جو هو پنهنجو منهن ٻنهيءَ هٿن ۾ لڪائي سڏڪا ڀري رُئڻ لڳو.

جڏهن هن پنهنجو منهن مٿي ڪنيو تہ هڪ شخص سندس سامهون بيهي ڪيس گهوري رهيو هو.

ميڪالي چيني شخص کي سڃاڻي ورتو جو اڪثر سندن ڪئمپ ۾ ڪاغذ جا رانديڪا ۽ تعويذ وڪڻڻ ايندو هو ۽ جنهن کان ڪڏهن ڪنهن ڪجهہ بہ نہ خريديو هو. ڪئمپ وارا هميشہ سندس رنگ ۽ اندر پيل اکين تي ٽوڪون ڪندا هئا ۽ ٻار ”اِهو اِهو“ چئي چيڙيندا هئس.

”لِي لِنڪ — ڊِي سِٽِنڪن چِنڪ“

ميڪالي سمجهي ويو تہ هو ڪيس همدردي وچان ڏسي رهيو آهي، ۽ ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو. نيٺ چيني ڊجندي ڊجندي چوڻ لڳو،

”تون روئين ڇو ٿو؟ مون سان ڳڏجي هل.“

ميڪالِي ڪنڌ سان ناڪار ڪئي.

هن اتان پڇي وڃڻ چاهيو ٿي. هن انهن ايشيائي ماڻهن جي ظلم جون ڪئين خوفناڪ ڳالهيون ٻڌيون هيون. هن جي خيال ۾، اهي ماڻهو اهڙن هنڌن تي اڇي موقعو تاڙي يهودين جي ٻارن وانگر عيسائين جي ٻارن کي اغوا ڪري ماريندا آهن ۽ انهن جو رت پيئندا آهن.

پر اهو چيني اُتان نہ چُريو ۽ ائين ئي اُپي پيرين بيٺو رهيو.

آخر ۾ ميڪالي ڏاڍي لاچاريءَ جي حالت ۾ هن جي پويان هلڻ لڳو.

انهيءَ حالت کان ٻي ڪهڙي مصيبت جي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي؟ ڪمزوريءَ وچان سندس پير ڏڪي رهيا هئا. ٻار کي سنڀاليندي هو ڪئين پيرا ڪرندي بچيو هو.

اهو ڏسي، چيني ڪانئس ٻار ورتو ۽ نرميءَ سان پاڻ سان لڳائي ڪٺي هلڻ لڳو.

رستي تي ڪئين بيون ڪئمپون پوئتي ڇڏيندا ويا ۽ پوءِ هڪ پيچري تي هلڻ لڳا، جيڪو ننڍي باغ ۾ گهيريل ڪاٺ جي هڪ ڪئبن ڏانهن ويو ٿي.

چيني ڪئبن جي در جي سامهون پهچي بيهي رهيو ۽ تاڙي وڄايائين. اندر قدمن جي آهٽ ٿي ۽ هڪ ننڍڙي عورت در اچي کوليو. ڏارئي ماڻهوءَ کي ڏسي سندس چهري تي حيا جي سرخي ڦهلجي ويئي. پوءِ هڪ وٽندڙ مرڪ کان سندس مُنهن ٻهڪي اٿيو. هن اشاري سان آجيان ڪئي.

ميڪالي اجا تائين دٻ وچان ٻڌتر ۾ هو.

سندس اها حالت ڏسي چيني چوڻ لڳو، "اندرهل، ڊڄڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي. هيءَ منهنجي زال آهي."

ميڪالي اندر گهڙيو. ڪمرو اندر چڱو وڏو هو ۽ وچ ۾ پاڻي جي ديوار سان ٻن حصن ۾ ورهايل هو. جيتوڻيڪ سامان مان غريبي ظاهر ٿي رهي هئي پر پوءِ بہ ڪمرو ڏاڍو صاف سترو هو.

هڪ ڪنڊ ۾ بيد جو پينگهو پيو هو.

"هي منهنجو ٻار آهي." جوان عورت پينگهي ڏانهن اشارو ڪري دلڪش انداز ۾ مشڪندي ڪُڇي، "هي منهنجو لال ڏاڍو سُهڻو آهي. اچ توکي ڏيکاريان."

ميڪالي پينگهي جي ويجهو وڃي خاموشيءَ سان ٻار جي ساراهه ڪرڻ لڳو. هڪ ٿلهو، متارو ۽ تندرست ٻار آرام سان ننډ ۾ سُتو پيو هو. سندس رنگ ماڻس کان وڌيڪ گورو هو. ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهيل هو ننڍڙو شهزادو ٿي لڳو.

اوڏيءَ مهل مڙس پنهنجي زال کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ ڪکن جي ٺهيل ٽؤنٽري تي ويهڻ لاءِ چيائينس. پوءِ ٻنان ڪجهه ڳالهائڻ جي اڳيان جهڪي ٻار کي سندس هنج ۾ ڏنائين.

عورت ڏاڍي چاهه وچان ٻار تي جهڪي سندس منهن تان ڪپڙو پري ڪيو ۽ هڏن جي پڃري کي ڏسي چپ ٿي ويئي. پوءِ رحم جي گهري جذبي وچان ڪانئس آهه نڪري ويئي. هُن ٻار کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو ۽ پوءِ حيا جي انداز ۾ پنهنجي ڪير پريل ٻُبن تان ڪپڙو هٽائي ٻار جو وات انهن سان لڳائي ڇڏيائين.

ڪئين ڏينهن جو بکايل ٻار بي اختيار چُسر چُسر ڪري ڪير ڌائڻ لڳو.□□□

# رت جو وهڪرو

## مارِ اوس پونتيڪاس

### يوناني (يونان)

اهي سيئي جلدي جلدي اسٽيڊيم ۾ گڏ ٿيندا ٿي ويا. هر ڪنهن ڪي آواز، ٺهڪ، لائوڊ اسپيڪر ۽ ماڻهن جو هُل هنگامو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. نيري ورديءَ ۾ ڏگهي ڊوڙ وارو مهندار رانديگر ڦڙتيءَ سان ٽپندو، وٺ ڪائيندو، ٻانهون ڦهلائيندو اڳيان وڌيو ۽ پوءِ ٻرانگهون پريندو هڪ بينچ جي پرسان آيو، جتي هن پنهنجي ڳوتري رکي.

جلدئي تڪي روشني وارن بلبن ۽ اسٽيڊيم جي آس پاس جيترين بتيون هيون، انهن سيني کي روشن ڪيو ويو. هاڻي بس رڳو معزز مهمانن جي پهچڻ جي دير هئي ته راند شروع ٿئي. پر جيڪڏهن ڪنهن ڊگهي ڊوڙ واري مهندار رانديگر تي غور ڪيو هجي ها ته ڪيس ضرور سندس باري ۾ هڪ عجيب ڳٽتي، گهٻراهٽ ۽ اُداسي محسوس ٿئي ها.

معزز مهمانن جي آدرياءَ ۽ 'واهه واهه' ڪرڻ لاءِ ميڙ اٿي بينو ۽ تڏهن، انهيءَ ڪان اڳ جو ميڙ کي سُڌ پوي، راند جو پهريون مرحلو پورو ٿي چڪو هو. رانديگر. واڙوُن ٽپي ويا هئا ۽ بائونڊري پار ڪرڻ لاءِ اڳيان اچي چڪا هئا. وچ ۾ شاٽ پٽ رنگ جي پرسان ڏاڍي پيڙ هئي ۽ انهيءَ ڪان اڳيان ڪوبہ ماڻهو مقابلو ڪندڙن کي پنهنجن ڊگهن بانسن تي هوا ۾ ٽپندي ڏسي سگهيو ٿي. لائوڊ اسپيڪرن تي اعلان ٿيو ته هڪ ٻار پنهنجي پيءُ ڪان وڇڙي ويو آهي. پروگرام مطابق جيئن رانديگرن جا ڪرتب شروع ٿيا، ماحول ۾ آواز، گيت، گهورڙين جا هوڪا ۽ 'واهه واهه' گونجي ويا. اداڪار آيا، بازيگر آيا، لوڪ لباس ۾ ناچو آيا ۽ تڪي روشنيءَ ۾

سيني ماڻهن جو سمنڊ هڪ اهڙي نشي ۾ هوش وڃائي وينو جو جلدئي تماشائين ۽ تماشو ڏيکاريندڙن ٻنهي جا متا ڦرڻ لڳا. ’موت جي کوهه‘ ۾ موٽر سائيڪلن ڦرڙاٽ ڪيا. سوارن کي ڪاريون تيلهاڻيون پوشاڪون پاتل هيون ۽ پيرن ۾ ڳاڙهي رنگ جا جوتا هئا، جن جي مٿيهاڻي چمڙي تي پيلي ڊزائين هئي. ڪجهه دير لاءِ جهنگلي جانورن جي نمائش تي. لکين سگريٽن جو دونهون اُتيو ۽ تکي روشنيءَ تي ڇانئجي ويو. جادوگر آيا. اُهي جڻ پندرهين صديءَ جي زماني جا هجن جيڪي هيضي کان بچڻ لاءِ قبرستانن ۾ نچندا هئا. اهو هڪ ڏسڻ جهڙو يادن ۽ مصيبتن کي ذهن تان ميساريندڙ جلسو هو، ۽ تڏهن سڀ ڪجهه هڪ هنڌ بيهي ويو هو.

لائوڊ اسپيڪر، گهورڙيا، هُل‌هنگامو، راڳ، جوش، سڀ ڪجهه ٺپ. تماشائي ۽ معزز مهمان ساهه روڪي اتي بيٺا. سين جي زبان بند ٿي ويئي ۽ اسٽيڊيم ۾ هرهنڌ ماٺ ڇانئجي ويئي.

جيئن ئي ڊگهي ڊوڙ واري مهندار رانديگر هڪ جيڏيون ٻرانگهون ڀريندي، مارچ ڪندڙ فوجي رسالي وانگر ڊوڙڻ شروع ڪيو ته سيئي ڪيس هِڪ ٽِڪ ڏسڻ لڳا. هو جيئن گول دائري ۾ پٽڙيءَ جي سنوت ۾ ڊوڙندو تي ويو تيئن سندن اکيون مهندار رانديگر جي پيرن سان گڏ ڊوڙنديون پئي ويون. هن انهيءَ پٽڙيءَ تي، گول گول ڊوڙندي، يڪساهي ۾ ننديا ننديا ساهه کڻندي. جلدئي 2500 چڪر پورا ڪري ورتا. انهيءَ پٽڙيءَ تي، هڪ جهڙيون ٻرانگهون ڀريندي، جيئن فوجي رسالي وانگر مارچ ڪندي ڏپ- ڏپ ڊگهي ڊوڙ واري مهندار 3500 چڪر پورا ڪيا ته ٻه عورتون بيهوش ٿي ويون. منتظمين تي ماٺ ڇانئجي ويئي ۽ معزز مهمان بي صبريءَ وچان هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. پر ڊگهي ڊوڙ وارو مهندار انهيءَ هڪ پٽڙيءَ تي هڪ جهڙيون ٻرانگهون ڀريندو ڊوڙندو رهيو، جڻ فوجي رسالو مارچ ڪري رهيو هجي ۽ هن 6000 چڪر پورا ڪري ورتا. اسٽيڊيم جو ماحول بدلجڻ لڳو.

مهندار جو اهو ڪارنامو هڪ اهڙي واقعي مثل هو جنهن جي ساراهه ٻه ٽي رهي هئي ته ماڻهن خوف ٻه ڪاڏو ٿي جو هو بنا بيهڻ

جي، روڪجڻ جي، ڊوڙ- پنڌيءَ تي لاڳيتو ڊوڙندو وڃي رهيو هو. انهيءَ کان اڳ ڪڏهن به عام جلسي جو مقرر وقت ٻن ڪلاڪن کان مٿي نه وڌيو هو. ڊپ، ڊپ، ڊپ، ساڳي رفتار سان هن 10000 چڪر پورا ڪيا. ڪيس ڊوڙندي ڇهه ڪلاڪ گذري ويا هئا.

رات گذري، ڏينهن اپريو ۽ منتظمين انهيءَ صورت حال کي روڪڻ ۾ پاڻ کي نااهل محسوس ڪري رهيا هئا ۽ نه وري معزز مهمان تماشائين جي مرضيءَ جي ابتڙ ڪجهه ڪري سگهيا ٿي. پر هن خراب صورت حال کي ڪيئن به ختم ڪرڻ ضروري هو. هڪ خاص حد تي پهچي، ڊگهي ڊوڙ واري مهندار جو ساٿو تي ڪرڻ ضرور هو. ڊوڙندي ڊوڙندي ڪيس هاٿي ڪافي ڏينهن تي ويا هئا. انهيءَ پنڌيءَ تي، هڪ جهڙيون برانگهون پريندي هن 2،50،000 چڪر پورا ڪري ورتا هئا، ڄڻ فوجي رسالو مارچ ڪري رهيو هجي. اسٽيڊيم کان ٻاهر گهٽين ۾ بيشمار ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي ويو هو. اهي سيئي ڊگهي ڊوڙ واري مهندار کي ڏسڻ لاءِ آيا هئا. معزز مهمانن فيصلو ڪيو ته انهيءَ سموري قصي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪين ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو ئي پوندو. اسٽيڊيم اندر هوريان هڪ سازش سرجڻ لڳي.

هنگامي گڏجاڻيءَ کان پوءِ، هنن مهندار کي مارڻ جو فيصلو ڪيو. احتياط ڪيائون ته جيئن ميڙ مان ڪنهن کي به انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي بيٽ نه پوي. ڪين رڳو هڪ حادثي جيئن محسوس ٿئي.

هڪ ڪارڪن نشانيباز تکي روشنيءَ جي پويان، ماڻهن جي نظر کان پاڻ بچائيندو، اهڙي هنڌ تي تي بينو، جتان هو ڊگهي ڊوڙ واري مهندار (جنهن جي ڊوڙ جو هاٿي ڍهون ڏينهن هو) کي سولائي سان نشانو چٽي ماري سگهيو ٿي. ڪنهن جي دل ۾ به گهر موٽڻ جي خواهش نه هئي. جيڪي ڪائڻ لاءِ مليو تي سو ڪاڌائون ٿي. اسٽيڊيم ڏاڙهي وڌيل ماڻهن سان ڀرجي ويو هو پر معزز مهمانن صورتحال کي قابو پائڻ جي ڪوشش ۾ پگهرجي ويا هئا.

انهيءَ پنڌيءَ تي، بنا روڪ ٽوڪ، هڪ جهڙن برانگهون پريندي، ڊگهي- ڊوڙ واري مهندار کي هاٿي مهينو ٽيڻ تي هو.

ڏپ- ڏپ- ڏپ- هاڻي هن جي ڊوڙ جو چاليهون ڏينهن هو ۽ اسٽيڊيم جي چوطرف فائربرگيڊ کي مقرر ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو.

ڏپ ڏپ- ڏپ.

بڪتربند گاڏيون ۽ موٽر سائيڪلون.

نشانيباز ڊگهي ڊوڙ واري مهندار رانديگر جي ساڄي لونڊڙي تي خط کان 3 م-م ۽ ساڄي اک کان 3.5 م-م پري نشانو چٽيو ۽ جيئن ئي ڏپ- ڏپ- ڏپ ڪندو مهندار معزز مهمانن ڏانهن ايندي پنهنجو 2,567,863,342 چڪر پورو ڪري رهيو هو (هڪ جهڙيون برانگهون پريندي) تہ هن فائر ڪيو ۽ گولي سڌي وڃي نشاني تي لڳي. ڊگهي ڊوڙ وارو مهندار رانديگر ٿاٻڙيو. ميڙ ۾ بي چيني ڦهلجي ويئي. مهندار اڌ چڪر پورو ڪيو ۽ معزز مهمانن جي اڳيان اونڌي منهن ڪري پيو. سندس جئڪيٽ گپ سان پرجي ويئي هئي. ساڄي لونڊڙي مان رت نينديون ڪري وهڻ لڳو ۽ پٽڙي کي پوري ڊيگهہ تائين ڳاڙهو ڪندو ويو. رت ڦهلجندي ئي ڌرتي مسچڻي جيئن اهو ڇهي ورتو. رت جو تهہ وڌڻ لڳو.

منتظمين اعلان ڪيو: ”اسان انهيءَ خون جي سلسلي ۾ بي ڏوهي آهيون!“

مشينن جي گڙگڙاهٽ تي ۽ فوجون ڏپ- ڏپ- ڏپ مارچ ڪنديون اسٽيڊيم ڏانهن وڌڻ لڳيون.

ميڙ جي ماڻهن جا منهن لهي ويا.

رت جو تهہ لاڳيتو وڌندو رهيو.

ٻہ ڏينهن، چار ڏينهن ڊگهي ڊوڙ واري مهندار رانديگر جي ساڄي لونڊڙي جي سوراخ مان رت ٽيپو ٽيپو اسٽيڊيم کي پريندو وهندو رهيو. اوچتو جهنگلي جانور پنهنجن پڃرن مان نڪري ٻاهر آيا ۽ ماڻهن جي ميڙ تي ٽٽي پيا. لاش ۽ جانور (جيڪي خوفناڪ هئا) ترندا تي آيا ۽ انهيءَ رت وانگر ترڻ لڳا. جيڪو زمين تي سيلاب وانگر وهي آيو هو، ۽ انهيءَ ۾ ڊگهي ڊوڙ واري مهندار جي ساڄي لونڊڙيءَ کان وهي رهيو هو جيڪو هاڻي انهيءَ رت جي سمنڊ جي تري ۾ پيو هو.

رت وهندو رهيو.
ٽيپو ٽيپو ڪري
بڪتر بند گاڏيون، انجڻيون رفتار ۾ اچڻ لڳيون
ترِيا اُهي ٿي، جيڪي رڳو عام ماڻهو هئا.□□□

# ڪافڪا جو دوست

## آئزڪ باشيوس سنگر

### پولش (پولنڊ)

فرانز ڪافڪا جون ڪھاڻيون پڙھڻ کان گھڻو اڳ، مان سندس ذڪر، سندس ويجھي دوست جيڪس ڪوھن جي واتان گھڻيئي ڀيرا ٻڌي چڪو ھوس، جيڪو يھودي ٿيئٽر جو ’سابق‘ اداڪار ھو. ھتي مان ’سابق‘ لفظ جي ھڪ خاص چٽائي ڪرڻ ضروري سمجھان ٿو. جن ڏينھن منھنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ ٿي ھئي، تڏھن ڪيس ٿيئٽر جي زندگيءَ کان موڪلائي ھڪ ڊگھو عرصو ٿي چڪو ھو. موجوده صديءَ جون ٽيون ڏھاڪو بہ ختم ٿي چڪو ھو ۽ وارسا جو يھودي ٿيئٽر پنھنجي سرپرستن ۽ ناظرين جي وڏي تعداد کان آھستي آھستي وانجھو ٿيندو پئي ويو. جيڪس پاڻ ھڪ بيمار ۽ ٽنل شخص ھو. پراڻي طرز جي ڪپڙن ھوندي سندس لباس ڪلف ڏنل ھوندو ھو. يڪ چشمي عينڪ، قيمتي پر دقيانوسي ڪالر ۽ چمڙي جي مخصوص بوٽن ۾ سندس شخصيت انسانن جي ميڙ ۾ سيني جزئيات سان، پري کان پڌري ھوندي ھئي. وارسا جي يھودي اديبن جي ڪلب ۾ گھڻو ڪري خوش مزاج متي ڦريا نوجوان ڪيس مذاق ۾ ’لارڊ‘ ڪري چوندا ھئا. اھا ئي جڳھ ھئي، جتي اسان ٻئي گھڻو ڪري ملندا ھئاسين. سندس زعفراني وارن جا جيڪي بہ چار ڇڳا سندس ڪوپريءَ تي رھجي ويا ھئا، ھو انھن کي ڦڻيءَ سان چڱيءَ طرح سنواري، پُل جھڙي شڪل ۾ بيھاريندو ھو. ڪڏھن ڪڏھن ٿيئٽر جي گذريل زندگيءَ جي ياد کي تازو ڪرڻ جي بھاني ھُو پِدِش زبان جي خالص جرمن لھجي ۾ ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪندو ھو ۽ اھڙن موقعن تي جڏھن اوچتو سندس دماغ جي ڪا رڳ ڦڙڪي اٿندي ھئي تہ ھو پنھنجي ۽ ڪافڪا جي پراڻن

لاڳاپن جي باري ۾ گفتگو جو نہ اڻ کُٽ سلسلو شروع ڪري ڏيندو هو.

ڪجهہ وقت اڳ، جيڪس اخبارن ۾ اشاعت لاءِ مضمون بہ موڪلڻ شروع ڪري ڏنا هئا. پر هاڻي انهيءَ ڪي اتفاق ئي چئي سگهجي ٿو جو اخبارن متفقہ طور تي سندس مضمون ناقابلِ اشاعت قرار ڏيئي ڇڏيا هئا. هو ليزنو اسٽريٽ جي هڪ گهر جي ننڍي ڪمري ۾ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ پنهنجا ڏينهن پورا ڪري رهيو هو. سندس باري ۾ هڪ لطيفي جهڙي چوٽي بابت ڪلب جي گهٽو ڪري هر ميمبر کي خبر هئي ۽ اُها گهٽڻ موقعن تي گفتگو جو موضوع هوندي هئي.

”سارو ڏينهن هو آڪسيجن ٽينٽ ۾ پيو هوندو آهي، پر رات ٿيندي ئي هُو ڊآن جُئان (Don Juan) بنجي ظاهر ٿيندو آهي.“

اسين هميشہ شام جو ڪلب ۾ ملندا هئاسين. جيڪس ڪوهن جي داخل ٿيڻ لاءِ دروازو آهستي آهستي کُلندو هو ۽ هو وڏي نٽ سان داخل ٿيندو هو، ڄڻ يورپ جي ڪا عظيم مرتبي واري شخصيت غريب ماڻهن جي پوئتي پيل علائقي جي معائني لاءِ ايندي هجي! هو چئني پاسي ڏسندو ڄڻ اُتي وينل ماڻهن تي ظاهر ڪرڻ گهُرندو هجي تہ فضا ۾ رچيل سستي تماڪ ۽ مصالحن جي بوءِ سندس مخصوص طبيعت کي اڻوڻندڙ لڳندي هجي. هو نڪ چاڙهي، چوطرف پيل ميزن ڏانهن ڏسندو هو، جن تي اخبارون، سگريٽن جا ٽوٽا ۽ ائش- ٽري پيريا پيا هوندا. جيئن ئي منهنجي نظر مٽس پوندي هئي تہ منهنجا هٿ مڪينڪل انداز ۾ بي اختيار کيسن ڏانهن وڌندا هئا ۽ مون کي انهيءَ لمحي جو انتظار رهندو هو، جڏهن هن جو مون کان قرض گهُرڻ، ڪنهن شڪ کان بالاتر، يقيني بڻجي ويندو هو.“

انهيءَ شام، جيڪس ڪجهہ وڌيڪ ئي خوشگوار موڊ ۾ هو. هن وڻندڙ مُشڪ سان پنهنجي ڏندن جي نمائش ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي ڏکين آڱرين وارو هٿ ڪيڪارڻ جي خيال کان اڳتي وڌايائين.

”اڄ رات اُيرندڙ ستاري جي ڪهڙي مصروفيت آهي؟“ سندس لهجو سندس مثبت موڊ مان ظاهر هو. هن پنهنجي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو، ”مان اها ڳالهہ بيحد سنجيدگيءَ سان چئي رهيو آهيان.

جتي ٻه مان صلاحيت ۽ انساني جوهر ڏسندو آهيان تہ بروقت سڃاڻي وٺندو آهيان، جيتوٽيڪ خود مون ۾ انهيءَ ڳالهہ جي کوٽ آهي. جڏهن 1911ع ۾ اسان پراگ ۾ ڊرامو اسٽيج ڪيو هو تہ ڪو بہ ماڻهو ڪافڪا جي نالي کان واقف نہ هو. مان ڪيس ڏسندي ئي سمجهي ويو هوس تہ منهنجي سامهون غير معمولي ذهين شخص بيٺو آهي ۽ اهو ئي پَل اسان جي غير فاني دوستيءَ جي آغاز جو نقطو بڻجي ويو.“

جيتوٽيڪ اها پُراڻي ڪهاڻي مان ڪيترائي ڀيرا سندس واتان ٻُڌي چڪو هوس، پر مون کي چڱيءَ طرح سُڌ هئي تہ هن پيري ٻڌڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ هو. هو بنان رڪ رڪاءُ جي منهنجي ٽيبل تي ويهي رهيو. ويٽريس اسان جي لاءِ چانهہ ۽ ڪجهہ کائڻ جون شيون آڻڻ ۾ دير نہ ڪئي. هن پنهنجي عجيب و غريب اکين تي جهُڪيل ڀرئن کي مٿي ڪنيو، چانهہ ڏانهن غلط انداز نظرن سان ڏٺائين ۽ پوءِ پنهنجي ڪوپ ۾ کنڊ جون پنج گوريون وجهي هوريان هوريان چمچو گهمائڻ لڳو.

”ماضيءَ سان ڪو پنهنجو پيٽ نٽو پري سگهي.“ بسڪوٽ جو ٽڪر ڪٽندي هن پڙ پڙ ڪئي. انهيءَ قسم جي اداڪاري سندس زندگيءَ جو ضروري حصو بڻجي چڪي هئي. سندس هر انداز ۽ هر عمل ۾ اداڪاريءَ جو پراڻو طلسم رچيل نظر ايندو هو.

سندس حقيقي نالو جيڪس نہ، جانڪل هو. سندس جنم پولنڊ جي ڪنهن ڏورانهين حصي ۾ ٿيو هو، پر پراگ، ويانا، برلن ۽ پيرس ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو گذاريو هو. نہ رڳو يدش ٿيئٽر ۾ هن پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا هئا بلڪ فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ اسٽيج تي ڪيترائي ڀيرا هن پنهنجو ڪردار ڏاڍي خوش اسلوبي ۽ مؤثر انداز سان ادا ڪيو هو. اُن وقت جون جڳ مشهور شخصيتون ۽ اعليٰ مشاهير سندس ويجهن دوستن مان هئا. اسرائيل زانگِ وِل جهڙي مشهور هستيءَ ڪي هُو ڪيترائي ڀيرا ميزبانيءَ جو موقعو ڏيئي چڪو هو. هن مون کي قيمتي ۽ ناياب خط ڏيکاريا هئا، جيڪي ڪيس نہ رڳو ڪافڪا کان پهتا هئا بلڪ بين قداوآر سهيوڳين ڏاڍي محبت ۽ عقيدت سان جيڪس ڏانهن لکيا هئا. انهن سڀني بنان رڪ رڪاءُ جي، ويجهائپ

جي احساس هيٺ جيڪس ڪي سندس پهرئين نالي سان مخاطب ڪيو هو. ان ڪان سواءِ، هن پنهنجي شخصيت ڪي تاريخي بنائڻ جي خاطر، اُهي تصويرون بہ مون ڪي ڏيکاريون هيون، جن ۾ هو پنهنجي وقت جي مشهور ترين هستين سان گڏ بيحد نمايان نظر اچي رهيو هو.

هو هر لحاظ کان نرالو هو. جنهن بي پرواهي ۽ شان سان هو پنهنجي هٿ جو لڪڻ گهمائيندي قدم کڻندو هوتہ منهنجي نظرن اڳيان هڪ يادگار نظارو جمي ويندو هو. ايتري قدر جو سندس تماڪ ڇڪڻ جو انداز بہ وارسا جي هر تماڪ ڇڪيندڙ جي پيٽ ۾ نرالو ۽ منفرد هو. سندس گفتگو ۽ طرزِ عمل بيشڪ خوش خلقي ۽ شائستگي جي ڳالهائيندڙ تصوير هو. مون کي اهڙو ڪو موقعو ياد ناهي، جڏهن هن منهنجي احساس کي لويو هجي ۽ اُن ڪان وڌيڪ جيڪس جو عورتن جي باب ۾ مهذب انداز مون کي بيحد پسند هو. مان ڇوڪرين جي سامهون ڇوڪرين ئي وانگر شرم کان ڳاڙهو ٿي ويندو هوس پر جيڪس جو اعتماد اهڙي موقعي تي ڪنهن ڪائونٽ جي مضبوط جذبي وانگر اٽٽ نظر ايندو هو. هُن ۾ هڪ مثبت خوبي اها بہ هئي تہ هو غير خوبصورت ۽ جاذبيت ڪان محروم ڇوڪرين سان ڳالهائيندي نازڪ جذبن جي نازڪ آبگينن ڪي پيشِ نظر رکندو هو. هر ڪنهن کي ٿورو گهڻو خوش رکڻ جي فن ۾ کيس مهارت حاصل هئي. هو ڏيکاءُ ۽ بناوٽ کان وانجهيل، هڪ سچي شخص جي لهجي ۾ مون سان مخاطب ٿيو:

”منهنجا نوجوان دوست! هاڻي مون ۾ مردانگيءَ جو جوهر نہ رهيو آهي. هاڻي مان انهيءَ منزل تي پهچي چڪو آهيان، جتي عورت جو حسن مقناطيسي محسوس نٿو ٿئي. لڪيل عيب مون ڪڙپيل گُرگ ڪان ڳجها رهي نٿا سگهن. گلابي چپن جي مسڪراهٽ، مهڪندڙ سرسرائيندڙ لباس ۽ ميڪ اپ سان ٿڦيل چهرا مون کي بيوقوف بنائي نٿا سگهن. جيتوڻيڪ منهنجي وات ۾ ڏند بہ نہ آهن پر جڏهن عورت وات کوليندي آهي تہ مون کي خبر پئجي ويندي آهي تہ منجهس ڪيترا ڏند ناهن.

”ڪافڪا لاءِ بہ سيني ڪان وڏي اها ئي ڏکيائي هئي. جڏهن هو ڪاغذ قلم کڻي لکڻ ويهندو هو تہ سموريون خاميون سندس اڳيان اچي ويندڙيون هيون. هن جون پنهنجون ۽ سموري دنيا وارن جون! ٿيئٽر جي زندگيءَ ۾ جيڪي عيب مون کي نظر آيا، ڪافڪا اُهي ادب جي دنيا ۾ ڏٺا. اسان جي انهيءَ ساڳئي اندازِ نظر، اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو آندو. هڪ سستي بازاري قسم جي اداڪاره جي محبت جو ڀوت سندس مٿي تي سوار ٿي ويو هو. مون کي جڏهن سندس انهيءَ جنون انگيز حالت جو خيال اچي ٿو تہ هاڻي بہ مون تي ڀاڻي گهڙا پئجي وڃن ٿا! شايد اهو ضروري ناهي تہ لافانيت حاصل ڪرڻ لاءِ انسان جو انتخاب بہ اوچو هجي!

”تو هڪ ڀيري پڇيو هو تہ ڪهڙي شيءِ مون کي زنده رکي ٿي ۽ ڪهڙي شيءِ مون کي غريبي، بيماري ۽ سڀ ڪان بدتر نااُميدي ۽ ڏک برداشت ڪرڻ جي قوت ڏني آهي؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي، منهنجا نوجوان دوست! اهو ئي سوال منهنجي ذهن ۾ تڏهن اُڀريو هو جڏهن مون Book of Job جو اڀياس ڪيو هو. نيٺ اهو ڪهڙو سبب هو جو هُو ذهني ايذاءُ جي دل شڪن دور مان لنگهي بہ جيئرو رهيو. ڇا انهيءَ ڪري تہ آخرڪار سندس گهر هن جي ڏيئرن، ڳڏهن ۽ اُٺن سان ڀرجي وڃي؟ نہ، اها ڳالهہ ناهي! انهيءَ جو جواب تہ زندگيءَ جي ابدي راند جي باري ۾ آهي. اسان سڀ شطرنج جا ڪيڏاري آهيون ۽ مقدر اسان جو حريف آهي.هو چال هلندو آهي،ان کي شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ اسان شڪست ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسان کي چڱي طرح خبر آهي تہ جيت اسان جو مقدر ناهي پر اڌول ٻنجي مقابلو ڪرڻ ڪان سواءِ اسان شڪست مڃڻ لاءِ تيار بہ نٿا ٿيون.

”۽ اهو ئي حال تنهنجي دوست جيڪس ڪوهن جو آهي. سندس مقابلو ڪندڙ هڪ سخت گير فرشتو آهي. هو مون سان مقابلو ڪرڻ وقت، هر اُها چال هلي ٿو، جيڪا سندس هٿ ۾ موجود آهي. ڇاهي سياري جا نگهوسار ڪندڙ لمحا هجن، منهنجي ڪمري ۾ اسٽوَ ٻرڻ جي باوجود سيءُ پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو آهي. هو

ڏسي پيو تہ مان ڪمبل ۾ ويڙهجي ڍڪي رهيو آهيان. سيءُ سهڻ ڪان ٻاهر آهي. مون کي جيڪا شيءِ ڪمري ۾ نظر اچي ٿي، اها پنهنجي جسم سان ويڙهي ٿو ڇڏيان. پر زنده رهڻ جو جذبو منهنجي جسم جي اندرئين توانائي کي برقرار رکي ٿو.

”منهنجا پيارا دوست! جڏهن بہ توکي شطرنج کيڏڻ جو خيال اچي تہ توکي اهو ضرور ڏسڻ گهرجي تہ توسان مقابلو ڪندڙ تجربيڪار ڪرپيل آهي. مان پاڻ پنهنجي حريف جي صلاحيتن کي تسليم ڪريان ٿو. مان سندس نواڻ مائلي مان لطف اندوز ٿيندو آهيان. هو ڏور پنهنجي ٽئين يا ستين آسمان جي ڏورانهين آفيس ۾ براجمان اسان جي ننڍڙي گرهہ تي حڪمراني ڪري ٿو. سندس منصبي فرضن جو سڀ کان اهم جُز جيڪس ڪوهن کي ڦاسائڻ آهي. هو مون کي ڪهڙي ريت زندهہ رکي ٿو، اها ڳالهہ هڪ معجزي کان گهٽ ناهي. اونداهي ۾ ڪائنات جي فلسفي جا ترڪيبي جزا بي عمل رهجي ويندا آهن. زمان ۽ مڪان جو تصور غائب ٿي ويندو آهي. تون ڪا شيءِ هٿ ۾ کڻين ٿو ۽ اوچتو محسوس ٿئي ٿو تہ اها غائب ٿي ويئي آهي. منهنجي گئس لئمپ کي ٻارڻ سولو ڪم ناهي. ماچيس جون سموريون تيليون خبر ناهي ڪيڏانهن گم ٿي وينديون آهن!

”ڪجهہ عرصو اڳ، آڌي رات جي ٻاٽ اونداهيءَ ۾، مون پنهنجي دروازي کڙڪڻ سان گڏ، ڪنهن عورت جو آواز ٻڌو. مون کي خبر ناهي تہ هوءَ دانهون ڪري رهي هئي يا کِلي رهي هئي. ڪير ٿي سگهي ٿو؟ مون پنهنجو پاڻ کي چيو. منهنجي پڇڻ تي بہ دروازي تي ٺڪاءُ جاري رهيا. پوءِ مون ڪنجهڻ جو آواز ٻڌو ۽ اُن سان گڏ ئي ڪا شيءِ ٺڪاءُ سان زمين تي ڪري پيئي. مون ۾ در کولڻ جي بلڪل همت نہ هئي. مون بدحواسيءَ ۾ ماچيس تلاش ڪيو ۽ پوءِ مون محسوس ڪيو تہ اهو منهنجي هٿ ۾ آهي. مان پنهنجي بستري تان اُٿيس ۽ جلديءَ سان گئس ليمپ کي روشن ڪيم. جسم تي ڊريسنگ گائون ويڙهي جڏهن مان پيرن ۾ سليپر وجهي رهيو هئس تہ ٺيڪ ان پل آئيني ۾ مون کي پنهنجي جهلڪ نظر آئي. منهنجي پنهنجي چهري جي عڪس مون کي ڊيڄاري

چڙهيو. مون کي پنهنجو چهرو گهرو سائو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن تي ڏاڙهي اُيريل هئي. مون پنهنجي حوصلي جي وڪريل صورت کي سميٽيو ۽ نيٺ در کولي چڙهيم. منهنجي سامهون هڪ نوجوان عورت اگهاڙي پيرين بيٺي هئي. سندس جسم تي نائيٽ گائون هو، جنهن تي ڪيس سمور جي چمڙي جو ڪوٽ پيل هو. سندس چهرو پيلو هو ۽ سندس سونهري وار بي ترتيبيءَ سان وڪريل هئا.

"مئڊم خير ته آهي؟" مون پڇيو.

"اجهو هاڻي ڪنهن مون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي." سندس آواز ۾ ڪنبڻي هئي. "مان توکي هٿ تي جوڙيان. مون کي اندر اچڻ ڏي. بس صبح ٿيندي ئي هِتان هلي ويندس."

مون پڇڻ گهريو ٿي ته ڪيس ڪنهن قتل ڪرڻ گهريو ٿي. پر مون ڏٺو ته هو اڏ جمي چڪي هئي. ۽ نشي ۾ ڌُت بہ لڳي رهي هئي. جڏهن هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿي ته مون ڏٺو ته سندس ڪرائيءَ ۾ هيرن جو ڪنگڻ چمڪي رهيو هو.

"منهنجو ڪمرو گرم ناهي." مون ڪيس چيو.

"روڊ تي مرڻ کان اهو گهڻو بهتر آهي."

"بس ائين حالتن اتفاقي طور تي اسان ٻنهيءَ کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. منهنجي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪريان؟ منهنجي ڪمري ۾ رڳو هڪ بسترو هو. هن خاتون لاءِ وڌيڪ بستري جو بندوبست ڪرڻ وڏي مشڪلات مان پار پوڻ کان گهٽ نہ هو. مان شراب نہ پيئندو آهيان، پر مون کي ياد آيو تہ منهنجي هڪ دوست ڪويناڪ هڪ بوتل مون کي تحفي طور ڏني هئي، ۽ وري ان وقت ڪجهہ بسڪوٽ بہ مون وٽ هئا. مهمانوازيءَ جو فرض پورو ڪرڻ خاطر مون اهي شيون سندس اڳيان رکيون. شراب تہ ڄڻ ڪيس نئين سر زندهہ ڪري ڇڏيو.

"مئڊم! ڇا اوهان جي رهائش بلڊنگ ۾ آهي؟"

"نہ!" نهڪر ۾ ورندي ڏيڻ کان پوءِ، هن مون کي اُنهيءَ هنڌ جو ڏس ڏنو، جتي هوءَ رهندي هئي. مان سمجهي ويس تہ سندس تعلق امير طبقي سان آهي. ڳالهہ مان ڳالهہ نڪتي ۽ ڪجهہ دير جي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ مون کي سُڌ پئجي ويئي تہ هو ڪنهن

معزز خاندان جي هڪ بيوهہ آهي ۽ انهيءَ عمارت جي هڪ فليٽ ۾ سندس محبوب رهندو هو. هو هڪ وحشي مرد هو، جنهن پنهنجي گهر ۾ شينهن جا ٻچا پالي رکيا هئا. هو خود وڏ گهراڻو شخص هو. پر انهن ڏينهن سندس خاندان وارن مڪمل طور تي سندس بائيڪاٽ ڪري رکيو هو. قتل جي ڪوشش جي ڏوهہ ۾ هڪ ڀيرو هو جيل بہ وڃي چڪو هو. جيئن تہ نوجوان عورت پنهنجي سس سان گڏ رهندي هئي ۽ اهو وحشي مرد ساڻس اُتي ملڻ جي جرئت نتي ڪري سگهيو، ان ڪري دل جي بي تابيءَ ڪان مجبور تي انهيءَ رات هوءَ خود ساڻس ملڻ هلي آئي هئي. بهرحال، خدا ڄاڻي سندس دماغ ڪيئن اوچتو ڦري ويو هو. پهرين تہ هن عورت کي بيدرديءَ سان ماريو ۽ پوءِ مٿس پستول ڪڍيو هئائين. مختصر اهو تہ هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن طرح کيس فريب ڏيئي اُتان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي هئي. منهنجو در کڙڪائڻ ڪان اڳ، انهيءَ نوجوان عورت عمارت جي هر در تي پنهنجي قسمت کي آزمايو، پر ڪنهن جو در نہ کُليو.

”مئڊم!“ مون کيس مخاطب ٿي چيو. ”اوهان جو محبوب پڪ سان اوهان جي تلاش ۾ هتي آس پاس هوندو. فرض ڪريو تہ کيس اها خبر پئجي وڃي تہ اوهان هن وقت منهنجي گهر ۾ موجود آهيو تہ اوهان کي تہ سُڌ آهي تہ مان وڏو ماڻهو ناهيان.

”هو هنگامو ڪرڻ جي همت نتو ڪري سگهي.“ هن کي پڪو يقين هو. ”اڄ ڪلهہ هو پيرول تي جيل ڪان ٻاهر آهي.“ هڪ پل جي خاموشيءَ ڪان پوءِ هوءَ وري چوڻ لڳي:

”خدا جي واسطي، اڄ رات مون کي پنهنجي پناهہ ۾ رهڻ ڏي.“ پوءِ هوءَ ٻڙ ٻڙ ڪرڻ لڳي، ”بس اڄ ڪان اسان جا سمورا رشتا ختم ٿي چڪا آهن.“

”سڀاڻي تون ڪهڙي طرح گهر ويندينءَ؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”مون کي انهيءَ باري ۾ ڪا خبر ناهي.“ هن ٿڪل آواز ۾ چيو، ”بهرحال مان هونئن بہ پنهنجي زندگيءَ ڪان بيزار ٿي چڪي آهيان، پر مون کي سندس هٿان مرڻ قبول ناهي.“

”ڪنهن بہ حالت ۾ اڄ رات مون کي ننڊ نٿي اچي سگهي.“ اهو منهنجو آواز هو. ”تون بي حجاب ٿي منهنجي بستري تي سمهي پئُ. مان ڪرسيءَ تي آرام ڪري وٺندس.“

”نہ، مان ائين نٿي ڪري سگهان. تون نہ تہ نوجوان آهين ۽ نہ ئي تنهنجي طبيعت نيڪ نظر ٿي اچي. تون پنهنجي بستري تي سمهہ، مان هتي هن هنڌ نيڪ آهيان.“

”ڪجهہ دير جي محبت ۽ بحث کان پوءِ فيصلو اهو ٿيو تہ اسان ٻئي گڏجي بستري تي سمهنداسين. مون هڪ پيرو وري ڪيس پڪ ڏياري.

”عورت جي باري ۾ منهنجي عمر مون کي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندس ڇهري مان لڳو ٿي تہ ڪيس منهنجي ڳالهہ تي پورو پروسو اچي چڪو هو.

”ها، تہ مون ڇا پئي چيو؟ اوچتو معزز طبقي جي هڪ نوجوان خوبصورت عورت پنهنجي بستري تي مون سان گڏ موجود هئي. هوءَ چمڪندڙ ڇهري واري عورت، جيڪا اتفاق سان مون وٽ پهچي ويئي هئي ۽ ٻاهر سندس وحشي محبوب ڪنهن بہ پل دروازو ڀڃي ڪمري ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي. انهيءَ ڊپ جي باوجود هڪ لطيف احساس منهنجي ذهن ۾ گهمي رهيو هو. مون کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ روح منهنجي جسم مان ڇڪجي ڏانهس ڇڪيو وڃي ٿو. ڪجهہ پلن کان پوءِ، منهنجي ٻنهي ڪمبلن اسان ٻنهي کي پوري طرح ڍڪي ڇڏيو هو. رڳن ۾ رت ڄمائيندڙ سيءَ کي بلڪل وساري چڪو هوس. منهنجي ذهن جي چوڌاري سندس قربت جي احساس جون ٻانهون ورايل هيون. سندس ويجهائپ، سندس شفاف جسم جي گرمائش، منهنجي اندر ۾ اڻ ڇاتل جذبن کي جنم ڏيئي رهي هئي، جن کان پهرين مان ڪڏهن واقف نہ هئس. ان وقت اوچتو مون سوچيو، منهنجو حريف ڪا نئين چال تہ نہ پيو هلي؟ مون سان ڪا نئين ڪيڏ تہ نہ پئي ڪيڏجي؟ هيڏانهن ڪجهہ عرصي کان مون سان ڪا نئين ڪيڏ نہ ڪيڏي ويئي هئي ۽ پوءِ هڪدم منهنجي جسم جي قتل ڪوهہ مان هڪ زوردار ٽهڪ اُڀريو. مان بي اختيار ٿي ڪلندو رهيس. ڪجهہ پلن کان پوءِ اسان

ٻئي گڏجي نيم وحشياڻي انداز ۾ ٿهڪ ڏيئي رهيا هئاسين.

"ان وقت مون خود فراموشيءَ جي عالم ۾، هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ سميٽي ڇڏيو. هن ٻنان آناڪانيءَ ۽ ناڪار جي پاڻ کي مڪمل طور منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو. ۽ ان پل هِن دور جو سڀ کان وڏو حيرت انگيز ۽ اعتبار نہ ڪرڻ جوڳو واقعو ٿيو. مون محسوس ڪيو تہ مان وري مڪمل مرد بنجي چڪو هئس. هن خود کي منهنجي حوالي چو ڪري ڇڏيو هو، شايد مون کي انهيءَ سلسلي ۾ ڪڏهن بہ خبر نہ پئجي سگهي ها. ممڪن آهي تہ سندس نواڻ مائل طبيعت پنهنجي محبوب مان انتقامي ڪارروائي جي طور تي اهو نرالو طريقو ايجاد ڪري ڇڏيو هو! هن جا گرم چپ منهنجي ڳلن جي ويجهو اچي ويا. منهنجي ڪنن ۾ سندس سُرباٽ سُريلن گيتن جي هلڪي جهونگار بنجي اُيرڻ لڳا. ۽ ان وقت اسان ڪنهن جي ڳورن قدمن کي تيزيءَ سان ويجهو ايندي ٻُڌو. پوءِ ڪنهن وحشياڻي !انداز سان دروازي کي ڪڙڪائڻ شروع ڪيو. هوءَ بستري تان اُڇلجي، فرش تي وڃي ڪِري ۽ مان دل ئي دل ۾ موت کان اڳ واريون دعائون ورجائڻ لڳس. منهنجي سامهون هو منهنجو ازلي حريف، جيڪو چٽر واري انداز سان مون کي ڏسي رهيو هو. آخر ڪيس مون کي دل خوش ڪندڙ احساس بخشڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ شايد اهو هڪ اهڙو ميلوڊراما هو، جنهن جي حد شروع کان تعين ٿي چڪي هئي.

"هن وحشي، دروازي جي پويان قيامت پيدا ڪري ڏني هئي. مان دروازي جي غير متوقع مضبوطيءَ تي دنگ رهجي ويس. بيدرديءَ سان لڳايل لتن جي باوجود، اهو پنهنجي هنڌ ثابت قدم بيٺو هو. منهنجي رڳن ۾، خوف وهي رهيو هو. پر ان جي باوجود، منهنجي اندر ڪا شيءِ مون کي کِلڻ تي مجبور ڪري رهي هئي ۽ پوءِ اوچتو طوفان کان پوءِ پيدا ٿيندڙ سناٽو ڇانئجي ويو. اهو جانور جهڙو انسان وڃي چڪو هو.

"ٻئي ڏينهن صبح جو مون انهيءَ عورت جو ڪنگڻ گروي رکي ڪجهہ پئسا اُڌارا ورتا. انهيءَ مان مون پنهنجي نوجوان محبوبا لاءِ وڳو خريد ڪيو. بهرحال اهو وڳو سندس جسم تي پورو

نہ بيٺو. ايتري قدر جو جوتو بہ سندس پيرن ۾ پورو نہ آيو. هاڻي انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو تہ ڪيس انهيءَ حالت ۾ ٽيڪسيءَ ۾ روانو ڪري ڇڏجي. اها ڳالهہ بهرحال ڏاڍي اطمينان بخش هئي جو اهو وحشي ٻيهر اتي نظر نہ آيو!

”موڪلائڻ کان اڳ، هن جذبات ۾ اچي مون کي خوب پيار ڪيو. مون سان ٻيهر ملڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين، پر مان اهڙو بيوقوف بہ نہ هئس. تالَمدِ جي ڳالهہ مون کي ياد آئي: ”اهڙو غير معمولي واقعو روز روز نہ ٿيندو آهي.“

”مان جنهن مُنجهيل ۽ دٻيل جذبي جو بدايپي ۾ شڪار هئس، انهيءَ ڪافڪا کي نوجوانيءَ ۾ مونجهارن جو مريض بنائي ڇڏيو هو. سندس جنسي زندگي ۽ سندس لکڻين تي سندس ٽٽل ڦٽل اثر مرتب ٿيا. سندس محبت بہ انهيءَ ناڪاري جذبي کان متاثر ٿي ۽ هن هر شيءَ کان فرار حاصل ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي سلامتي ڄاتي. هن جيڪي ڪجهہ لکيو، ان تي غير مطمئن ٿي هڙ ليڪ ڏيئي ڇڏي. هو هڪ پريشان حال جينئس هو. ويانا ۾ هڪ ملاقات دوران هن متضاد ڀهاڪو ڇيو هو جيڪو مان ڪڏهن وساري نٿو سگهان. ”خدا بستري جا منگهڻ پيدا ڪيا ناهن.“ انهيءَ جملي کي سمجهڻ لاءِ توکي ويانا جي تفصيل کان واقفيتِ ضرور آهي. منگهڻ جيڪي خدا پيدا ڪيا ناهن تہ پوءِ ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟“

*

اسان ماني پئي کاڌي تہ بامبرگ اسان جي ميز تائين وڌي آيو. هو قد جو ننڍو ۽ ڪمزور ۽ نبل ماڻهو هو. سندس ٽنگون ڏکيون پئي ۽ چيلهہ ۾ ڪُٻ هئس. سندس نوڪدار کوپريءَ تي جيڪي ٿورا اڇا وار رهجي ويا هئا. هڪ اک ٻيءَ جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ وڏي هئڻ سان گڏوگڏ اگرن وانگر ڳاڙهي ۽ پنهنجي ئي بصارت کان ڊنل لڳي ٿي. هن جهُڪيل چيلهہ وڏيڪ جهُڪائي، پنهنجو ڪمزور ۽ سنهڙو هٿ ميز تي رکيو.

”جيڪس! ڪالهہ مون تنهنجي ڪافڪا جو Castle (ناول) پڙهيو. دلچسپ، بيحد دلچسپ! پر هو چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ خواب تہ ايڏا طويل نہ ٿيندا آهن! Allegories تہ مختصر هجڻ گهرجن.“

جيڪس ڪوهن تڪڙ ۾ گرهه ڳهي ويو.

”ويهه.“ هن چيو، ”هڪ هوشيار استاد کي قاعدن تي هلڻ جي ضرورت نه هوندي آهي.“

”ڪي قاعدا اهڙا هوندا آهن، جن تي استاد کي به هلڻو پوندو آهي.“ اهو بامبرگ جو جواب هو. ”ڪنهن به ناول کي War and Peace کان وڌيڪ ضخيم نه هئڻ گهرجي، جيتوڻيڪ اهو ناول به ضرورت کان وڌيڪ وڏو آهي. جيڪڏهن انجيل جا ارڙهن جُلد هجن ها ته اهي ڪڏهوڪو وسارجي وڃن ها.“

”تالمد جا ڇٽيهه جلد آهن ۽ يهودي اهي اجا تائين وساري نه سگهيا آهن.“

”يهودين کي گهڻو ڪجهه ياد رهي ٿو- اها انهن جي بدقسمتي آهي.“ بامبرگ ٺهه پهه چيو. اسان کي مقدس زمين مان لوڌجي نڪرڻ کي ٻن هزارن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي، پر انهيءَ جي باوجود اسان سوچيون ٿا ته هڪ ڏينهن واپسي يقيني آهي. ڇا اها سراسر بيوقوفي ناهي؟ ڪاش اسان جو ادب به انهيءَ چريائپ جو بروقت اظهار هجي ها! پر افسوس، اسان جو ادب انهيءَ حوالي سان پُراسرار ۽ غير ارضي طور چريائپ جو شڪار آهي.

بامبرگ پنهنجي چيلهه سڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اوچتو ٽِڙڻ لڳو. پوءِ هو پنهنجا ننڍا ننڍا قدم کڻندي، ميز تان اٿيو ۽ گراموفون تي ڊانس جو رڪارڊ لڳائي ڇڏيائين. اديب چوائڻ جي باوجود، اديبن جي جماعت ۾ اها ڳالهه هر عام و خاص جي زبان تي هئي ته بامبرگ هاڻي ٻڍاپڻ ۾ ڊانس سکڻ جي ڪوشش ۾ ڏاڍو سنجيدو نظر اچي ٿو. ڪيس اهو شوق پنهنجي دوست ڊاڪٽر مِنزڪِن جي ڪتابن پڙهڻ کان پوءِ اچي ورتو هو. پنهنجي انهيءَ ڪتاب ۾، ليکڪ اهو ثابت ڪرن جي ڪوشش ڪئي هئي ته انساني ڏاهپ ڏيوالپڻي جي شڪار آهي ۽ جذبات جي ذريعي ئي حقيقي دانشمندي تائين پهچي سگهجي ٿو!

جيڪس خيال ۾ محو هجڻ واري انداز ۾ پنهنجو ڪنڌ لوڏيو.

اڌ هيمليٽ ڪافڪا، بامبرگ بنجڻ جي تصور کان ڊنل هو.

اهو ئي ڪارڻ هو جو هن پاڻ کي پيچ ڊاهه جي هنج ۾ اچلائي ڇڏيو.

”اهانوجوان عورت توسان وري مِلي؟“ مون جيڪس کان پڇيو.

”۽ جيڪڏهن اها ملي به ته ڪهڙو فرق ٿو پوي؟“ جيڪس هڪدم پنهنجي ڪيسي مان يڪ چشمي عينڪ ڪڍي پنهنجي اکين تي رکي. ”منهنجي زندگيءَ ۾ هر شيءِ نيٺ لفظن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، فقط ڳالهيون ۽ لفظ! ۽ اهو ئي ڊاڪٽر مِنڙڪن جو فلسفو آهي. انسان نيٺ ڳالهين جي مشين ٿي رهجي ويندو. هو لفظ کائيندو، لفظ پيئندو، لفظن سان شادي ڪندو ۽ لفظن جي ذريعي پنهنجي پاڻ کي زهر ڏيندو.

”ها، هن بورجوا عورت هر هر مون کي نياپا موڪليا. هو ذهين آهي پر ذهانت کان بلڪل ڪوري آهي. در حقيقت عورتون پنهنجي بهترين ڪاوشن سان پنهنجي جسمن جي من موهيندڙ خوبصورتين کي اجاگر ته ڪن ٿيون پر ذهانت وانگر، جنس جي معاملي ۾ به اڌوريون هونديون آهن.!“

گهڙي کن جي ساهيءَ کان پوءِ جيڪس جي زبان وري هلڻ لڳي:

”ڪافڪا يهودي بنجڻ چاهيو ٿي، پر ڪيس خبر نه هئي ته اهو ڪارنامو هو ڪيئن انجام ڏي. هو ڀرپور زندگي گذارڻ جو خواهشمند هو پر ڪيئن؟ انهيءَ جي باري ۾ ڪيس ڪا خبر نه هئي.“

”فرانز!“ هڪ ڀيري مون ڪيس چيو، ”تون نوجوان آهين. جيڪي ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿو، اهو ڪري وٺ.“ پراگ ۾ انهيءَ زماني ۾ هڪ اڏو هو. مون ڪيس اوڏانهن هلڻ لاءِ چيو. هو ان وقت تائين ڪنوارو ۽ پاڪدامن هو. انهيءَ موقعي تي بهتر اهو ئي هو ته مان انهيءَ ڇوڪريءَ جي باري ۾ ڪجهه نه چوان، جيڪا ڪافڪا جي مَڱ رهي چڪي هئي. هو بورجوائي ڏٻڻ ۾ ڦِچيءَ تائين قابو ٿي چڪو هو. سندس سيني واقفڪار يهودين غير يهودين جي نصب العين کي پنهنجو آدرش تصور ڪري ورتو هو. مختصر اهو ته مون ڪيس انهيءَ مهم جوئي لاءِ تيار ڪري ئي ورتو. اسان سوڙهين گهٽين مان لنگهندا اڏي تائين پهچي وياسين. هڪ عمارت جي ڏاڪڻ چڙهڻ کان پوءِ جڏهن مون در کوليو ته هڪ

عجيب منظر اسان جي اڳيان هو. طوائفون، پيشہ ور دلال، شوقين مرد ۽ عورتون، هڪ ميڙ اسان جي اڳيان سودي بازي ۾ رُڌل هو. اُها گهڙي مان ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهان. اوچتو ڪافڪا جو جسم بيد وانگر ڏڪڻ لڳو. هن مضبوطيءَ سان منهنجي قميص جي ٻانهن کي جهلي ڇڪيو. پوءِ خبر ناهي تہ اوچتو ڪيس ڇا ٿيو جو چريائپ واري انداز ۾ پويان پير ڪري ٻرانگهون پريندو ڊاڪڻ لهڻ لڳو. مون کي ڊپ هڪ هنڌ ڄمائي ڇڏيو هو. مون کي ڊپ هو تہ ڪٿي هو ڪِري، پنهنجي ٽنگ نہ ڀڃائي ويهي. هو گهٽيءَ ۾ پهچي بيهي رهيو ۽ بي اختيار اُلٽيون ڪرڻ لڳو. واپسيءَ ۾ جڏهن اسان پئي مقدس معبد جي پرسان لنگهڻ لڳاسين تہ ڪافڪا منهن ئي منهن ۾ نجات جون دعائون پڙهي رهيو هو.

"ها، اها سڀ شطرنج جي راند آهي. موت مون کي ساري زندگي ڊيڄاريندو رهيو، پر هاڻي جڏهن مان قبر ۾ پير لٽڪايو ويٺو آهيان تہ خبر ناهي اهو سمورو ڊپ ڪٿي سمهي پيو آهي. منهنجو حريف ڊرائي سان کيڏڻ جو عادي لڳي ٿو. منهنجي سموري وجود جي وڪرڻ کان اڳ، هو منهنجي وجود کي ٽُڪر ٽُڪر ۾ ورهائي رهيو آهي. پهرين هن اسٽيج جي اُفق ۾ منهنجي اداڪاري جي سڄ کي غرق ڪيو ۽ پوءِ مون کي نالي ماتر ليکڪ جو رُوپ ڏيئي، مون کي زماني ۾ خوار ڪيائين. جڏهن قلم جي نوڪ ٽٽي پيئي تہ هن مون کي هڪ ٻيو ڪاپاري ڌڪ هنيو ۽ مان پنهنجي مردانگي کان مڪمل طور وانجهجي ويس. پر مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ شطرنج جي بساط اڃا اونڌي نہ ٿي آهي. هن اڃا تائين بازي مات ڏيڻ جي شهہ نہ ڏني آهي. خير، اها منهنجي لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. رات جي مانيءَ لاءِ مون وٽ ڪجهہ ناهي. انهيءَ جي بہ مون کي پرواهہ ناهي. ظاهر آهي تہ اها ڳالهہ منهنجي فوري موت جو سبب نٿي بنجي سگهي. ڳالهہ رڳو ايتري آهي تہ منهنجو حريف مون کي مات پيو ڏي ۽ مان ڪيس مات پيو ڏيان."

جيڪس معذرت ڪندي اُٿيو جو فون تي هن ڪنهن سان ڳالهائڻ ٿي گهريو. مان اُٿيئي آسپاس نظر ڊوڙائيندو رهيس. بامبرگ هڪ ليکڪا سان ڊانس ڪندو پنهنجي ٺڙڪندڙ ٽنگن کي زمين تي

ڪرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو هو. سندس اکيون بند هيون ۽ سندس مٿو پنهنجي ڊانس ڪندڙ ساٿيءَ جي ڇاتيءَ تي ائين جهڪيل هو ڄڻ هوءَ ڪو وهاڻو هجي! ائين تي لڳو ڄڻ هو هڪ ئي وقت ڊانس بہ ڪري رهيو هجي ۽ سمهي پيو هجي. جيڪس ڪافي دير تائين غائب رهيو. فون تي ڳالهائڻ ۾ جيترو وقت لڳندو آهي، انهيءَ کان بہ گهڻي دير تائين هو غائب رهيو. جڏهن هو واپس موٽيو تہ سندس يڪ چشمي عينڪ جي پويان سندس اکيون چمڪي رهيون هيون.

”ٻڌاءِ، ٻئي ڪمري ۾ ڪير آهي؟“ هن پڇيو، ”ها مئڊم شيسڪ! ڪافڪا جي يادگار محبت!“

”سچ پچ!“

”مون تنهنجو غائبانہ تعارف ڪرائي ڇڏيو آهي. هل تہ توکي ساڻس ملايان“

”نہ!“

”ڇو نہ؟ اها عورت جنهن جي محبت ۾ ڪافڪا گرفتار رهيو هو، يقيناً ملڻ جي لائق آهي.“

”مون کي ساڻس ڪا بہ دلچسپي ناهي.“

”تون ڏاڍو شرميلو آهين، بلڪل ڪافڪا وانگر. شرم مون کي تہ ٿئي ئي ڪونہ ۽ شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو مان نڪمي جو نڪمو ئي رهيس. دوست، مون کي چوڪيدار کي ادائگي لاءِ وڏيڪ ويهہ گروشين(پولشي سڪو) جي ضرورت آهي، ڏهہ تہ هتي جي چوڪيدار کي ڏيڻا آهن ۽ ڏهہ پنهنجي بلڊنگ جي چوڪيدار کي. انهيءَ رقم جي ادائگي کان سواءِ، منهنجي گهر ۾ داخلا ممڪن ناهي.“

مون ڪيسي مان ڪجهہ رقم ڪڍي سندس هٿ تي رکي ڇڏي.

”ايتري گهڻي رقم؟ تو اڄ پڪ سان ڪا بئنڪ لُٽي هوندي! چائيتاليهہ گروشين! واهہ واهہ! ڏاڍو سنو! کهڙي ڳالهہ ڪجي! خدا توکي انهيءَ جو اجر ڏيندو ۽ نہ تہ پوءِ جيڪس سان اهو نت نئين راند ڪير ڪيڏي رهيو آهي؟“ □□□

# جو اينڪر جي ٽڪري

## ڊورٿي هيورٿ

### انگريزي (آسٽريليا)

جنهن ڏينهن ڏاڏيءَ مون کي جو اينڪر جي ڪهاڻي ٻڌائي هئي، انهيءَ ڏينهن مينهن اوهيڙا ڪري وسي رهيو هو. ڏاڏيءَ جي وڏي پلنگ تي آئون هڙ بنجي ويٺي هيس. پٽ جي پر ۾ لوڻ سان ڀريل سوئر جي ڪل جون ڳوٽريون لڙڪي رهيون هيون. ٻاهر هوا انجير جي وڻ کي لوڏي رهي هئي، ۽ اندر گهر جي ڇت ۾ پيل لوهي شهتير ڏُڏي رهيا هئا.

وهاڻي تي مٿو رکي ليٽيل منهنجي ڏاڏي، پلنگ تي ليٽايل مورتي وانگي ٿي لڳي - ڪومل وات ۽ تورو تکو نڪ. منهنجي ڏاڏيءَ جو وات ڪومل هو، پر پاڻ لوهه جهڙي هئي، سخت ۽ لچڪيدار پڻ. رضائيءَ ۾ ويڙهيو رهڻ مون کي سدائين وڻندو هو. ڇو جو ڏاڏيءَ جي جسم مان مون کي سدائين هڪ سني سڳنڌ ايندي هئي، ائين ڄڻ سندس ڇاتيءَ ۾ سدائين بسنت رت وسيل هجي.

ڏاڏيءَ جي ڪمري کي اسان وڏائي چڙهائي ڏاڏيءَ جو ريسٽ هائوس چوندا هئاسين. هونئن اهو هڪ ٽڪريءَ جي ڀرسان خالي پٽ تي اڏيل عام ڪمرو هو - اهو ٻه ٻڇيل سڇيل لوهه مان جوڙيل. چوطرف اسان جو باقي گهر هو، جيڪو هر سال ڦهلجندو ويو تي - ڪمرا وڌندا ويندا هئا. وراندا وڌيڪ ڊگها ٿيندا ويندا هئا ۽ ڏاڏيءَ جو ڪنبر جهڙو ڪمرو انهن کي لڄي ڪندو رهندو هو.

”ڇوءِ، ڇا تي پڇين؟“ انهيءَ ڏينهن ڏاڏيءَ مون کي چيو، ۽ پوءِ پاڻ ئي چوڻ لڳي، ”تون ننڍڙي هئينءَ ته توکي ٻڌائڻ جو واعدو ڪيل هئم.

هاڻي تون جوان ٿي ويئي آهين... وقت اچي ويو آهي... هونئن بہ پنهنجن ابن ڏاڏن جي باري ۾ ڄاڻ ضروري آهي..."

آئون ننڍڙي ٻار هيس، تڏهن هڪ چپ تي هڪ نالو تراشيل ڏسي، ڏاڏيءَ کان مون اهو پڇيو هو تہ "اهو ڪنهن جو نالو آهي؟" پر ڏاڏي يا ٻئي ڪنهن بہ مون کي ڪجهہ نہ ٻڌايو. ڪڏهن پاڙيسرين کان پڇندي هيس تہ اهي ڌيمي آواز ۾ ڪلي ڏيندا هئا ۽ پوءِ منهن قيري ڇڏيندا هئا.

"هِن ٽڪريءَ جي هيٺان تنهنجو ڏاڏو سمهيو پيو آهي..." ڏاڏي انهيءَ ڏينهن چيو، پر ائين ڄڻ پنهنجو پاڻ سان پٽڪندي رهندي هجي. منهنجي سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ آيو. منهنجو ڏاڏو هتي اسان سان گڏ نہ رهندو هو، پر هر مهيني چانديءَ جي پٽي واري گهڙي ٻڌي، اسان جي خبرچار لهڻ ايندو رهندو هو. پوءِ هو ٻيو ڏاڏو...

•

هاڻي اها ڪهاڻي آئون اوهان کي ڏاڏيءَ جي زباني نہ پر پنهنجي زباني ٻڌايان ٿي:

منهنجي ڏاڏيءَ جو نالو راشيل هو. نيوزيلنڊ جي ڪئڪوراس جبلن جي هڪ ڳوٺ ۾ جنم ٿيس. مائوري ماءُ ۽ يهودي پيءُ جي ڌي راشيل تکي نڪ ۽ گهنڊيدار وارن واري، ڏاڍي البيلي ڇوڪري هوندي هئي. ارڙهن سالن جي هئي، پر مٽس جيڪو شخص فدا هو، اهو سيلاني طبعيت وارو هو. هو ٽيهن ورهين جي ڄمار جو هو تہ سڊنيءَ کان آيو هو. ارڙهن ورهين جي ڇوڪريءَ جي دل جيتڻ ڏاڍي مشڪل هئي، پر نيٺ هن جيتي ورتي. هونئن مائوري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو ڏوهہ مٽس مڙهجي چڪو هو ۽ هو سيڪجهہ ڇڏي آسٽريليا جي هڪ پرانهين ڳوٺ ۾ وڃي رهي پيو.

مضبوط جسم ۽ نيرين اکين واري منهنجي ڏاڏي چار هزار ايڪڙ زمين خريد ڪئي. لوهہ ۽ ڪاٺ جو هڪ ننڍڙو گهر جوڙيائين ۽ ڏهن ورهين ۾ ستن ڪارن ۽ ٻُچڙن ٻارن جو پيءُ ٻڻجي ويو. اتي پرسان ئي هڪ ندي وهندي هئي، جيڪا گرمين ۾ ايتري سڪي ويندي هئي جو انهيءَ مٽيءَ ۾ بہ ڏار پئجي ويندا هئا، ۽ سياري ۾ ايڏي پريل رهندي هئي جو بند ٽٽي پوندا هئا. انهن تورن سالن ۾ منهنجو ڏاڏو پڇتاءُ جو

اظهار ڪندو هو: ”جوانيءَ ۾ منهنجي سيلاني طبع مون کي ڪجھ بنجڻ نہ ڏنو. پوءِ مون ڪان مائوري عورت سان شادي ڪرڻ جي غلطي ڪري ويٺس. مٿان وري زمين ۾ ٻوڏ جو پاڻي پرجيو وڃي ۽ پوءِ سڪي ڦاٽي پوي... اصل ساھ ڪڍڻ ئي نٿي ڏي...“ ۽ پوءِ هڪ ڏينهن منهنجو ڏاڏو گھر ٻار ڇڏي اوڏانهن هليو ويو، جتي سون جي کوٽائي ٿي رهي هئي. ڏاڏي ڏاڍيون رومانوي ڪهاڻيون ٻڌيون هيون تہ جن سون جي کاڻين ۾ ڪم ڪيو آهي، اهي نوٽن ۾ تماڪ پري پيئندا آهن . . .

ڏاڏي جا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا ڪٽجڻ لڳا. وڏو پٽ مٽيو ٻارنهن ورهين جو هو. انهيءَ ٻار سان گڏجي ڏاڏي ٻنيون سنڀالڻ شروع ڪيون. ڏاڏي جي زبان مٺي ۽ هٿ سخي هئا، انهيءَ ڪري نديءَ جي ڪناري ويٺل وڻجارا ڏاڏي کي ڪم ۾ هٿ وڊائيندا رهندا هئا، پر اهي وڻجارا اونهاري جي موسم ۾ ايندا هئا ۽ سياري ۾ ڪوهين ڏور نڪري ويندا هئا.

اجا سياري جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا تہ هڪ ڏينهن ڏاڏيءَ ٽڪريءَ جي پرسان باھ ٻرندي ڏٺي. پوءِ اهڙو آواز آيو جڻ ڪو هوريان ڳائيندو هجي. سياري جي رات هئي. ڏاڏي ٻارن کي سمهاري ڇڏيو ۽ هٿ ۾ پريل بندوق کڻي، پنهنجي ڪتي کي ساڻ ڪري، اوڏانهن رواني ٿي. رستي ۾ صوفن جو باغ هو. هوا ۾ پچندڙ صوفن جي خوشبو مليل هئي. دٻيل پيرن سان وڃي ڏاڏيءَ ڏٺو تہ ٽڪريءَ جي ٻن حصن جن وچ ۾ ڪو باھ ٻاري ويٺو آهي. سندس اندر پيل چهرو ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي باھ جي روشنيءَ ۾ عجيب طرح چمڪي رهيا هئا. پيرن جي آهٽ ٻڌي هن ڇرڪ ڀريو.

”سها مارڻ آيو آهين؟“ ڏاڏيءَ پڇيو ۽ چيائين ”باھ ٻرندي ڏٺم تہ ڏسڻ آيس تہ ڪير آهي؟“ ۽ ڏاڏيءَ پنهنجي هٿ مان ڇڏائي ويندڙ ڪتي کي پيار سان جھلي ورتو.

”آئون پويان بيلراٽ ڪان آيو آهيان.“

”آئون بہ اُتان جي آهيان، نيوزيلنڊ جي. تون ايندي ڪئڪوراس جبل جي هنج ۾ وسيل منگامئنون ڳوٺ وٽان لنگھيو هوندين... هاڻي اها سڀ ٻي دنيا جي ڳالھ لڳي ٿي...“

هو ان ڳوٺ وٽان نہ لنگهيو هو، پر آسپاس جي ڳوٺن جي باري ۾ ائين خبر هيس جيئن هٿ جي ريکائن جي. هو ۽ ڏاڏيءَ ڪافي دير تائين اتي جون ڳالهيون ڪندا رهيا، جتي هوءَ ڄائي هئي، پلجي وڏي ٿي هئي، پر هاڻي اها دنيا هن لاءِ ٻي دنيا بڻجي ويئي هئي. پوءِ هو ۽ ڏاڏي ٻنين جون ڳالهيون ڪندا رهيا. هو ملاح هو، هن ڪئين پتڻ ڏٺا هئا، پر ڪنهن بہ پتڻ تي هن ايڏي سادي ۽ خوبصورت عورت نہ ڏٺي هئي. هن ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو:

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”راشيل!“ ڏاڏي پنهنجو نالو ٻڌايو. سندس ڪارا وار گهاٽن بادلن وانگر سندس ڪلهن تي ڇانيل هئا.

”منهنجو نالو جوائنڪر آهي!“ هن ڏاڏيءَ جي اکين ۾ غوطا کائي چيو. ۽ پوءِ ٻڏندي ترندي ڏاڏيءَ جي بادل جهڙن وارن کي ڏسڻ لڳو، پاڻيءَ کي ٿي نہ، ستو بادلن کي ٻُڪ سان پيئڻ لاءِ سندس چپ تڙپڻ لڳا.

ٽڪريءَ جي ٻن حصن جي وچ ۾ باهہ ٻرندي رهي، ۽ پوءِ باهہ جي سيڪ جيان ٻئي جسم ڌُکڻ لڳا . . . جو اينڪر پوءِ ڪيڏانهن نہ ويو. ڪئين سال گذري ويا، هو ڏاڍو پورهيو ڪندو هو ۽ ڏاڏيءَ جون ٻنيون سيائيندو هو. اونهاري ۾ وڻجارا ايندا هئا. ڪين جوائنڪر ڏاڍو بهادر ۽ عقلمند لڳندو هو. اڄ بہ جيڪڏهن ڪو وڻجارن جا گيت ٻڌندو تہ انهن ۾ اوير ڪان آيل ڏاڙهيءَ واري جو ذڪر ٻڌڻ ۾ ايندس. اهي گيت انهن ڏينهن ۾ ٻنين ڪان وني گهرن جي چلهين تائين مشهور ٿي ويا هئا. ۽ جنهن هوا سان اهي گيت ڦهليا هئا، منهنجي ڏاڏي ۽ جوائنڪر انهيءَ هوا وانگي نرمل بہ هئا تہ لاپرواهہ بہ. اهي اهو ڪڏهن نہ سوچيندا هئا تہ هاڻي سندن ڇا ٿيندو.... اونهاري جي تپندڙ ٻنپهرن جو اهي ٻئي ٻنيون پوکيندا هئا... سياري جي ڏڪائيندڙ سرد راتين ۾ اهي ٻئي چلهہ جي پر ۾ ويهي ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا. اهي شايد هڪ ٻئي کي زندگي جي ڳجهارت سلائيندا ۽ سليندا بہ هئا...

ڏاڏيءَ هڪ طوفان مان رڳو گذري نہ رهي هئي پر هن هڪ طوفان پنهنجي اندر ۾ سنڀالي بہ رکيو هو. ۽ پوءِ جڏهن طوفان آيو

تہ اهو ٽيون طوفان هو - ٻنين کي ويران ڪندڙ، گهرن جي ڇتين کي اُڏائي ويندڙ ۽ ڍور ڍڳن کي وهائي ويندڙ. سمورو گهر پن وانگر ڏڪي رهيو هو، جڏهن ڏاڏيءَ کي ويم جا سور شروع ٿيا. انهيءَ رات بہ جنهن ٻار جو جنم ٿيو، اُن جا وار ڳاڙها هئا. صبح سوير ڳاڙهن وارن واري ٻار جو منهن چمي جوائنڪر پاڻيءَ ۾ وهي ويندڙ ڍور ڍڳن کي بچائڻ لاءِ نديءَ جو رستو ورتو. بس اهو آخري ڀيرو هو، جڏهن ڏاڏيءَ جوائنڪر کي ڏٺو هو. انهيءَ رات ٻاڙيسري سندس لاش گهر کڻي آيا هئا. ٽڪريءَ جي هنج ۾ جوائنڪر کي دفنايو ويو. پٿر تي جڏهن سندس نالو اُڪريو پئي ويو تہ ڏاڏيءَ پنهنجي ڳاڙهن وارن واري پٽ کي ڇاتيءَ سان لائي اتيئي ويٺي هئي. هوءَ رني نہ هئي، فقط نالي ڏانهن ڏسندي رهي هئي.

زندگيءَ جا ميلا عجيب ٿيندا آهن. ماڻهن چيو ٿي تہ منهنجو ڏاڏو سون جي کاڻين ۾ ئي ڪٿي مري ويو هو. ۽ پوءِ ماڻهن چيو تہ هو چڱو ڀلو، جيئرو جاڳندو ورهين کان پوءِ گهر موٽڻ وارو هو.

هو گهر موٽي آيو. گهڻو ڪجهہ ٿيو هوندو ـ جهيڙا جهڳڙا۔ مان بہ سوچي سگهان ٿي، اوهان بہ. پر ڏاڏيءَ پنهنجن ستن ٻارن وانگر انهيءَ ڳاڙهن وارن واري ٻار کي بہ پاليندي رهي ۽ وڏو ڪندي رهي.

اهو ڳاڙهن وارن وارو ٻار جڏهن جوان ٿيو تہ ان وقت لڙائي ڇڙيل هئي، هو فوج ۾ ڀرتي ٿي فرانس هليو ويو. نارمنديءَ ۾ هن هڪ هاريءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪري ورتي پر ڪافي سالن کان پوءِ لڙائي ۾ مارجي ويو. ڏاڏيءَ انهيءَ هاريءَ جي ڌيءَ کي ياڙو موڪليو ۽ پنهنجي گهر گهرائي ورتائين. هوءَ جڏهن آئي، تہ ڀريل ڏينهن سان هئي. هن هڪ ڌيءَ کي يعني مون کي جنم ڏنو ۽ پوءِ جيئري رهي نہ سگهي.

گهر ۾ مون کي سيني ڪارايو ـ ڏاڏي گوڏي تي وهاري ۽ مٺيوتائو تير ڪمان جي راند سيکاريندي. هينئر جڏهن آئون پنهنجن ڳاڙهن وارن ۾ ڦڻي ڏيندي آهيان تہ سڀڪجهہ ياد ڪري

سگهان ٿي. . . ڏاڏيءَ جو موت پنهنجي مڙس جي موت کان ڪافي سال پوءِ ٿيو. اڄ ڏاڏيءَ کي دفنائي آيا آهيون، ڳوٺ کان ٻاهر ڏاڏي جي قبر جي پرسان. اها روايت جي پيروي آهي. سوچيان ٿي ته پوت جيڪڏهن سچ پچ هوندا آهن ته ڏاڏيءَ رات جو انهيءَ قبر مان نڪري چوڏهن ميل پري ٽڪريءَ ڏانهن ضرور ويندي هوندي- جتي جوائنڪر جي قبر آهي.

ڏاڏي مري وئي آهي، پر ڪهاڻي چپ ٻڻجي زنده آهي. ڳوناٽا جڏهن ڪنهن کي رستي جو ڏس ڏيندا آهن ته چوندا آهن ـ جوائنڪر جي ٽڪريءَ کان ڏکڻ ڏانهن مُڙجان...□□□

# هوٽل جو ڪمرو

## ليوُئِس نِڪوسي

### انگريزي (ڏکڻ افريقا)

جڏهن هو سمهي اُٿيو ته هلڪي بوند پئي پيئي. اڌ کُليل در مان هن پهريون ڀيرو ڏٺو ته وراندي جي پرئين پر هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ ڪا عورت رهيل هئي. اوڏيءَ مهل ڪمري ۾ بيٺل انهيءَ عورت جي جسم تي ڪو ڪپڙو ڍڪيل نه هو.

سندس اوگهڙ خراب نٿي لڳي، شايد انهيءَ ڪري جو هوٽل جي پراڻين چاپوڙا لٿل ديوارن جي پوسل واري بوءِ جو اُبڙڪو سندس جسم ۾ بلڪل نه هو.

بستري جي گهنجن مان جاڳيل جسم جي گولاين ۾ ڪنهن جي پهچ ۾ اچي سگهن واري خاص طرح جي واسنا جو ڪو اشارو نه هو. جسم جون گولايون سخت هيون جيڪي ڪنهن تذي پٿر مان ڪوريل ٿي لڳيون. سِڌبيلي ڪي لڳو چڙ هوءَ اڻ ڇُهيلءِ نراسائيءَ جي حد تائين ڪنواري هجي. انهيءَ ڪان اڳتي هن ڪجهه نه سوچيو، ۽ در بند ڪري ڇڏيائين.

سڄو ڏينهن هُو پنهنجي ڪم ۾ رُڌو رهيو. اسڪاچ ۽ پاڻي پنهنجي پرسان رکي ڇڏيا هئائين. منجهند جو هڪ ڀيرو اٿيو هو ۽ هوٽل مان ڪجهه ميوو خريد ڪري ڏهن منٽن ۾ موٽي آيو. ڪمري جي دريءَ پرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي ويهي هو ميوو ڪائيندو رهيو. دري سمنڊ جي ڪناري ڏانهن کليل هئي پر اُن مهل ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿي آيو. مينهن زور سان وسي رهيو هو.

لنڊن جي ٽڏي ڏنڊ ڪان پري، جنهن ڏينهن هو انهيءَ بيٺاريءَ تي آيو هو، ڏينهن گرم ۽ چٽا هئا. سمنڊ جي ڪناري تي، اڇي ريتيءَ تي ماڻهو پنهنجي جسم تان فالتو ڪپڙا لاهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليٽيا پيا هوندا هئا. ڪي پڙهندا رهندا هئا، يا بنا چرپر جي ليٽي سپنا سجائيندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪنهن آئيس ڪريم واري اڇي سنڊن ماٺار ڪي ٽوڙيو تي نہ تہ بس.

موڪلون گذارڻ لاءِ جيڪي ماڻهو آيل هئا، منجهانئن اڌ امريڪي تي ڏسڻ ۾ آيا. سڀبيلي اهو اندازو سنڊن لهجي مان يا سنڊن آئيسڪريم جي شوق مان نہ، پر اجوڪي نئين پيڙهيءَ جي انهيءَ ورتاءَ مان لڳايو هو جيڪو ڪنهن بہ سجاڳيءَ جي پڪڙ ۾ اچڻ کان انڪاري هو. وات قاڙي ڳالهائڻ لاءِ وٽن ڪجهہ بہ نہ هو، متحرڪ بہ ڪجهہ نہ هو، ساڏارڻ بہ ڪجهہ نہ هو ۽ ٻاهريون ڏيکاءُ بہ نہ هو. بس هو تہ هڪ قسم جو اداس شان، هڪ وهنواري تڪلف ۽ ڄاڻي ٻُجهي پين ڪان مختلف ورتاءُ . ڊگهين ۽ سونهري ٽنگن وارين ڇوڪرين وٽ هڪ انداز هو، جيڪو خاص موقعن لاءِ نہ، ڪٽر ورتاءُ جي بندش مان پيدا ٿيل انداز هو. سڀبيلي جي خيال ۾ اهو ڪنارا ڪشيءَ سان پريل معصوميت ۽ وقتي دنياداريءَ جو هڪ خوبصورت سنگم هو ۽ ڪيس نجي طرح وڻيو پئي.

انهن جي بلڪل اُبتڙ، مرد هڪ طاقتور ملڪ جو بار هميشہ لاءِ پنهنجي ڪلهن تي ڪڻندي ڏسڻ ۾ تي آيا. بنا ڪنهن اتساهہ جي. غلامن جي انهيءَ مالڪ وانگر، جن ۾ غلامن کي هڪلڻ جي سگهہ بہ ختم ٿي چڪي هئي ۽ خواهش پڻ. سنڊن متي جا وار تمام ننڍا ڪٽيل هئا، جيڪي ڏاڍي سليقي ۾ ڏسڻ ۾ تي آيا. گرل فرينڊس سان قربت سان ملڻ مهل، اُهي سلڇٽن ٻارن جهڙا لڳي رهيا هئا، جن کي دنيا مان رڳو سنيهہ ۽ سنڀڻ جي توقع هئي.

•

سڀبيلي ڪنهن سان بہ ڳالهائڻ کان پاڻ کي روڪي رکيو هو، ڇو جو موڪلون اجهو هاڻي حال ۾ شروع ٿيون هيون ۽ سمنڊ جي ڪناري تي هلڪي روشنيءَ وارن شرابخانن ۾ ويهڻ جو اجا گهٽو وقت

پيو هو. هينئر هُن هوٽل جي ڪمري ۾ ويهي پنهنجي ٽائيپ رائيٽر جي سُريلي ٽِڪ ٽِڪ ۾ رڌل رهڻ چاهيو ٿي.

اُس ۾ وهنتل اها بيٺاري هاڻي اها نہ رهي هئي. پهرين هلڪي بوند پيئي هئي، پوءِ ڪڪر وسي پيا هئا ۽ هاڻي سيپيئي موسمي پکين وانگي غائب ٿي ويا هئا. سِدبيلي اٿيو تہ ڏٺائين تہ دريءَ جي ڏنڊ کي چيري بہ جيڪڏهن هو ٻاهر ڏسندو تہ بہ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ اچي سگهندو. پهريون ڀيرو ڪيس ائين لڳو تہ هو انهيءَ شخص وانگر هو، جيڪو ڊگهي عرصي کان انهيءَ وهم ۾ جيئندو هجي تہ هو هڪ آزاد شخص آهي، ۽ پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن هو در کولڻ لڳي تہ سُڌ پويس تہ در تي ٻاهران تالو لڳل آهي. هڪ ڏورانهين اڪيلي بيٺاريءَ جي هيڪلي هوٽل جي ڪمري جي مٿيهاڻي اهڙي حالت اهڙي چتاءَ لاءِ ڪافي هئي. پر سِدبيلي پنهنجي جسم ۽ روح جي ٿڪاوٽ هٿان ڪنهن بہ پڪ جو تجربو ڪرڻ جي قوت وڃائي چڪو هو. پيڙا جو هلڪو تهہ سندس اندر ۾ ڄمي ويو هو، جنهن اتساهہ جي اڻ هوند جي انهيءَ حقيقي بيماريءَ کي ڪانئس بہ لڪائي ڇڏيو هو، ۽ ٻين کان پڻ.

اڄ سوير سامُهين ڪمري جي ڪليل در مان هن جنهن عورت کي ڪمري جي وچ ۾ بينل ڏٺو هو، اها ڪيس ائين لڳي رهي هئي ڄڻ هوءَ ڪا شيءِ ڪٽڻ لاءِ اُٿي هجي ۽ پوءِ اهو ڀلجي ويئي هجي تہ هوءَ ڪهڙي شيءِ ڪٽڻ لاءِ اُٿي هئي، ۽ پوءِ وچ ڪمري ۾ بينل رهجي ويئي هجي. اهو شايد سندس بيزاريءَ جو انداز هو، پنهنجي عورتپڻي مان بہ اداسيءَ جو، جيڪو پهرين سدِ بيلي جي اکين کي ڏاڍو موهيندڙ لڳو هو، پر پوءِ ڪيس ڏاڍو تڪائيندڙ لڳو هو، ڇو جو ڪيس ائين لڳو تہ اهو اڻ ڇُهيل ڪير جهڙو جسم هن جي پنهنجي ”اندر“ جي سمهيل ٻڪ کي نٿي جاڳائي سگهيو. هن در بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪم کي لڳي ويو، پر لاشعوري طرح ڪنهن پريل جسم جي باري ۾ سوچڻ لڳو جيڪو هن لاءِ هجي.

هن ميوو ڪائي ميز جي خاني مان اسڪاچ جي بوتل ڪڍي، هڪ گلاس ڀري پيتو ۽ پوءِ دريءَ جي ڀرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

مينهن ان وقت به وسي رهيو هو. ٻاهر ڏسڻ سان اها ڏند جي ليڪ ڪٽي ڏسڻ ۾ نٿي آئي، جنهن جهڪيل آسمان کي سمنڊ جي ڪناري کان الڳ ٿي ڪيو. سٻبيلي جي من ۾ هڪ پڇتاءُ پيدا ٿيو پر هو خود ئي حيران هو ته اهو پڇتاءُ کيس خراب نه لڳو هو. ڪجهه ڪنن لاءِ کيس سموري دنيا کان شڪايت جي تجربي جو اطمينان ٿيو ۽ پوءِ انهيءَ جذبي کي سانديندي، پاڻ جهڙي ۽ ڪنهن ڏکويل روح سان جذبو ونڊڻ جي خواهش جاڳيس. اوڏي مهل هن وري انهيءَ عورت جي باري ۾ سوچيو جنهن کي هن سوير سندس ڪمري ۾ ڏٺو هو.

سموري ڏينهن ۾ سندس ڪم جي رفتار ڍري ۽ ٽڪائيندڙ هئي. گهٽي شراب پڻ کيس ٿڪائي وڌو هو. هُو ڪم ڏانهن ورڻ واري هنڌ تي ويهي سوير واري عورت جي باري ۾ سوچڻ لڳو. هن انهيءَ باري ۾ سوچڻ کان پاڻ کي گهڻو ئي روڪيو ٿي، پر سندس ڪن پرئين ڪمري مان ايندڙ ڊيمي آواز ڏانهن لڳل هئا _ ائين جڻ سندس جهڪي کان جهڪي آواز کي ٻڌي کيس سندس سموري شخصيت کي سمجهڻو هجي، جنهن لاءِ سندس خيال مطابق بيحد نااميد ٿيڻو هو.

هن پنهنجو در کولي ڇڏيو، پر ٻئي طرف سامهون در بند ڏسي کيس چڙ اچي ويئي. هو تصور ڪرڻ لڳو: هوءَ آرسيءَ اڳيان وينل آهي. شايد هِن مهل به ڪپڙا لاهي ۽ ڪنهن اجائي ڪم ۾ رڌل آهي- نهن رڱڻ جهڙي اجائي ڪم ۾- يا ليٽي پيئي آهي ۽ جسم تي ڪو به ڪپڙو نه اٿس، رڳو پنهنجي ڪير جهڙي جسم کي پاڻ مٿان تاڻي سمهي پيئي آهي. سٻبيلي کي هن جو تصور ائين لڳي رهيو هو جڻ هوءَ تمام نرم ساهه پر سيڪس ليس، ڪير جهڙو رنگ پر رت جو رنگ نه، رڳو هڪ سڳنڌ، پر ڪو پگهر ڦڙو به نه، هڪ صاف ستري، نروڳي اينٽي سيپٽڪ عورت، جيڪا ڪنهن مرد کي ڪا پيڙا ڏيڻ جي اهل نه هجي ۽ سٻبيلي پيڙا جي واٽ نهاري رهيو هو. شايد حقيقي درد جي لاءِ نه- پر هڪ پيڙا جي لاءِ هُو بيچئن ضرور هو.

هو تڪل هو، کيس ڪنهن اهڙي اڻ جاتل شخص جي ضرورت هئي جنهن جي چنچلتا مٽيهاڻن ڏينهن جي مٽيءَ کي وڏيڪ چٽو ڪري ڇڏي ۽ سندس ياد ۾ سدائين لاءِ انهن هڪ هنڌ بينل موڪلن جو

خاليپڻو لڏندو رهي. خاليپڻو، سڌ ٻيلي جي نظر ۾، پيڙا کان بہ وڌيڪ ايذائيندڙ هو. پيڙا وري بہ ڪنهن ڪم جي هوندي آهي، جيڪڏهن اها ڪنهن مئل ولولي کي جاڳائي ڇڏي. هن ڪنهن بہ پيڙا کي هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪنهن عورت جي باري ۾ يا سندس لڳاءُ جي باري ۾ نٿي سوچڻ چاهيو. پر تڏهن بہ هو سوچي رهيو هو تہ ٽن هفتن جي انهن موڪلن کان وڌيڪ ٻيو ڪو سنو موقعو ٿي نٿو سگهي، جنهن ۾ هو هڪ غير ايماندارانہ عشق ڪري، جيڪو هوٽل جي ورانڊي ۾ هڪ الوداعي پارٽيءَ سان ختم ٿي وڃي ۽ جنهن ۾ هڪ ٻئي کي جلدي خط لکڻ جا اڌوري من سان ڪيل وعدا هجن. موڪلن ۾ ٿيندڙ عشق جي باري ۾ هزار ڪن واهيات فلمون نهي چڪيون آهن _ هن سوچيو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ياد اچڻ تي هو انهن جي منظرن کي جڻ وري ڏسڻ لڳو. رات پئجي چڪي هئي ۽ سڌ ٻيلي جي نراسائي اڳي کان وڌي ويئي. اها آچر جي رات هئي، ۽ سڌٻيلي جي خيال موجب آچر جي رات ٻين سڀني راتين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بيقرار هوندي آهي. ڪيتريون ئي راتيون هيون جن ۾ هن پيار ڪيو هو، شراب پيتو هو، راهہ ويندڙن سان ڏند ڏنا هئا ۽ زندگيءَ جي جهنجهٽن کان گهڙي کن لاءِ جند ڇڏائڻ لاءِ وڙهي پيو هو- سڀني کان وڏي ۽ ضروري ڳالهہ اها هئي تہ رات جو سمهڻ مهل پنهنجي خيالن کي هنڌائتو ڪرڻ لاءِ وٽس ڪنهن ڳالهہ جو آڌت هئڻ گهربو هو.

ست وڳا هئا. هو هيٺ هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ ويو. هُن اُتي اها سوير واري عورت، جيڪا، سندس تصور ۾ ڪنهن بہ ڪپڙي کان سواءِ، هن وقت ڪاري شيفون جي وڳي ۾، ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ پيل ميز جي پرسان ويٺي هئي. هو سندس ميز پرسان هليو ويو، پوءِ چوڌاري ڏسندو رهيو جڻ انهيءَ کان بهتر هنڌ ڏسي رهيو هجي پر _ پوءِ اتي ئي ويهي رهيو.

"مان هتي ويهي سگهان ٿو؟" ويهڻ کان پوءِ هن پُڇيو. عورت پنهنجن سنهڙن هٿن سان پيشانيءَ تي ڪريل وار پري ڪيا. سندس چپ اهڙي طرح پڪوڙيل هئا جڻ اهي ڪنهن بہ غيرواقف سان ڪجهہ بہ ڳالهائڻ نہ چاهيندا هجن. هن "ها" ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ وري ساڳئي سوُپ

جي پيالي مان بي دليو سوپ پيئڻ لڳي.

سدبيلي وري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”منهنجو نالو سِدبيلي آهي. هن هوٽل ۾ منهنجو ڪمرو اوهان جي ڪمري جي سامهون آهي، ورانڊي جي ٻئي پر.“

هُن جي ڪارين اکين لاپرواهيءَ سان سِدبيلي ڏانهن ڏٺو، ۽ چيائين، ”پوءِ؟ انهيءَ سان اسان پاڙيسري ٿياسين يا هم بستر؟“

سدبيلي کي ڪاوڙ اچي ويئي، چوڻ لڳو، ”پاڙيسري اول، پوءِ جي ڳالهه ڏٺي ويندي.“

عورت ڪاوڙ ظاهر ڪانه ڪئي، پر هن اوباسي ڏيئي سُوپ جي خالي پياليءَ کي هڪ پاسي سيريائين. پوءِ هن اکين جي گهرائيءَ سان سدبيلي ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”خير، اسان جي صدر جو چوڻ آهي: ڪنهن ڏيپ وچان ڪنهن به ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي، پر ڪا ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪنهن ڏجڻ نه گهرجي.“

سدبيلي کي حقيقي روپ ڪان ڪل اچي ويئي. سچي پچي مزي جو تجربو محسوس ڪندي چيائين، ”اوهان امريڪي آهيو؟“

”ظاهر آهي.“

”پر اوهان جي ڳالهائڻ جو لهجو امريڪي ناهي.“

”مان گهڻو ڪري يورپ ۾ رهي آهيان. پر منهنجو خيال آهي ته اوهان جهڙو شخص، ظاهري طرح دنيادار، لهجي جي مدد ڪان سواءِ به اهو ٻڌائي سگهي ٿو.“

”ته....“

”ته ڇا؟“

”اوهان سچ پچ امريڪي عورت آهيو، Self assertive، ۽ جتي ڪا جهيڙي جي ڳالهه نه هجي، اتي به جهيڙو پيدا ڪندڙ. اها ڪنهن شخص جي وڏائي جتائڻ واري ڏپ جي نشاني آهي _ اخلاقي ڏپ جي.“

”اخلاقي ڏپ جي نه، رڳو بيزاريءَ جي، بوريت جي!“ هن سدبيلي ڏانهن ڏٺو. سندس اکين ۾ هڪ دُوري هئي. هن چيو، ”اوهان شايد منهنجي مڙس ڪان به وڌيڪ بيزار ڪندا _ نه خوبصورت، نه دلچسپ ۽

انهيءَ ڪري نہ ڏينهن جو سنو ساٿي ۽ نہ وري رات جو.“

سدبيلي لاءِ انهيءَ عورت جي اٽڪٽ بي عزتيءَ ڀريل ڳالهين اڳيان مات ڪري ويهڻ ڏکيو ٿي پيو. عورت جي اکين ۾ اڻ لڪي چمڪ آئي ۽ پڇيائين، ”اوهان ڇا ڪندا آهيو؟“ ۽ اڳتي پڇڻ لڳي، ڇا مان پڇي سگهان ٿي؟“

”ها ها، پڇي سگهو ٿيون!“ سِدبيلي مچرجي چيو، ”مان ناٽڪ لکندو آهيان. منهنجا ناٽڪ يورپ، امريڪا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ اسٽيج ڪيا ويا آهن.“

هوءَ کلي پيئي. هوءَ نہ، رڳو سندس ڏند کليا هئا. سدبيلي ڦريون ڦيرو ڇتائي ڏٺو تہ هوءَ تمام سهڻي هئي. وڏو تراشيل چهرو، چمڪندڙ ڪاريون اکيون ۽ سنهڙي نازڪ ڪاڏي. هن جڏهن ڳالهايو ٿي تہ سندس لهجو مزاحيہ ٿيڻ سياويڪ هو. چيائين، ”اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي، مسٽر بيلي! منهنجو نالو هيلن ڪسنگ آهي. منهنجا ڀاڳ آهن جو مون هيل تائين اوهان جو ڪو ناٽڪ ڪونہ ڏٺو آهي. مان سمجهان ٿي ’اوهان آوانت گارد‘* هوندؤ.“

”نہ مسز ڪِسنگ! منهنجي ناٽڪن ۾ منڍ، وچ، توڙي انت، سڀ هوندو آهي.“

”۽ سمجھ بہ؟ ڪلپنا بہ؟ ۽ روحانيت بہ؟ آتم پدارٿ جي سلسلي ۾ بہ ڪجھ ڄاڻڻ چاهيان ٿي. مان جسماني طرح بہ بيمار آهيان تہ روحاني طرح بہ. جيڪڏهن منهنجي اندر ۾ ڪوئي ڪجھ سجاڳ ڪري ڇڏي...

سدبيلي حيران هو تہ هوءَ جيڪي ڪجھ چئي رهي هئي اهو سياويڪ هو يا نہ! جيتوڻيڪ ڪيس اها بہ خبر نہ پئي پيئي تہ سندس اسياويڪ ڪٿي هو. سندس سياهُ چنچل اوس هو ۽ زبان تيزاب ۾ ٻڏل هئي، ۽ انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ ڪجھ هو _ ارڏو روح، تمام مضبوط، جيڪو جهڪي نٿي سگهيو، تمام سجاڳ. هو تمام گهٽو ڪجھ ڄاڻڻ لاءِ حيران هو. سندس دل ۾ آيو، ڪاش! سندس جسم ايترو ڪومل نہ هجي ها! ايترو اڇوتو نہ هجي ها!

---

* AVANT GARDE : ادب ۾ نوان تجربا ڪندڙ اديب.

اُهي جڏهن ميز تان اٿيا تہ هوءَ مرڪي چوڻ لڳي، ”اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو پنهنجي ڪمري سامهون هڪ ناٽڪ ڪار رهي ٿو. اڄ ڪالهہ اوهان ڪو نئون ناٽڪ پيا لکو؟“

”سوچي رهيو آهيان....“

”ڇا؟“

”تہ اوهان کي ٻاهر وٺي وڃان، جام شراب پياريان ۽ پوءِ اوهان کي پنهنجي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ مڃايان، ايتري دير تائين جيستائين هيءَ موسم بهتر نٿي ٿئي....“

جواب ۾ جڻ هوءَ ڪجهہ سوچي رهي هجي. سڊبيلي سندس ڇهري تي چانيل ڳٽيءَ جي ريڪائن کي ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڏسڻ لڳو. هوءَ ڪجهہ سوچي چوڻ لڳي، ”مان اوهان سان ٻاهر هلي هلنديس، پر هڪ ڳالهہ اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان تہ مون کي بيزار ڪندڙ سات کان ڏاڍي نفرت آهي.“

اُهي نائيٽ ڪلب ۾ وڃي چپ چاپ شراب پيئندا رهيا. ميز جي هيٺان سندس پير سان ڪڏهن سڊبيلي جو پير يا سندس هٿ سان ڪڏهن سڊ بيلي جو هٿ ڇهي ٿي ويو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڇهاءَ منجهس ڪجهہ نٿي جاڳايو، ايترو بہ نہ جو هوءَ سندس هٿ پنهنجي مرضيءَ سان پري بہ ڪري ڇڏي. هوءَ سامهون اسٽيج تي حبشي جوڙن کي نچندي ڏسندي رهي. هڪ بيزار ڪندڙ ڏيان سان هوءَ هڪ حبشيءَ جي تمام موڪري پنيءَ ڏانهن ڏسندي رهي چمڪندڙ ديوَ جي پنيءَ ڏانهن. هو جڏهن پنهنجي ساٿي عورت جي بلڪل پرسان ٿي بيهي رهيو هو تہ هيلن جون سنهڙيون آڱريون پنهنجي ڳچيءَ جي زنجير سان کيڏڻ لڳيون. ڪجهہ گهبرائجي حبشيءَ جي ويڪرن ۽ وڏن هٿن جڏهن نچندڙ ساٿي-عورت جي سنهڙي چيلهہ کي ٻانهن ۾ ورائي پاڻ ڏانهن ڇڪيو تہ هيلن جي ڇپن مان دک پريل ٿڌو ساهہ نڪري ويو ۽ چپ ڏکي تورو ائين کُلي پيا ڄڻ انهيءَ عورت جي هنڌ تي هوءَ پاڻ نچي رهي هجي، ۽ پوءِ هوريان هوريان پنهنجو پاڻ ۾ سُسندڙ جسم آسانيءَ سان ڪرسيءَ جو

سهارو ورتو ۽ پوءِ جيئن ٻيا ڏسندڙ ناچ کي داد ڏيئي رهيا هئا تيئن هوءَ بہ ڏيڻ لڳي.

سموري وقت ۾ اهي پل تمام ٿورا هئا. اُهي سمورو وقت چپ چاپ شراب پيئندا رهيا. عجيب خاموشيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ پيرو سڌبيلي پڇيو: ”مون کي پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌاءِ. تو جهڙي عورت هن ڏورانهين ويران ٻيٽاريءَ تي ڇا ڪرڻ آئي آهي؟“

”هن ٻيٽاريءَ تي هڪ پرٽيل عورت اچي ڇا تي ڪري سگهي، سواءِ انهيءَ جي تہ هڪ بيزاري ڪيس هتي وٺي اچي ۽ رومانس جي هڪ ڌنڌلي اميد...“

”پر تون رومانس جي خواهش رکندڙ عورت جهڙي ناهين.“

اکين مٿان آيل وارن جي ڇڳ کي هن هٿ سان پري ڪيو، ۽ چيائين، ”مشڪل اها تي جو جيئن ئي مون پنهنجو موڪلون شروع ڪيون تہ مون سان اهي ماڻهو مليا جيڪي مون ڪان بہ وڌيڪ ٿڪل هئا ـ منهنجي مڙس ڪان بہ وڌيڪ ٿڪل....“

سڌ بيلي ڪانئس مڙس جي باري ۾ ڪجهہ پڇڻ تي گهريو، پر انهيءَ جي بدران پڇيائين، ”ڪنهن جي ڇهري ڏانهن ڏسي تون ڪيئن تي چئي سگهين تہ اهو ٿڪل آهي؟“

”رڳو جسم جو ٿڪ نہ، منهنجو مطلب اصلي ٿڪ سان آهي. جيڪي ماڻهو محسوس ڪرڻ يا ڪو سپنو ڏسڻ جوڳا نہ رهيا آهن ۽ انهيءَ ڪري ڪنهن عورت جي اندر ۾ جوابي آگ جاڳائڻ جوڳا بہ نہ رهيا...“

”مان...“ سڌ بيلي پنهنجو سوال پنهنجي ڇپن ۾ ئي روڪي ورتو. هو جواب جي سچ ٻڌڻ ڪان ڊڄي ويو. اهو جواب پاڻمرادو ڪيس سڀ ڪان وڌيڪ معلوم هو.

هيلن تمام نرم اکين سان ڏانهس ڏٺو ۽ ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳي، ”مسٽر بيلي! اوهان اهو سوال مون ڪان نہ پڇو. اوهان کي خبر آهي تہ مون کي سچ چوڻ جي عادت آهي ۽ انيڪ ڀيرا سچ، ڪوڙ ڪان گهڻو وڌيڪ ظالم ٿيندو آهي.“

”مسز ڪسنگ! اوهان وٽ هڪ عجيب شائستگي آهي شايد بدلي ۾.“

”منهنجي شائستگي پنهنجي ڍنگ جي آهي، انهيءَ جو گناهه سان ڪو واسطو ناهي... منهنجو مطلب آهي، سنو اخلاق پنهنجو پاڻ ۾ گناهه ناهي، بلڪه اهو خوشيءَ ڪي تجربو نه ڪرڻ جي وسيلي ايندو آهي ـ هڪ سليقي نه هجڻ جي ڪري...“

هوءَ اجا به ڪجهه چوي ها، پر هوءَ پرئين طرف ڏسڻ لڳي ـ شايد حبشي نچندڙن ڪي ڳولڻ لڳي هئي، ۽ سامهون اسٽيج خالي ڏسي هڪ اوٻاسي ڏنائين! ۽ پوءِ وري اوچتو اتي ٻيهي رهي. هوءَ جڏهن اتي ٻيني ته نائيٽ ڪلب جي جهڪي روشنيءَ ۾ ڪيس ڏسي سڊبيلي کي لڳو ته هن جي پوڄا ٽيڻ گهربي هئي ـ اهو ئي هن گهريو ٽي ـ ۽ هوءَ انهن سيني کان ناراض هئي، جيڪي سندس پوڄا ڪرڻ لاءِ وٽس ادب سان جهڪي نه وينا هئا. پر وري سڊ بيلي کي لڳو ته هوءَ ايڏي غير انساني نٿي ٿي سگهي. هوءَ اهڙي طرح زخمجي ٻيني هئي جڻ هوءَ ناڪام توقع ڪري رهي هئي ته هڪ ڏينهن ڪو اجالو هن جي انساني شڪل چمڪائي ڇڏيندو-انسائي شڪل، جيڪا هن لاءِ تمام ڏنڌلي ٿي ويئي هئي. ۽ سڊبيلي کي سڀ کان وڌيڪ سندس انهيءَ ڳالهه متاثر ڪيو جو هن چپ چاپ هڪ تياڳ سان انهيءَ طرف کي قبولي ورتو هو جيڪو سندس اندازي مطابق، خوشيءَ جي بلڪل اڻ ٽيڻي طرف هو. روزمره جي زندگيءَ جي بي معنيٰ پٽي- سبق لاءِ، هڪ نائيٽ ڪلب ۾ هڪ خالي شام، ٽٽو بيئر بنا سواد پي ڇڏيائين، ۽ پرسان وينل مرد ۾ ڪنهن به قسم جي همٿ جي مڪمل طرح غير موجوگي. اهو سيڪجهه هڪ مضبوط روح کي به لوڏڻ لاءِ ڪافي هو. پر سڊبيلي اهو سوچي پنهنجو پاڻ کي دلاسو ڏيئي ورتو ته انهيءَ عورت ڪانئس تمام وڏي گهر ڪئي هئي - هن نه رڳو جسم جو ڇهاءُ گهريو هو پر نياڳي روح جو روح سان ڇهاءُ گهريو هو ۽ ڪيس لڳو ته سندس پنهنجي روح ايترو مهربند آهي جو ڪنهن جي روح ۾ ڪجهه جاڳائي نٿي سگهيو، انهيءَ ڪري هو انهيءَ عورت جي گهر جي بار کان ڇٽل هو.

واپسي مهل اهي هڪ ڊگهي روڊ تي هلڻ لڳا جيڪو مينهن جي ڪري پُسيل هو ۽ هنڌ هنڌ ٽٽل هو. سمنڊ جون لهرون ڪناري سان ٽڪرائجي پنهنجو پاڻ کي ٽوڙي رهيون هيون. مينهن بيهي ويو هو،

پر هوا ڌاڍي گهميل هئي. سڌ بيلي کي گهميل هوا جو ڇهاءُ وڻيو پئي پر هيلن ڪسنگ کي اهو ڪيئن ٿي لڳو، اهو هن جي لاءِ سوچڻ ڏکيو هو. هن مڪمل خاموشي اختيار ڪري ورتي هئي.

سڌبيلي جي لاءِ اها عجب ڳالهه هئي. جڏهن هيلن پنهنجا ڪومل هٿ سندس هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيا. هن پنهنجو پاڻ کي سنپاليو جيئن عجب لڪائڻ جي ڪوشش جو احساس هيلن کي نه ٿئي. پوءِ هوريان هوريان هن پنهنجي ٻانهن سندس چوڌاري ورائي ۽ ڪيس ڳلي لڳايو. هيلن جي جسم ۾ هڪ تيز لهر ڊوڙي ويئي، سڌ بيلي اهو سمجهي ورتو ۽ پوءِ انهيءَ ديواني خوشيءَ کان گهٻرائجي ويو. ڪيس ڊپ هو ته ڪٿي هيلن پنهنجو پاڻ کي پوئتي نه هٽائي وٺي. پر سندس ڪومل جسم ساڳي طرح ٿڙڪي رهيو هو- ڄڻ سندس جسم جو روڻءُ روڻءُ هڪ طاقت پي رهيو هو. سڌ بيلي جي جسم مان سندس تڪ هڪ ڪپڙي جئن لهي ويو ۽ سندس روح انهيءَ حيرت کي ڏسڻ لاءِ ڄڻ اتي وينو.

انهيءَ رات هوءَ هڪ پيرو بستري تان اٿي، بيلي کي ساڳي طرح ستل ڇڏي دريءَ ۾ بيهي سمنڊ ڏانهن ڏسندي ان جي گرج ٻڌندي رهي. هوءَ پوءِ چپ چاپ واپس اچي بيلي جي ويجهو آئي ۽ صبح ٿيڻ تائين گهري ننڊ ۾ ستي رهي.

ايندڙ ڏينهن سڌ بيلي لاءِ بي حد مڪمل ڏينهن هئا. هو سڄو ڏينهن لڪندو رهندو هو. شام ٿيندي هئي، پوءِ به لڪندو رهندو هو. هوءَ چپ چاپ ايندي هئي ۽ سندس ميز پرسان فرش تي ويهي رهندي هئي.

اها موڪلاڻيءَ جي گهڙي هئي. ٽي هفتا گذري چڪا هئا. بلڪل ائين جئن سڌ بيلي تصور ڪيو هو. پر اها پيڙا اهڙي نه هئي جهڙي هن سوچي هئي. هوءَ سندس سامهون ويٺي هئي، ديوين جهڙا ڪپڙا پائي. هُن جي ڪاڏي سندس ٻنهي هٿن ۾ جهليل هئي. سندس گهاٽن ڪارن وارن وچ ۾ سينڌ نڪتل هئي، ۽ وار سندس ٻنهي ڪلهن تي وکريل هئا. سڌبيلي جي هڏين ۾ ڪنبڻي لهي آئي ۽ ڪيس لڳو ته اها ڪنبڻي سانتيڪي ڊپ ۾ بدلجي ويئي هئي. مرد انهيءَ ڊپ کان ان وقت واقف ٿيندا آهن، جڏهن اوچتو ڪين اها خبر پوندي آهي ته ڪنهن

خاص عورت کان سواءِ دنيا جي ڪنهن ٻي عورت کي نٿا چاهي سگهن ۽ اها ئي هڪ عورت سدائين لاءِ ڪائنن وچڙڻ واري هوندي آهي.

سندس سانت چهري جي پويان سمورو آسمان لهندڙ سج جي لاليءَ سان رڱيل هو. بيدليو جلدي خط لکڻ جي وعدي ڪرڻ وقت، سدِ بيلي دانهن ڪئي، ”هيلن مان توسان محبت ڪريان ٿو.“

هرءَ ڪجهه ڪين ڪُڇي. آهستگيءَ سان سدِ بيلي کي چميائين ۽ جلدي ڏاڪڻ لهي ويئي. سندس وڃڻ جو وقت ٿي ويو هو. ميز تي اڌ پريل گلاس پيا هئا. سج جلدي لهڻ لڳو ۽ هڪ برفيلي ٿڌ سدبيلي جي هڏين ۾ لهڻ لڳي.□□□

# پارڪ

## جيمس مئٿيوز

### انگريزي (ڏکڻ آفريڪا)

هو اميد ڀريل نگاهن سان ريلنگ جي ڀرئين ڀر پارڪ ۾ ڪيڏندڙ ٻارن کي ڏسندو رهيو. ٻار پينگهه ۾ لُڏي رهيا هئا. جيئن ئي پينگهه مٿي وينئي ٿي، ٻار تيئن خوشيءَ وچان ڪِڪِيون هڻڻ لڳا ٿي. سندن خوشيءَ ڀريون ڪِڪِيون، سندس دل ۾ هڪ نئين خوشي پيدا ڪري رهيون هيون. خوشيءَ ۽ ٻُوُد وچان سندس سمورو جسم ڏکي رهيو هو. سندس ڀرسان ئي، ڏوتل ۽ اِستري ڪيل ڪپڙا هڪ چادر ۾ ويڙهيا پيا هئا. پنج ننڍا ٻار ٻن وڏن ٻارن جي ڀويان ڀويان ڊوڙي رهيا هئا. اهي ڪيس ڏسي بيهي رهيا. ”اي ڪارا ٻاندر! تون ڇا ٿو ڏسين؟“ چوندي منجهانئن هڪ ڇٽي هڪ ننيو پٿر ڪٽي ورتو. هن انهيءَ ڇوڪري کي سڃاڻي ورتو. جنهن ڏينهن کيس پارڪ مان ڪڍيو ويو هو، اهو گورو ڇوڪرو اتي ئي بيٺل هو. ڇوڪري اهو پٿر سندس ڀرسان ٽنيي تي وهائي ڪڍيو. پٿر جا ننڍڙا ٽڪر سندس منهن تي وڃي لڳا.

هن پنهنجي ڇپن تي لڳل پٿر جو چُورو ٺُڪي ڇڏيو، ۽ پوءِ سندس اکيون انهن ڇوڪرن کي مارڻ لاءِ ڪو پٿر ڳولهڻ لڳيون. ڪجهه ٻيا ڇوڪرا اُنهن ڇوڪرن سان اچي گڏيا ۽ هاڻي هو سندس وڌندڙ تعداد کي ڏسي گهٻرائجي ويو. ٻنا ڪُڇڻ جي هن پنهنجي ڪپڙن جي ننڍڙي هڙ کنئي ۽ اُتان تڪڙو هليو ويو.

جيئن ئي هو روانو ٿيو ته کيس گڏريل ڀيري پارڪ ۾ وڃڻ جي ڳالهه ياد آئي. ٻنا ڪنهن هٻڪ جي هو پارڪ ۾ گهڙي ويو هو ۽ جلدي ئي ڀرواري چانديءَ جي زنجير واري پينگهه تي چڙهي وينو هو. اجا

تائين ڪيس اها خوشي ياد آهي، جڏهن سندس پينگهه متي، متي ۽ اڳي کان وڌيڪ متي ٿيندي پئي ويئي، جڻ آڪاس کي ڇهي ويندو. پوءِ هن لوڏا ڏيڻ ڇڏي ڏنا هئا ۽ پينگهه ڍري ٿيندي ويئي هئي. اوڏيءَ مهل ڪيس پنهنجن ڪلهن تي ڪنهن جي هٿن جو سخت ڇهاءُ محسوس ٿيو هو. پنهنجي پويان مڙي ڏٺائين ته پارڪ جو چوڪيدار بيٺو هو. ”هتان نڪري وڃ!“ هن ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو هو.

”ڇو نڪران؟ مون ڇا ڪيو آهي؟“ هن پينگهه جي لوهي سنگهر وڌيڪ مضبوطيءَ سان جهلي ورتو هو. گورو ڇوڪرو به هيٺ لهي آيو هو ۽ معصوميت سان ڪيس ڏسندو بيهي رهيو هو.

”توکي ٻاهر نڪرڻو ئي پوندو!“ هاڻي چوڪيدار ڪجهه جهڪي لهجي ۾ چيو هو ته جيئن ٻيا وارا ماڻهو نه ٻڌي وٺن. ”هتي جي قاعدي موجب اسان ڪارا ماڻهو اُهي پارڪ استعمال نٿا ڪري سگهون، جيڪي گورا استعمال ڪن ٿا. ”تون انهيءَ پارڪ ۾ وڃي ڪيڏ جيڪو تنهنجي گهر ڀرسان آهي.“

”جتي منهنجو گهر آهي، اُتي ڪو به پارڪ ناهي!“ هن چيو هو. پارڪ ۾ انيڪ گوريون عورتون ننڍن ٻارن کي گهمائي ۽ پاڻ به گهمي رهيون هيون. هن اداس نگاهن سان هڪ ڀيرو ڏٺو هو، پوءِ چوڪيدار سان گڏ ڦاٽڪ تائين هليو آيو هو. ”تون رڳو هي بورڊ پڙهي وٺ!“ چوڪيدار کيس خبردار ڪرڻ لاءِ چيو هو. اچي بورڊ تي ڳاڙهن لفظن ۾ لکيل هو: ’فقط گورن لاءِ‘. هو ماٺ ميٺ ۾ ٻاهر نڪري آيو هو. سندس پويان پينگهن ۾ لڏندڙ ٻار ڪِڀيون هڻي ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا. ’ميري گو رائونڊ‘ پوري رفتار سان ڊوڙي رهيا هئا.

انهيءَ واقعي کان پوءِ هو هميشه پارڪ جي ڀرسان ماٺ ميٺ ۾ اڳيان نڪري هليو ويندو هو.

هن ڪپڙن جي هڙ ناهي پنهنجي ڪلهي تي رکي. ڪلهن ۾ سور ٿي رهيو هئس. جيڪڏهن آئون پينگهه ۾ لُڏان ها ته ڪهڙو نقصان ٿي پوي ها؟ ڇا پينگهه ٽُٽي پوي ها؟ ڇا بيهي رهي ها؟ خراب ٿئي ها؟

رڳو هڪ ڀيري، گهڻو اڳ، پٽس کيس هڪ ميلي ۾ وٺي هليو هو، جتي اچا ننڍا گهوڙا پينگهن ۾ بدل هيٺ متي ٻجي رهيا هئا.

هو حيرانيءَ وچان ڏسندو رهجي ويو هو. هو سوچي رهيو هو ته ڪاش، اهو وقت ڪڏهن نه گذري! پر جلدي ئي اهو وقت گذري ويو هو ۽ هو پنهنجي پيءُ جو هٿ جهلي ٻين پينگهه لُڏندڙ ٻارن کي هيٺ مٿي لُڏندي انهن اڇن گهوڙن تي ويٺل ڏسندو رهيو هو.

هن ڪپڙن جي هڙ ٻئي ڪلهي تي رکي ۽ انهيءَ گهر ۾ گهڙي ويو، جتي ماڻس گرم پاڻيءَ سان پريل ٽب ۾ ڪپڙا ڌوئيندي هئي. ماڻس جو چهرو پگهر جي ڦُڙن سان پرجي ويندو هو. سندس آواز به پگهر جي ننڍين ننڍين ڦڙن وانگي ئي ڪومل هو. هن دروازي کي ڌڪو ڏنو ته اهو کُلي پيو ۽ هڪ وڏي ڪُتي هميشه وانگي کيس پليڪار ڪئي. هو سندس پير چٽڻ لڳو ۽ سندس گوڏن تائين ٽپا ڏيڻ لڳو.

هڪ گول چهري واري ۽ سفيد وردي پاتل افريقي ڇوڪريءَ هن لاءِ بورچي خاني جو در کوليو ۽ سندس هٿ مان هڙ وٺي ميز تي رکيائين "مان مئڊم کي سڏيان ٿي."

"تون سمورا ڪپڙا کڻي آيو آهين نه؟" مئڊم هر ڀيري اهو ئي پڇندي هئي.

"ها، مئڊم!" هن لسٽ سان ملائيندي ورندي ڏني.

"تو ڪجهه کاڌو آهي يا نه؟"

هن ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو.

آئون توکي کائڻ بنان وڃڻ نه ڏيندس!" پوءِ افريقي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسندي چيائين، "پاڻ وٽ کاڌي لاءِ ڪجهه آهي؟" افريقي ڇوڪري فرج کوليو ۽ منجهانئس کاڌو ڪڍي، پليٽ ۾ وجهي ميز تي رکيائين. پوءِ هڪ گلاس ٿڌي کير جو به رکيائين. جڏهن هو ڪرسيءَ تي ويٺو ته اها انگريز عورت هلي ويئي. هو هاڻي بي حجاب ٿي کائڻ لڳو... ٿورا مٽر، پٽاٽا، ٽماٽا، گجرون. هو سوچڻ لڳو: ههڙي قسم جي کاڌي مان هنن ماڻهن جو پيٽ ڪيئن ٿو پرجي؟ امان ڪافي سارو کاڌو پچائيندي آهي.

"مهرباني، ائني!" هن هٿ ڌوئيندي افريقي ڇوڪريءَ کي چيو.

اوڏي مهل مئڊم اندر آئي. "تو کائي ورتو؟" ۽ پوءِ هڪ ڏهن شلنگن جو نوٽ کيس ڏنائين، جيڪو سندس ماءُ جي سموري هفتي جو

اُجورو هو.

”۽ هي تنهنجي لاءِ.“ ڇهن پيسن جو اچو سڪو سندس تِريءَ تي چمڪڻ لڳو.

”مهرباني مئڊم!“

”پنهنجي ماءُ کي چئج ته آئون مهيني کن لاءِ ٻاهر وڃي رهي آهيان. واپس اچڻ تي اطلاع ڏينديس.“ ائين چئي هو ڏکهي ڳڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ ڪندي بورچيخاني مان ٻاهر نڪري ويئي. ائني هڪ صوف ڪٽي ڪيس ڏنو ۽ هو اهو ڪائيندو ڪائيندو روڊ تي نڪري ويو. هن سوچيو: ’آئون هڪ پينس جون ٽافيون وٺندس، هڪ پينيءَ جون منيون گوريون ۽ هڪ پينيءَ جو چيوگم...‘ سندس وات ۾ پاڻي پرجي آيو.

هُو پهرئين دڪان تي ئي بيهي رهيو. ٽري ۾ مهانگا چاڪليٽ ۽ ٻيون شيون رکيل هيون، جيڪي هن اڳ ڪڏهن نه ڏٺيون هيون. هو مات ميٽ ۾ ٻنان ڪجهه خريدڻ جي ئي ٻاهر نڪري آيو. پارڪ تائين پهچندي ئي سندس رفتار ڍري تي ويئي. اُتي هاڻي ٻار گهٽا گهٽجي ويا هئا. سندن جاءِ پيٽ تي هٿ ڏيئي هلندڙ پوڙهن ورتي هئي. هڪ ڪينهون اڪيلجي هڪ پوڙهي جي پرسان ڪريو. جنهن ڇوڪري ڪينهون اڇليو هو، اهو پوڙهي جو لڪڻ ڏسي بيهي رهيو. ٻين ڇوڪرن انهيءَ ڇوڪري کي ڪينهون آڻڻ لاءِ چيو. جيئن ئي هو اڳتي وڌيو ته پوڙهي لڪڻ هٽي ڪڍيس. پر هو بچي ويو ۽ ڪينهون ڪٽي پجي ويو. ڇوڪرا ڪلندا ٺهڪ ڏيندا، تاڙيون وڄائي پنهنجي راند ۾ محو تي ويا.

ريلنگ جي پرئين پر بيهي هو ٻارن کي ڏسندو رهيو. ٻارن جو ڪينهون زور سان اڇلڻ، سندن گاهه تي اُٿلڻ پٿلن، سڀ ٻار انهيءَ لطف مان مزو ماڻي رهيا هئا ۽ اهو مزو وٺڻ لاءِ سندس تن ۽ من به خواهشمند هئا.

”جهنم ۾ وڃي پَون!“ هن زور سان رڙ ڪئي. ”هي پارڪ، هي ٻار، هي گاهه، هي پينگهه، سڀ جهنم ۾ وڃي پون!“ سندس ننڍڙا هٿ اتي لڳل اوچي ريلنگ کي ڪاوڙ وچان لوڏي رهيا هئا.

ڊسٽ بن ۾ ميون جي ڪلن جو ڍِڳ لڳل هو. هن زور سان لت هنئي. سمورو گند ڪچرو ريلنگ تي ڦهلجي ويو. نتيجو ڏسڻ لاءِ هو

اُتي بيٺو ڪونه، اُتان ڊوڙندو هليو ويو. ٿورو پريان وڃي هو بيهي رهيو. دل ۾ بيچيني اڳي ڪان وڌي ويئي هيس ۽ ڪاوڙ سرس ٿي ويئي هئي. پنهنجي گهر پرسان دڪان ڏانهن بنا ڏسڻ جي اڳتي نڪري ويو. سندس ڇهه پينس بنا خرچ ڪئي کيسي ۾ پيا رهيا. ڪجهه ڇوڪرا اُتي کيڏي رهيا هئا. انهن کيس کيڏڻ لاءِ سڏيو، پر هو ٻٽو اڻ ٻٽو ڪري اڳتي نڪري ويو.

سندس ماءُ بورچيخاني ۾ ماني پچائي رهي هئي. هن اهي ڏهه ئي شلنگ سندس هٿ ۾ اچي ڏنا.

”بک لڳي اٿيئي؟“ هن ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪئي. ماڻس هن لاءِ پيالي ۾ سُوپ وجهي ڊبل روٽي جو سلائيس کيس ڏنو. اُن مهل هن ماڻس کي ٻڌايو تہ اينڊرِ مهيني ٽائين کيس ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ نہ ملندا.

”ڇو؟ ڪارڻ؟ مون ڪهڙي غلطي ڪئي آهي؟“

”مئڊم مهيني ڪن لاءِ ٻاهر وڃي رهي آهي.“

هن مون کي اڳ ۾ ڇو نہ ٻڌايو تہ هوءَ وڃي رهي آهي؟ آئون ڪنهن ٻي مئڊم کي ڳولي وٺان ها.“ هو دک ڀرئي لهجي ۾ چوڻ لڳي - ”اوهہ، اهو بوج جيترو هلڪو ڪرڻ جو جتن ڪريان ٿي، اوترو ئي وڌندو وڃي ٿو! جيڪي پيسا ڪانئس ملن ٿا، ان مان ڇڪي تاڻي گذرسفر ٿي رهيو هو. هاڻي ڇا ٿيندو!“

ٻار اچا بہ ٻاهر ٽائر سان کيڏي رهيا هئا. جلدي جلدي ماني کائي هو بہ ساڻن وڃي گڏيو. جيئن ئي هن ٽائر گهمايو تيئن ئي سندس ذهن پارڪ ڏانهن هليو ويو ۽ اُتي جي پينگهہ ۾ اٽڪي پيو. ٽائر وٺائنس ڇڏائجي ويو، هن اهو جهلڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي.

- اڙي، ٽائر پڪڙينس...! ڇا ٿي ويو اٿيئي؟ کيڏٽو نہ اٿيئي؟

هو سندن ڳالهين کي ٻُٽو اڻ ٻُٽو ڪري اُتان هليو ويو.

اندر ئي اندر ڪاوڙ جي باهہ وڌندي ويس... انهيءَ قانون تي جنهن کي هن نئي سمجهيو قانون، جنهن مٿس پارڪ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا هئا. هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. هن هٿ جي ترِيءَ سان لڙڪ اگهي ڇڏيا. سامهون اينڊرِ ڇوڪري کي ڏسي هن هٿ هڪدم هيٺ ڪري

چڙيا. ”منهنجي اک ۾ الائجي ڇا پئجي ويو آهي! مان روئان ڪٿي تو!“
”منهنجو خيال آهي ته تون روئي رهيو آهين.“
هو ماڻ ميٽ ۾ اڳتي نڪري ويو. ڇوڪري ڪيس چيڙايو: ”روئڻو! روئڻو!!“ هو پر واري دڪان ۾ گهڙي ويو.
”اڃ ڇوڪرا! ڇا گهرجيئي؟“
هن پنهنجي پسنديءَ جي ٻن پينسن جي منائي ڏيڻ لاءِ چيو. منائي پنهنجي ڪيسي ۾ رکي ٻاهر آيو ۽ ننڍي پٽ تي اچي وينو. لالي پاپ چوسيندي چوسيندي هڪ ڪن لاءِ هو پارڪ کي وساري وينو. هن ڇوڪريءَ کي ويجهو ايندي ڏٺو. هوءَ چوڻ لڳي، ”امان چوي ٿي ته اچي ماني کاءُ.“
جڏهن اهي ٽيبل تي وينا ته پٽس ٽيبل تي ويهي چڪو هو.
”توکي هميشه مانيءَ لاءِ سڏڻو ڇو ٿو پوي؟“ ماڻس چيس. هو جلدي هٿ ڌئڻ لاءِ اٿيو. جڏهن ماني کائي ورتائون ته اوچتو سندس ذهن ۾ هڪ خيال آيو: اونداهي ٿيڻ مهل ڇو نه پارڪ ۾ وڃجي؟ جڏهن چوڪيدار دروازو بند ڪري ڇڏيندو. ٻار، پوڙها ۽ ٻارن کي گهمائيندڙ آيائون، سڀ هليا ويندا ته هو ماڻ ميٽ ۾ اندر گهڙي ويندو. ان مهل ڪيس روڪڻ وارو ڪير هوندو! هو انهيءَ کان اڳتي ڪجهه سوچي نه سگهيو. سندس دماغ جو ٻار هلڪو ٿي ويو. پر هو شهر ۾ رات جو ڪڏهن اڪيلو نه ويو هو. سندس جسم ۾ پيُ جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي ۽ ڪاڏو ڳهڻ هن لاءِ ڏکيو ٿي پيو. پوءِ به هن طئه ڪيو ته ڪاڏو ختم ڪندي آئون پارڪ ۾ ضرور ويندس. هن جلدي جلدي ڪاڏو ڳرڪائي پورو ڪيو. جيئن ئي سندس پيءُ پليٽ سرڪائي ۽ سگريٽ دکايو، هو جلدي جلدي ميز صاف ڪرڻ لڳو ۽ پليٽن کي صفائي لاءِ ڪٺي ويو. هو پليٽ صاف ڪندو ويو ۽ پنهنجي ڀيڻ کي ڏيندو ويو، جا اُگهي رکندي ويئي. پوءِ پليٽون صاف ڪري هن ماڻس کان پڇيو، ”هاڻي آئون ڪيڏڻ وڃان، امان؟“
”پر توکي سڏڻ لاءِ ماڻهو نه موڪلڻو پوي! ۽ وڃڻ کان اڳ گئلريءَ ۾ ليمپ ٻاريندو وڃج.“
هن ليمپ ۾ تيل وڌو ۽ وٽ هيٺ ڪري ڇڏيائين.

پنهنجي گهر جي گهٽيءَ مان ٻاهر نڪري هو تڪو ڊوڙڻ لڳو. جيئن ئي هو پارڪ جي پرسان پهتو تہ سندس رفتار ڍري ٿي ويئي. لوهي ڦاٽڪ جي پرئين پر، سندس سامهون پارڪ هو. مٿي وڏو نوٽيس بورڊ ٽنگيل هو. ڪيس اونداهي ۾ بہ پينگهہ ڏسڻ ۾ پئي آئي. پينگهہ سندس دل ۾ عجيب اُمنگ پيدا ڪري ڇڏيو هو.

جيئن ئي هو ريلنگ تي چڙهيو تيئن ئي سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. سامهون ڪو بہ نہ هو. ان مهل ٻي ڪنڊ کان ايندڙ هڪ ڪار ڏانهس مڙي. هو گهٻرائجي ويو. پر ڪار جي رفتار تيز ٿي ويئي ۽ ڪار هلي ويئي.

ريلنگ ڏاڍي ٿڌي هئي. هو هوريان هوريان مٿي چڙهيو ۽ پرئين پر ٽپي ويو. هيٺ گاهہ ماڪ ڦڙن سان پُسيل هو. هو گاهہ تي ڊوڙڻ لڳو. هو پينگهہ کان 'ميري گو رائونڊ' تائين ڊوڙندو ويو، پوءِ گسڪٽيءَ تي چڙهي هيٺ ترڪڻ لڳو. هو پاڻ کي آزاد پکي وانگر محسوس ڪري رهيو هو. هو هر هر چڙهيو تي ۽ ترڪي گاهہ تي ڪري ٿي پيو. هڪ ڪن هن چنڊ ڏانهن ڏٺو ۽ وري ترڪڻ لڳو. سندس دل چاهيو ٿي تہ انهيءَ ترڪڻ جو ڪڏهن ڇيڙو نہ ٿئي.

پوءِ هو 'ميري گو رائونڊ' تي ويو ۽ زور سان ڌڪو ڏنائين. هو هوريان ڦرڻ لڳو. هن انهيءَ کي هڪ پيرو وڌيڪ ڌڪو ڏنو تہ رفتار ۾ تيزي اچڻ لڳي. اوڏي مهل هو ٽپ ڏيئي مٿي ويهي رهيو. پوءِ هوريان هوريان ان جي رفتار ۾ ڍرائي ايندي ويئي. رفتار تيز ڪرڻ لاءِ وري ڌڪو ڏيڻ جي ضرورت هئي. پر هن پنهنجي لطف ۾ رنڊڪ وجهڻ نٿي گهُري، تنهنڪري ٽپو ڏيئي لهي ويو ۽ پينگهہ ڏانهن وڌيو. هن انهيءَ جي چانديءَ جي زنجير کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ لوڏا ڏيڻ لڳو. پينگهہ جي رفتار ۾ تيزي ايندي ويئي. هو اُتاهون ٿيندو ويو ۽ آڪاس کي ڇهڻ لڳو. ان مهل هو چنڊ کي ڇهي سگهيو ٿي. هن هڪ تارو ٽوڙي ورتو. زمين تمام هيٺ هئي. ڪو بہ پکي هن وانگر اوچو اڏامي نٿي سگهيو. هو مٿي وڌندو وڃي رهيو هو.

ان مهل پارڪ جي ڪنڊ ۾ نهيل جهوپڙي ۾ روشني ٿي. دروازو کليو ۽ هن هڪ ڪاري پاڇي کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. هو سمجهي

ويو تہ اهو چوڪيدار هوندو. سندس هٿ ۾ هڪ ٽارچ هئي. هو ساڳي طرح لڏندو رهيو. چوڪيدار اچي سندس سامهون بيٺو ۽ ٽارچ جي روشني سندس چهري تي وڌائين.

"اوهہ منهنجا خدا! تہ تون آهين! مون توکي چيو هو نہ تہ هن پينگهہ تي نتو چڙهي سگهين!" پر هو لڏندو رهيو.

"تون وري ڇو آئين؟"

"هن پينگهہ ۾ لڏڻ."

چوڪيدار جي دل ۾ آيو تہ هو ڪيس انهي پينگهہ جو لطف وٺڻ ڏي. انهن گورن کي تہ سيڪجهہ حاصل آهي... هو هوريان پٽڪيو، پر ڪيس پنهنجي نوڪري وڃڻ جو ڊپ هو. جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو تہ؟

"هيٺ لهہ! جيڪڏهن تون هيٺ نہ لهندين تہ آئون پوليس کي سڏائيندس. توکي خبر آهي تہ هو ڇا ڪندءِ!"

پر هو ساڳي طرح لڏندو رهيو. چوڪيدار ڦاٽڪ ڏانهن مڙيو.

"امان! امان!" هاڻي سندس چپ ڏڪيا ۽ هو هر هر پنهنجي ماءُ جي پرسان بورچيخاني ۾ مڪمل شڪل ۾ ويهڻ جو تصور ڪرڻ لڳو "امان! امان!" سندس آواز اوچو ٿيندو پئي ويو... نيڪ انهيءَ پينگهہ وانگر، جيڪا آڪاس کي ڇهي رهي هئي. پينگهہ ۽ آواز.... مٿي، اڃا مٿي. پوءِ اهي بيئي گڏجي هڪ ٿي ويا.

ڦاٽڪ تي نوٽيس بورڊ ڏانهس اشارو ڪندي اتيئي ٽنگيو پيو هو.

□□□

# جيڪڏهن ماڻهو مُنگهڻ هجن ها

## ڪيسي مونسيسي

### انگريزي (ڏکڻ آفريقا)

اهو 1758ع سال هو. ڪانفرنس هال جي ڇت جي هڪ سوراخ ۾ ٻه منگهڻ ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هڪ منگهڻ اوٻاسي ڏيئي چيو ته ڪيس ننڊ اچي رهي آهي، پر هو سدائين ڳالهيون ٻڌڻ پسند ڪندو آهي.

هڪ وڏي اڳواڻ اجهو هاڻي چيو هو ته مخالف گروپ جا اڌ کان وڌيڪ رُڪن گڏهه آهن، جنهن تي ڪنهن رُڪن ڪيس چيو هو ته اهو ريمارڪ واپس ورتو وڃي. انهيءَ کان پوءِ انهيءَ اڳواڻ کي مبارڪباد ڏني ويئي ته هو پهريون شخص آهي، جنهن هڪ ڏڱي وانگر ڪانفرنس هال مان ٻاهر نڪري وڃڻ جي بدران، پنهنجو رمارڪ واپس ورتو آهي.

”ڇا تنهنجو ارتقا ۾ اعتماد آهي؟“ اوٻاسي ڏيندڙ منگهڻ پنهنجي دوست کان پڇيو.

”ها. تو اهو ڇو پڇيو؟“

پهرئين منگهڻ نهن سان خارش ڪندي چيو، ”چڱو! آئون هاڻي سوچي رهيو هئس ته گذريل رات مون انهيءَ شخص جو رت چوسيو جنهن سيني جو صدر تي چوايو، هن جو رت منهنجي رڳن ۾ آهي، انهيءَ ڪري اِن طرح هن جو ۽ منهنجو پاڻ ۾ رت جو رشتو آهي. ظاهر آهي ته ڪجهه صدين کان پوءِ، منهنجو ارتقا انساني روپ ۾ ٿيندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته آئون صدر چونڊجي وڃان!“

”جڏهن تون صدر چوندجي ايندين تہ ڇا ڪندين؟“

”مان قانون ناهيندس ـ عوامي ۽ شهري قانون.“

”انهيءَ جو مطلب آهي تہ تون پنهنجي منگهڻ ڀائرن کي وساري ڇڏيندين...مون کي بہ؟“

”نہ دوست! مان هڪ خاص وزارت قائم ڪندس، جنهن جو خاص ڪم اهو ڏسڻ هوندو تہ هرهڪ ماڻهو گدلو رهي. آئون صفائي ڪرڻ تي بندش وجهي ڇڏيندس. آئون منگهڻن کي سموري ملڪ ۾ ڇوٽ ڇڏي ڏيندس. ملڪ مان ٻاهر وڃڻ تي بندش وجهندس. ڪو بہ شخص، جيڪو مون سان متفق نہ ٿيندو، ڇاهي اها موسم جهڙي معمولي ڳالهہ ئي ڇو نہ هجي، آئون کيس منگهڻ دشمن قرار ڏيندس ۽ کيس اڻڄاتل مُدي لاءِ جيل روانو ڪري ڇڏيندس. منگهڻن لاءِ اهڙا قانون ناهيندس جو منگهڻ مرڻ کان پوءِ منهنجو يادگار قائم ڪندا.“

”جيڪڏهن تون ائين ڪندين تہ ٻين جمهوري ملڪن جي تنقيد کان بچي نہ سگهندين.“

”مون ڏانهن جيڪو آڱر کڻڻ جي همت ڪندو، آئون کيس ختم ڪري ڇڏيندس. مون کي سخت ۽ اڏول ٿيڻو پوندو. منهنجا اصول ٻين کان اهڙا تہ مختلف هوندا جو مون کي ياد ڪندا تہ اهو ڪهڙو صدر هو جو ڪڏهن منگهڻ هو.“

پر ٻيو منگهڻ انهيءَ قسم جي بڪواس ٻُڌي بيزار ٿي پيو هو. هن هڪ ڊگهي اوٻاسي ڏني ۽ چيائين، ”ماڻهن وانگر ڳالهيون ڪرڻ بند ڪر ۽ اچ تہ سمهي پئون. مون کي آڌي رات جو اٿارج.

ٻئي منگهڻ ترت سمهي پيا ۽ ماڻهو بڻجڻ جا سپنا ڏسڻ لڳا.

□□□

# هن مجموعي جا ڪجهه ڪهاڻيڪار

**پرل. ايس. بَڪ** (Pearl S. Buck) آمريڪا جي رياست ويسٽ ورجينيا جي هلسبورو شهر ۾ 1892ع ۾ پيدا ٿي. سندس اصل نالو والش ني سيڊنسٽرڪر هو. سندس شروعاتي زندگي چين ۾ گذري، جتي سندس والدين عيسائيت جا مشنري پرچارڪ هئا، پر تعليم رينڊولف مئڪن ڪاليج ۾ ورتائين. گرئجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، هوءَ چين موٽي آئي ۽ 1934ع تائين اُتي رهي، پر وچ ۾ سال ڪن لاءِ 1926ع ۾ ڪارنيل يونيورسٽيءَ مان ايم.اي ڪيائين.

پرل بڪ جوانيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ 1930ع ۾ سندس پهريون ناول East Wind, West Wind شايع ٿيو. اُن کان پوءِ 1931ع ۾ Good Earth، 1932ع ۾ Sons ۽ 1935ع ۾ A House Divided شايع ٿيا. سندس ناول Good Earth آمريڪا ۾ گهڻو وڪامجندڙ ناول ثابت ٿيو ۽ اُن تي ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليا. 1933ع ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو The First Wife and Other Stories پڻ شايع ٿيو. 1938ع کان پوءِ سندس ڳاڻيٽي کان ٻاهر ڪتاب شايع ٿيا. سندس ناولن ۾ اولهه ۽ اوڀر جو تضاد چٽيل آهي، جنهن جي پس منظر ۾ هندوستان ۽ ڪوريا جهڙا ملڪ شامل آهن. پرل بڪ فلاحي تنظيمن ۾ به حصو ورتو، خاص طور تي ايشيائي- آمريڪي ٻارن کي گود وٺڻ ۾ مدد ڪرڻ جي هڪ ايجنسي قائم ڪيائين، جنهن جو نالو Welcome Inc هو. اُپا هج ٻارن ۾ به گهڻي دلچسپي ورتائين ۽ اُنهيءَ سلسلي ۾ 1950ع ۾ سندس ڪتاب The Child Who Never Grewd شايع ٿيو.

سندس ادبي ڪاوشن جي اعليٰ فنڪارانہ خصوصيت کي ميجيندي چيو ويو تہ هُن انسان ذات جي هڪ وڏي ۽ اهم ملڪ چين کي اولاهين دنيا ۾ متعارف ڪرائي سمجهائڻ ۾ مدد ڪئي آهي. چين جي هارين جي زندگيءَ کي نهايت اعليٰ معيار ۽ سچائيءَ سان

پنهنجن ناولن ۾ چٽڻ ۽ سوانحي شاهڪار لکڻ جي ميتا ۾ ڪيس 1938ع ۾ ادب جي نوبيل انعام سان نوازيو ويو.

پرل بَڪ هن ڪهاڻيءَ "بهار آيو" ۾ ڏڪار جي جيءَ جهوريندڙ صورتحال ۾ هڪ چيني ڪٽنب جي پوائتي تصوير چٽي آهي.

سندس ٻي ڪهاڻي"پوپٽ جهڙو چانديءَ جو پُتلو" وقت جي انيڪ سُرنگهن مان گذرندي ڪنهن ڏکي سُرنگهہ مان گذرڻ جي وقت جو هڪ اهڙو ذڪر آهي، جيڪو پيانڪ بہ آهي تہ ڪنهن بهتر مستقبل جي لاءِ اُتساهہ واري انسان جي جدوجهد جو اولڙو بہ.

**او هينري** (O.Henry: 1862-1910) جو اصل نالو وِليم سڊني پورٽر هو. پر ادبي دنيا ۾ او هينريءَ جي نالي سان امريڪا ۾ سڀ کان گهڻو مشهور ٿيو. هُن نارٿ ڪيرولينا ۾ جنم ورتو. هُن 15 ورهين جي ڄمار ۾ اسڪول پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ پنجن ورهين کان پوءِ ٽيڪساس هليو ويو، جتي هو 12 ورهين تائين رهيو. ڪيس بئنڪ جي رقم خُرد بُرد ڪرڻ جي الزام ۾ ٽي ورهيہ جيل ڪاٽڻو پئجي ويو. هُو انهيءَ سزا کان بچي وڃي ها، جيڪڏهن هُو هونڊوراس پڄي نہ وڃي ها. هُن زندگيءَ جا پويان سال نيويارڪ ۾ گذاريا، جتي هُو ساهہ جي بيماري وگهي گذاري ويو. او هينري جون گهڻيون مشهور ڪهاڻيون نيويارڪ واسين جي روزمرهہ جي زندگيءَ جي باري ۾ آهن. هن مجموعي ۾ او هينري جي ڪهاڻي The Cop and the Anthem جو ترجمو "سپاهي ۽ گيت" جي عنوان سان پيش ڪيو ويو آهي.انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شخص جو پاڻمرادو عمل ڪيئن نہ تلخ ٿي آسانيءَ سان ڪِل جو سبب بنجي ٿو. اِن ڏِس ۾ هن ڪهاڻي/ ناٽڪ ۾ سرپيءَ جون حرڪتون گنڀيرتا سان ورتل آهن، پر پڇاڙيءَ تي مٿس ڪِل اچيو وڃي. اها ڇرڪائيندڙ پڇاڙي اوهينريءَ جي ڪهاڻين جي خصوصيت آهي.

**آنا ماريا سِمو** (Ana Maria Simo): ڪيوبا جي هيءَ ڪهاڻيڪارا 1943ع ۾ پيدا ٿي. هوءَ اڃا 19 ورهين جي هُئي تہ

بليڪ بئنسيز جو سندس شايع ٿيو ۽ ان سهيڙيل ليڪ، جن مان موجود ڪنيو ويون ويون آهن، Avant Grade El puete جي نهايت ذهين ليکڪا جنهن پراڻا انقلابي 'Beat' سمجهن ٿا. انهيءَ گروپ جي ٽُٽڻ کان پوءِ هوءَ اڪيلي ٿي پيئي آهي.

**جان گالسوَردي** (John Galsworthy): 14 آگسٽ 1867ع تي (انگلنڊ) ۾ ڄائو ۽ 31 جنوري 1933ع ۾ گذاري ويو. هن قانون جي ڊگري آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ورتي. سرڪار ڪيس 'Sir' جو خطاب ڏنو، پر هُن وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هُو ڪهاڻيڪار هئڻ سان گڏ ناٽڪڪار ۽ شاعر بہ هو. سندس ڀهريون مقبول ناول A Man of Property (1986) هو ۽ مشهور ناٽڪ (1910) Justice، The Skin Game (1920) ۽ Loylities (1922) ليکيا وڃن ٿا.

**گرهام گرين** (Graham Greene): 1904ع ۾ انگلنڊ جي شهر برخامسٽيڊ ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر جي گهر ۾ جنم ورتو ۽ اُنهيءَ اسڪول ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. هو سَر ڊبليو- گرهام گرِين K.B.C جو پاڻيٽيو آهي، جيڪو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ائڊمرلٽيءَ جو سيڪريٽري هو. هن باليان ڪاليج آڪسفورڊ مان 1925ع ۾ گريجوئيشن ڪئي، جتي The Oxford Out-Look ترتيب ڏنو، پنهنجو پهريون شاعريءَ جو مجموعو سهيڙيو ۽ پهريون ناول The Man Within لکيائين، جيڪو پوءِ 1929ع ۾ ڇپيو. انهيءَ وچ ۾ هن ڪيترائي ڪم ڪيا. ناٽنگهام ۽ پوءِ لنڊن ۾ The Times ۾ صحافيءَ جي حيثيت سان ڪم ڪيائين، پر پوءِ پنهنجي پهرئين ناول ڇپجڻ تي استعيفا ڏيئي فري لانس ليکڪ ٿيو. سندس پهرين ڪهاڻي 1936ع ۾ امريڪا جي Story ۾ ڇپي هئي. اڄ هو دنيا جي مهندار ڪئٿولڪ ناول نويسن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو ۽ پنهنجي افسانوي ادب کي فلم ذريعي پيش ڪرڻ ۾ ۽ پنهنجن ناٽڪن The Living Room (1953)، The Potting Shed (1957) وغيره جي ڪري ٿيئٽر جي شائقين ۾ بہ ڄاتو وڃي ٿو. هن گهڻائي ناول لکيا آهن، جن کي

هن بن قسمن ۾ ورهايو آهي. هڪڙن کي هو 'تفريحي' ڪوٺي ٿو، مثال طور: The Third Man، Brighten Rock (1938) وغيره ۽ ٻيا روحاني قدرن جي کوج بابت آهن، مثال طور، The End of the Affair(1951 ۽ The Heart of Matter(1948). سندس ڪهاڻين جي مجموعي May We Borrow your Husband?(1967) جي مواد ۾ مُرڪ سان گڏ لڙڪ بہ آهن. انهن کان سواءِ 1971ع ۾ سندس آتم ڪهاڻي A Sort of Life ڇپيل آهي.

**جيمس جايس** (James Joyce 1882-1941): آئرش ناول نگار ڊبلن جي ٻهراڙيءَ ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ رلٽو ملٽو ۽ خوش مزاج قسم جو ماڻهو هو ۽ خرچ ڪرڻ ۾ پنهنجي ڪليل هٿ جي ڪري سموري ڊبلن ۾ مشهور هو. کيس سورنهن سترهن ٻار هئا. سندس ماءُ تمام سنو پيانو وڄائيندي هئي.

ڇهن ورهين جي ڄمار ۾ جايس کي جيسُوٽ اسڪول موڪليو ويو، جتي هن ٽي ورهيہ گذاريا. اهي ٽي ورهيہ سندس زندگيءَ ۾ اڻ وسرندڙ اهميت رکن ٿا. نوَن ورهين جي ڄمار ۾ هن پنهنجي پيءُ جي پمفليٽ جي خلاف هڪ پمفليٽ لکيو. 1891ع ۾ مالي مشڪلات جي ڪري کيس اسڪول مان اُٿاريو ويو ۽ ٻن ورهين کان پوءِ هڪ خانگي اداري ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هو مضمون نويسيءَ جي ڪري ڏاڍو مشهور ٿيو. جڏهن کيس ڪو انعام ملندو هو تہ هو پنهنجي سموري ڪٽنب کي عمدين هوٽلن ۾ وٺي ويندو هو. اهڙيءَ طرح سندس گهر جا ڀاتي پڻ سندس مضمون نويسيءَ جا قائل ٿي ويا هئا. هو پڙهڻ جو ڏاڍو شوقين هو. انهيءَ زماني ۾ هن لاطينيءَ مان ترجما ڪيا ۽ چار زبانون سکيون. 1898ع کان 1902ع تائين هو يونيورسٽي ڪاليج ۾ پڙهندو رهيو ۽ فلسفي ۽ ادب جي اڀياس سان پنهنجي ذهن جي تربيت ڪندو رهيو. 1901ع ۾ جڏهن آئرلنڊ ۾ قومي ٿيئٽر جو نعرو بلند ٿيو تہ هن انهيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ چيائين تہ فنڪار زمان ۽ مڪان جي حدن جي قيد کان آزاد ٿيندو آهي. گريجوئيٽ ٿيڻ کان پوءِ هو

پيرس هليو ويو. جڏهن هو پئرس پهتو ته وٽس هڪ يا ٻه پائونڊ، ڪجهه نظم ۽ ڊبلن جي ميئر جي هڪ سفارشي چٺي هئي. پر هِتي جلد ئي ڪيس غربت ۽ تڪليفن گهيري ورتو. 1903ع ۾ هو پنهنجي ماءُ جي بيماريءَ جي خبر ٻڌي ڊبلن هليو آيو ۽ چئن مهينن تائين سندس خدمت ڪندو رهيو. 1904ع ۾ هوُ گهر مان هليو آيو ۽ سستين هوٽلن ۾ رهندو هو. 'يوليسيس' (Ulesses) جو وڏو حصو انهن ئي تجربن تي ٻڌل آهي. انهيءَ وچ ۾ سندس ملاقات هڪ ڪِلمُڪ ۽ ڊِگهن وارن واري ڇوڪري نورا جوزف سان ٿي، جنهن کي ادب سان ته ڪا دلچسپي نه هئي، پر هوءَ ڏاڍي من موهڻي ۽ سهڻي هئي. جلد ئي جايس ساڻس شادي ڪئي ۽ اهي ٻئي روزگار جي آسري تي زيورچ هليا آيا. 1931ع ۾ شاديءَ جو مذهبي ثبوت نه هئڻ ڪري وري شادي ڪرڻي پيئي.

جايس جي زندگيءَ جو اهم حصو انهيءَ ڇڪتاڻ تي ٻڌل آهي، جا ڪيس پبلشرن سان منهن ڏيڻ ۽ ڪتاب شايع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ پيش آئي. Chamber Music کي چئن پبلشرن شايع ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ هڪڙي ته مسودو ئي واپس ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن 1907ع ۾ اهو شايع ٿيو ته رائلٽيءَ جو هڪ پيسو به نه مليس. Dubliner، 1905ع کان وٺي 1914ع تائين شايع نه ٿي سگهيو ۽ جڏهن هو پاڻ اهو شايع ڪرائڻ لاءِ ويو ته پبلشر سموري ٽائيپ ٻيجي ڇڏي ۽ ڪيس ڏاڍو پريشان ڪيو.

1914ع تائين هو زيورچ جي اسڪول ۾ پڙهندو رهيو. ڪيس ٽي ٻار هئا. هو اجا تائين اڻ چاتل ۽ غريب حال ۽ تنگدستيءَ جي زندگي گهاري رهيو هو. 1914ع ۾ ايذرا پائونڊ 'اميجسٽ انٿالاجي' (Imagist Anthology)، جي سلسلي ۾ ڪيس هڪ خط لکيو ۽ هڪ نظم شايع ڪرڻ جي موڪل گهُري. جايس نه رڳو موڪل ڏيئي ڇڏي، بلڪ Portrait جو مسودو به موڪلي ڏنائين جو "Egoist" ۾ قسط وار شايع ٿيندو رهيو.

پهرين وڏي لڙائيءَ جي دوران هو زيورچ ۾ ئي هو ته سندس اکيون خراب ٿي چڪيون هيون ۽ غربت ڪيس گهيري ورتو

هو. انهيءَ حالت ۾ هن ”يوليسيس“ مڪمل ڪرڻ شروع ڪيو. 1920ع ۾ پائونڊ ڪيس پيرس وڃڻ لاءِ چيو، جتي 1921ع ۾ هن ”يوليسيس“ مڪمل ڪيو. 1919ع ۾ ”Little Review“، جنهن ۾ ”يوليسيس“ قسطوار ڇپجي رهيو هو، فحشنگاريءَ جي الزام ۾ ضبط ڪيو ويو. ايڊيٽرن جي آڱرين جا نشان ورتا ويا، مقدمو هلايو ويو ۽ سؤ ڊالر ڏنڊ مڙهيو ويو. اهو ڏسي پبلشر تيستائين ڪتاب شايع ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جيستائين جايس اهو قانون مطابق نہ ناهيندو. انگلنڊ ۾ انهيءَ جي شايع ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. پيرس ۾ اهو شايع ٿيو ۽ جڏهن بہ پروف پڙهڻ لاءِ ڪاپيون جايس کي موڪليون ويندڙيون هيون تہ هو ان ۾ نئين سر سڌارا ۽ واڌارا ڪندو هو. اهڙيءَ طرح جايس ڇهہ ڀيرا ان ۾ سڌارا آندا ۽ نيٺ جڏهن پبلشرن ڌمڪيون ڏنيون تہ اُهي اهو ڪتاب شايع نہ ڪندا تہ هن پروف پڙهي واپس ڪري ڇڏيو. اهو ڪتاب ان وقت شايع ٿيو جڏهن جايس چاليهن ورهين جو هو. پهريون ڇاپو هٿوهٿ وڪامي ويو. ڪنهن انهيءَ کي ويهين صديءَ جو عظيم ڪتاب چيو تہ ڪنهن انهيءَ کي تمام گهٽيو منجهيل ڪتاب جو نالو ڏنو. انهيءَ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جون پنج سؤ ڪاپيون آمريڪا ۾ پوسٽ آفيس وارن ضبط ڪري ڇڏيون ۽ انهن کي فحش چئي ساڙي ڇڏيون. انگلنڊ ۾ بہ سڀ ڪاپيون ضبط ڪيون ويون. ”يوليسيس“ ۾ ڊبلن جي هڪ ڏينهن 16- جون 1904ع جو داستان آهي. هيل تائين انهيءَ جون گهٽيئي شرحون لکجي چڪيون آهن.

”Finnergan Wake“ سترهن ورهين جي پورهئي کان پوءِ مڪمل ٿيو. انهيءَ ۾ لاشعور ۽ رات جو داستان بيان ڪيا ويا آهن ۽ انهيءَ ۾ اڻ ڳڻين زبانن جي مدد سان نوان نوان مرڪب جوڙيا ويا آهن. جايس جو سمورو ڪمال سندس اسٽائيل آهي.

عمر جي پڇاڙي، هن پيرس ۾ گذاري. سندس اکين جو ڏهہ ڀيرا آپريشن ڪيو ويو. هو لڳ ڀڳ انڌو ٿي چڪو هو. هڪ پاسي ”Finnergan Wake“ تي خراب تبصرا ٿي رهيا هئا تہ ٻئي پاسي سندس

غربت ۽ جوڙس جي بيماري. انهن سڀني پريشانين متس اهڙو خراب اثر وڌو، جو هو السر جو مريض ٿي پيو ۽ انهيءَ جي آپريشن ۾ مري ويو.

جايس ڪي يارنهن زبانون ايندييون هيون. ناچ ۾ ڳائڻ وڻندو هئس. آڱرين ۾ منڊيون، هٿ ۾ بيد جو لڪڻ ۽ اکين تي ٿلهن شيشن واري عينڪ هوندي هئس. بادلن جي گجگوڙ، پاڻيءَ جي ڇولين ۽ ڪُتن کان بي حد ڊڄندو هو. سندس لکڻيون يورپ جي اخلاقي ۽ ذهني بحران جي ڪرندڙ ديوارين جو اولڙو آهن. سموري زندگي تڪليفون پوڳيندو رهيو ۽ اڄ ڪيس يڪراءِ عظيم فنڪار مڃين ٿا، پر جايس هاڻي انهن سڀني ڳالهين کان بي نياز ٿي چڪو آهي. هن مجموعي ۾ شامل ”بورڊنگ هائوس“ سندس نمائنده ڪهاڻين مان هڪ آهي.

**جيمس مئٿيوز** (James Mathews): ڪيپ ٽائون ۾ ڄاول ڪهاڻيڪار جيمس مئٿيو پنهنجي زندگيءَ جي ويڙهاند ۾ اخبار وڪڻڻ کان وٺي اخبار ڪيڻ تائين، وڏي جدوجهد ڪئي آهي: اهي مشاهدا ۽ تجربا سندس ڪهاڻين ۾ بہ ڏاڍي ڪوڙاڻ سان پريل آهن.

**ڪيسي موٽسيسي** (Casey Motsisi): ڏکڻ افريقا جي نئين نسل جي واحد ڪهاڻيڪارا آهي جيڪا ڏاکڻي منظر جي سموري صورتحال تي کِلڻ لاءِ وقت ڪڍي ٿي. هن مجموعي ۾ شامل سندس مِني ڪهاڻي ”ماڻهو جيڪڏهن مُنگهڻ هجن ها!“ (If Bugs Were Men) جو ترجمو آهي ۽ Modern African Stories 1964 تان ڪنيل آهي.

**لوئيس نڪوسي**: ڏکڻ افريقا جي هن ڪهاڻيڪار جي هيءَ ڪهاڻي ”هوٽل جو ڪمرو“ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا هڪ گهڙيءَ جي رومانس مان شروع ٿي، انهيءَ خاموش خوف تائين پهچي ٿي، جڏهن هڪ مرد کي اوچتو اها سُڌ پوي ٿي تہ هو ڪنهن خاص عورت کان سواءِ، هن دنيا جي ٻي ڪنهن عورت کي نٿو چاهي سگهي. هيءَ ڪهاڻي جڏهن ڪردار جي جهوليءَ ۾ هڪ اهڙو درد وجهي ٿي تہ اُن جي هڪ مُٺ پڙهندڙ جي جهوليءَ ۾ بہ وجهي ٿي ڇڏي.

**گاءِ ڊي موپسان** (1850+893 Guyde Maupassant): فرانس جو گهڻ- لکڻو ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي گهرائپ ۽ حقيقي مشاهدو ملي ٿو. سندس ڪهاڻيون گهڻيون پڙهيون وڃن ٿيون ۽ منجهن متاثر ڪرڻ جي وسيع قوت آهي. سندس ڪهاڻين ۾ فرانس جي ٽئين ريپبلڪ جي شروعاتي دور (1890-1870) جو پس منظر آهي، جن ۾ فرينڪو- پرُشين لڙائيءَ جون جهلڪيون ۽ خوشطبعي کان وٺي دلسوزي، جذبات، ڪوڙاڻ ۽ پوائتي قوت جا منظر اچي وڃن ٿا.

**هينرخ بال** (Heinrich Boll): 1917ع ۾ جرمنيءَ جي شهر Koln ۾ ڄائو. ڪيس ٻي مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ واري زماني جي اثرائتن ناول نگارن ۾ ڳڻيو ويندو هو. هن بي شمار ايواردن کان سواءِ 19 جو نوبيل انعام به حاصل ڪيو. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ What's to ۽ Eighteen Stories, Chlidren are civilian too Become of the Boy شامل آهن.

**ڪاتيول اسپنديز**: فرانس جو هيءُ ڪهاڻيڪار. 1841ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1909ع ۾ گذاري ويو سندس بيشمار ڪهاڻيون دنيا جي ڪيترن ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن.

**وولف گانگ بور شيرٽ** (Wolfgang Borchert): سنه 1920ع ۾ هئمبرگ ۾ ڄائو. شروع ۾ ڪتابن جو ڪاروبار ڪندو هو، پر پوءِ هئمبرگ ۾ نيشنل ٿيئٽر ۾ پيشور اداڪار ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ٻي مهاياري لڙائي جي وقت ۾ سنه 1941ع ۾ ڪيس زوري فوج ۾ ڀرتي ڪري روسي محاذ تي موڪليو ويو، جتي هٽلر جي حڪومت خلاف باغيانه رحجان رکڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس اٺ مهينا قيد جي سزا ڏني ويئي ۽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪيس وري محاذ تي موڪليو ويو. پر قيد جي سزا سبب به سندس خيالن ۾ ڦيرو نه آيو، تنهنڪري ٻيهر فوجي عدالت ڪيس موت جي سزا جو حڪم ڏنو جيڪو بعد ۾ معاف ڪري ڪيس وري محاذ تي موڪليو ويو. 1944ع ۾ هڪ دفعو وري انهيءَ ڏوهه ۾ ڪيس برلن ۾ نوَ مهينا قيد جي سزا ڀوڳڻي پيئي. انهيءَ پيري به آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪيس

ساڳئي نموني محاذ تي موڪليو ويو، جتي جنگ بند ٿيڻ تائين رهيو ۽ انهيءَ سال جنگ جي آخري وقت ۾ امريڪين کيس گرفتار ڪيو ۽ اتحادين جي نظرداري هيٺ وطن پهچايائونس. پڇاڙيءَ ۾ بيمار رهڻ لڳو پر انهيءَ هوندي به وري ٿيئيٽر ۾ سرگرم حصو وٺڻ لڳو ۽ گڏوگڏ لکڻ جو شوق به پورو ڪندو رهيو. جنگ کان پوءِ سندس ڪافي لکڻيون ڇپجي پڌريون ٿيون. سنه 1947ع ۾ سخت بيمار ٿي پيو ۽ آبهوا جي تبديلي لاءِ سئٽزرلينڊ ويو جتي انهيءَ سال 20 نومبر تي گذاري ويو.

جديد جرمن ادب ۾، بورشيرٽ کي جنگ کان پوءِ جو 'هڪ نئون ۽ تازو آواز' چيو ويندو آهي. سندس پهرئين تصنيف Out of Door هئي، جيڪا ريڊيائي ڊرامي جي صورت ۾ پيش ڪئي ويئي. انهيءَ کان سواءِ سندس ڪيترائي نظم، ڪهاڻيون ۽ خاڪا لکيل آهن، جيڪي گهڻو ڪري سڀ جنگ جي پس منظر ۾ آهن. هيءَ ڪهاڻي 'آواز' بورشيرٽ جي موضوع ۽ اسلوب جي صحيح نمائندگي ڪري ٿي، جنهن ۾ جنگ کان هڪدم پوءِ جي مايوس ڪُن فضا جو هڪ لمحاتي تاثر پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڙيٽي (From) جي پابندي نه هئڻ جي باوجود، بورشيرٽ جي بيان ۾ ڏاڍو زور آهي.

**انتون پي چيخوف** (Anton P.Chekhov) روسي زبان جو هي جڳ مشهور ڪهاڻيڪار يوڪرين جي ننگا ناروڪ ڳوٺ ۾ هڪ غلام هاري جي گهر 1860ع ۾ ڄائو هو ۽ 1904ع ۾ سلهه وگهي گذاري ويو. سندس سورنهن ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ڪئين ڊراما ڇپيل آهن. ليو ٽالسٽاءِ کيس روس جو موپسان ڪوٺيو آهي. چيخوف کي انسان ۽ ان جي متعلق وسيع ڄاڻ آهي، جنهن کي هو پاڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ تمام گهڻو استعمال ڪري ٿو. گهڻا مشهور ڪهاڻيڪار، جنهن ڳالهه کي هڪ ناول جي ضمانت ۾ پيش ڪندا آهن، چيخوف انهيءَ ڳالهه کي ٿورن صفحن ۾ مڪمل نموني بيان ڪيو ڇڏي. وانڪا جو مثال سامهون آهي. ظاهر ۾ سيءَ ڪهاڻي نون سالن جي ٻار جي ننڍپڻ جو نوحو آهي، جيڪا حقيقت

۾ سچي زندگي جي هڪ تلخ جهلڪ آهي، جنهن ۾ ماضيءَ جون حالتون ۽ مستقبل جا انديشا لِڪل آهن.

چيخوف پنهنجي ڪهاڻين ۾، ڪا نئين ڳالهه نٿو ڪري، پر جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو، سو ٻڌائي ٿو، جنهن جي وجود بابت هر ڪو ماڻهو سوچي نٿو سگهي.

**گابريل لائوب**: 1928ع ۾ چيڪو جي اُن حصي ۾ پيدا ٿيو، جتي جرمن زبان ڳالهائي وڃي ٿي. تعليم پراگ ۾ حاصل ڪيائين ۽ اُتي ئي صحافي ۽ اديب جي حيثيت سان پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. 1928ع ۾ جڏهن چيڪوسلاواڪيا ۾ روسي فوجون گهڙي آيون ته هو مغربي جرمنيءَ هليو ويو. اُتي هُن ”ڏُڪارو منطق“ جي عنوان سان ايفروزم (Aphorism) جو هڪ مجموعو شايع ڪيو هو.

**ڪارل چاپيڪ** (1938-1890 Karel Chapek): چيڪ زبان جي هيءَ ليکڪ، جيڪو هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪڪار ۽ صحافي هو، بوهيميا ۾ هڪ ڊاڪٽر جي گهر ۾ جنم ورتو ۽ هن فلسفي جي تعليم حاصل ڪئي. پنهنجو ادبي ڪئريئر پهرين مهاڀاري لڙائي کان اڳ پنهنجي ڀاءُ جوزف سان گڏ شروع ڪيائين، جيڪو وڏو چترڪار هو. هن پنهنجين لکڻين ۾ عام ڳالهين جي متاڇري هينيان لڪل سچي مواد مان حقيقي معنيٰ تائين پهچڻ جي هڪ انوکي جاکوڙ ڪئي آهي. سندس لکڻين ۾ ڪيترائي ناول، ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ سفرناما شامل آهن.

**لِليڪا ناڪوس** (Lilika Nakos): يونان جي هيءَ ڪهاڻيڪار، 1903ع ۾ اٿينس ۾ ڄائي. سندس پهرين ڪهاڻي فرانسيسي رسالي ’يوروپا‘ ۾ ڇپي. سندس ناول ’Lost Soul‘ دنيا ۾ مشهوري حاصل ڪري چڪو آهي.

**مار اوس پونتيڪاس**: ليس بوس ٻيٽ تي ڄائو. اٿينس يونيورسٽيءَ مان قانون جي ڊگري ورتائين. 1973ع ۾ ڪهاڻين جو ڳٽڪو شايع ٿيس. اسٽيج لاءِ ٻه ناٽڪ لکيائين، جيڪي اٿينس ۽ ٿيسالونيڪيءَ ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ٿيا. ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن لاءِ

ٻه ناٽڪ لکيل اٿس

**آئزڪ باشيوس سنگر** 1904ع ۾ پولنڊ ۾ ڄائو. سندس تعليم وارسا جي هڪ يهودي ديني اداري ۾ ٿي. هو 1939ع ۾ آمريڪا لڏي ويو ۽ نيويارڪ مان يدش زبان ۾ شايع ٿيندڙ هڪ رسالي سان وابستگي اختيار ڪيائين. شروعاتي لکڻين کي ڇڏي، جيڪي وارسا ۾ شايع ٿيون هيون، سِنگر پنهنجو گهڻو ڪري سمورو فڪشن اُنهيءَ رسالي ۾ شايع ڪرايو ۽ ڪافي ڊگهي عرصي تائين سندس لکڻيون يدش پڙهندڙن تائين محدود رهيون. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن جا انگريزي ترجما گهڻو پوءِ ٿيا ۽ تڏهن ئي ڪيس عام شهرت ۽ مڃتا ملي. سِنگر کي 1987ع جو نوبيل ادبي انعام ڏنو ويو.

سِنگر کي جديد دؤر جي حقيقت نگار ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ ممتاز مقام حاصل آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع ۽ ڪردار گهڻوڪري سندس يادگيرين ۽ مشاهدن مان ڪنيل آهن. انهن جو هنڌ مقام يا ته پولنڊ آهي يا آمريڪا، جتي پولنڊ کان لڏي آيل تارڪين وطن آباد آهن. پنهنجي مخصوص پس منظر کي بيحد خوبيءَ سان ڪم آڻيندي، سنگر اُنهن ڪردارن جي ذريعي انساني تجربي ۽ صورتحال کي گرفت ۾ آڻڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهيءَ آڌار تي سندس ڪهاڻيون سموري دنيا جي پڙهندڙن لاءِ ڪشش رکن ٿيون. اهي موضوع ۽ ڪردار انوکا نه، ڄاتل سڃاتل آهن: عشق، رقابت، بي زميني، ذهني ۽ مادي دنيا جو ٽڪراءُ ۽ سياست جي هٿان انسان جي دُرگت. اهي ۽ انهن جهڙا ٻيا موضوع زندگي وانگر قديم آهن ۽ سِنگر انهن موضوعن کي فنڪاراڻي ڍاهپ سان نهايت دلچسپ ڪهاڻين جي شڪل ڏني آهي.

سنگر جي لکڻيءَ جي سڀ کان نمايان خوبي سندس سادگي آهي، پر اها رڳو حقيقتن کي بيان ڪندڙ هڪ هنڌ بيٺل سادگي ناهي. گهاڙيٽي جي لحاظ کان سندس کي ڪهاڻيون قديم قصن جهڙيون آهن ۽ ڪي حقيقت نگاريءَ جي عمومي اسلوب پٺاندڙ، ڪنهن روايتي قصه گو جي زباني بيان ڪيون ويون آهن؛ پر سِنگر

جون سڀ کان دلڪش ڪهاڻيون اُهي آهن، جن ۾ ڪهاڻيڪار پاڻ ڪهاڻي ٻڌائيندڙ جي نہ، بلڪ ڪهاڻي ٻڌندڙ جي حيثيت سان موجود هوندو آهي. اهو انداز سِنگر جو ايجاد ڪيل ناهي، پر هن اهو پڪ سان پنهنجي فني مقصدن سان هم آهنگ پاتو آهي ۽ اُن جو ڀرپور ۽ ڪامياب استعمال ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ جو اهو گهاڙيٽو ڪردارن ڪان گهربل وڇوٽي بہ مهيا ڪري ٿو ۽ ٻئي پاسي گفتگو جو رنگ اختيار ڪري ڪهاڻيڪار جي پنهنجي زندگيءَ جي قصي ۾ بہ جذب ٿيندو وڃي ٿو.

**البير ڪاميو** (Albert Camus 1913-1960): برطانوي ۽ اسپيني والدين جو هيءُ پٽ الجيريا جي ماندوي شهر ۾ ڄائو، جڏهن نائجيريا تي فرانس جو بينڪي راڄ هو. ڪاميو اُتر افريقا ۾ وڏو ٿيو ۽ فرانس هليو ويو، جتي هُو ڪافي ورهين تائين صحافي جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو. جرمنيءَ جي قبضي دوران، هو مزاحمت ۾ حصو وٺندو هو ۽ ڪامبٽ (Combat) اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. اها اخبار سندس مضمونن ۽ ناولن جي ڪري بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري ورتي هئي. 1960 ۾ روڊ جي حادثي ۾ مرڻ ڪان ڪجهہ ورهيہ اڳ، 1957 ۾ کيس نوبيل انعام مليس. سندس ڪهاڻين جي مجموعي Exile and the Kingdom ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**گرهام گرين** (Graham Green): آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. سندس لاتعداد ناول، سفرناما، ناٽڪ، فلمي اسڪرپٽ ۽ مضمون لکيل آهن. هو The Time جو ايڊيٽر، Spectator جو فلمي نقاد ۽ ادبي ايڊيٽر، ۽ 1954 New Republic جو انڊوچائنا ۾ جنگي نمائندو ٿي رهيو. دنيا جي هن سفر ڪندڙ جو پنهنجو گهر فرانس ۾ آهي. انگلنڊ جي راڻي کيس Companion of Honour جو اعزاز ڏنو آهي ۽ 1967 ۾ کيس France's Chevalier de la Legion d'honour سان نوازيو ويو. سندس ڪهاڻيون سندس Collected Stories ۾ سهيڙيل آهن.

**هئڪٽر مُرئنا**: هن ڪهاڻيڪار جو هن مجموعي ۾ شامل هيءَ ڪهاڻي جيتوڻيڪ هڪ مِسٽري ڪهاڻي آهي، پر ڪهاڻيڪار

هڪ بيحد سنجيده ڳالهه چوڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ لڳي ٿو تہ اخلاق رڱو وردي وانگر پهري رکيو ويو آهي، پر اُن جي هينان هن پنهنجو وحشي پهلو رکيو آهي. ڪهاڻيڪار اُن ڍڪيل پهلوءَ کي هن ڪهاڻيءَ ۾ اُڌيڙي ڏيکاريو آهي.

**فرانز ڪافڪا** (Franz Kafka 1883-1924ع): جرمن زبان جو هي ساهتڪار چيڪ جي هڪ امير يهودي واپاري جو پٽ هو ۽ پراگ ۾ پيدا ٿيو هو. پراگ يونيورسٽيءَ مان قانون ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ هن هڪ ويمي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪئي ۽ پوءِ گورنمينٽ جي ورڪرس انشورنس آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو، پر پوءِ اُها ڇڏي برلن ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ پاڻ کي لکڻ جي ڪم سان لاڳاپيل رکيائين. 1914ع ۾ مڱڻي ٿيس، پر پاڻ کي شاديءَ کي منهن ڏيڻ جو لائق نہ سمجهي، اُها ٽوڙي ڇڏيائين. هن پوءِ شادي لاءِ هڪ بي ڪوشش ڪئي، پر خبر پيئي تہ کيس سلهه ٿي پيئي هئي ۽ کيس سينيٽوريم ۾ داخل ٿيڻو پيو. سندس غير مطمئن محبت، پٽس سان لاڳاپن، جيڪو هڪ پاڻ هرتو شخص هو 1904 ۾ جائو ۽ پنهنجي پٽ جي ادبي خواهشن ۽ سندس اَمڻ فڪري ديانت ۽ نفسياتي حساسيت آخر ۾ سندس همت کيرائي وڌي. 1918ع ڪان پوءِ واري پرلن جا 'بُک جا سال' ڏاڍا خراب گذريس ۽ هوءَ انهن جي سٺ جهلي نہ سگهيو ۽ 1924 ۾ گذاري ويو. جيتوڻيڪ ڪافڪا پاڻ چيڪ هو، پر هُن ادبي ڪاوشون جرمن ۾ لکيون آهن. سندس ناول 'The Trail' سندس وفات ڪان پوءِ 1925 ۾، The Castle 1926 ۾، America 1927 ۾ ۽ The Great Wall of China 1931 ۾ شايع ٿيا. اهي سمورا ڪتاب اول انگلنڊ ۾ شايع ٿيا.

□□□

# هن مجموعي جا ڪجهه ڪهاڻيڪار

- پرل. ايس. بڪ
- او هينري
- انا ماريا سمو
- جان گالسوردي
- گرهام گرين
- جيمس جايس
- جيمس مئٿيوز
- ڪيسي موٽسيسي
- لوئيس نِڪوسي
- گاءِ دي موپسان
- هينرخ بال
- ڪاٽيول اسپنديز
- وولف گانگ بور شيرٽ
- انتون پي چيخوف
- گابريل لائوب
- ڪارل چاپيڪ
- لِليڪا ناڪوس
- مار اوس پونٽيڪاس
- آئزڪ باشيوس سنگر
- البير ڪاميو
- مئڪٽر مُرئنا
- فرانز ڪافڪا

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو